# ننڍڙو چنڊ

(ناول)



انور ابڙو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ننڍڙو چَنڊُ

[ناول]

انور ابڙو

ڪويتا پبليڪيشن
حيدرآباد- 2018ع



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

عنيق ۽ عريب جي ڏاڏا

**علي گل ابڙي**

۽ نانا

**گل حسن ميمڻ**

جي نانءُ

جيڪي اسان سڀني لاءِ ڇپر ڇانوَ هئا.

ـ انور ابڙو

# سِٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| ـ اداري پاران | موهن مدهوش | 7 |
| ـ مهاڳ | الطاف شيخ | 8 |
| ـ مُنهنجي پاران | انور ابڙو | 12 |

**ننڍڙو چنڊ** **15**




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميا ري ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار أنور ابڙي جو ٻارن لاءِ لکيل ناول ”ننڍڙو چنڊ“ اوهان اڳيان پيش آهي.
پنهنجي نوعيت جي هن منفرد ناول ۾ هڪ شفيق پيءُ جي پنهنجي پُٽَ سان محبت، اُنسيت، ارپنا ۽ بيحد لڳاءَ جي خوبصورت عڪاسي نظر اچي ٿي. انور ابڙي جي هن ناول جي اهم ڪردار ”عنيق“ تي مشتمل هڪ اهڙي وارتا آهي، جيڪا ٻاروتڻ جي حرڪتن، معصوم انداز وارين ڳالهين ۽ ڊائلاگس کي ڏاڍي حساس انداز ۽ ويجهڙ کان محسوس ٿيندي .هُن جي هر ڳالهه ۽ اهميت کي اجاگر ڪيو آهي. ناول ۾ ’عنيق‘ کي سنڌ جي تاريخي ماڳن: ڀٽ شاهه، قلندر جي درگاهه، ٿرپارڪر جي سئر ڪانسواءِ ڪراچيءَ جي تفريحي هنڌن جو سئر سفر ڏيکاريو ويو آهي، اُنهن جي اهميت ٻڌائي وئي آهي. ”ننڍڙو چنڊ “ ۾ ڳوٺاڻي زندگي ۽ شهري زندگيءَ ۾ فرق کان سواءِ پل پل جو احساس ڏياريو ويو آهي.
هي ڪتاب ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو آهي. مهرباني أنور ابڙي جي جنهن ڪتاب جي پي ڊي ايف ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## • اداري پاران

سنڌي ادب ۾ مختلف تخليقڪار ناول تي طبع آزمائي ڪندا رهيا آهن. اها هڪ اهڙي صنف آهي جنهن تي جيترو لکيو وڃي گهٽ آهي. ”ناول“ نالو ٻڌندي ئي پڙهندڙ جي من ۾ وڏو ڪئنواس جُڙي ٿو وڃي ۽ ائين ئي هڪ سٺي پڙهندڙ جي روح ڪي ريجهائيندڙ لهر لُڏي ٿي پوي.

انور ابڙي جي هن ناول ”ننڍڙو چنڊ“ جي اهم ڪردار ’عنيق‘ تي مشتمل هڪ اهڙي وارتا آهي، جيڪا ٻاروتڻ جي حرڪتن، معصوم انداز وارين ڳالهين ۽ ڊائلاگس ڪي ڏاڍي حساس انداز ۾ ويجهڙ ڪان محسوس ٿيندي. هُن جي هر ڳالهه ۾ اهميت ڪي اجاگر ڪيو آهي.

”ننڍڙو چنڊ“ ۾ ’عنيق‘ ڪي سنڌ جي تاريخي ماڳن: ڀٽ شاهه، قلندر جي درگاهه، ٿرپارڪر جي سئر ڪانسواءِ ڪراچيءَ جي تفريحي هنڌن جو سئر سفر ڏيکاريو ويو آهي، اُنهن جي اهميت ٻڌائي وئي آهي.

”ننڍڙو چنڊ“ ۾ ڳوناٽي زندگي ۽ شهري زندگيءَ ۾ فرق ڪان سواءِ پل پل جو احساس ڏياريو ويو آهي. پياري انور ابڙي جو هي ناول پنهنجي نوعيت جو هڪ الڳ ناول آهي. اهڙي موضوع تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي. اميد ڪجي ٿي هي ناول پنهنجي ضرور ميجتا ماڻيندو. اهو هاڻ پڙهندڙ تي منحصر آهي ته اهي هن ناول ڪي ڪيئن ٿا محسوس ڪن! پر حقيقت اها آهي ته پڙهندؤ ته اجا وڏيڪ اهميت ڀريو لڳندو.

- موهن مدهوش

06_فيبروري، 2018ع
حيدرآباد، سنڌ.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## • مُهاڳ

انور ابڙو مونکي شروع کان پنهنجي روايتي اديبن ۽ ٻين کان مختلف لڳندو آهي. آئون هن کي سالن کان- گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏهاڪن کان ڏسندو اچان ٿو، هي گهٽ ڳالهائو، سچار، حقيقت پسند، وڏن جي عزت ڪرڻ وارو ۽ پنهنجي ڊيوٽي ايمانداريءَ سان ڏيڻ وارو آهي.

اديبن ۾ انور ابڙو مونکي ان ڪري به گهڻو وڻندو آهي جو هن کي ٻارن جو فڪر رهي ٿو. هُو ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، ناول ۽ شعر به لکي ٿو. دنيا گهمڻ بعد آئون اهو ٿي چوندس ته ٻارن لاءِ ڪتاب، ڪهاڻيون، ڪارٽون وغيره هجڻ کپن. هر ملڪ ۾ ٻارن لاءِ تمام گهڻا ڪتاب، اسڪول، پارڪ، باغيچا ۽ راندين جا ميدان نظر اچن ٿا، پر افسوس جو اسانجو سنڌي ٻارُ ان معاملي ۾ وڏو بدنصيب آهي. حڪومت طرفان ته ان معاملي ۾ ڪجهه نٿو ڪيو وڃي ۽ نه ٻارن جي ادب، رسالن ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب ڇپڻ وارا سرڪاري ادارا ڪو ٻوٽو ٻارين ٿا. اهڙي حالت ۾ ڪو اديب يا پبلشر پنهنجي خرچ تي ٻارن جي شاعريءَ جو ڪتاب، يا ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ۽ ناول لکي ٿو ته، مونکي ذاتي طرح ڏاڍي خوشي ٿئي ٿي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انور ڪيترن ئي سالن کان سنڌ مدرسة الاسلام ۾ آهي، جڏهن ان جي حيثيت هڪ ڪاليج جي هئي. هن تعليمي اداري جي عمارت تاريخي ۽ خوبصورت هجڻ ڪري مونکي جڏهن به موقعو ملندو آهي ته ان جون تصويرون ڪيڏڻ ويندو آهيان - ۽ ٻئي ڪنهن سان ملان يا نه، پر انور ابڙي سان ضرور ملندو آهيان. ان جو سبب شايد اهو به آهي جو هو هميشه حاضر هوندو آهي. سياري جو صبوح هجي يا اونهاري جي گرم منجهند- هن کي مون ڪڏهن به غير حاضر نه پاتو.

هُو مختلف سنڌي رسالن ۾ به ڪم ڪندو رهيو آهي، جتي يقين ڪريو ته، هُو جنهن محنت سان هر مضمون پڙهي ٿو ۽ ان کي سڌاري سينگاري ٿو، ان جو جواب ناهي. نه فقط ايترو پر منهنجي مضمونن جا عنوان به هُو اهڙا ته ناهي نوڪي ڏيندو آهي، جو پڙهندڙن کي اهي مضمون پڙهڻ لاءِ ڪشش پيدا ٿيندي آهي- ۽ اهو فقط تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن ڪنهن اخبار يا رسالي جو انچارج ان مضمون کي چڱيءَ طرح ڏيان سان پڙهندو.

سو آئون اهو پڻ چوندس ته اسانجو انور ابڙو وڏو صابرين آهي، جو اسان موڪلڻ وارن جا سڀ مضمون ڏيان سان پڙهي ٿو. اسان اخبار جا خريدار ته فقط اهي پڙهيو ٽڪجيو پئون، جيڪي هفتيوار مئگزينن ۾ ڇپجن ٿا، پر انور کي ته اهي انيڪ مضمون به پڙهڻا پوندا هوندا، جيڪي reject ڪيا وڃن ٿا. ان کان علاوه هو مون جهڙن جا مضمون پڙهي انهن ۾ گرامر ۽ spellings جي به درستي ڪري ٿو جنهن لاءِ آئون سندس ٿورائتو آهيان. جيتوٽيڪ شروع ۾ پنهنجو مضمون پڙهي ڪن ڪن لفظن لاءِ سوچيندو هوس ته، انور کان شايد غلطي ٿي وئي هوندي، پر پوءِ خبر پئي ته "پگهار" لاڙڪاڻي ۽ سکر پاسي مؤنث آهي ۽ "هوٽل" جهڙا لفظ مذڪر آهن.

انور ابڙو انهن چند اديبن ۽ شاعرن مان آهي، جن وڏي ذميواريءَ سان ٻارن لاءِ لکيو آهي. سندس هيءُ ڪتاب "ننڍڙو چنڊ" به ٻارن سان گڏ وڏن لاءِ به آهي، جنهن جو هيرو پنجن سالن جو ٻارُ عنيق آهي. هيءُ ناول روايتي خيالن ۽ سوچن ذريعي نه، پر پنهنجي نموني جو حقيقي ڪردارن تي مبني

آهي، جنهن جو مرڪزي ڪردار عنيق لڳي ٿو اهو انور ابڙي جو پنهنجو سڳو پٽ ٿئي هوندو، جنهن جي روزمره جي ڳالهين ۽ معصوم حرڪتن جو مشاهدو ڪرڻ سان انور کي هيءُ ناول لکڻ لاءِ اتساهه مليو آهي.

تعلقي ڏوڪريءَ جي ڳوٺ ”لالي جا پاڙ“ جي ڄائي انور ابڙي جي 2010ع ۾ شادي ٿي. کيس ٻه ٻار آهن: پنجن سالن جو ”عنيق“ ۽ ٽن سالن جو ”عريب.“ تنهن ڪري انور ڄڻ ته عنيق جي مختصر بايوگرافي لکي آهي. پڪ اٿم ته پڙهندڙن لاءِ انور جي ”ننڍڙو چنڊ“ ناول جو هڪ هڪ صفحو دلچسپ ۽ گهري سوچ جو ڪارڻ ثابت ٿيندو. هي ناول ٻارن جي تربيت ۽ والدين جي بهتر سوچ ٺاهڻ ۾ پڻ ڪارگر ثابت ٿيندو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته انور جو هي ناول هڪ تفريحي تعليمي، معلوماتي ۽ اصلاحي نوعيت جو آهي.

ٻارن بابت انور ابڙو جو هي پهريون ناول ناهي. هن کان اڳ ۾ 2008ع ۾ ٻه سندس هڪ ناول ”ڀڳل رانديڪو“ ڇپجي چڪو آهي، جنهن لاءِ ائين چوڻ غلط نه ٿيندو ته اهو ٻارن توڙي وڏن لاءِ ناول آهي. انور جو هي ناول ”ننڍڙو چنڊ“ موهن مدهوش، پنهنجي ڪويتا پبليڪيشن طرفان ڇپي رهيو آهي. موهن ڪتاب ڇپڻ ۾ وقت ضرور وٺي ٿو پر ان جي سونهن جو وڏو خيال رکي ٿو. هن کان اڳ ٻه هو انور ابڙي جا ٻه ڪتاب ڇپي چڪو آهي: هڪ 2015ع ۾ ”پهرين جنوري،“ جيڪو ڪهاڻين جو مجموعو هو ۽ ٻيو 2016ع ۾ ”هڪ مهمان ڇوڪري“ نالي ناول.

انور ابڙي جا هڪ ٻه ٻيا ٻه ڪتاب پڙهيا اٿم، جن مان هڪ ڪهاڻين جو مجموعو ”خودڪشيءَ جو رومانس“ آهي، جيڪو رائٽرس ورلڊ ڪراچي وارن 2001ع ۾ ڇپرايو هو ۽ ٻيو ”منهنجو چنڊ مارجي ويو“ جيڪو 2009ع ۾ ڇپيو هو ۽ ڪهاڻين جو مجموعو آهي. هڪ ڪتاب ”اڌ صديءَ جو اوجاڳو“ سندس ڪالمن ۽ مختلف مضمونن جو مجموعو پڻ آهي، جيڪو سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ وارن طرفان سال 2013ع جو بهترين ڪتاب قرار ڏنو ويو هو. ان سان گڏ 2017ع ۾ ڇپيل سندس ڪتاب ”قلم جا وارث“ پڻ پڙهيو اٿم.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انور ابڙي جي اها ڳالهہ سٺي آهي تہ هو اجاين سجاين ڪمن ۾ وقت وڃائڻ بدران اهو وقت لکڻ پڙهڻ ۾ لڳائي ٿو ۽ سندس لکڻين کي تمام گهڻو پسند ڪيو وڃي ٿو. هونئن اسان وٽ اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ لکڻ پڙهڻ جهڙا ڪم آرٽس جي شاگردن کي ئي ڪرڻ کپن. انجنيئرن يا ڊاڪٽرن لاءِ اهي ڪم سندن پهچ کان ٻاهر آهن. - اهڙي ڳالهہ يا ٿيوري سراسر غلط آهي. ٽيڪنيڪل سبجيڪٽ جي شاگردن کي بہ کپي تہ هو پنهنجي ونڊر جو وقت لکڻ پڙهڻ جي ڪم کي ڏين...

۽ پڙهندڙن کي اهو معلوم ڪري حيرت ٿيندي تہ اسان جو انور ابڙو جنهن سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچيءَ مان ماس ڪميونيڪيشن ۾، 2006ع ۾ ايم اي ضرور ڪئي آهي، اُهو بنيادي طور انجنيئر آهي - ۽ هن 1991ع ۾ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالوجي، ڄامشوري مان ميٽلرجيڪل انجنيئرنگ ۾ بي.اِي ڪئي هئي.

مٿي بيان ڪيل ڪتابن کان علاوه انور ابڙي جو ٻارن لاءِ هڪ ٻيو ڪتاب ”عنبي ۽ مائو“ نالي پڻ آهي، جنهن ۾ ٻاراڻيون ڪهاڻيون آهن ۽ هي ڪتاب سال 2016ع ۾ خيرپور جي پوپٽ پبليڪيشن ڇپيو هو. هن ڪتاب کي پڻ سنڌي لينگئيج اٿارٽي طرفان ٻاراڻي ادب جو بهترين ڪتاب قرار ڏنو ويو. ان طرح هِن آڪسفرڊ يونيورسٽي پريس لاءِ پڻ ٻارن لاءِ ڪجهہ ڪتاب ترجمو ڪيا آهن.

اميد آهي تہ اسان جو انور ابڙو اڃان بہ وڌيڪ لکندو رهندو، خاص ڪري ٻارن جي ڏانءَ ۽ پسند جا ڪتاب- جيڪي اسان وٽ تمام ٿورا آهن.

17 جنوري 2018،
ڪراچي

- الطاف شيخ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## • مُنهنجي پاران

مون لاءِ سڀ ٻارڙا ”ننڍڙا چنڊَ“ آهن. پر هِن ناول وارو ڪردار (عنيق)، هڪ انوکو ”ننڍڙو چنڊُ“ آهي، جنهن کي مان سندس جمڻ کان وٺي هينئر تائين ويجهڙائيءَ کان ڏسندو آيو آهيان. سندس حرڪتون ڏسندو آيو آهيان. سندس معصوم ڳالهيون ٻڌندو آيو آهيان. سندس سوالَ ٻڌندو آيو آهيان. ڪيس جواب ڏيندو آيو آهيان. سندس دلچسپيون ڏسندو آيو آهيان. سندس پيار ڏسندو آيو آهيان. سندس غصو ڏسندو آيو آهيان ۽ سندس ردعمل ڏسندو آيو آهيان. تڏهن ئي تہ هِن ٻار جون حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون مون کي مجبور ڪرڻ لڳيون تہ مان اُهي لکندو وڃان.... پوءِ هِن ٻارڙي جون بي ترتيب حرڪتون بي ترتيب انداز ۾ لکڻ شروع ڪيم. اهو بلڪل بہ نہ ٿي ڄاتم تہ ڪاغذ تي لکيل هي بي ترتيب ٽڪرا اڳتي هلي ڪهڙي شڪل وٺندا. جڏهن اهي تعداد ۾ ڪافي صفحا ٿيڻ لڳا تہ ڪمپوز ڪرڻ شروع ڪيم. گڏوگڏ ساڳئي موضوع تي لکڻ جو سلسلو بہ جاري رکيم.

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ انهن بي ترتيب ٽڪرن کي ترتيب ڏيئي جڏهن پڙهڻ ۽ ايڊٽ ڪرڻ شروع ڪيم تہ انهن مان هڪ ”ننڍڙي چنڊَ“ جي لڳ ڀڳ هڪ مڪمل تصوير ۽ ڪهاڻي اُڀري سامهون آئي. اِهو ننڍڙو چنڊُ اُنهن سيني ٻارڙن جي نمائندگي ڪري ٿو جيڪي هِن جي ئي عمر ۾ هِن وانگر ئي حرڪتون ڪندا، سوچيندا ۽ سوال ڪندا آهن. پر اُهي ڪير لکندو ناهي.

جڏهن هن ٻارڙي جي ڪهاڻي لکڻ شروع ڪئي هئم تہ ان جي لکڻ وارن ابتدائي ڏينهن دوران ئي مون کي اهو شدت سان احساس ٿيڻ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو تہ مون کي هِن ٻارڙي جي پُوري ڪهاڻي ضرور لکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن هيءَ ڪهاڻي ٻين جي فائدي واري نہ ٿيندي، تڏهن بہ گهٽ ۾ گهٽ هيءُ ٻارڙو پاڻ جڏهن ”پُورو چنڊُ“ بڻجندو، تڏهن ڪيس پنهنجي ٻاروتڻ جي هيءَ ڪهاڻي پڙهي ڪيس پنهنجي ابتدائي زندگيءَ جا پنا سمجهہ ۾ اچي ويندا. مون کي اهو احساس انڪري بہ ٿيو جو منهنجي ٻاروتڻ جا قصا ائين امان ۽ بابا جن نہ لکيا هئا. وڏي ٿيڻ ڪانپوءِ منهنجي امڙ ۽ منهنجيون پڦيون، مون کي منهنجي ننڍپڻ جون ڪي چند ڳالهيون ئي ٻڌائي سگهيون آهن. سو منهنجي اها احساسِ محرومي بہ مون کان هيءُ ناول لکرائڻ جو سبب بڻي آهي.

مون ڪوشش ڪئي آهي تہ هيءُ تفريحي، تعليمي، معلوماتي ۽ اصلاحي ناول بڻجي، جنهن ۾ هڪ اهڙي ٻارڙي کي ڪٽي اچجي، جنهن جا سوالَ هِن نئين دنيا ۾ سندس اچڻ کان فوري پوءِ هِن نئين دنيا کي سمجهڻ لاءِ سندس زندگيءَ جا بنيادي سوال هجن، تنهن ڪري هيءُ ناول ٻارن سان گڏ وڏن توڙي والدين کي بہ سنڌ جي هڪ وڏي حصي جي چاڻ ڏيڻ سان گڏ ٻاراڻن سوالن، اڻ تڻ، جستجو ۽ سوچ جي تصوير ڏيکاري ٿو. هيءَ چڻ تہ پنجن سالن جي عمر تائين پهچندڙ سنڌ جي هڪ ٻار جي زندگيءَ جي ڪٿا آهي، جنهن وسيلي اهو سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي تہ اِن عمر تائين پهچندڙ ٻار جي ذهن ۾ ڪهڙا ڪهڙا سوال ايندا آهن، سندس ڪهڙيون دلچسپيون هونديون آهن ۽ هُو ڪهڙيون حرڪتون ۽ ڪم ڪندو آهي.

ٻارن توڙي وڏن لاءِ 2008ع ۾ ڇپيل منهنجي پهرين ناول ”پڳل رانديڪو“ جي ڏهن سالن ڪانپوءِ 2018ع ۾ ٻارن، سندن والدين توڙي عام پڙهندڙن لاءِ شايع ٿيل هيءُ منهنجو ٻيو ناول آهي، جنهن جي هڪ اهم ڳالهہ اِها بہ آهي تہ هِن ۾ سنڌ جي هڪ وڏي شهر — ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿيل ٻار (عنيق) ۽ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيل سندس والد (سرمد) جي ابتدائي زندگين، تعليم، تربيت ۽ ماحول جي ضرورت آهر ڀيٽ ڪئي ويئي آهي. سو هِن ناول ۾ ڳوٺاڻي ماحول جي زمين ۽ شهري ماحول جو آسمان، ٻئي ڏيکاريل آهن.

هِن موقعي تي مان سنڌي سفرنامن جي بادشاھہ ليکک ۽ هڪ بهترين ۽ ٻاجهاري انسان سائين الطاف شيخ جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جنهن هِن ناول جو مهاڳ لکيو آهي. ان سان گڏ مان سنڌي ٻوليءَ جي بهترين نقاد ۽ ڪالم نگار رئوف نظاماڻي صاحب ۽ پنهنجي پيارن دوستن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بهترين شاعرن ۽ نثرنويسن؛ محمد علي پٺاڻ ۽ رکيل مورائيءَ جو پڻ تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب بابت پنهنجي اهم راءِ لکي ڏني.

مان ڪويتا پبليڪيشن جي سربراھہ، ليکڪ ۽ پنهنجي دوست موهن مدهوش جو بہ بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن منهنجو هيءُ ٽيون ڪتاب شايع ڪيو آهي. مان پنهنجي دوست ۽ بهترين آرٽسٽ ڪپتان ابڙي جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن هِن ناول جو ٽائٽل ۽ نزاڪت علي کوکر سان گڏ السٽريشنس بہ ناهيون.

هن ناول ۾ سنڌ جي مختلف شهرن جي مفاصلن جي چارٽ ۽ سٽي اسٽيشن ڪراچي، لاڙڪاڻو ريلوي اسٽيشن ۽ ٽر جون تصويرون گوگل تان وٺي انهن جون السٽريشنس ٺاهيون ويون آهن، جڏهن تہ باقي فوٽوگرافي اسان ۽ هِن ناول جي ڪردار عنيق جي ٽيچر جي ٽيل آهي.

سو هيءُ ناول پلاٽ، ٻولي، ڪردارنگاري ۽ منظرنگاري، معنيٰ ۽ پيغام جي حوالي سان ڪيترو اهم آهي، ڪيترو سٺو ۽ ڪيترو اُتساهيندڙ آهي؟ اهو پڙهندڙَ ئي ٻڌائي سگهندا. مون تہ بس سادي ٻوليءَ ۾ هڪ ٻار جي ڪهاڻي لکي آهي، مون تہ هڪ ٻار جو بايوگرافر بڻجي هيءُ ناول لکيو آهي، ۽ جنهن ۾ منهنجو ڪوبہ ڪمال ناهي.

ـ انور ابڙو

24 جنوري 2018ع.
ڪراچي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عنيق هڪ اهڙو ٻار آهي، جيڪو تمام گھڻو ذهين، هوشيار ۽ چالاڪ هئڻ سان گڏ پوڳائي بہ آهي. هُو راڳ ڳائيندو ۽ مختلف گيتن جي ٻولن ۾ پنهنجا لفظ وجهي، اُنهن کي معنيٰ ئي ٻي ڏيئي ڇڏيندو آهي. پنهنجي خاندان يا مائٽن جي خوشيءَ جي ڪا تقريب هوندي تہ ڪنهن جي چوڻ بنا ئي نچڻ شروع ڪري ڏيندو. جيڪڏهن اِهي سڀ ڪم نہ هوندس تہ سائيڪل تي چڙهي، اُن کي گهر ۾ تيز تيز پيو ڊوڙائيندو. ڪڏهن وري پنهنجي بابا سرمد جي موٽر سائيڪل تي چڙهي، اُن جي هينڊلس ۾ هٿ وجهي، اُن جي سيٽ تي ليٽي، ”زون.... زون....“ جا آواز ائين ڪيندو، جڻ واقعي موٽر سائيڪل هلندي هجي. ڪڏهن پاڻي ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متي پاڻ ۾ ملائي چوندو ته. ’اتو تو ڳوهيان.....‘ ڪڏهن دريءَ تي متي چڙهندو، ڪڏهن ڊائننگ ٽيبل تي ويهي، پنهنجي اڳيان رانديڪا رکي پيو کيڏندو.... ته ڪڏهن رنگ ۽ برش سان وينو ڪاغذ ۽ پِتيون رڱيندو ۽ آڏيون اُبتيون ليڪون ڪڍي، ننڍڙو مصور بڻجڻ جي ڪوشش ڪندو.

هيءُ جهڙو سياڻو ذهين ۽ قُدرت آهي، اهڙو ئي سهڻو آهي. رنگ سانورو اٿس، پر وصف اهڙا سهڻا اٿس، جو سندس ماسيون، ماساتيون هر وقت کيس ڪڇ تي کنيون وتنديون آهن. پاڙي جون مايون پڻ ساڻس بيحد پيار ڪنديون آهن. مائٽن جي ڪاڄن ۾، گهرن توڙي شادي هالن ۾ ماين جي نظرن جو مرڪز هوندو آهي. ماڻهس ڪونج به وري کيس اهڙا ته سنا ڪپڙا وٺي ۽ سنا سِبرائي پارائيندي آهي، جو اُهي پائڻ ڪانپوءِ هُو واقعي به ننڍڙو چنڊ لڳندو آهي.

هيءُ جيئن ته پنهنجي پيءُ ماءُ کي سِڪي پِني ڄائو آهي، تنهن ڪري سندس پيءُ ماءُ، چاچا، ماما، ڏاڏو ڏاڏي، سئوٽ، نانو ناني، ماسي، ماسڙ سڀ ساڻس تمام گهڻو پيار ڪندا آهن. پاڙي ۾ هِن ئي ننڍڙي عمر ۾ هيءُ ايترو ته مشهور ٿي ويو آهي، جو جتان به لنگهندو آهي ته، اُتي بيٺل ننڍا وڏا رڙ ڪري، سندس نالو وٺي، کيس چوندا آهن،”عنيق...“ ۽ هيءُ پنتي لئونڻو ورائي کين ڏسي، مسڪرائي، اڳتي وڌي ويندو آهي.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عنيق جو جنم 10 نومبر 2012ع تي ٿيو. تڏهن ئي تہ سندس سئوٽ ڪاشي سندس نالو ونڻ بدران ڪيس”ڏهہ يارهن ٻارهن“ چوندو آهي۔ يعني هيءُ ’ڏهين تاريخ، يارهين مهيني ۽ ٻہ هزار ٻارهن‘ ۾ ڄائو. سندس جنم ڪراچيءَ جي پي اِي سي ايچ ايس (PECHS) نمبر 6 ۾ منيزه جي ڪلينڪ تي ٿيو جيڪا هڪ بنگلي ۾ قائم آهي.

اُن ڏينهن شام جو ساڍي پنجين وڳي عنيق جي امڙ ڪونج کي آپريشن ٿئيٽر ۾ ونئي ويا، ۽ پوڻي ڇهين وڳي سندس سيزر ٿيو. ڇهين وڳي ڪلينڪ جي ورانڊي ۾ ويٺل عنيق جي بابا سرمد کي پُٽ ڄمڻ جي خوشخبري ٻڌائي وئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنم جي ڪجھ منٽن بعد هِن ٻارڙي جي ناني آمنہ پنهنجي هِن ڏوهٽي کي ٻاهر، سندس پيءُ سرمد وٽ کڻي آئي. پنهنجي پٽ کي ڏسي سرمد کي جيڪا خوشي ٿي، اُها بيان نٿي ڪري سگهجي. ڪيس ائين لڳو ڄڻ ڏٺيءَ کين سڀ خوشيون ڏيئي ڇڏيون هجن. ڪراچي شهر هاڻي سندن نئين نسل جي جنم جو هنڌ پڻ بڻجڻ لڳو آهي.

ٻہ ڏينهن ڪلينڪ تي رهڻ ڪانپوءِ هيءُ ٻارڙو ۽ سندس امڙ پنهنجي گهر آيا. جتي سڄي پاڙي جون مايون هِن کي ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيون. پنهنجي پهريني پُٽ جي جنم جي خوشيءَ ۾ سرمد ڊفينس مارڪيٽ جي هڪ بهترين بيڪريءَ تان مٺائيءَ جا ٻہ سئو پئڪيٽ ٺهرائي آيو، جيڪي هِنن پنهنجي پاڙي جي گهرن ۾ ورهايا.
جڏهن ٻارڙي تي نالي رکڻ جي ڳالھ نڪتي تہ ڪونج سرمد کي چيو"پنهنجي پٽ جو نالو اوهان پاڻ رکو."
پوءِ هِنن گڏجي ڪافي نالن تي غور ڪيو. نيٺ هنن ’عنيق‘ نالي تي اتفاق ڪيو جنهن جي معنيٰ آهي: ’اڻ ملهائتو‘، ’قيمتي ‘، ’ناياب.‘

عنيق جو ننڍو ڀاءُ عريب ٻہ هِن کان ٻہ سال پوءِ ساڳئي وقت تي، ڇنڇر ڏينهن، 4 آڪٽوبر 2014ع تي ـ ۽ ساڳئي ڪلينڪ تي ڄائو. عريب تي ٻيو نالو سندس ڏاڏي جي نالي پٺيان گلڻ رکيو ويو.

ـ



عنيق جيئن ئي ڪجهه مهينن جو ٿيو تہ سندس امڙ ڪيس ٻين ماڻهن ڪان لِڪائڻ لڳي. هيءَ ائين اِنڪري ڪري پئي تہ متان ڪيس ڪا نظر لڳي. ان وهم سبب هن پنهنجن مِٽن مائٽن جي ڪاڄن ۾ بہ وڃڻ گهٽائي ڇڏيو. جيڪڏهن پنهنجي گهر مان عنيق کي ڪيڏانهن ڪڍي بہ وڃڻو پوندو هئس تہ، ڪيس پنهنجي مٿي جي چادر سان ڍَڪي، پوءِ ٻاهر نڪرندي هئي. رات جو ٻاهر کُليل آسمان هيٺان بہ ڪيس نہ ويهاريندي ۽ نہ سمهاريندي هئي، جنهن جا بہ وٺس سبب هئا.

جڏهن عنيق پنهنجي ٻاتڙي زبان مان پهريون ڀيرو "بابا" ۽ "امان"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ڪڍيا هئا ته، اُهي ٻُڌي ڪونج ۾ سرمد جي دلين ۾خوشيءَ جو هڪ اڻوسرندڙ احساس پيدا ٿي ويو هو. ان موقعي تي سرمد ته ائين به چيو هو ته،”هاڻي اسانجي گهرَ ۾ ڪنهن ٻار جي نه هئڻ ڪري موجود اڳ واري خاموشي ٽُٽندي، ۽ هِن گهر ۾ نه کُٽندڙ ٽهڪ گونجندا.“

–



سرمد وارا ڪراچي شهر ۾ پٺاڻي ڪالونيءَ پرسان جنهن وستيءَ ۾ رهندا آهن، اُها ڪا گهڻي ترقي ڪيل ناهي، پر اهڙي علائقي ۾ جيئن ته سرمد کي پنهنجو هڪ وڏو گهر آهي- ۽ جيڪو هن پنهنجي پسند سان ٺهرايو آهي، تنهنڪري هي اهو ڇڏڻ نٿو چاهي. هيءُ عنيق ۽ عريب کي ان وڏي گهر ۾ ڊوڙون پائيندي ۽ راند ڪيڏندي ڏسي جيڪا خوشي محسوس ڪندو آهي، اُن جو تصور هيءُ ڪنهن بند فليٽ ۾ رهي نٿو ڪري سگهي. ايڏو وڏو گهر هيءُ ڪنهن وڏي علائقي ۾ وٺي به نٿو سگهي، تنهن ڪري هن ان کي ئي پنهنجي هڪ ننڍڙي جنت بڻائي رکيو آهي.

سرمد جا اڪثر دوست کيس اهو گهر ڇڏڻ لاءِ چوندا آهن، پر هيءُ کين اهو چئي چپ ڪرائي ڇڏيندو آهي ته، ”مان هي گهر انڪري به نٿو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏڻ چاهيان جو پنهنجي ٻارن لاءِ هي وڏو گهر نهرائڻ وقت مون ان ۾ وليون ۽ وڻ ٻـ پوکيا هئا. جيڪي هاڻي تمام گهڻا وڏا ٿي ويا آهن. ۽ جڏهن اُنهن تي جهرڪيون ۽ ڪبوتر اچي ويهندا آهن. تـ انهن کي ڏسي عنيق خوش پيو ٿيندو آهي. پيو تـ منهنجو پنهنجي ڳوٺ سان اجا بـ مضبوط رشتو قائم آهي، تنهن ڪري اڪثر ڳوٺان مِٽ مائٽ ڪراچي شهر گهمڻ توڙي بيماري ٻڙيءَ ۾ علاج لاءِ ايندا رهندا آهن. جن کي بـ پاڻ وٽ رهائيندي اسان کي ڪا تڪليف ناهي ٿيندي.“

سرمد جڏهن پنهنجي دوستن کي اها ڳالهہ ٻڌائي هئي تـ اُن وقت ڪيس سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي ليکڪ، شاعر ۽ صحافي انور پيرزادي جيِ اها ڳالهہ ياد اچي وئي هئي، جيڪا هُن هڪ ڀيري، اونهاري جي مُند ۾ ٿهڪ ڏيئي ڪيس ٻڌائي هئي تـ.’اسان جي گهر ۾ پنهنجي ڳوٺ جون مايون ۽ مرد آيا آهن. سو هُو گرمين واري ڳوٺ مان اچي، جڏهن هوائن واري علائقي گلشن حديد ۾ اسان جي گهر جي ڇت تي، رات جو سمهن ٿا تـ ڪين ايڏي تـ گهري ننڊ اچي ٿي وڃي جو ڪنهن جي ڪا ٽَنگ ڪاڏي هلي ٿي وڃي تـ، ڪنهن جي ٻانهن ڪاڏي هلي ٿي وڃي.....ڪين ڪا خبر ئي نٿي پوي تـ هُو ڪيئن سُتا پيا آهن..... وات پَٽي، کونگهرا هڻي ۽ ڦوڪون ڏيئي ننڊ ڪن ٿا....“ انور صاحب جو ڳالهہ ٻڌائڻ جو پنهنجو انداز هوندو هو، سو ان ڳالهہ تي سرمد ڏاڍو کِليو هو.

سرمد چاهي ٿو تـ سندس ٻار قدرتي سونهن جي ويجهو رهن. ڪين گل ٻوٽا ۽ پکي پکڻ ڏسڻ لاءِ ملن. ڪين ڏينهن جو چِٽو آسمان ڏسڻ لاءِ ملي، ڪين رات جو آسمان ۾ ٽمڪندڙ ستارا، ڱتيون، ڪهڪشان ۽ چمڪندڙ چنڊ ڏسڻ لاءِ ملن. ڪين ڏينهن جو جڏهن سندن گهر جي مٿان جهاز گذري تـ هي ڪنڌ مٿي ڪڻي اُهو ڏسي سگهن. شام جو واهيري ويل پکين جا ولر ويندي ڏسي سگهن. گهر مان ٻاهر نڪرن تـ، مينهون، وڇيون، پاڏا، ڳئون، گابيون، گابا، ٻڪر، ٻڪريون، ٻڪر، ڇيلڙيون، ڇيلا، رڍون، گهيٽيون، گهيٽا، ڏاند ۽ ٻيا جانور ڏسي سگهن. ان سان گڏ گهٽين ۾ ڊوڙون پائيندڙ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڏسي سگهن- ۽ اهي سڀ هي هِن شهر جي ڪنهن ٻئي سني علائقي ۾ رهي شايد ئي ڏسي سگهندا.

۽ عنيق تي اهڙي ماحول جو اهو اثر ٿيو آهي جو جڏهن پڙهس ڪيس موٽر سائيڪل تي ويهاري ويجهو واري بازار ڏانهن وٺي ويندو آهي ته هُو رستي جي پاسي ڪان ٻَڌل مِينهون ڏسي، رڙڪري پيءُ کي چوندو آهي،”بابا، ٻُفئلو (buffalow)....“ وري ٿورو اڳتي جڏهن ڳئون ڏسندو ته چوندو”بابا، ڪائو (cow) ....“ اڃا اڳتي هلي جڏهن اُٺ ڏسندو ته چوندو ”بابا، ڪيمل (camel)....“ ائين هو جيڪي به جانور ڏسندو ويندو، انهن بابت پيءُ کي ٻڌائيندو ويندو. عنيق اِنهن جانورن کي اِنڪري به سندن نالن سان سڃاڻي جو هِن اڳ ۾ جڏهن پهريون دفعو اهي ڏٺا هئا ته پڙهس ڪيس اِنهن جا نالا ٻڌايا هئا.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عنيق جا ڏاڏاڻا ڏوڪري شهر ۾ رهندا آهن. جيڪو ڪراچي شهر کان لڳ ڀڳ 437 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي، اتر پاسي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ واقع آهي. هنن جو اصل ڳوٺ جنگياڻي آهي، جيڪو ڏوڪري شهر کان اتر–اولهه جي ڪنڌ تي مُوهن جو دڙو ريلوي اسٽيشن جي به اتر–اولهه جي ڪُنڌ تي، اِن کان پنجن ڇهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آباد آهي. اِن ڳوٺ ۾ عنيق جا ڇهه چاچا: لالڻ، مظهر، ذوالفقار، پريل، صفدر ۽ لطف؛ ۽ سئوٽ، سئوٽيون، ٻه ڦُڦيون؛ ٻيبي ۽ دادي، ماروٽ، ماروٽيون ۽ ٻيا ويجها مائٽ رهندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڳوٺ جي آس پاس عنيق جي ڏاڏي گلڻ جون زرعي زمينون به آهن. جڏهن ته عنيق جا ناناڻا سندس ڪراچيءَ واري گهر جي پرسان رهندا آهن.

جيئن ته عنيق جي ناناڻن جو گهر سندن گهر جي بلڪل سامهون آهي، ۽ جنهن جي وچان رڳو هڪڙي سنهي گهٽي گذري ٿي. تنهن ڪري عنيق ڏاڏاڻن کان وڌيڪ پنهنجي ناناڻن جي ويجهو آهي، ۽ جن جو مٿس اثر به ڪافي آهي. تڏهن ئي ته هيءُ پنهنجي هڪڙي مامي مرتضيٰ جي وارن جهڙو اسٽائيل ٺاهيندو آهي، ته ٻئي مامي ڪاشف وانگر گوڏو پيچي ويهي ماني کائيندو آهي. ٽئين مامي جانيءَ وانگر ڪڙڪيدار آواز ۾ ڳالهائيندو آهي، ته چوٿين مامي ممتاز وانگر هلڻ لڳندو آهي.

عنيق کي سندس گهر وارا پيار وچان ’عني‘ چوندا آهن. هاڻي سندس اهو نالو ايترو ته مشهور ٿي ويو آهي جو سڀ پاڙي وارا ۽ مِٽ مائٽ کيس ’عني‘ ئي چوندا آهن. پر سندس بابا ۽ امان کيس سندس پُوري نالي ”عنيق“ سان ئي سڏيندا آهن.

–



عنيق جڏهن ڇائو هو تہ پٺهنس فون ڪري ڏوڪري ۾ رهندڙ پنهنجي والد گلڻ ۽ امڙ ياڳان کي ٻڌايو هو تہ ’ڪيس پٽ ڇائو آهي.‘

اها خبر ٻڌي گلڻ ۽ ياڳان تمام گهڻا خوش ٿيا هئا ۽ ڪيس مبارڪ ڏني هئائون. عنيق جو ڏاڏو ۽ ڏاڏي اِنڪري بہ خوش ٿيا هئا جو هِنن جي آس رهي هئي تہ سندن پٽ سرمد جلدي شادي ڪري تہ جيئن هُو بہ پنهنجي گهرَ ٻارَ وارو ٿئي – ۽ هي سندس اولاد ڏسِن. ڇاڪاڻ جو هُو ڪائنن تمام گهڻو پري، ڪراچي شهر ۾ رهندو آهي، تنهن ڪري هُنن ڪيس اڪيلو ڏسڻ نہ پئي چاهيو.

اُن رات ئي گلڻ، ياڳان کي چيو هو تہ، ”تيار ٿيءُ تہ ڪراچيءَ هلئون– سرمد جو پٽ هلي ڏسي اچئون.“

ائين هُو ٻئي ڏينهن ئي ڪراچيءَ اچي پهتا هئا. جتي سرمد کي تمام گهڻيون مبارڪون ۽ دعائون ڏنيون هئائون.

سرمد وٽ ڪجهہ ڏينهن ترسڻ ڪانپوءِ هُو واپس ڳوٺ هليا ويا هئا. ڇاڪاڻ جو اِهو جيئن تہ نومبر جو مهينو هو ۽ پوئتي سندن سارين جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فصل لهڻ وارو هو. تنهنڪري گلڻ جو اُتي موجود هئڻ ضروري هو. هن کي پنهنجي ٻہ سئو کن جريب زمين آهي. شهر ۾ ڪاروبار اٿس. ٽريڪٽر ۽ ٻي زرعي مشينري بہ اٿس.

عنيق جو ڏاڏو پنهنجي علائقي جو هر دلعزيز شخص آهي. هُو سماجي طور پنهنجي علائقي ۾ تمام گهڻو سرگرم رهندو آهي. هيءُ جهڳڙو ڏسڻ جو سهڻو آهي، تهڙو سخي بہ آهي. سندس درَ تان ڪڏهن بہ ڪو گُهرجائو يا سوالي هٿين خالي ناهي موٽيو. مُٺِ ۾پئسا لِڪائي، اُن کي اِئين ڏيندو جو ٻيو ڪير بہ ڏسي نہ سگهندو۔ ۽ جيڪڏهن ڏسندو بہ سهي تہ سمجهي نہ سگهندو تہ ڪيس ڇا ڏنو اٿائين. سندس اوطاق ۾ اَوري پَري کان آيل مهمان ٽِڪيل هوندا، راڳائي فقير پيا ايندا، راتين جو راڳ پيا ٿيندا، مشڪرا رهيا پيا هوندا، جن سان ڳوٺ وارن جا ٻوڙ چرچن جا مقابلا پيا ٿيندا....اصل اوطاق مان اُٿڻ تي ماڻهوءَ جي دل ئي نہ چوندي.

–



سرمد عيد براد تي پنهنجي ڳوٺ ضرور ويندو آهي. سو جڏهن هي عنيق جي ڄمڻ کانپوءِ آيل پهرين عيدالاضحيٰ تي ڳوٺ ويا تہ ان وقت عنيق جي عمر نَوَ مهينا کن هئي. عنيق پنهنجي ڏاڏي گلڻ سان مليو، جنهن کيس پنهنجي گود ۾ کڻي تمام گهڻو پيار ڪيو.

عيد واري ڏينهن جڏهن عنيق پرت پريل ڳاڙهو پهراڻ، اڇي شلوار ۽ پيرن ۾ کُسو پائي، ڳچيءَ ۾ مفلر لٽڪائي گهر ۾ ٿَهليو پئي تہ سندس ڏاڏو ۽ ڏاڏي تہ خوشيءَ ۾ ٽِڙيا پئي، پر ٻين گهر ڀاتين پڻ هِن تان نظرون نٿي هٽايون.

ان موقعي تي سرمد پنهنجي والد کي عنيق جي طوهر بابت ٻڌائيندي چيو هو تہ، ”بابا، اسان عنيق جو ستن مهينن ۾ ئي طوهر ڪرائي ڇڏيو. ڪهڙا طوهر جا پروگرام ۽ بندوبست؟ بس قيوم آباد وٽ موجود سر سيد اسپتال وياسين. اُتي سندس طوهر ڪرايوسين. اسان هن جو ڇَلي

وارو طوهر ڪرائڻ پئي چاهيو ـ ۽ ڊاڪٽر بہ چيو هو تہ ’هو هِن جو ڇلي وارو ٿي طوهر ڪندو‘ پر جڏهن اندر آپريشن ٿيٽر ۾ عنيق کي ڪٽي ويا تہ هِن جي روئڻ جو آواز ٻڌي منهنجي دل ويهڻ لڳي هئي. پوءِ ٿوري دير بعد جڏهن ڊاڪٽر هن کي هنج تي ٻاهر کڻي آيو تہ عنيق جو نہ روئڻ ٿي بند ٿيو ۽ نہ رت. ڊاڪٽر هن جو ڇَلي بدران روايتي انداز واري آپريشن ذريعي طوهر ڪيو هو.

”نيٺ مون ڊاڪٽر کي چِڙي چيو هو تہ ’هن کي سُور ختم ڪرڻ واري سُئي تہ هڻو ها.‘ پوءِ عنيق کي هُنن سئي هنئي، جنهن کان ڪافي دير بعد هن کي ننڊ آئي هئي. پوءِ اسان گهر آيا هئاسين.“

سرمد پنهنجي والد جي چهري جي تاثرات مان سمجهي ويو تہ اها ڳالهہ کيس پسند ناهي آئي، ڇاڪاڻ جو ممڪن آهي تہ هُن پنهنجي هِن پوٽي جو بہ ڏام ڏوم سان طوهر ڪرائڻ چاهيو هجي، جيئن هُن خانداني روايتن تحت پنهنجي پُٽن ۽ ٻين پوٽن جا طوهر ڪرايا هئا. پر اُن موقعي تي سندس بابا رڳو ايترو چيو هو تہ ”چڱو ڪَيُوَ طوهر ڪرائي ڇڏِيُوَسِ پُٽ.“ هُو وڏين ڳالهين تي بہ ظاهري طور ڪمزوريءَ جو تاثر نہ ڏيندو هو. هُو وڏو بهادر ۽ سمجهدار هو. هُن هاڻي اِن حقيقت کي سمجهي ورتو هو تہ شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ ۾ وڏو فرق آهي.

سرمد جي اباڻي ڳوٺ ۾ اڃا بہ سندس پائر توڙي ٻيا مائٽ پنهنجي پٽن جا طوهر، ڪنهن وهانوَ وانگر، وڏي ڏام ڏوم سان ڪرائيندا آهن. سرمد ۽ سندس ڀائرن جا بہ طوهر ائين ڪنهن وڏي ڪاڄ جيان ٿيا هئا، جن ۾ هِن جي ڏاڏا ۽ بابا قَنبرون ڪُٺيون هيون ۽ رات جو هنن راڳ ڪرايو هو. انهن طوهرن ۾ هنن جي سڀني مائٽن ۽ سندس ڏاڏا ۽ بابا جي دوستن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي هئي. اهي سڀ ڏينهن سرمد جي اکين اڳيان ڪنهن فلم وانگر هلي ويا هئا اُن لمحي ـ ۽ اهي ئي تہ ڳوناڻن لاءِ خوشين جا لمحا هوندا هئا.

ـ



هيءُ ٻارڙو ٻانبڙا پائيندي پائيندي جڏهن پنڌ ڪرڻ جيتري عمر جو ٿيو تہ ڪونج کي ڪنهن ڏَسُ ڏنو تہ، ’جيڪڏهن تون سندس چيلهہ تي زيتون جي تيل جي مالش ڪندينءَ تہ هيءُ جلدي پنڌ ڪرڻ لڳندو.‘

اُن وقت عنيق جي عمر پندرهن مهينا ڪن هئي. ڪونج سندس چيلهہ تي زيتون جي تيل جي مالش ڪرڻ لڳي. هڪ ڏينهن ماڻهس ٿُلهي گاديلي واري ڊبل بيڊ تي کيس اُٿاري ٻيهاري، منجهانئس هٿ ڪڍندي چيو هو، ”هاڻي هل.....“

پوءِ عنيق جڏهن هڪ پيرڙو اڃا مس کنيو هو تہ بيڊ تي ڪِري پيو هو.

ماڻهس اهڙي مشق کيس هڪ هفتي تائين ڪرائي. ان دوران هيءَ منجهانئس هَٿَ ڪڍي کيس چوندي هئي، ”پيرڙو...پنڌڙو...پيرڙو.... پيرڙو...“ انهن لفظن ۾ ايتري تہ سٺي موسيقيت هوندي هئي جو جڏهن سرمد اِهي ٻڌندو هو تہ، خوش ٿي پوندو هو... ڪونج تہ عنيق کي، ڪٿ ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌل جهوليءَ ۾ سمهاري ان کي آهستي آهستي هڪلي، يا کيس پنهنجي گوڏي تي ليٽائي، مِٺيون لوليون ڏيئي، ننڊ سمهاريندي هئي.

اهڙي مشق دوران هڪ ڏينهن جڏهن عنيق بيڊ جي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين پنڌ ڪري ويو ته ڪونج خوشيءَ ۾ نه ماپندي، اُن ئي مهل فون ڪري سرمد کي آفيس ۾ ٻڌايو هو ته، ”عنيق پنڌ ڪرڻ شروع ڪيو آهي.....“

اهو اطلاع سرمد جي خوشيءَ کي ٻيڻو ڪري ويو هو.

ان بعد عنيق هيٺ پٽَ تي، جهاز وانگر ٻانهون ڦهلائي، پنهنجو وزن برابر ڪري، پنڌ ڪرڻ شروع ڪيو. پنڌُ ڪندي هُو اڪثر ڪِري به پوندو هو پر ماڻهس کيس کڻي ونندي هئي ۽ ”منهنجي امڙ“ نظم جون هي ٽي سِٽون ترنم ۾ چوندي هئي، جيڪو هن ننڍپڻ ۾ اسڪول ۾ سنڌيءَ جي هڪ ٻاراڻي ڪتاب ۾ پڙهيو هو:

پَنڌُ ڪندي جي ڏِڪو کاڌُم،
ڪنهن کڻي ٿي ڇاتيءَ لاتُم،
پيارَ منجهان ٿي پاڪر پاتُم،
منهنجي امڙ.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عنيق جي بابا سرمد جو جنهن ڳوٺ ’جنگياڻي‘ ۾ جنم ٿيو هو، اهو تمام گهڻو پنٽتي پيل هو. اُن ۾ قدرتي سونهن جا تہ سڀ رنگ موجود هئا، پر اُتي جديد سهولتون اجا نہ پهتيون هيون. اُن علائقي ۾ سرسبز کيت تہ هئا، چِٽو آسمان تہ هو، پوري رات تہ هئي، پورو چنڊ تہ هو، سڀ سهڻا سِتارا تہ هئا، پورو سج تہ هو، چارئي موسمون تہ اُتي آيون ٿي، پڪي پڪڙ ۽ مال متاع بہ هو، پر اسڪول نہ هو، روڊ نہ هو، اسپتال نہ هئي ۽ جديد سواريون نہ هيون.

ان سان گڏ ان علائقي ۾ جڏهن مِينهُن پوندو هو تہ اهو ٻوڙان ٻوڙ ڪري ويندو هو، جڏهن گرمي ٿيندي هئي تہ اها ساڙي وجهندي هئي ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ٿڌ پوندي هئي تہ اها سيڪاٽي وجهندي هئي. ماڻهو جڻ تہ ٻي دنيا کان ڪٽيل، پنهنجي ئي ننڍڙي دنيا ۾ گُم هوندو هو.

اهڙي ئي ماحول ۾ سرمد ننڍو ٿي وڏو ٿيو هو. پنهنجي ڳوٺ کان ٻہ ڪلوميٽر پري واري هڪ پرائمري اسڪول ۾ پڙهيو پوءِ اٺ ڪلوميٽر پري موجود ڏوڪري هاءِ اسڪول ـ ۾ پوءِ اُن ئي شهر ۾ موجود حيدر بخش جتوئي انٽرميڊيئٽ ڪاليج ۾ پڙهيو.

هيءُ ڪڏهن پنڌ اسڪول ويندو هو تہ ڪڏهن سائيڪل تي چڙهي، ڪڏهن پنهنجي ٽانگي تي چڙهي ويندو هو تہ ڪڏهن موٽر سائيڪل تي ويندو هو ـ ۽ رات جو بتيءَ يا چمنيءَ جي ڏنڌلي روشنيءَ ۾ اسڪول جو مليل ڪم ويهي ڪندو ۽ پڙهندو هو.

اُن ڳوٺ جي سونهن سرمد کان اڃا تائين ناهي وسري. اتي هن ڪوڏي ڪوڏي راند کيڏي، ملهہ وڙهيو ڊوڙ جي مقابلن ۾ حصو ورتائين، والي بال کيڏيو ٻلهاڙي راند کيڏيو ونجهہ وٽي کيڏيو موڪلن ۾ مال چاريائين، ڪانيون ڪيائين، پنهنجي ٻنيءَ ۾ پنهنجي ڏاڏا ۽ بابا سان گڏجي رونبو ۽ لابارو ڪيائين، ڳاهہ ڳاهيائين، ڪانهيون ڪنيائين، ڪٽڪ واڍُريائين، اَن جي ٻنئيءَ تي ويو گاهہ ڪيائين، مڇي ماريائين، ڪبوتر پاليائين، وڻ پوکيائين، ٻڪريون ڏاريائين، اوطاق کي چٽڪار ڪري پنهنجي بابا جي ايندڙ مهمانن لاءِ مانيون ٽِڪيون ۽ چانهيون آنداڻين، مائٽن جي شادين ۾ ڪتون ۽ بسترا ڪڍراياڻين، انهن تي مارڪر سان ڏٽين جا نالا لکيائين ۽ پنهنجي پڙهائي بہ، هر ڪلاس ۾ پهريون نمبر ڪٽي پوري ڪيائين.

سرمد پڙهائيءَ ۾ بہ تمام گهڻو هوشيار تہ هيو ئي، پر ياروبس بہ وڏو هئو. تنهن ڪري اسڪول ۽ پوءِ ڪاليج ۾ تمام گهڻا شاگرد. سندس گهاٽا دوست بڻجي ويا هئا. هن جو اخلاق ۽ ورتاءُ بہ ايترو تہ سٺو هوندو هو جو اسڪول توڙي ڪاليج جا پٽيوالا. مالهي ۽ چولا ڪپائيندڙ بہ سندس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست بڻجي پيا هئا. هيءُ اسڪول جي به هر سرگرميءَ ۾ حصو وٺندو هو ۽ اُن ۾ ڪاميابي ماڻيندو هو.

ڪاليج جي تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ جڏهن هُن مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالوجي، ڄامشورو ۾ داخلا ورتي ته اُتي به ساڳيو ئي رهيو. ترڻ جيترو به نه بدليو....اجا به اُتي ته هن وڌيڪ سرگرمين ۾ حصو ورتو ۽ مخلص دوستن جو هڪ وڏو حلقو ٺاهيائين.

يونيورسٽيءَ جي تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ سرمد ڪراچيءَ ۾ اچي رهيو. جتي هن شروع ۾ ڪافي ڏکيا ڏينهن ڏٺا. پر جلد ئي ڪيس سٺي سرڪاري نوڪري ملي وئي. ان بعد ڪونج نالي ذهين ۽ مخلص ڇوڪريءَ سان سندس شادي ٿي. هاڻي هيءُ تمام گهڻي خوشين پري زندگي گذارڻ لڳو هو پر سندس زندگي اوچتو ان وقت شديد ڏکن ۾ ورڪوڙجي وئي، جڏهن سندس وڏي پاءُ ٻيڊل کي 19 نومبر 2012ع تي، عنيق جي جمڻ جي نائين ڏينهن، برين هيمرج ٿيو ۽ هُو تمام گهڻو متحرڪ نوجوان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي ويو - ۽ ان جي هڪ سال بعد 14 ڊسمبر 2013ع تي سندس بابا گلڻ به هميشه لاءِ ڪانئن وڇڙي ويو. اونده جڻ ته ڦهلجي وئي هِن جي چوڌاري.

ننڍپڻ ۾ ڳوناٽي ماحول ۽ جوان زندگيءَ ۾ ڏکين حالتن مان گذري اچڻ ڪانپوءِ سرمد طئي ڪري ڇڏيو ته، هو پنهنجي اولاد کي ممڪن حد تائين خوشيون ڏيندو، کين بهترين تعليم ڏياريندو ۽ سندن شاندار تربيت ڪندو، ته جيئن هُو مثالي انسان بڻجن، بااخلاق بڻجن، باڪردار بڻجڻ، باوقار بڻجن، سلڇڻا بڻجن - ۽ اڳتي هلي پنهنجي قوم جي سُک، سلامتي ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪن. ڇاڪاڻ جو سرمد سمجهندو آهي ته جيڪڏهن سندس ٻارڙا سٺا انسان ۽ پنهنجي سبجيڪٽ جا ماهر بڻجي پيا ته جڻ هن جي زندگي سجائي ٿي، تڏهن ئي ته سندس دوست چندر به ڪيس هڪ ڏينهن چيو هو ته، ”جيڪڏهن تنهنجا ٻار ڪراچي شهر ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٺي تعليم حاصل نہ ڪري سگهيا تہ پوءِ هن شهر ۾ تنهنجي رهڻ جو ڪهڙو فائدو؟“

اِنڪري ئي سرمد هڪ ڏينهن ڪونج کي چيو هو تہ،”مان عنيق ۽ عريب کي ڪنهن ٻاهرئين ملڪ ۾پڙهائيندس“ ـ ۽ جنهن تي هُن ڪيس ٺهہ پهہ چيو هو تہ،”مان توکي ائين ڪرڻ نہ ڏينديسِ. مان هتي، پنهنجي ئي ملڪ ۾ کين سٺي تعليم ڏياريندس.“

هوءَ ماءُ هئي نہ، تڏهن ائين پئي سوچيائين.

ـ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عنيق جي بابا ۾ ڏينهن رات محنت ڪرڻ وارو جيڪو جذبو ۽ جنون آهي، اُهو هن پنهنجي ڏاڏي ۽ عنيق جي پڙڏاڏي رسول بخش ڪان سِکيو آهي. سرمد کي ننڍپڻ ۾، سندس ڏاڏي پاڻ سان گڏ ڪٽي، سڌي ۽ اڻ سڌي طرح سندس اهڙي تہ بنيادي تربيت ڪئي، جيڪا ٻيو ڪوبہ پروفيشنل تربيتي ادارو شايد ئي ڪري سگهي ها.

سرمد کي پنهنجي ڏاڏي جي تمام گهڻي صحبت ۽ پيار مليو. سرمد هِن سان گڏجي ڏوڪري، لاڙڪاڻي، راڻيپور، محرابپور، جيئندو راڄپر (نوشهروفيروز ضلعو)، مدئجي ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن تائين سفر بہ ڪيا تہ، پنهنجي زمينن تي، ٻين ڀائرن سان گڏ، اسڪول جي موڪلن وارن ڏينهن ۾، ساڻس گڏجي ڪم بہ ڪيو. اِن طرح هيءُ رُڪ ٻٽجي جوان ٿيو.

جيئن تہ سرمد جي ڏاڏي هِن ۽ پنهنجن ٻين پوٽن کي انتهائي پيار سان، محنت ڪرڻ واري سکيا ڏني هئي، تنهن ڪري اُها سرمد کي سندس پوءِ واري زندگيءَ ۾ ايتري تہ ڪم آئي، جو هُو اڄ بہ تمام گهڻو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم ڪرڻ جي باوجود ڪڏهن بہ ٿڪبو ناهي. اڄ جيتوڻيڪ سندس ڏاڏا سائين هِن جهان ۾ موجود ناهي رهيو. تڏهن بہ هيءُ اُن جون ڳالهيون ياد ڪري، اُنهن مان رهنمائي حاصل ڪندو آهي.

سرمد جي اِن ڏاڏي ۽ عنيق جي پڙڏاڏي رسول بخش جي زندگيءَ جي بہ ڏاڍي دلچسپ ڪهاڻي آهي. رسول بخش کي ڪوبہ پاءُ نہ هو. ڪيس بس هڪڙو سئوٽ هو. جنهن جو نالو حمزو خان هو. هِنن ٻنهي کي، پنهنجي وڏن کان حصي ۾ ٽي ٽي جريب زمين ملي هئي. ان بعد رسول بخش هڪ ئي وقت ڪيترا پورهيا ڪري، ڏينهن رات محنت ڪري هڪ سئو جريبن کان مٿي زمين ناهي ورتي، جنهن مان هيءُ پاڻ 25 جريب آباد ڪندو هو ۽ سياري جي مُند ۾ سارين جي اَنَ جو واپار ڪندو هو. ان سان گڏ دڪان بہ هلائيندو هو. هِن پارِ (سنڌو درياهہ جي ٻئي پارِ، اُن وقت جي نوابشاهہ ۽ هاڻوڪي نوشهروفيروز ضلعي ۾ واقع ڳوٺ جيئندو راڄپر ۾) مقاطعي تي زمينون بہ ورتيون ۽ پنهنجي ڳوٺ جي آس پاس پيل زمينون بہ آهستي آهستي ڪري خريد ڪندو ويو.

سرمد جو ڏاڏو هر سال زمين جو ڪو نہ ڪو نئون ٽُڪرو وٺندو هو. سندس اڪيلو پٽ، گلڻ سندس همراهي ٿيندو هو پر سندس گهر واريءَ ۽ سرمد جي ڏاڏيءَ پانان هُن جو وڏو ساٿ ڏنو هو.

رسول بخش پنهنجي ڳوٺ ۽ برادريءَ جو وڏو بہ هو. سندس اوطاق ۾ ڪيترائي يار دوست ۽ مِٽ مائٽ مهمان طور رهيا پيا هوندا هئا. هي تمام سنو ڪائيندا ۽ تمام سنو پهريندا هئا. وڏي ڳالهہ تہ هُو مڇيءَ مانيءَ لائق هئڻ سبب غريبن ۽ ضرورتمندن جي تمام گهڻي مدد بہ ڪندو هو. پر هِن ڪڏهن بہ محنت کان نہ لنوايو.

هُو حسين ترين ماڻهو پڙهيل نہ هوندي بہ پنهنجي ڪردار، اخلاق ۽ سياءَ ۾ پنهنجي مائٽن، برادري ۽ ٿَر جي اڪثر ڳوٺاڻن لاءِ آئيڊيل ۽ انهن جو اڳواڻ هوندو هو. رسول بخش خان پنهنجي برادريءَ جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ مهارت رکندو هو. هِن کي خبر هئي تہ مسلسل محنت ڪرڻ سان ئي ترقي ڪري سگهبي آهي، ۽ فضول خرچي نہ ڪندي بہ ٻين ماڻهن جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مدد ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ٿيندي آهي، تنهن ڪري هو سرمد جو آئيڊيل رهيو.

سرمد کي ياد آهي ته ننڍڙي هوندي، اونهاري جي منڊ ۾، پنهنجي اوطاق ۾ هُو پنهنجي ڏاڏي جي بُت کي تيل ۽ ميٽُ هڻي، نلڪو گيڙي ڪيس وهنجاريندو هو، ته ساڻس ڪچهريون به ڪندو هو.

سرمد جيِ اِن عظيم ڏاڏي جي وفات فيبروري 1992ع ۾ ٿي.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سرمد کي محسوس ٿيندو آهي تہ عنيق کي بہ ذهانت ۽ محنت ڪرڻ وارو جذبو پنهنجي خاندان مان ورثي ۾ مليو آهي، تڏهن ئي تہ هيءُ پنهنجي ننڍڙيءَ عمر ۾ ئي اهڙيون تہ حرڪتون ڪري ٿو جو اهي ڏسي سندس پيءُ ماءُ حيران ٿي وڃن ٿا. انهن مان هڪ اِها آهي تہ هيءُ جيڪا بہ نئين شيءِ ڏسندو آهي، ان کي کولڻ ۽ ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳندو آهي_ ۽ جيستائين ان کي سمجهندو ناهي، تيستائين ان مان هٿ ناهي ڪڍندو. پوءِ چاهي اُها سمارٽ فون هجي، رموٽ ڪنٽرول هجي، ٽي وي هجي، ريڊيو هجي، ڪار جا مختلف پرزا هجن، يا رانديڪا هجن.

هِن جي اهڙين تجسس ڀرين حرڪتن ڪي ڏسي سرمد اڪثر ڪونج کي چوندو آهي ته ”عنيق ته ڪو سائنسدان ٿيندو“ – ۽ اها ڳالهه ٻُڌي ڪونج کِلي پوندي آهي.

–


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اونهاري جي مُند آئي تہ سرمد وارا پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ سمهڻ لڳا. اُن وقت عنيق جي عمر سورهن سترهن مهينا مس هئي. عنيق جو نانو گل حسن بہ پنهنجي گهر جي ڇت تي سمهندو هو.

عنيق وارا جيئن ئي رات جو ٻاهر بسترن تي اچي ويهندا هئا تہ، سرمد کيس چوندو هو 'عنيق، پنهنجي نانا بابا کي سڏ ڪر،'۔ سرمد کيس ائين اِنڪري چوندو هو جو عنيق جي نانا جو گهر سندن گهر جي بلڪل سامهون ايتري تہ مفاصلي تي هيو جو عنيق جو سڏ سندن ڇت تي آرام سان پهچي ويندو هو. پوءِ عنيق پنهنجي سنهڙي، پر وڏي آواز ۾ کيس سڏيندو هو "نانا.... بابا......." ۽ پريان سندس نانو پنهنجي گهر جي ڇتِ تان کيس جواب ڏيندو هو "جي بابا..."

پوءِ هيءُ پيءُ سان ضد ڪندو هو تہ، "مان نانا بابا ڏي وڃان۔" عنيق جو اهو ٻاراڻو انگل سندس امڙ پورو ڪندي، کيس کڻي وڃي سندس ناني کي ڏيئي ايندي هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنيق جو اهو نانا بابا 24 آڪٽوبر 2014ع تي گذاري ويو. اُن وقت عريب جي عمر ويهہ ڏينهن ۽ عنيق جي عمر لڳ ڀڳ ٻہ سال هئي، تنهن هوندي ٻہ هن جو نانا بابا ڪانئس نہ وِسريو آهي، ۽ ڪنهن ڪنهن مهل اُن جون ڳالهيون ڪري وجهندو آهي، پر سندس امڙ ڪوشش ڪري ڪيس اِن موضوع تي ڳالهائڻ نہ ڏيندي آهي ۽ ڪنهن ٻي ڳالهہ ڏانهن سندس ذهن کي موڙي ڇڏيندي آهي.

–



ٻارَ جو ڀڦريون پيارُ پيءُ ماءُ کانپوءِ نيچر سان ٿيندو آهي. تڏهن ئي تہ عنيق کي سڀ کان اول قدرتي شين ئي پاڻ ڏانهن ڇڪيو هو ۽ انهن مان بہ وري سڀ کان اول پکي ئي هئا، جن سان هِن پيار ڪرڻ شروع ڪيو هو.

هُو جيتوڻيڪ ڄائو سنڌ جي ميٽروپوليٽن شهر ڪراچيءَ ۾ آهي، پر سندس پسند واريون اڪثر شيون اُهي ئي آهن، جيڪي ٻهراڙين ۾ موجود هونديون آهن. اِن جو هڪ سبب شايد اِهو بہ آهي جو سندس والدين اصل ۾ ٻهراڙيءَ سان واسطو رکن ٿا، جيڪي گذريل ٽيهن سالن کان ڪراچي شهر ۾ رهن پيا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن منجهند جو عنيق جيئن ئي پنهنجي ماسات ثناءالله جي گهر ۾ طوطا ڏٺا تہ، سڌو پنهنجي گهر اچي ماءُ کي چيائين، ”مما، مون کي طوطا کپن.“

ماڻهس چيس، ”کوڙ طوطا پٽ. بس پڻهين کي چوان ٿي. اهو صدر جي ايمپريس مارڪيٽ واري پکين جي بازار مان تنهنجي لاءِ طوطا وٺي ايندو.“

”پو هِنرَ فون ڪرينس،“ عنيق کان صبر نٿي ٿيو. اُن وقت ڏينهن جا چار ٿيا هئا. ماڻهس چيس، ”هِن وقت پڻهين آفيس ۾ آهي. هُو اُتان جيئن ئي ڇهين وڳي ڏاران نڪرندو تہ مان چوندي سانسِ.“

”نہ، هِنرَ چوينسِ،“ عنيق جو انگل هاڻي ضد ۾ تبديل ٿيڻ لڳو.

اِن تي ماڻهس کيس ڪابہ ورندي نہ ڏني تہ، هِن چيو، ”مان توسان ڪاوڙيو هان...“ ائين چئي هُو پنهنجيون پتڪڙيون ٻانهون پنهنجي مُنهن تي ورائي، پرسان واري صوفي تي وڃي ويهي رهيو. ماڻهس سندس ويجهو اچي، سندس مُنهن تان ٻانهون هٽائيندي چيو، ”عنيق، ڪاوڙ ڇڏ پُٽَ. مان پڻهين کي چوان ٿي.“ عنيق خوش ٿي، صوفي تان ٽپو ڏيئي اُٿي پيو.

ڪونج سرمد کي فون ڪري چيو، ”عنيق ضد ٿو ڪري. کيس طوطا کپن. اهي وٺي اچجو.“

”ها وٺي ايندس،“ سرمد وراڻيو.

”بابا کي چئہ تہ پڃرو بہ وٺي اچي،“ عنيق ماءُ کي هڪ ٻي فرمائش بہ ڪئي.

ڪونج، سرمد کي پڃرو وٺي اچڻ لاءِ بہ چيو. جنهن لاءِ بہ سرمد ها ڪئي.

عنيق طوطن جي آسري ۾ راند ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

..........

اڄ سرمد کي آفيس ۾ ڪجهه دير تائين ويهي ڪم ڪرڻو پيو. اُتان نِڪتو تہ وري اڃي رستن تي جڳهہ جڳهہ ٽيل ٽريفڪ ۾ ڦاٿو. اِنڪري رات جو ساڍي نائين وڳي ڌاران گهر جو جيئن ئي دروازو کوليو، موٽر سائيڪل اندر ڪيائين تہ عنيق ڊوڙي ڊانهس آيو پر پيءُ جي ڪلهي ۾ لٽڪيل آفيس بيگ ۽ خالي موٽر سائيڪل ڏسي مايوس ٿي، ڪانئس پڇڻ لڳو: ”بابا طوطا ڪٿي هِن؟“

”اڙي... اُهي تہ وسري ويا،“ پٽهس ويسر واري انداز ۾ چيو.

عنيق ڪاوڙجي اندر ٿي وڃي لائونج ۾ اهو چئي وٺي ڀڳو تہ،”مان توسان ڪاوڙيو هان...“

”اڙي بابا، ڪاوڙج نہ.... مان توکي طوطا وٺي ٿو ڏيان نہ....“ هن ائين چوندي وڃي کيس هنج تي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هُو هن ڏانهن نہ ٿي آيو. پٽهس وري چيس،”هاڻي رات ٿي وئي آهي بابا. دڪان بہ بند ٿي ويا هوندا. مان تنهنجي لاءِ سڀاڻي طوطا ۽ پڃرو ضرور وٺي ايندس.“

”سڀاڻي نہ... مون کي هِنرَ (هينئر) طوطا ۽ پڃرو کپن،“ عنيق روئڻ لڳو. پٽهس جي دل نرم ٿي پئي. هيءُ ساڻس تمام گهڻو پيار ڪندو آهي ۽ ڪوشش ڪري سندس هر ڳالهہ مڃيندو آهي.

”چڱو هل تہ مان توکي طوطا وٺي ٿو ڏيان،“ عنيق اِهو ٻڌي خوش ٿيڻ لڳو.

سرمد گهر مان موٽر سائيڪل ٻاهر ڪڍي، جنهن تي اڳيان عنيق ويٺو. پوءِ هي پرسان واري بازار ويا. جتي عنيق کي گهمائيندي پٽهس بند ٿيل توڙي ڪجهه کُليل دڪانَ ڏيکاريندي چوندو رهيو” ڏس، هتي تہ طوطا آهن ئي ڪونہ. هاڻي تون ٻي ڪا شيءِ وٺ... باقي طوطا توکي مان سڀاڻي ضرور وٺي ڏيندس.“ نيٺ عنيق شيءِ وٺڻ تي راضي ٿيو. هن دڪان تان پنهنجي مرضيءَ واري شيءِ ورتي. پوءِ هي گهر آيا.

.........

ٻئي ڏينهن تي سرمد ڪيس ايمپريس مارڪيٽ وٺي، اُتي جي پکين واري بازار مان بہ طوطا ۽ هڪ پڃرو وٺي ڏنو. هِنن گهر جي صحن ۾ پٽ تي پڃرو لڳايو. جتي طوطن کي ڏسي عنيق ڏاڍو خوش ٿي رهيو هو. اِهي ٽئي ۽ مادي هئا.

وَرندي ڏينهن منجهند جو ڪونج آفيس ۾ فون ڪري سرمد کي چيو تہ،”طوطيءَ جي پير ۾ زخم ٿي پيو آهي. رت بيهيسِ ئي نٿو...“

اهو ٻڌي سرمد کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هن چيس،”ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکارينسِ.“ سرمد جي اِن ڳالهہ تي ڪونج ٿورو پريشان ٿيندي چيو،”ڊاڪٽر کي ڪيئن ڏيکاريان. هي تہ پکي آهي.“

”چو؟.... ڊاڪٽر کي پکي ناهن ڏيکاربا ڇا؟ اهي بہ اسان وانگر ساهوارا آهن. هُو اِن جي زخم جي ڪا مَلمَ پِٽي ڪري، ان جي رت بند ڪري سگهي ٿو.“

سرمد جي ان ڳالهہ تي ڪونج چيو ”نيڪ آهي مان ڏيکاريانسِ ٿي.“

ان بعد ڪونج ۽ عنيق، پرسان واري ڪلينڪ تي وينئل ڊاڪٽر رياض کان طوطيءَ جي پَٽي ڪرائي آيا. پر ڪونج جي دل جُهري پئي هئي. هن کان طوطيءَ جي اِها حالت برداشت نہ پئي ٿي.

ٻنپهرن جو ڪونج عنيق کي ٻڌائڻ کانسواءِ طوطيءَ کي اڏاري ڇڏيو. جڏهن عنيق کي اها خبر پئي تہ ماٺهس طوطيءَ کي اڏاري ڇڏيو آهي تہ هُو روئڻ لڳو جنهن تي ماٺهس کيس پرچائيندي چيو،”ٻچا، اسان توکي ٻي پلي طوطي وٺي ڏينداسين. هيءَ ويچاري زخمي ٿي پئي هئي. پڃري ۾ وڏيڪ تنگ ٿئي ها ـ ۽ ڪيس سُور بہ ٿئي ها. تنهن ڪري مون ان کي اڏاري ڇڏيو.“ اهو ٻڌي عنيق چپ ٿي ويو.

پوءِ ڪونج، سرمد کي فون ڪري ٻڌايو تہ،”مون طوطي اڏاري ڇڏي..... جڏهن مون طوطي اڏاري تہ اها پرسان واري وڻ تي وڃي ويٺي، جتان اها پڃري ۾ بند طوطي کي ڏسندي رهي ـ ۽ طوطو پڻ اداس ٿي ويو هو.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”۽ عنيق؟“ سرمد ڪانئس پڇيو.

”اهو بہ اداس ٿي ويو آهي،“ ڪونج ٻڌايو.

”چڱو هِن ڪي ٻي طوطي وٺي ڏيندا سين،“سرمد چيو.

”ٺيڪ آهي،“ ڪونج وراڻيو.

شام جو سرمد جيئن ئي گهر آيو تہ عنيق سڀ ڪان اول پيءُ ڪي اِها ئي ڳالهہ ٻڌائي تہ ”بابا، مما طوطي اڏاري ڇڏي.“

”ها بابا، تون منجهند جو سُتو پيو هئين تہ ماڻهين مون ڪي فون ڪري اِها ڳالهہ ٻڌائي هئي. مان هاڻي توڪي ٻي طوطي وٺي ڏيندس،“ سرمد چيو.

سرمد وڃي طوطي ڪي ڏٺو تہ اهو واقعي اداس وينو هو. اڳ ۾ جڏهن طوطِي ساڻس گڏ هوندي هئي تہ هيءُ پيو ٽينگ ٽَپا ڏيندو هو پر هاڻي چُپڙي ڪيون وينو هو. اهو ڏسي سرمد، عنيق ڪي چيو ”عنيق، هِن طوطي ڪي بہ سياڻي اڏاري ڇڏيندا سين. ويچارو پنهنجي طوطيءَ ڪانسواءِ اداس آهي. مان توڪي گهڻي شيءِ وٺي ڏيندس، پر هِنن طوطن ڪي پڃري ۾ بند نہ ڪر...“

عنيق چپ ٿي ويو تہ سرمد ڪيس هنج تي ڪڻندي چيو ”پلا هِن ڪي تون پاڻ اڏارجانءِ.....ٺيڪ آهي؟“

عنيق ان تي خوش ٿيو ۽ چيائين، ”ها بابا، مان اڏاريندس.“

سرمد اهو انڪري ڪيو، جو هيءُ ڪوشش ڪندو آهي تہ هُو عنيق ڪي اهڙا موقعا ڏئي جو هُو هِن عمر ۾ ڪرڻ جهڙا ڪجهہ ڪم پاڻَ ڪري، تہ جيئن منجهس اعتماد پيدا ٿئي ۽ ڪيس اختيار ملڻ جو احساس بہ ٿئي.

ٻئي ڏينهن تي صبح جو عنيق خوش ٿي آفيس ۾ فون ڪري پيءُ ڪي ٻڌايو تہ ”بابا، مون طوطو اڏاري ڇڏيو.. هُو اسانجي نم جي وڻ تي وينو آهي. هاڻي تون مون لاءِ گهڻي شيءِ وٺي اچجان...“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اڙي واهه تو ته اهو زبردست ڪم ڪيو...اهي پڪي پڇرن کان ٻاهر ڪيڏا نه سهڻا ٿا لڳن..... آزاد.... آزاد....مان تو لاءِ هاڻي گهڻي گهڻي شيءِ وٺي ايندس عنيق.....“

عنيق خوش ٿي کيس چيو ”الله حافظ.“

سرمد به مسڪرائي چيو”الله حافظ.“

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هڪ ڏينهن عنيق فون ڪري پنهنجي بابا کي ٻڌايو ته ”بابا، ٻلي چوزا کائي وئي!“ سندس آواز ۾ ڏک هو ۽ هُو پنهنجي انهن نَون دوستن (چُوزن) بابت پيءُ کي اطلاع ڏئي رهيو هو. جيڪي کيس سندس پيءُ ڪجهه ڏينهن اڳ تڏهن وٺي ڏنا هئا، جڏهن هن ساڻس ضد ڪيو هو. عنيق جو ضد تڏهن کان شروع ٿيو هو جڏهن هن پاڙي ۾ پنهنجي ماسات

امَان جي گهر ۾ وڏي پڃري ۾ بند پيل چوزا ڏٺا هئا. ان ڪانپوءِ هن پنهنجي پيءُ کي هر وقت چوڻ شروع ڪيو هو ته "بابا، مون کي چوزا وٺي ڏي."

بعد ۾ جڏهن کان پڻهس کيس فارمي رنگبرنگي چوزا وٺي ڏنا هئا، تڏهن کان هيءُ انهن تي اصل ساهه پيو ڏيندو هو. ڪڏهن اِنهن کي هٿن ۾ کڻندو هو ته ڪڏهن اُنهن کي پَٽ تي ڇڏي ڏيندو هو. جتي انهن کي ڊوڙندو ڏسي خوش پيو ٿيندو هو. چاڪاڻ جو اڳ ۾ هِن ڪراچي شهر ۾ پنهنجي گهر ۾ رڳو رانديڪن سان راند ڪئي هئي، پر هاڻي جيئرا جاڳندا چوزا ڏسي سندس خوشيءَ جي ڪا حد نه رهي هئي.

پر عنيق جي چوزن سان اهو واقعو ائين پيش آيو جو هڪ ڏينهن هن پڃري مان چوزا ڪڍي اُهي گهر جي صحن ۾ ڇڏيا ته، ماڻهس کيس خبردار ڪندي چيو ته "عَنيق، چوزا ٻاهر نه ڪڍ.... ٻلي کائي ويندئي." پر پوءِ به هيءُ ٻار- سو هن پنهنجي گهرَ جي وڏي اڱڻ تي سهڻن چوزن کي بار بار ڊوڙندو ڏسڻ ٿي چاهيو. ان دوران هيءُ اندر ڪمري ۾ ويو ته پوئتان اوچتو ٻلي، آهستي آهستي ڪري آئي، جنهن اول هڪ چوزو پڪڙيو.... پاڻ بچائڻ لاءِ اهو اول ڏاڍو ڊوڙيو. پر ٻليءَ جهڙپ ڏئي کيس پڪڙي ورتو..... اهو ويچارو ڏاڍو ڦٿڪيو... اِن چِين چِين به ڪئي، پر ٻلي کيس کائي وئي.... اهو ڏسي ٻيو چوزو ڊپ ۾ وڃي هڪ ڪنڊ ۾ لِڪي وينو. ٻليءَ ڦيريون چوزو کائي وري وڃي اِن کي پڪڙيو...پوءِ اهو وات ۾ جهلي ڊوڙندي ٻاهر نڪري وئي.

هوڏانهن عنيق اندر گهر ۾ وڃي، اُتان پنهنجي سائيڪل کڻي تي وي لائونج ۾ هلائڻ لڳو... هن کان چوزن جي ڳالهه ئي وسري وئي، ته ڪو هن اهي ٻاهر ڇڏيا آهن. ڪجهه دير ڪانپوءِ جڏهن هيءُ ٻاهر صحن ۾ آيو ته چوزا نه ڏسي ۽ هڪ جا رڳو کنڀ پيل ڏسي پريشان ٿي ويو. هن گهر ۾ انهن کي ڳوليو پر اِهي ڪٿي به نه مليس. پوءِ ڊوڙي ٻاهر گهٽيءَ ۾ آيو ته



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتي سندس ماساتُ اَمانَ بينو هو جنهن ٻڌايُسِ تہ، ”ٻليءَ تنهنجو چوزو اَو.... هُتي خالي پلاٽ تي ڪاڏو پئي.“

اهو ٻڌي عنيق ڪاوڙ ۾ اچي ويو. گهر اچي، اُتي پيپل نِنڊڙي لٺ کڻي وري ٻاهر گهٽيءَ ۾ نڪري، ۽ اهو چئي ٻليءَ کي ڳوليندو رهيو تہ، ”نہ ڇڏيندومانسِ... ماريندومانسِ...“ پر ٻلي هِن کي نظر نہ آئي، ۽ نہ وري هوءَ اُهو سڄو ڏينهن هِنن جي گهر آئي.

شام جو جڏهن سرمد آفيس مان گهر آيو تہ ڪونج ڪيس چوزن جي ڪاڄي وڃڻ ۽ ٻليءَ جي پٺيان عنيق جي لٺ کڻي هلڻ واري پيرائتي ڳالهہ ٻڌائي، جنهن تي هي ٻئي ڄڻا عنيق جي معصوم ڪاوڙ تي کِلندا بہ رهيا تہ چوزن جي ڪاڄي وڃڻ تي افسوس جو اظهار بہ ڪندا رهيا.

ٻئي ڏينهن تي وري عنيق چوزا وٺي ڏيڻ تي پيءُ سان ضد ڪيو تہ، پٺهس ڪيس بہ ديسي چوزا وٺي ڏنا. هاڻي اِهي پڃري ۾ بند هوندا آهن. جن کي عنيق ٻاهر ناهي ڪڍندو. هيءُ روز صبح جو اُٿي چوزن وٽ اچي انهن کي چوندو آهي،”اسلام و عليڪم. گڊ مارننگ“ _ ۽ جڏهن سندس والدين اهي لفظ ٻڌندا آهن تہ، سندن چپن تي مرڪ اچي ويندي آهي.

_


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اها چوڏهينءَ جي رات هجي. چانڊوڪيءَ ۾ رات بہ ڏينهن ٿي پئي هئي. سرمد عنيق کي ڪلهي تي کڻي، پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ اچي، بيهي، مٿي آسمان ۾ ڪيس چمڪندڙ چنڊ ڏانهن اشارو ڪري چيو"بابا، اهو چنڊ اٿئي... مُونُ — moon"_ پوءِ هن کي "چنڊ" بدران "مُونُ" ياد رهجي ويو. هاڻي جڏهن بہ هُو رات جو آسمان ۾ چنڊ ڏسندو آهي تہ رڙ ڪري پيءُ کي چوندو آهي:"بابا، مُونُ...."

اهڙي طرح سرمد کيس هڪ رات جو آسمان ۾ آيل ڪڪرن ڏانهن اشارو ڪري چيو هو"بابا، اِهي ڪڪر اٿئي.... ڪلائوڊس.... clouds _ پوءِ عنيق کي 'ڪلائوڊس' بدران 'ڪڪر' لفظ ياد رهجي ويو.

سرمد هن کي اهي قدرتي شيون ڏيکاري ۽ اُنهن جا نالا ٻڌائي دراصل سندس تربيت ڪري رهيو آهي.

........

فيبروري مهيني جي وٽندڙ موسم هجي. ان مهيني جي هڪ رات جو لڳ ڀڳ نَو وڳا هوندا جو سرمد، ڪونج، عنيق ۽ عريب ماني کائي ٻاهر، پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ اچي ويٺا. اِها ٻه چوڏهينءَ جي رات هجي.

عنيق آسمان ۾ چَنڊُ ڏسي، پيءُ کي رڙ ڪري، آسمان ڏي اشارو ڪري چيو”بابا، مُونُ....“

”ها، بابا...... مُونُ ته اڄ وڏيڪ چمڪي ٿو.....“

ائين هِنن اچا مَس ڳالهايو ته، چنڊ ڪڪرن ۾ لِڪي ويو. اهو ڏسي عنيق پريشان ٿي ويو.

هِن پريشانيءَ وچان، پر معصوميت مان پيءُ کان پڇيو”بابا، مُونُ ڪاڏي ويو؟“

”پٽ، اهو ڪڪرن ۾ لِڪي ويو آهي.“

”بابا، مُونُ ڪڪرن مان ڪڏهن نِڪرندو؟

”جلدي نڪرندو بابا.“

”بابا، مُونُ ڪڪرن ۾ ’نائين‘ ڪندو؟“ (عنيق ”وهنجڻ“ کي ”نائين ڪرڻ“ چوندو آهي).

”ها پٽ،“ سرمد چيو.

”بابا، چا مُونُ پاڻيءَ ۾ رهندو آهي؟“ عنيق پڇيو.

”ها بابا، ڪڏهن اِهو پاڻيءَ ۾ رهندو آهي،“ پڻهس جواب ڏنو.

عنيق وري چيو”پو بابا سمونڊَ ۾ پاڻي آ، پو اُن ۾ به مُونُ رهندو آ؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنيق سمنڊ جي ڳالهہ انڪري ڪئي جو گذريل آچر تي پڙهس ڪين هاڪس بي تي گهمائڻ وٺي ويو هو. جتي هي پاڻيءَ ۾ بہ لٿا هئا، سو پڙهس سندس سوال جو جواب ڏيندي چيو"سمونڊ ۾ فش (fish) رهندي آهي، مُونُ نہ...."

"پو بابا فِش پڪڙيون،" عنيق چيو.

"ها بابا، پڪڙيندا سين،" پڙهس ڪيس دلجاءِ ڏني.

"پو هلون؟" عنيق ڪرسيءَ تي ويٺي ئي پنهنجي ڪنڌ کي ڪبي پاسي سَٽي، خوشيءَ مان چيو.

"هينئر نہ بابا، ايندڙ آچر تي هلنداسين،" پڙهس چيو.

"نہ آچر تي نہ، هِنَر (هينئر) هلون...."

"هينئر رات ٿي وئي آهي بابا. آچر تي هلنداسين. اُن ڏينهن مون کي موڪل هوندي آهي نہ."

"نہ بابا، هِنَر..."

عنيق تمام گهڻو ضديرو آهي. جنهن بہ ڳالهہ تي ضد ڪندو تہ پوءِ ڇا بہ ٿي پوي، اُن تان نہ لهندو. تڏهن ئي تہ ڪونج سرمد کي چوندي آهي تہ،"عنيق ضد ۾ توتي ويو آ."

ننڍڙو عَريب پنهنجي ماءُ جي هنج ۾ چُپ ڪيون ويٺو هو. سرمد عنيق کي سمجهائيندي چيو: "عنيق، هِنَر رات ٿي وئي آهي، فِش سمهي پئي هوندي، اِها نُنو ڪندي هوندي." (عنيق "ننڊ" کي "نُنو"چوندو آهي).

"نہ بابا، نُنو نہ ڪندي هوندي. اسان جو جاڳئون ٿا تہ هوءَ بہ جاڳندي هوندي،" عنيق چيو.

"عنيق، فِش جلدي نُنو ڪندي آهي، ڇو تہ هوءَ صبح جو سوير جاڳندي آهي تہ جيئن صبح جو انهن مهاڻن کان بچي سگهي، جيڪي ان کي پڪڙڻ ايندا آهن،"سرمد هٿ نوڪي وضاحت ڪئي.

"تہ ڇا اها فِش، او... سمونڊ ۾ پَري.. هلي وئي هوندي، ءِ اِها صبح جو ايندي؟" عنيق پڇيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها بابا، صبح جو ايندي،“ سرمد وراڻيو.

”بابا شي.... “ عنيق اُتي جو اُتي خواهش ظاهر ڪئي.

”ها، اُها توکي وٺي ڏيان...... کوڙ شيءِ بابا لاءِ.“ سرمد چيو.

اُن وقت چنڊ بہ ڪڪرن مان ٻاهر نِڪري آيو- ۽ جيئن ئي چنڊ تي عنيق جي نظر پئي تہ خوشيءَ مان رڙ ڪري چيائين، ”بابا، مُون....“

سرمد بہ مسڪرائي پنهنجي هِن ننڍڙي چنڊَ کي چيو ”ها بابا، مُونُ اچي ويو...“

پوءِ ٻئي ڄڻا کِلندا، ويجهي واري دڪان تي ويا، جتان سرمد کيس شيءِ وٺي ڏني.

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عنيق ٻن سالن ۽ نون مهينن جي عمر جو هئو ته هڪ نجي اسڪول ۾ پلي گروپ ۾ سندس داخلا ڪرائي وئي. سندس ابي ۽ امڙ چاهيو پئي ته هُو ڪيس شهر جي ڪنهن سٺي اسڪول ۾ داخل ڪرائين، ڇاڪاڻ جو عنيق ڪي هينئر ڪافي سمجهه اچي چڪي هئي. ان سلسلي ۾ سرمد وارن اول پنهنجي علائقي ۾ ٻه ٽي نجي اسڪول ڏٺا، پر اُهي ڪين پسند نه آيا.

سندن علائقي ۾ موجود سرڪاري اسڪولن جي حالت ته تمام گهڻي خراب هئي. اُنهن ۾ نه صحيح فرنيچر هو، نه فرش هو، نه صحيح بليڪ بورڊ هو ۽ نه وري استاد وقت تي پيرڊ وٺڻ آيا ٿي. ان سان گڏ سرڪاري اسڪولن جي آس پاس گندگيءَ جا ڍير پڻ پيل هوندا هئا. اهڙي صورتحال ڏسندي سرمد وارن چاهيو پئي ته، هُو پنهنجي ٻارڙي کي ڪنهن اهڙي اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏين، جيڪو صاف سٿرو ۽ جديد سهولتن وارو هجي، جتي معياري تعليم ڏني ويندي هجي، ۽ جتي جا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استاد ’ٻار دوست‘ هجن، جيڪي ٻارن کي پيار سان پڙهائين، نڪي مارَ سان. ان سان گڏ هُو ٻارن کي مختلف نصابي سرگرمين توڙي راندين ۾ بہ ساڳئي دلچسپيءَ سان حصو وٺرائين.

هونئن تہ عنيق جي والدين جي اصل خواهش هئي تہ هُو پنهنجي هِن ٻارڙي کي ڪراچي شهر جي ڪنهن بهترين علائقي ۾ واقع بين الاقوامي معيار جي اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏين، پر اهڙا اسڪول سندن گهر کان تمام گهڻو پري هئا، جتي روزانو هن ننڍڙي ٻارڙي کي ڇڏي اچڻ ۽ وٺي وڃڻ هِنن لاءِ ممڪن نہ هو. ان سان گڏ سرمد جي ايتري پگهار بہ نہ هئي جو هُو ان مان گهر جا خرچ بہ پُورا ڪري سگهي، عنيق جي اسڪول جو ماهوار خرچ بہ برداشت ڪري سگهي، تہ ڪنهن فليٽ جي وڏي مسواڙ بہ ڀري سگهي، انڪري هِنن پنهنجي علائقي ۾ ڪنهن سٺي اسڪول جي ڳولا شروع ڪئي.

ٻن ٽن ڏينهن ۾ ڪونج پنهنجي ماءُ آمنہ سان گڏجي پنهنجي ئي علائقي جي ويجهو ڪجهہ اهم خانگي اسڪول ڏسي ورتا، جن مان هڪ اسڪول کيس سٺو لڳو. هن اهڙو اطلاع سرمد کي فون تي ڏنو، جنهن چيس تہ،”مان شام جو گهرِ اچان تہ پوءِ صلاح ڪنداسين.“

شام جو سرمد جيئن ئي گهر پهتو تہ ڪونج کيس ٻڌايو تہ،”هُوءَ ويجهو ئي لطيف سوسائٽيءَ ۾هڪ پرائيويٽ اسڪول ڏسي آئي آهي، جيڪو تمام سٺو آهي. اُن جي پرنسپال مس مهتاب بہ تمام ڀلي ۽ مهذب عورت آهي. عنيق کي اُتي داخل ڪجي، پر توهان پاڻ بہ هلي اُهو اسڪول ڏسي اچو. پرنسپال بہ چيو آهي تہ، عنيق جي بابا کي بہ چئو تہ هو پاڻ بہ اچي اسڪول ڏسي وڃي.“

ٻئي ڏينهن تي هي اسڪول ڏسڻ ويا. پرنسپال ساڻن تمام سٺي نموني ملي. کين ٻڌايائين تہ ”ٻار جي داخلا جي في ساڍا ست هزار رپيا آهي. يونيفارم ۽ شوز (shoes) اوهان پاڻ خريد ڪندا. ڪتاب ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استيشنري ڀرئين سالِ. اسڪول اوهان جي ڏنل ساڍن ست هزار رپين مان ڏيندو. ٻئي سالِ استيشنري ۽ ڪتاب اوهان کي پاڻ وٺڻا پوندا.“

اهڙي معلومات وٺڻ ڪانپوءِ سرمد ڪانئس اسڪول جي تعليمي معيار، ماحول، هم نصابي سرگرمين، شاگردن کي ملندڙ سهولتن ۽ استادن جي رويي، ڪردار، تعليم ۽ تجربي بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. مليل ڄاڻ تي هي مطمئن ٿي، پرنسپال صاحب جو ٿورو مڃي واپس گهر آيا.

گهر ۾ ڪافي سوچ ويچارڪانپوءِ هنن عنيق کي اِن ئي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. پر اُتي ئي سرمد ڳڻتيءَ وچان سوچيو ته، عنيق جي داخلا لاءِ پئسا ڪٿان آڻجن؟ ڇاڪاڻ جو ان وقت وٽس داخلا جيترا پئسا نه هئا.

هن ڪونج کي چيو ته، ”عنيق جي داخلا وٺڻ ۾هڪ ٻه ڏينهن لڳي ويندا، ڇاڪاڻ جو ڪيس في، يونيفارم ۽ ڪتابن لاءِ پئسن جو بندوبست ڪرڻو آهي.“

ڪونج ڪيس چيو ته،”اوهان پريشان نه ٿيو. مون پنجاهه هزار رپين جي هڪ بي سي (balloting committee) رکي هئي، اُها ڪجهه ڏينهن اڳ کُلي هئي. مون وٽ اهي پئسا پيا آهن. اُنهن مان عنيق جي داخلا واري ساڍا ست هزار رپيا في ڏيون ٿا – ۽ يونيفارم، ڪتاب ۽ ٻي استيشنري تي جيڪو وڌيڪ لڳ ڀڳ ڇهه ست هزار رپيا خرچ اچي ٿو اُهو به ڪريون ٿا.“ ڪونج کِلندي ڪيس وڌيڪ چيو.”پر بعد ۾ اوهان کي اِهو قرض واپس ڪرڻو پوندو.“

اِن تي سرمد به کِلي ڪيس چيو”ضرور واپس ڪندس.“

سرمد ڪونج جي دور انديشي ڏسي خوش ٿيو. سندس ذهن تان هڪ وڏو بار لهي پيو.

ڪونج شام جو پنهنجي ماءُ آمنه ۽ ننڍي ڀيڻ مهوش سان گڏجي وڃي عنيق جو يونيفارم، شوز، اسڪول بيگ ۽ ٻيو گهربل سامان وٺي آئي. هيءَ هڪ فوٽو اسٽوڊيو تان عنيق جون پاسپورٽ سائز جون تصويرون به



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڍرائي آئي. اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ ڪانپوءِ ڪونج تمام گهڻي خوش هئي، ڇاڪاڻ جو سندن ٻچڙو اسڪول وڃي رهيو هو ۽ سندن زندگيءَ جو هڪ اهم خواب پورو ٿي رهيو هو.

ٻئي ڏينهن تي سرمد ۽ ڪونج اسڪول وڃي عنيق جي داخلا جو پريل فارم ۽ پيپاريل في وارو ووچر پرنسپال کي ڏنو. گڏوگڏ هنن اسٽيشنري ۽ ڪجهه ٻيو سامان ۽ ڪتاب ڪلاس ٽيچر جي حوالي ڪيا. ان طرح اسڪول ۾ پلي گروپ ۾ عنيق جي داخلا ٿي وئي. سياڻي کان هُو اسڪول ويندو. هِن ٻارڙي جي زندگيءَ جي ابتدائي تعليم ۽ تربيت جي باقاعده شروعات جو بندوبست ٿي ويو.

–



خميس، 27 آگسٽ 2015ع عنيق جي اسڪول وڃڻ جو پهريون ڏينهن هو. صبح جو جڏهن ماڻهس ڪيس يونيفارم ۾ ڪارا بوٽ پارايا ۽ سندس ڪُلهن ۾ ڪتابن وارو ٿيلهو لٽڪايو ته، هُن سندس نظر ڳتي.

سرمد پنهنجي بي انتها خوشيءَ کي پنهنجي اندر ۾ دٻائي رکيو پر هُن اُن گهڙيءَ عنيق جون ڪجهه تصويرون ڪڍي ورتيون، ته جيئن اُهي عنيق جي زندگيءَ ۾ جو هڪ يادگار حصو بڻجي وڃن. سرمد اهو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انڪري بہ ڪيو جو جڏهن سندس والدين ڪيس ڇهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ پرسان واقع هڪ ٻئي ڳوٺ جي سرڪاري اسڪول ۾ پهرئين درجي ۾ داخل ڪرايو هو تہ هُنن سندس اهڙو ڪوبہ رڪارڊ نہ رکيو هو. جيڪو هُو وڏو ٿيڻ ڪانپوءِ ڏسي سگهي ها. تنهن ڪري بعد ۾سرمد اهو طئي ڪري ڇڏيو هو تہ هُو پنهنجي اولاد جي، ممڪن حد تائين هر سرگرمي رڪارڊ ڪندو. انهن جون، اسڪول جي داخلا توڙي فيس واريون رسيدون بہ سنڀالي رکندو. سندن ٽيچرس کين جيڪو ڪجھہ لکي ڏيندين، اُهو بہ سنڀالي رکندو ۽ سندن امتحان جي نتيجن وارو رڪارڊ، سچاٽپ ڪارڊ ۽ ملندڙ تحفا پڻ سنڀالي رکندو.

سرمد جيئن تہ پاڻ هڪ ڪچي عمارت واري اسڪول ۾ پڙهيو هو. جنهن کي هي شاگرد پاڻ ٻهاري ڏئي، اُن ۾ ڇڻڪار ڪري، اُتي پاٽيءَ جا مَٽَ ڀري رکي، پوءِ ڪاٺ جي سِڌين بينچن تي ويهي پڙهندا هئا. پر هِن پنهنجي پُٽ کي هڪ اهڙي اسڪول ۾ داخل ڪرايو آهي، جتي بهترين ڪلاس رومز آهن. تائيلس لڳل فرش آهي، بهترين واش رومز آهن. راندين جو ميدان آهي، ماسيون آهن. ماءُ جهڙو خيال رکندڙ ماسترياڻيون آهن. اسپورٽس ٽيچر آهي، ۽ جتي ٻارن کي ڪنهن بہ قسم جي مار ناهي ملندي.

سرمد کي هِن اسڪول جي اِها ڳالھہ بہ تمام گهڻي سٺي لڳي تہ هِتي ننڍڙن ٻارن کي مردن بدران عورتون پڙهائين ٿيون. جيڪي ٻارن جي نفسيات کان واقف هونديون آهن. جن وٽ ممتا جهڙو احساس هوندو آهي ۽ جن کي ٻارن کي سنڀالڻ ايندو آهي. انهن جي ڀيٽ ۾ اڪثر مرد پنهنجي رويي ۾ سخت هئڻ سبب ٻارن جي ذهن ۾ ڊگهو خوف ۽ اسڪول کان بيزاري ئي ويهاريندا آهن.

عنيق اسڪول لاءِ تيار ٿيڻ بعد چيو،”مان ’نانوءَ‘ (نانيءَ) جي گهران ٿي اچان ٿو.“ اُن وقت سندس ماءُ پيءُ کي خوشيءَ جو هڪ احساس وڪوڙي ويو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دراصل عنيقَ پنهنجي ناني آمنہ، ماسي مهوش، مامن، ممتاز جاني، مرتضيٰ، ڪاشف ۽ ماروئڙ، اذان ۽ ايان کي ٻڌائڻ پئي چاهيو تہ، ’هُو اڄ اسڪول ٿو وڃي.‘

هُو وڏي لئہ سان آڪڙجي پنهنجي نانيءَ جي گهر ويو جتي سندس ناني، ماسي ۽ مامن کيس پيار ڪيو ۽ دعائون ڏنيون. پوءِ هُو واپس گهر آيو. ان بعد سرمد ۽ ڪونج کيس اسڪول ڇڏڻ ويا.

سرمد پنهنجي موٽر سائيڪل اسڪول جي دروازي وٽ بيهاري عنيق کي اُن تان هيٺ لاٿو. ڪونج بہ اُن تان هيٺ لٿي. پوءِ سرمد پاڻ بہ اُن تان لهي، هينڊل ۾ لڙڪيل ڪتابن وارو ٿيلهو لاهي، عنيق جي ڪُلهن ۾ لٽڪايو. ان بعد عنيق اسڪول جي عمارت ۾ گهڙي، پنهنجي ماءُ سان گڏ خوشي خوشيءَ پلي گروپ جي ٻارن واري ڪلاس روم ۾ ويو. سرمد اسڪول جي دروازي وٽ بيهي رهيو. ننڍڙي ڪلاس روم ۾ ننڍڙيون ميزون ۽ ڪرسيون پيون هيون. هر ميز جي چوڌاري چار پنج ٻار ويٺا هئا. عنيق جي ڪلاس ٽيچر ماهہ رخ ڪانئس ٿيلهو وٺي، کيس هڪ ڪرسيءَ تي ويهاريندي، سندس ٿيلهو ڪلاس روم جي هڪ ڪنڊ ۾ پيل ننڍڙي شيلف ۾ رکيو.

پوءِ ڪونج واپس آئي. سرمد کيس گهر ڇڏي پاڻ آفيس ويو.

اُن ڏينهن سرمد کي وڏو تجسس هو تہ، هُو گهر پهچي ڪونج کان پڇي تہ، ’عنيق جو اسڪول ۾ پهريون ڏينهن ڪيئن گذريو؟‘

شام جو گهر پهچڻ تي ڪونج سرمد کي ٻڌايو تہ، ”عنيق اسڪول کان واپسيءَ تي ڏاڍو خوش هو. ان ڏينهن سندس ڪلاس ۾ ڪنهن ڇوڪريءَ جي سالگرهہ بہ ملهائي وئي هئي، سو عنيق اُن جو ڪيڪ بہ کاڌو ـ ۽ اها ڳالهہ بہ مون کي پاڻ ٻڌايائين. هن جي اسڪول کان واپسيءَ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي سندس سيني مائٽن ساٿس ’اسپيشل ٻار‘ جهڙو ورتاءُ ڪيو. هونئن ٻہ عنيق اسان سيني لاءِ واقعي آهي ٻہ تہ ’اسپيشل نہ.‘“

سرمد ٻہ عنيق کي ڀاڪر ۾ ڪنيو ۽ ڪيس پيارُ ڪيو.

اِن طرح والدين جي خواب جي پورائي ۾ پنهنجي ڪامياب زندگيءَ لاءِ عنيق جي پتڪڙن پيرڙن پهرين مقصد پري وک کنئي.

_



ٻئي ڏينهن سرمد ۾ ڪونج صبح جو نائين وڳي عنيق کي اسڪول ڇڏڻ ويا. اسڪول پهچي هي سِڌو پرنسپال مس مهتاب جي آفيس ۾ ويا، ته جيئن هُو ڪيس عنيق جو ڪجهه وڌيڪ خيال رکڻ لاءِ چوڻ. هِنن خاص طور ڪيس اهو چوڻ ٿي چاهيو ته عنيق کي واش روم ۾ اڪيلو نه موڪليو وڃي. سرمد وارن اِهو انڪري ڪيس چوڻ ٿي چاهيو جو هِنن ڪجهه ڏينهن اڳ ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ اسڪول ۾ ٿيل هڪ ڏيچاريندڙ واقعي جي خبر اخبار ۾ پڙهي هئي، جنهن ۾لکيل هو ته.”اسڪول جي موڪل ٿيڻ کان ٿورو وقت اڳ ۾ هڪ ننڍڙو ٻارڙو واش روم ۾ ويو. جنهن جو دروازو لاڪ ٿي ويو. هن ٻارڙي دروازو کولڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي، پر اهو ڪانئس نه کُليو ۽ اسڪول کي موڪل ٿي وئي..... شام تائين ڳولا ڪرڻ کانپوءِ اهو ٻارڙو پنهنجي والدين ۽ اسڪول جي انتظاميا کي اُتان بيهوش حالت ۾ مليو هو.“

سرمد وارا جيئن ئي پرنسپال جي آفيس ۾ داخل ٿيا ته اُتي موجود سينئر ٽيچر مس روبينه، عنيق کي سندس ڪلاس روم ۾ ڇڏي اچڻ لاءِ وٺي وڃڻ لڳي ته، عنيق روئڻ لڳو ۽ سرمد کي چنبڙي، پرنسپال جي آفيس ۾ پيل خالي ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪري کيس چوڻ لڳو: ”بابا، هتي ويهه.“
سرمد ڪرسيءَ تي ويٺو پر پوءِ ڪونج پرنسپال کي چيو ته،”مان تي ڪلاس ۾ ڇڏي اچانس.“
هُوءَ عنيق کي ڪلاس روم ۾ ڇڏڻ ويئي، جتي به هن روئڻ شروع ڪيو ۽ ڪلاس روم مان ٻاهر نڪري آيو. اهو ڏسي عنيق جي ڪلاس ٽيچر مس ماهه رخ ڪلاس روم مان ٻاهر نڪري آئي، جنهن کي ڪونج چيو ته،”اوهان وٺي وڃي ڪلاس روم ۾ ويهاريوس.“
سرمد به عنيق کي چيو ته،”بابا، اسان هتي ئي وينا آهيون. تون پڙهه ته پوءِ گڏجي گهر هلون ٿا.“
پيءُ جي ان ڳالهه کانپوءِ هُو ٽيچر سان گڏجي پنهنجي ڪلاس روم ۾ وڃڻ تي راضي ٿيو. هُوءَ جڏهن کيس ڪلاس روم ۾ وٺي وئي ته ان کانپوءِ سرمد ۽ ڪونج، پرنسپال کي عنيق جي پارتَ ڪري واپس گهر آيا.

شروع ۾ اسڪول ۾ عنيق کي صبح جو نائين وڳي کان صبح جو سادي ڏهين وڳي تائين پڙهائيندا هئا، جنهن بعد ماٺهس کيس اسڪول مان گهر وٺي ايندي هئي.

–


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳ ڀڳ ٻن هفتن کانپوءِ عنيق اسڪول کان بيزاري ڏيکارڻ ۽ اسڪول نہ وڃڻ تي ضد ڪرڻ لڳو.

هڪ آچر تي سرمد ۽ ٻيا گهر ڀاتي سڀ ڏينهن گهر ۾ موجود هئا. شام جو سرمد، عنيق ۽ عريب کي موٽر سائيڪل تي ويهاري، ويجهي بازار جو ٿورو چڪر ڏياريو. پوءِ رات ٿيندي ئي عنيق بار بار پيءُ کي چوندو رهيو ”بابا، مان سحري آپي (سحرش) وٽ پڙهندس... بابا، مان سحري آپيءَ وٽ ٽيوشن پڙهندس...مان اسڪول نہ ويندس...“

ننڊ اچڻ تائين عنيق ائين چوندو رهيو- ۽ سرمد کيس دلجاءِ ڏيندي چوندو رهيو تہ، ”ها بابا، تون سحري آپيءَ وٽ ئي پڙهجانءِ...“

سرمد کيس ائين انڪري چيو تہ جيئن هيءُ رات جو صحيح ننڊ ڪري سگهي. نہ تہ سڀي رات پريشان رهي ها. سرمد ڪونج کي بہ چيو تہ، ”تون بہ کيس اِن طرح دلجاءِ ڏي.“

سحرش عنيق جي ماسات آهي، جيڪا ڪائنس چوڏهن سال وڏي آهي. هوءَ عنيق جي، اسڪول وڃڻ کان، هڪ سال اڳ کان کيس ٽيوشن پڙهائي رهي آهي.

عنيق ٻئي ڏينهن تي صبح جو ننڊ مان اُٿيو تہ روئڻ لڳو- ۽ وري چوڻ لڳو”مان سحري آپيءَ وٽ پڙهندس...“ سرمد کيس وري بہ دلجاءِ ڏيندي چيو تہ،”ها بابا، تون سحري آپيءَ وٽ ئي پڙهجانءِ.“پر عنيق کي پنهنجي پيءُ جي ڳالهين تي اعتبار نہ پئي آيو-۽ هِن شايد سمجهيو پئي تہ هي کيس اسڪول ضرور وٺي ويندا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرمد آفيس وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهيو هو تہ عنيق کيس بار بار چوڻ لڳو"بابا... بابا، مان سحري آپيءَ وٽ ٽيوشن پڙهندس.." سرمد کيس دلجاءِ ڏيندي چيو "ها بابا.... ٺيڪ آ، تون اڄ اسڪول نہ وڃ، پر سڀاڻي تہ ويندين نہ؟"

هن يڪدم ها ڪئي. پوءِ سرمد ڪونج کي چيو تہ "هيءُ اڄ اسڪول نہ ويندو."

ڪونج ائين نہ پئي چاهيو پر سرمد کيس سمجهائيندي چيو تہ"هي ننڍڙو ٻار آهي. مٿس ڪا ڳالهہ زبردستي نہ مڙهجي. نہ تہ اُن جو مٿس خراب اثر پوندو. کيس پيار سان سمجهائي سڀاڻي اسڪول وٺي هلنداسين." ڪونج نہ چاهيندي بہ چپ ٿي وئي.

اسڪول نہ وڃڻ ڪانپوءِ عنيق وري سرمد کي آفيس نہ پيو ڇڏي. نيٽ ماڻهس کيس مٿي، پنهنجي گهر جي عمارت جي پهرين ماڙ تي رهندڙ پنهنجي ڪرائيدار ثناءَ آنٽيءَ ڏانهن سندس ناني آمنہ سان گڏ موڪليو جن عيدالاضحيٰ لاءِ هڪڙو ٻڪر وٺي مٿي ٻَڌو هو. پوءِ عنيق اهو ٻڪر ڏسڻ لاءِ وڃڻ لڳو پر ويندي ويندي پيءُ کي چوندو ويو "بابا، تون هتي ويهہ..."

سرمد کِلي چيس،"ها، بابا، مان ويهان ٿو. تون فرخ ۾ نونا وارن جو ٻڪر ڏسي اچ....." پوءِ هُو اُهو ڏسڻ ويو تہ سرمد آفيس ويو.

بعد ۾ ڪونج فون ڪري سرمد کي ٻڌايو تہ "جڏهن عنيق واپس گهر آيو تہ توهان کي گهر ۾ موجود نہ ڏسي ڏاڍو رُنو هو."

ٻئي ڏينهن تي بہ عنيق اسڪول وڃڻ نہ چاهيو پر ان ڏينهن گهٽ ضد ڪيائين- تنهن هوندي بہ اهو ضرور چيائين تہ،"مان اسڪول ۾ ماني نہ کائيندس."

جنهن تي سرمد کيس چيو"ها، تون گهر اچي ماني کائجانءِ."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن اِها ڳالھہ انڪري ڪئي جو هيءُ ماني نہ کائيندو آهي ۽ رڳو کير پيئندو آهي، جڏهن تہ اسڪول ۾ سندس ٽيچر کيس زوريءَ ماني کارائي ٿي، تنهن ڪري هن اهڙي رعايت وٺڻ ٿي چاهي.

ان بعد ڪونج ۽ سرمد کيس اسڪول ڇڏڻ ويا. اندر ڪلاس روم تائين ماٺهسِ گڏجي ويس، تنهن هوندي بہ رُنائين پئي. ان کان اڳ ۾ ٿي چار ڏينهن هُو کنگهہ ۽ زڪام سبب اسڪول نہ ويو هو.

–

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ ڏينھن ڪانپوءِ وري عنيق ساڳيو ڊِٺُ ھنيو. اسڪول وڃڻ لاءِ تيار نہ پئي ٿيو ۽ ننڍ مان اُٿڻ سان ئي روئي چئي رهيو هو. ”بابا اڄ ڇُٽي (موڪل) آ؟“

سرمد کيس چيو ”نہ عنيق، اڄ ڇُٽي ناهي.“

پوءِ وري وڏيڪ روئندي چوڻ لڳو ”مما هتي پڙهائي.“

سندس اهڙي حالت ڏسي سرمد کيس چيو ”ٺيڪ آ، اڄ تون اسڪول نہ وڃ، پر سياڻي تہ ويندين نہ؟“

جلديءَ ۾ چيائين، ”ها، سياڻي ويندس“- ان بعد جلديءَ ۾ يونيفارم لاهي ڇڏيائين.

ڪجھ دير ڪانپوءِ سرمد جيئن ئي آفيس وڃڻ لاءِ گھران نڪرڻ لڳو تہ ھُو وري کيس آفيس وڃڻ لاءِ نہ پيو ڇڏي. چوي، ”مان بہ ڊيوٽي ڏسندس.“

عنيق ”ڊيوٽي ڏسڻ“ واري ڳالھ انڪري ڪئي جو پٺھس کيس چوندو آهي تہ، ”مان ڊيوٽيءَ تي ٿو وڃان.“ انڪري هيءَ ٻارُ ’آفيس‘ کي ’ڊيوٽي‘ سمجھڻ لڳو آهي.- ۽ اُن کي ”ڏسڻ“ چوندو آهي.

سرمد کيس چيو ”بابا، مون کي آفيس ۾ دير ٿي ويندي. ڪلھ تہ تون ڊيوٽي (آفيس) ڏسي آيو آهين.“

(ڪلھ 20 سيپٽمبر تي سرمد کيس سندس مامي مرتضيٰ سان گڏ پنھنجي آفيس وٺي ويو هو.)

پر ھُو ڏاڍو روئڻ لڳو. جڏھن سرمد کيس چيو تہ ”يلا شيءِ وٺندين؟“ تنهن تي جلدي ها ڪري، موٽر سائيڪل تي چڙهي وينو- پر اهو تہ سرمد کي نہ ڇڏڻ جو سندس هڪ طريقو هو. سرمد ٻي گھڻيءَ ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود وقار جي دڪان تي ڪيس وٺي ويو. پر هن اُتان شيءِ نه ورتي. نيٺ پڙهس ڪيس گهر وٺي آيو. جتي سندس ماءُ ۽ نانيءَ زوريءَ پاڻ وٽ ڪيس روڪيو. جنهن ڪانپوءِ سرمد آفيس ويو. پر رستي ۾ عنيق جي روئڻ تي سوچي ڪيس ڏُک پئي ٿيو.

-

عنيق کي صبح جو زوريءَ ڪڏهن ڪونج ننڊ مان اٿاريندي آهي تہ ڪڏهن سرمد اٿاريندو آهي، پر هيءُ تيستائين بيڊ تان هيٺ ناهي لهندو جيستائين اتي سُمهڙ ”بو“ يعني ڪير ناهي پيئندو ۽ ٽي وي تي ڪارٽون ناهي ڏسندو. هن کي اُٿارڻ ۽ اسڪول موڪلڻ لاءِ بہ سندس والدين کي ڪافي حيلا هلائڻا پوندا آهن. جيڪڏهن بيڊ تان هيٺ لٿو تہ ڊوڙي وڃي سائيڪل ڪڍندو ۽ اُن تي چڙهي، اها هلائڻ لڳندو. هوڏانهن بورچيخاني مان ماڻهس جي رڙ مٿان رڙ پئي پوندي تہ،”عنيق، پُٽ تيار ٿيءُ... ’نائين‘ ڪر_“

ان تي چوندو،”بيهہ تہ هي ٽَٽر (چڪر) ڏيان.“

ائين پيو گيسرائيندو. پوءِ جڏهن ڏسندو تہ هاڻي ماڻهس کي ڪاوڙ اچڻ لڳي آهي ۽ کيس ڪُٽ ڪڍندي تہ پوءِ آهستي آهستي تيار ٿيڻ لڳندو.

تيار ٿيڻ ڪانپوءِ بہ پندرهن ڪن منٽ وٺندو اسڪول هلڻ لاءِ. سرمد بہ کيس پيو چوندو،”بابا عنيق، جلدي ڪر.... اسڪول هل.... توکي اسڪول ۽ مون کي آفيس وڃڻ لاءِ دير پئي ٿئي.“

”بابا هلان ٿو“ ائين چئي در کان ٻاهر نڪرندو تہ سرمد رڙ ڪري چوندس،”عنيق...؟“

هُو گهٽيءَ ۾ ڊوڙندي چوندو ويندو”بونيءَ وارن وٽان ٿي اچان ٿو....“

پوءِ پڻهس اُتان وڃي کيس ڪڍندو. بوني سندس ماسي ٿئي، ۽ جنهن جو بہ گهرُ هِنن جي گهرَ جي پرسان آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِئين هيءُ روز اسڪول وڃڻ ڪان اڳ ۾ ڪندو آهي..... پوءِ جڏهن اسڪول وڃڻ لڳندو آهي تہ رستي ۾ پيءُ ڪان مختلف سوال پڇندو ۽ ڪيس پنهنجيون ڳالهيون ٻڌائيندو ويندو آهي.

هڪ ڏينهن رستي ۾ ميري پاٽيءَ جي ڪَڏي ۾ٽن چئن ٻارن کي ٽُڙڳندو ڏسي حيرت مان پيءُ کان پڇيائين، "بابا، هي ڇا ٿا ڪن؟"

"پٽ وهنجن ٿا، پر ڏس ڪيڏو نہ ميرو پاڻي آهي،" سرمد چيو.

"پوءِ هنن جا بابا امان ناهن؟" هن معصوميت مان پڇيو.

"هوندا، پر بس هي گهران ڀڄي آيا هوندا ۽ اسڪول ۾ بہ نہ پڙهندا هوندا، تڏهن تہ هتي وهنجن ٿا،" عنيق اهو ٻُڌي چپ ٿي ويو.

ٻئي ڀيري ساڳئي جاءِ تي ڳانوَن کي وهنجندو ڏسي چيائين، "اڄ ڪِرو_ crow (ڪانوَ) ٿا وهنجن."

"ها اڄ ڪِرو ٿا وهنجن،" پٽهس چيو. اِئين ڪندي سندس اسڪول اچي ويندو. پوءِ اسڪول وٽ پٽهس کيس موٽر سائيڪل تان لاهي، ڀڳوِرو ٿيلهو سندس ڪُلهن ۾ لٽڪائي، اندر ڪلاس روم ۾ موڪليندو ۽ جيستائين هُو ڪلاس روم ۾ اندر نہ ويندو تيستائين پٽهس اسڪول جي دروازي وٽ بيٺو هوندو.

عنيق کي منجهند جي ماني ڪلاس ٽيچر ڪارائيندي آهي، جيڪا هي گهران ڪٽي ويندو آهي. منجهند جو ساڍي ٻارهين وڳي سندس اسڪول جي موڪل ٿيندي آهي تہ ماٽهس ۽ سندس ناني اسڪول مان ڪيس رڪشا تي وٺي ايندا آهن، ان ڪان پوءِ هُو وهنجي سِهنجي، ڪير پي سُمهي پوندو آهي.

سرمد بہ جڏهن اسڪول ۾ پڙهندو هو تہ، اسڪول مان گهر موٽي اچي لسي ماني ڪائيندو ۽ پاڻي بہ گهڙا مَنجيءَ تي رکيل مَٽ يا دلي مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پري پيئندو هو. جيڪو سندس امڙ پنهنجي گهر جي کُهيءَ تان يا بعد ۾ گهر ۾ لڳايل نلڪي کي گيڙي پري ايندي هئي.

سرءُ جي مُند ۾ هيءُ جيئن ئي اسڪول مان واپس گهر ايندو هو ته سندس امڙ ڪيس داڳَ وارو پَٽُ ڏيندي هئي، جنهن جي وچ ۾ مکڻ پيل هوندو هو ۽ جيڪو گرم پَٽ ۾ رِجي، اُن ۾ ڦهلجي، سموري پَٽ کي تمام گهڻو لذيذ بڻائي ڇڏيندو هو. سرمد اهو لَسيءَ سان کائيندو هو. پر اڄ عنيق جو روز جو معمول، کاڌ خوراڪ ۽ ماحول سندس پيءُ واري دؤر کان مڪمل طور مختلف آهي.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



آچر ڏينهن، 4 آڪٽوبر 2015ع تي عنيق جي ننڍڙي ڀاءُ عريب جي پهرين سالگرهہ هئي. ان موقعي تي سرمد پنهنجي ئي گهر ۾ عريب جي طوهر جو بہ بندوبست ڪيو هو. اهو ڏينهن عنيق لاءِ وڏو تجسس ڀريو هو. چاڪاڻ جو هُو پنهنجي زندگيءَ ۾ پهرين ڀيرو سا بہ پنهنجي ئي گهر ۾ طوهر جي هڪ وڏي تقريب ٿيندي ڏسي رهيو هو. عريب جي هٿن ۽ پيرن تي ميندي هنئي وئي هئي. سندس ماسيون ۽ ماساتيون سهرا ڳائي رهيون هيون.

سرمد جو وڏو چاچو يعقوب (ڪونج جو پڦڙ) پنهنجي هڪ فلاحي تنظيم سان لاڳاپيل هڪ ڊاڪٽر کي وٺي آيو، جنهن عريب جو ڇَلي وارو طوهر ڪيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عريب جو طوهر گهر جي ڊرائنگ روم ۾ ٿيو جتي سرمد عريب جي روئڻ سبب نہ بيهي سگهيو ۽ اچي ٽي وي لائونج ۾ ويٺو. اُتي عنيق، ڪونج، عنيق جي ناني آمنہ، عنيق جون ماسيون ۽ ٻيون عورتون ۽ ڇوڪريون بہ ويٺيون هيون. عريب کي سندس مامو ممتاز جهلي بيٺو هو. عريب جي طوهر جو ٻڌي عنيق روئي پيو، جڏهن تہ ڪونج بہ ڏاڍي پريشان هئي.

طوهر ٿيڻ کانپوءِ ممتاز، عريب کي گهرَ جي ٽي وي لائونج ۾ کڻي آيو جتي سرمد وارا ويٺا هئا. سُورَ ٿيڻ سبب عريب روئي رهيو هو. ڪيس کٽ تي وڇايل نئين رلهي تي سمهاري، سُورُ ختم ڪرڻ واري دوا پياري وئي. اها رلهي سندس ڏاڏيءَ ٻوٽان سبرائي موڪلي هئي. هُن تہ عريب لاءِ ننڍڙيون وِهاٽيون بہ موڪليون هيون.

اِن موقعي تي ممتاز جي پٽ ايان جو بہ طوهر ٿيو. طوهر ڪندڙ کي سرمد هڪ هزار رپيا روڪ ۽ مٺائي جو پئڪيٽ ڏنو. هِن يعقوب صاحب، جيڪو ابراهيم حيدريءَ جي هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماستر آهي، ان جو بہ دل جي گهرائيءَ سان ٿورو مڃيو. گهر ۾ موجود مهمانن کي بہ مٺائي کارائي وئي.

.......

شام جو ڪونج ۽ سرمد پنهنجي ئي گهر ۾ عريب جي پهرين سالگرهہ ملهائڻ جو بندوبست ڪيو هو. گهر کي عريب ۽ عنيق جي ماسي مهوش، ماساتين: سحرش، حفظہ، سعديہ ۽ زينب خوب سينگاريو هو. هُو ايل سي ڊي ٽي وي تي، يو ايس بي تان سنڌي سهرا ۽ ڪلام بہ وڄائي رهيا هئا.

سالگرهہ تقريب ۾ عريب جي ناني، مامن، ماسين، پاڙي جي عورتن ۽ ٻارن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري ان کي خوبصورت بڻائي ڇڏيو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن سڀ مهمان اچي ويا تہ سرمد، ڪونج، عنيق، عريب ۽ عريب جي نانيءَ، عريب جي سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽيو. عنيق پنهنجي ياءُ جي سالگرهہ جي موقعي تي تمام گهڻي جهمر هنئي. هُو تہ جُهمر هٽڻ ڪان بس ئي نہ پيو ڪري، پر پڻهس وچي زوريءَ ڪڍي، ڪيس بس ڪرائي.

هِن قسم جون ننڍڙيون ننڍڙيون خوشيون سرمد وارن جي زندگيءَ ۾ وڏي رونق آڻي رهيون آهن.

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڊسمبر مهيني ۾ جڏهن عنيق جو ششماهي امتحان شروع ٿيو تہ هيءُ اُهو وڏي خوشيءَ سان ڏيڻ لڳو. امتحان ۾ سندس ٽيچر ڪانئس رڱو رنگ ڀرائيندي ۽ نظم (poems) ٻُڌندي هئي. هِن ڪان لکرائيندي ڪجهہ بہ نہ هئي، ڇاڪاڻ جو پلي گروپ وارن ٻارن لاءِ وٽن في الحال اِن قسم جو نصاب هو.

اسڪول جي انتظاميا 25 ڊسمبر 2015ع تي عنيق جن جي امتحان جو نتيجو پڌرو ڪيو. عنيق، عريب، سرمد ۽ ڪونج اسڪول مان اهو وٺڻ

ويا. عنيق اڄ يونيفارم بدران ٻيا سنا ۽ نوان ڪپڙا پاتا هئا، جن مٿان چمڙيءَ جي جئڪيٽ پاتل هئس، جيڪا بہ ڪيس ڏاڍي ٺهي رهي هئي.

اسڪول ۾ جشن جهڙو ماحول هجي. اهو جيئن تہ پاڪستان جي باني قائد اعظم محمد علي جناح جو جنم ڏينهن ۽ ڪرسمس جو بہ ڏينهن هو، تنهن ڪري اسڪول جي عمارت کي تمام گهڻو سينگاريو ويو هو. اسڪول جي عمارت جي ٻي ماڙ (floor) تي بيٺل ٻارَ هيٺ ٺهيل ڪشادي ورانڊي ۾گل ۽ برف وانگر ٺهيل شيون ڪيرائي رهيا هئا. اِهو نظارو ڏسي ائين ٿي لڳو، ڄڻ برفباري ٿيندي هجي.

نتيجو پڌرو ٿيڻ کان اڳ ۾ عنيق جي ٽيچر کيس چيو هو تہ، "هُو پنهنجي والدين کي چوي تہ اُهي کيس ڊراءِ فروٽ – dry fruit (سُڪو ميوو) وٺي ڏين، جيڪو هُو اسڪول ۾ ڪٺي اچي."

سو ڪونج ۽ عنيق هڪ ڏينهن اڳ ۾ کيس سُڪو ميوو ڏيئي ويا هئا، جيڪو بہ نتيجو پڌرو ٿيڻ واري ڏينهن، عنيق جي ڪلاس جي شاگردن، پنهنجي ڪلاس روم جي سامهون لڳايل اسٽال تي، ٻين شين سان گڏ رکيو هو.

ٻين ڪلاسز جي شاگردن پڻ پنهنجي پنهنجي ڪلاس روم جي پرسان اسٽال لڳايا هئا. هڪ ڪلاس جي شاگردن سنڌي ثقافتي شين جو بہ اسٽال لڳايو هو. سرمد عنيق کي اُن جي پرسان ٻيهاري سندس تصويرون ڪڍيون هيون. ان طرح اسڪول ۾ اصل ميلي جهڙو ماحول هجي. ان موقعي تي شاگرد ۽ سندن والدين بہ وڏي تعداد ۾ موجود هئا.

سرمد وارن عنيق جي ڪلاس روم ۾ وڃي سندس ٽيچر ماهہ رخ کان هِن جي امتحان جو نتيجو ورتو، جنهن ۾ عنيق تمام سٺيون مارڪون کنيون هيون. اهو نتيجو ڏسي سرمد ۽ ڪونج تمام گهڻا خوش ٿيا، ڇو جو اهو سندن پٽ جي زندگيءَ جي پهرين امتحان جو نتيجو هو ۽ جنهن ۾ هُو ڪامياب ٿيو هو. عنيق جي سٺيون مارڪون کڻڻ تي سندس ٽيچر بہ تمام گهڻي خوش هئي. عنيق بہ اڄ ڏاڍو خوش هو.

ان بعد هي واپس گهر آيا تہ عنيق جي ناني ۽ ماسيون سندس امتحان جو نتيجو ٻڌي ڏاڍيون خوش ٿيون ۽ زندگيءَ ۾ کيس وڏيڪ ڪاميابيون ماڻڻ لاءِ دعائون ڏيڻ لڳيون.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنيق جون معصوم ڳالهيون ڪُٺڻ جون ئي ناهن هونديون. سندن گهر جي هڪ ڪمري ۾ سرمد ۽ ڪونج جي شاديءَ جي ڏينهنَ واري، هڪ وڏي فريم ٿيل تصوير لڳل آهي. هڪ ڏينهن سرمد صبح جو اُن ڪمري ۾ ويٺي آفيس وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهيو هو، تہ عنيق پڻ اسڪول وڃڻ لاءِ تيار ٿي اُن ڪمري ۾ آيو. اُتي ٻيون ڳالهيون ڪرڻ کانپوءِ عنيق پنهنجي بابا ۽ امان جي شاديءَ واري تصوير ڏسي، پيءُ کان پڇيو "بابا، هن فوٽو ۾ مان ڪٿي هان؟"

"تون ٻڌاءِ تہ تون ڪٿي آهين؟" پڇهس کِلندي، يوڳ ڪندي کانئس پڇيو.

"تَهان مون کي نہ وٺي ويا هئا." عنيق معصوميت مان وراڻيو، جنهن تي پڇهس وڏو ٽهڪ ڏنو۔ ۽ چيائينسِ،"ها يار، اسان تہ توکي پنهنجي شاديءَ ۾نہ وٺي ويا هئاسين."

"ڇو؟" هُن پنهنجي نرالي انداز ۾، وڙهڻ واري انداز ۾ مُڪ ٺاهي پڇيو.

"تون ۽ عريب سُتا پيا هئا نہ. انڪري توهان کي نہ وٺي ويا هئاسين." سرمد وري بہ يوڳ ڪندي کيس چيو.

"هُون... ڇونہ وٺي ويا؟"..... ائين چئي عنيق پيءُ کي پٺيءَ تي مُڪ هڻي ڪڍي، جنهن تي سرمد کِلي کٽي ڀاڪر ۾ ڪنيسِ.

وڏي آواز ۾"هُون" ڪرڻ عنيق جي عادت آهي، جنهن مان سندس ڪاوڙ ظاهر ٿيندي آهي.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سرمد ڪوشش ڪندو آهي تہ هُو هر سنئي موسم ۾ پنهنجي ٻارڙن کي پنهنجي اباڻي ڳوٺ جو چڪر ڏياري. هِن ڀيري هي جنوري مهيني ۾ ڳوٺ ويا هئا. اُن وقت عنيق ساڍن ٽن سالن جي عمر جو ٿي چڪو هو ۽ عريب بہ ڏيڍ سال جو هو. جڏهن هُو ڄامشورو ٽول پلازه ٽپي انڊس هاءِ وي طرف وڏيا ۽ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي دروازي وٽ پهتا هئا تہ سرمد عنيق کي ٻڌايو هو تہ،”عنيق، هيءَ اٿئي منهنجي يونيورسٽي، جتي مان پڙهيو هئس.“

”۽ جڏهن تنهنجي امان توکي آنو ۽ ماني پچائي ڏيندي هئي،“ عنيق جي اها ڳالهہ ٻڌي سرمد کان ٽهڪ نڪري ويو. ڇو تہ هڪ ڏينهن جڏهن عنيق، صبح جو اسڪول وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهيو هو ۽ ماني نہ پئي کاڌائين تہ سرمد کيس ٻڌايو هو تہ،”عنيق، جڏهن مان ننڍڙو هوندو


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئس ۽ اسڪول ويندو هئس، تڏهن صبح جو منهنجي امان مون کي آنو ۽ ماني پچائي ڏيندي هئي، جيڪو کائي پوءِ اسڪول ويندو هئس.“ سرمد اها ڳالهه ڪيس ان مقصد سان ٻڌائي هئي ته جيئن هِن ۾ به ماني کائڻ جو شوق پيدا ٿئي، ڇاڪاڻ جو اُنهن ڏينهن ۾ هيءُ ماني بلڪل به نه کائيندو هو ۽ رڳو کير پيئندو هو.

ائين سرمد پنهنجي زندگيءَ جا واقعا ۽ تجربا عنيق کي ٻڌائيندو رهندو آهي، ته جيئن اهي ٻڌي سندس تربيت ٿئي.

ڳوٺ پهچڻ کانپوءِ ٻئي ڏينهن جي شام جو سرمد عنيق وارن کي پنهنجي بابا جي زمينن مان حصي ۾ مليل پنهنجين زرعي زمينن تي وٺي ويو جتي عنيق پنهنجي هڪجيڏن سان گڏجي سرسبز زمينن ۾، هلڪي قُتل سَرنهن ڦولار ۾ ٻوڙون تي پاتيون، لوسڻ جي ٻارَن ۾ ويهي ٿي رهيو ۽ ننڍي واهيءَ جي ڪڙَ تان بيهي سُڪل ۽ ڪاتي ڪنيل واهيءَ ۾ ٽَپا ٿي ڏنا، جنهن تي پٽهس ڪيس روڪيو به سهي، پر هيءُ پوءِ به نٽي مُڙيو. قدرتي نظارن تي جڻ هيءُ مست ٿي پيو هو. پٽهس کي به قدرتي نظارا ڏاڍا وڻندا آهن. ننڍڙو عريب به هِن سان گڏ گڏ ڪُڏ ۽ ٻُلَ ڏيئي رهيو هو. هِنن ته اُتي پنهنجي چاچي لالڻ جي زمين جي ٻاَرين ۾ قُتل پيندبيون به پَٽي ڪاڏيون هيون.

عنيق جي اهڙي عمل مان سرمد کي محسوس ٿي رهيو هو ته اهي سڀ نظارا آهستي آهستي عنيق ۽ عريب جي وجود جو حصو بڻجي رهيا آهن - ۽ هُو ڪراچي شهر جي شور کان پري، هتي پُرسڪون ۽ پري تائين نظر ايندڙ ساوڪ ۾ جيڪو سڪون ٿا محسوس ڪن، اهو هُو شايد ئي شهر ۾ محسوس ڪري سگهن ها.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اُتي عنيق جي ڏاڏي ياڳان، امڙ ڪونج، پڦي حضوران، سئوٿ ڪائنات ۽ ڪومل، چاچو پريل ۽ ڳوٺ جا ٻيا ٻار ۽ ٻارڙيون ٻہ هنن سان گڏ هئا. انهن سڀني ۾ عنيق ڄڻ تہ هڪ نرالو ٻار هو، جيڪو شهر مان ”شهري بَابُو“ بڻجي آيو هو. پوءِ جڏهن سج لهڻ لڳو، تڏهن هي سڀ واپس پنهنجي ڳوٺ واري گهر ڏانهن موٽيا.

هي گهر جي وڏي ٿَلهي تي پيل کٽن تي اچي ويٺا. جتي سرمد کي پنهنجو ننڍپڻ ياد اچي ويو، جڏهن هيءُ ان ئي ٿَلهي تي پيل کٽ تي رات جو سمهندو هو. رات جو دير تائين ويهي پڙهندو هو. ڏينهن جو نِم جي ڇانوَ ۾ ويهي پنهنجي امان، ڏاڏي، پُڦين ۽ ڳوٺ جي ٻين ماين جي ڪچهري ٻڌندو هو ۽ شادين جي موقعن تي، ٿالهہ جي لئہ تي، نوجوان ڇوڪرين جا ڳايل سهرا ٻڌندو هو. هِن ئي ٿَلهي تي هڪ پيري هِن هڪڙو ڇاهو ڏنو هو، جيڪو سندس وڏو ياءُ لالڻ پڪڙي آيو هو. اُن جا ڪنڌَن جهڙا وارَ ڏسي هي ڏڇي ويو هو. سرمد تہ ننڍي هوندي ڪبوترن سان گڏ سَيهڙَ بہ پاليا هئا، جيڪي پرسان ٿاهيل هڪ ڪُڏ ۾ هي ويهاريندو هو.

اِن گهر ۾ بہ عنيق کي آرام نہ هو. هُو گهر جي اڳيان ٻڌل مِينهُنِ ۽ ٻڪرين ڏانهن بار بار ويو ٿي. ماڻهس مِينهنِ جي پرسان ويڄڻ کان ڪيس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روڪيو پئي ته، متان مِينهنِ ڪيس لت نه هٽي ڪڍي يا پچ نه هٽيس، پر جڏهن هيءُ چيلڙيءَ ڏانهن ٿي ويو ته ڪنهن ڪجهه به نه ٿي چيس.

هنن اهو سڄو ڏينهن ڳوٺ ۾ گذاريو، جتي عنيق ۽ عريب ڪي سندن سئوٽن، سئوٽين ۽ پڦين شيون ڪارايون. ڪين مکڻ، مڇي، ماني ۽ ٻيا سنا کاڌا کارايا. ڳوٺ وارن ڪي کاڌ خوراڪ جون اهي شيون پنهنجي زمينن ۽ ڌاريل مال مان حاصل ٿينديون آهي، جن ۾ ڪا به ملاوٽ ٿيل ناهي هوندي، ۽ جيڪي ڏاڍيون صحت بخش هونديون آهن. انهن جي ابتڙ شهرن ۾ اڪثر شيون ملاوٽ واريون هونديون آهن، جنهن ڪري ماڻهو اڪثر بيمار رهندا آهن. تڏهن ئي ته سرمد پنهنجي کائڻ لاءِ اَنُ ۽ مصالحا ڳوٺان گهرائيندو آهي. هِنن کي ڪاڏي پيتي جون شيون ڳوٺان گهرائڻ ۾ انڪري به ڪا ڏکيائي ناهي ٿيندي جو هاڻي هِنن جي ڳوٺ مان به هڪ بس ڪراچيءَ ايندي آهي، ۽ جيڪا بيهندي ئي سرمد وارن جي پاڙي ۾ آهي، تنهن ڪري سرمد جو ڀاءُ برڪت رات جو اُن بس ۾ سامان رکندو آهي، جيڪو صبح جو سرمد وچي بس وارن کان وٺي ايندو آهي.

ڳوٺ ۾ عنيق جي ڏاڏيءَ چاهيو پئي ته هوءَ سرمد وارن کي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڪبيرڙي به وٺي وڃي، جيڪو به ويجهو ئي هو ۽ جتي عنيق جي بابا جون ماميون، ماروٽ، پڦاٽ ۽ ماسات رهندا آهن، ۽ جتي سرمد جي به ننڍپڻ جا يادگار ڏينهن گذريا هئا. سرمد پڻ عنيق کي پنهنجو اهو ناناڻو ڳوٺ ڏيکارڻ پئي چاهيو، پر هي اهو چئي اوڏانهن نه ويا جو ڪين صبح جو واپس ڪراچيءَ موٽڻو هو. هنن طئي ڪيو ته هُو ٻئي ڀيري ڪبيرڙي ضرور هلندا. ڪبيرڙو بادهه شهر واري روڊ تي آباد آهي، جتان بادهه ٿوري پنڌ تي واقع آهي.

تنهن هوندي به سرمد ڏوڪريءَ ايندي، رستي ۾ ايندڙ ڳوٺ ڳجهڙ وٽِ پهچي، ڏوڪريءَ واري رستي ڏانهن مُڙڻ کان پهرين، پري کان ڏکڻ طرف هٿ جو اشارو ڪندي، عنيق کي ايترو ضرور ٻڌايو هو ته،”عنيق، هِن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رستي سان، ٽورو اڳتي منهنجي امان جي بابا جو ڳوٺ اٿئي.“ – ۽ ان دوران عنيق ڪوشش ڪرڻ لڳو هو ته، ڪيس اُهو نظر اچي وڃي، پر تيستائين سندن گاڏي اڳتي نڪري ويئي هئي.

ڏوڪري شهر واري گهر ۾ پهچندي ئي وري عنيق جون ڪچهريون ۽ رانديون پنهنجي سئوٽن، ڪاشي ۽ مير مرتضيٰ سان شروع ٿي ويون. ڪاشي ته سيني ڪان وڏيڪ ٽڪ آهي. سو اهو ۽ عنيق ته پاڻ ۾ جُهٽ هئا، پر سرمد ڪين سختيءَ سان چيو هو ته،”هو ٻاهر بازار ۾ اڪيلا نه وڃن، ڇو ته حالتون صحيح ناهن.“

ڪاشي هِن وقت ٻارهين جماعت ۾ پڙهندو آهي.

بعد ۾ جڏهن عنيق پيءُ سان ٻاهر بازار ڏانهن هلڻ جو ضد ڪيو هو ته هيءُ ڪيس پنهنجي ادا ٻيڊل جي اوطاق ۽ مال جي واڙي تي وٺي ويو جتي سرمد جو چاچو واڌل ۽ ننڍا ڀائر، برڪت ۽ صدر به ويٺا هئا.

اُنهن ڏينهن ۾ جيئندو راڄپر جو گلاب راڄپر به آيل هو. جيڪو به اوطاق ۾ ٽِڪيل هو. گلاب عنيق سان ڪافي ڀوڳ ڪيا. ”اڙي عنو ڪهڙا حال اٿئي؟“ جڏهن گلاب ائين ڪيس چيو هو ته، عنيق اچي پيءُ جي جهوليءَ ۾ ويٺو هو جنهن تي گلاب ٺهڪ ڏيئي سرمد کي چيو هو ته،”هاڻي خبر ٿي پوَئي نه ته ٻچا ڪيترا نه مِٺا ٿيندا آهن؟ اڳ ۾ توکي خبر نه هئي ته تنهنجا پيءُ ماءُ توسان ڪيترو پيار ڪندا آهن، ۽ تون پيءُ ماءُ کان پري، ڪراچيءَ ۾ وڃي رهي پئين.“ اها ڳالهه ٻڌي سرمد خاموش ٿي ويو هو.

اوطاق تي وري عنيق ڪُڪڙ ۽ ڪُڪڙيون ڏٺيون ته انهن جي پوبان ڊوڙڻ لڳو پر پٺهس چيس ته، ”بابا رات ٿي وئي آهي، هاڻي انهن کي ڇڏ ته اهي ويچاريون آرام ڪن.“

اِتي ڪجهہ دير تائين ويهڻ ۽ چانهہ پيئڻ کانپوءِ هي واپس گهر آيا ۽ عنيق ڪير پي سمهي پيو. جڏهن تہ عنيق جي ڏاڏيءَ، سرمد، ڪونج، ٻڍل ۽ ٻين رات جو دير تائين ڪچهري ڪئي.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سرمد، ڪونج ۽ سندن ٻارَ جڏهن بہ پنهنجي ڳوٺ مان واپس ڪراچيءَ ايندا آهن تہ هُو ڪوشش ڪري ڀٽ شاهہ تي ضرور ويندا آهن، جتي سنڌي ٻوليءَ جي وڏي ۾ وڏي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي مزار تي دعا گهري پوءِ ڪراچيءَ ايندا آهن. اڳ ۾ جڏهن سنڌو درياهہ تي آمري – قاضي احمد واري پُل نہ ٺهي هئي، تڏهن هُو دادو- مورو پُل ٽَپي، موري شهر اچي، پوءِ ڀٽ شاهہ تي ويندا هئا. ڀٽ شاهہ ڏوڪريءَ کان لڳ ڀڳ اڍائي سئو ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن پيري هي سنڌو درياهہ تي نئين نهيل آمري – قاضي احمد پُل ٿَپي پٽ شاهہ تي پهتا. ڊرائيور کي ڳراڙ ڏنڊ جي پرسان دنبوري چوڪ وٽ گاڏي بيهارڻ جو چئي، هو درگاهہ تي ويا. درگاهہ جي دروازي وٽ ويٺل بوٽ رکندڙ همراهہ وٽ هنن پنهنجا جوتا ۽ چپليون رکيون. پوءِ اگهاڙين پيرين اندر درگاهہ ڏانهن ويا. درگاهہ جي دروازي وٽ ويٺل گلُ فروش کان گلن جا ڪجهہ هارَ وٺي اندر روضي ڏانهن وڌيا تہ سامهون پٽائي سائينءَ جا راڳائي فقير راڳ ڳائي رهيا هئا.

هي اندر روضي تي وڃي گل چاڙهي، دعا گهري، ٻاهر نڪري، وراندي ۾ پٽائي سائينءَ جي راڳاين جو راڳ ٻڌڻ لاءِ، اُنهن جي پرسان فرش تي اچي ويٺا.... ننيڙي عنيق ۽ عريب کي راڳ تہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو پر هنن کي راڳائي فقيرن کي پاتل ڪارا ڪپڙا ۽ سندن هٿن ۾ پڪڙيل دنبورا پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيا هئا.

عنيق ۽ عريب هڪ ٻہ منٽ اُتي ويٺا، پوءِ هُو اڱڻ ۾ اول آهستي هلڻ ۽ پوءِ ٿورو تيز ڊوڙڻ لڳا. ڪين هِتي مزو پئي آيو. سرمد ڪين ڊوڙندو ڏسي، اُتي سندن پويان ويو. تيستائين هُو پٽائي سائينءَ واري مسجد ڏانهن نڪري ويا. سرمد ٻہ ٽڪڙيون ٽڪڙيون ٻرانگهون پري، وٽن پهچي، ڪين ٻانهن کان جهلي، واپس راڳائي فقيرن جي ڳائڻ واري جاءِ ڏانهن وٺي آيو پئي تہ، ڪونج ٻہ اُتان اُتي هنن ڏانهن آئي. پوءِ هي پٽائيءَ جي مسجد جي پرسان ڊِڪيءَ تي ويهي رهيا. عنيق ۽ عريب اَڱڻ ۾ وري ڊوڙون پائڻ لڳا.

سرمد تہ اِهو ئي چاهيو پئي تہ سندن هي ٻارڙا پٽائي سائينءَ جي درگاهہ تي ڪجهہ وقت موجود رهن، پٽائي سائينءَ جي نالي ۽ درگاهہ جي نقش نگارن کي پنهنجي ڪچڙن ذهنن تي نقش ڪري وٺن ۽ هتان جي فرش ۽ رستن سان سندن پيرَ – ترين جي شناسائي ٿئي.

ٿوري دير تائين اتي ويهڻ کانپوءِ هو درگاهہ مان ٻاهر نڪري، دروازي وٽان پنهنجا جوتا کڻي، پيرن ۾ پائي، پرسان واري بازار ڏانهن ويا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو ڪبي هٿ تي، شروع ۾ ئي موجود ثقافتي شين واري هڪ دڪان ۾ عنيق ۽ عريب جي ناني، ماسي ۽ ماروئن لاءِ سوکڙيون وٺڻ لاءِ گهڙيا. هُو جيئن ئي دڪان ۾ داخل ٿيا ته دڪاندار سرمد سان گرمجوشيءَ مان هٿ ملايو. هُو سرمد کي سڃاڻي پيو، ڇاڪاڻ جو سرمد جو پيءُ شاهه تي گهڻي اچڻ ۽ هِن دڪان تان هر ڀيري خريداري ڪرڻ ڪري دڪاندار سندس واقف ٿي ويو هو.

دڪان تي مختلف قسمن جا رانديڪا ڏسي عنيق هر رانديڪي ڏانهن هٿ ڪٽي ڇوڙ لڳو ته، ”بابا، هي وٺي ڏي..“ پوءِ پڙهس ڪيس دنبورو وڄائيندڙ هڪ همراهه وارو رانديڪو، سائيڪل هلائيندڙ ۽ هڪ گُڏي وٺي ڏني. سرمد عريب لاءِ ٻه ڪجهه رانديڪا ورتا. اهڙي طرح ڪونج سوسيءَ جا ٿي وڳا ورتا، جن مان هِن هڪ پنهنجي لاءِ، ٻيو پنهنجي ماءُ آمنه ۽ ٽيون پنهنجي ڀيڻ مهوش لاءِ ورتو.

ان بعد هي دنبوري چوڪ تان اچي پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهي حيدرآباد لاءِ روانا ٿيا، جتي شهر جي قاسم آباد واري علائقي ۾ عنيق جي سئوٽِ سورٺ رهندي آهي. هنن کي اُن سان ٻه ملڻو هو.

–


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سرمد وارا پٽ شاهه تان نڪتا ته ڪلاڪ سوا جي اندر حيدرآباد اچي پهتا. ڇاڪاڻ جو پٽ شاهه ڪان حيدرآباد تائين 55 ڪلوميٽرن جو مفاصلو آهي.

حيدرآباد باءِ پاس وٽ پهچي، اُتان واڌو واهه وارو رستو ڏيئي ”پڪوڙا چوڪ“ ڪان ٿورو اڳتي هلي، سرمد پنهنجي پڦات ۽ ماروٽ عابد علي جي گهر جي هيٺان وجي گاڏي روڪرائي. عابد علي اتي هڪ ڪشادي فليٽ ۾ پنهنجي ٻارن سان گڏ رهندو آهي. هن به ڏاڍا ڏک ڏٺا آهن. پر پوءِ به سندس چهري تي هر وقت مسڪراهٽ هوندي آهي. هاڻي ته سندس پٽ آفتاب به جوان ٿي پيو آهي، جنهن کي به هِن وڏيون تڪليفون برداشت ڪري مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرڪيٽيڪچر ۾ گريجوئيشن ڪرائي. هينئر هُو حيدرآباد شهر جي چند نوجوان ۽ بهترين آرڪيٽيڪٽس مان هڪ ليکجي ٿو.

سرمد جيئن ته پٽ شاهه تان نڪرندي ئي عابد عليءَ کي فون ڪري پنهنجي اچڻ بابت ڪيس ٻڌايو هو، تنهن ڪري هو ۽ آفتاب جو ننڍڙو پٽ فهد فليٽ ڪان هيٺ، روڊ تي هنن جي انتظار ۾ بيٺا هئا. هي جيئن ئي گاڏيءَ مان هيٺ لٿا ته هُو اچي ساڻن وڏي پاٻوهه مان مليا.
عابد علي کين ڀهرين ماڙ تي واقع پنهنجي فليٽ تي وٺي ويو، جتي سرمد جي ڀائٽي سورٺِ به سرمد سان اچي ملي، ته سرمد جي ماسات مارئي به ساڻس ملي. عنيق وارن جي آئي سندن چهرن تي خوشي پکڙجي وئي هئي.

سورٺ جي، آفتاب سان شادي ٿيل آهي. کين چار ٻارڙا آهن، جن مان سيني ڪان وڏو فهد آهي، جيڪو حيدرآباد جي هڪ خانگي اسڪول ۾ ڀهرين درجي ۾پڙهندو آهي. هيءُ عنيق ڪان به سال وڏو آهي. فهد، سندس ننڍي ڀيڻ حانيه، عنيق ۽ عريب ته پاڻ ۾ ملندي ئي راند ڪرڻ ۾ شروع ٿي ويا. ڪونج، عريب، سورٺ ۽ مارئي، هڪ ٻئي ڪمري ۾ وڃي ويٺيون، جڏهن ته سرمد ۽ عابد علي ڊرائنگ روم ۾ ويٺا، جتي هنن ڳوٺ، مائٽن ۽ ٻين موضوعن تي حال احوال ڪيا. عنيق وارن کي ڳوٺ گهُمائڻ تي عابد علي ڏاڍو خوش هو. هُو پاڻ به ڳوٺ ۾، مائٽن جي ٿيندڙ شادين، طوهرن توڙي غمين ۾ هر حال ۾ ويندو آهي. سورٺ جلديءَ ۾ پنهنجي چاچي سرمد ۽ عابد علي لاءِ چانهه ۽ بسڪوٽ کڻي آئي.
ڪلاڪ کن اُتي ترسڻ ڪانپوءِ سرمد جن عابد عليءَ وارن کان موڪلايو. عابد علي جيتوڻيڪ کين وڃڻ جي اجازت نه پئي ڏني، پر سرمد کيس چيو ته،"اسان کي جلدي آهي. بس عنيق کي راڻي باغ ڏيکاري، پوءِ ڪراچيءَ ويندا سين. ٻئي ڀيري اچي توهان وٽ هڪ رات


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترسنداسين.“ تنهن تي عابد علي کين چيو تہ ”اسان بہ توهان سان گڏ راڻي باغ هلئون ٿا.“

پوءِ هي سيئي راڻي باغ ويا، جتي ماڻهن جي وڏي پيهہ هجي. عنيق، عريب ۽ فهد وڏيون مستيون ڪيون. مختلف جانور ۽ پکي ڏسي هنن کي ڏاڍو مزو آيو پر هِنن کي پولڙي سان مستيون ڪندي سڀ کان وڌيڪ مزو آيو. هنن هڪ پولڙي جي پرسان وڃي ان کي ڪڏهن صوف تي اڇلائي ڏنو تہ ڪڏهن بسڪوٽ، تہ ڪڏهن ڪيلو تي ڏنو ۽ جڏهن پولڙو اِهي شيون ڪائڻ تي لڳو تہ هي اُن جي ڪائڻ جو انداز ۽ مچڪائيندڙ اکيون ڏسي ڏاڍا خوش ٿي ٿيا.

ائين ڪلاڪ کن تائين راڻي باغ گهمڻ کان پوءِ هي عابد عليءَ وارن کان موڪلائي ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿيا. ڪراچي، حيدرآباد کان 162 ڪلوميٽر پري آهي.

جڏهن سرمد وارا حيدرآباد باءِ پاس وٽان سنڌو درياهہ تي ٺهيل پل تان گذرڻ لڳا تہ سرمد عنيق کي سنڌو درياهہ ڏيکاريو. ان سان گڏ هن کيس حيدرآباد بابت پڻ ٻڌايو تہ اهو پراڻو شهر آهي، جنهن ۾ هڪ ڪچو قلعو ۽ ٻيو پڪو قلعو موجود آهن. جنهن تي عنيق پڇيس،”بابا، قلعو ڇا ٿيندو آهي؟“

”بابا قلعو اُهو هوندو آهي، جنهن ۾ اڳي بادشاهہ رهندا هئا، يا اُنهن جا فوجي لشڪر رهندا هئا ـ ۽ اُن جي چوڌاري هڪ وڏو ڪوٽ ڏنل هوندو آهي،“ سرمد چيو.

”بابا هاڻي بہ انهن ۾ بادشاهہ رهندا آهن؟“ عنيق پڇيو.

”نہ بابا، هاڻي انهن ۾ بادشاهہ ناهن رهندا، پر انهن ۾ ٻيا عام ماڻهو رهندا آهن،“ سرمد جواب ڏنو.

”بابا اهو ڏيکار نہ؟“ عنيق خواهش ظاهر ڪئي.

”بابا، ٻئي ڀيري فهد وارن وٽ جڏهن ايندا سين نہ، تہ پوءِ مان توکي اهو ڏيکاريندس،“ سرمد کيس سمجهائيندي چيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ بابا، هِنر ڏيکار“ هُن جي ضد وارو جنُ جاڳڻ لڳو.

”عنيق، اسان حيدرآباد شهر کان گهڻو پري نڪري آيا آهيون. هاڻي واپس نٽا هلي سگهئون. هُو ڏِسُ... سج بہ لهي رهيو آهي، ۽ اوندهہ ٿي رهي آهي. رات جي اوندهہ ۾ ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو توکي،“ سرمد لهندڙسج ڏانهن اشارو ڪري، کيس سمجهائيندي چيو.

سرمد جي اِن ڳالهہ تي عنيق ٿوري دير چپ ڪري پوءِ پيءُ کي چيو”بابا، ٻي ڀيري تون اهو ڏيکاريندين نہ.“

”ها بابا ضرور،“اِن تي عنيق خوش ٿي ويو.

هي رات جو نائين وڳي ڌاران ڪراچيءَ پنهنجي گهر پهتا. عنيق کي رستي ۾ ئي ننڊ اچي وئي هئي.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرمد صبح جو سوير ننڊ مان اُٿي ويندو آهي. پلي هُو رات جو ڪيترو به دير سان سُمهي، پر سندس اک ڪُڪڙن جي دَس هڻڻ سان ئي کُلي ويندي آهي. اِها ٻي ڳالهه آهي ته پوءِ آفيس ۾ وينو اوٻاسيون ڏيندو آهي. اهڙي ئي هڪ صبح جو هيءُ اُٿي پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ اچي بيٺو ته سندس نظر مٿي وڻ پرسان پٽ تي وينل ڳيريءَ تي پئي. هيءُ جيئن ئي ان کي ڏسي رهيو هو ته عنيق به ننڊ مان اُٿي، اندران ڪمري مان اڱڻ ۾ آيو ته سرمد چيس، ”اسلام عليڪم ۽ گڊ مارننگ بابا!“

عنيق به سلام ورائيندي ڳيريءَ ڏانهن ڏسندي پيءُ کان پڇيو ”بابا هي ڇا هي؟“

”هيءَ ڳيري آهي عنيق،“ پٽهس وراڻيو.

”بابا، اسان ڳوٺ هليا هاسين ۽ تو گاڏيءَ ۾ ڇا چيو هو؟“ عنيق کانئس پڇيو.

”مون کي ياد ناهي بابا،“ سرمد جواب ڏيندي کيس چيو ”تون ٻڌاءِ، مون ڇا چيو هو؟“

”بابا، تو چيو هو ته ڳوٺ هلنداسين ته مان توکي پِجين (pigeon) پڪڙي ڏيندس. “

”ها، چيو ته هيو،“ سرمد ٿورڙي حيرت ۽ سوچڻ واري انداز ۾ چيو.

”پوءِ تو پِجين (ڪبوتر) پڪڙي نه ڏنا،“ عنيق کيس ميار ڏني.

”ها يار، پڪڙي نه ڏنم، پر ٻئي ڀيري جڏهن ڳوٺ هلنداسين ته پوءِ مان توکي اهي ضرور پڪڙي ڏيندس،“ سرمد کيس آسرو ڏنو.

”پلا هيءَ ڳيري پڪڙي ڏي،“ عنيق چيو.

”نه بابا، هيءَ نه پڪڙي ڏيندس،“ سرمد کيس جواب ڏنو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇو؟“ عنيق هلڪي ڪاوڙ مان پڇيو.

”هتي هِن شهر ۾ هي پکي ٿورڙا آهن نہ. ٻيو تہ هيءَ وچاري ڳيرڙي ٻيو سڄو شهر ڇڏي رڳو اسان جي گهر اچي ٿي، تہ پوءِ اسان هن کي ڪيئن پڪڙيون؟“ سرمد لاچاريءَ مان چيو.

ان دوران پٽ تي پيل وڻ جي ٽارين ۽ گهاٽين ولين ۾ سُرسُر ٿي تہ ڳيري پڙڪو ڏيئي اڏامي وئي، جنهن تي عنيق وري سرمد کان پڇيو: ”بابا، هيءَ ڇو اڏامي وئي؟“

” عنيق، اها انڪري اُڏامي وئي جو هيءَ آزاد آهي ـ ۽ ٻيو تہ هُو ڏِسُ ٽارين ۽ وَلين مان ٻلي پٺي هن ڏانهن آئي، تنهن ڪري هيءَ اڏامي وئي.“

ٻليءَ کي ڏسي عنيق کي ڪاوڙ اچي وئي، ڇو تہ اها اڳ ۾ هن جا چوزا کائي وئي هئي. هن اڳڻ مان پٿري ڳولي کڻي اها ٻلي کي هڻئي تہ ٻلي ڀڄي پاسي لهي وئي. سرمد عنيق کي کڻي ياڪر ۾ ڪيو ۽ چيو ”هاڻي هل، هٿ مُنهن هلي ڌوءُ ـ صبح جو هٿ منهن ضرور ڌوئبو آ. هي ڏس، واڇن ۾ گگ لڳي پئي اٿئي ۽ اکين ۾ بہ ڄِپيون پيل اٿئي.“

ائين چوندي سرمد کيس واش بائول (washbowl) جي پرسان آڻي سندس هٿ مُنهن ڌوتو تہ عنيق جو چهرو چمڪي پيو. پوءِ عنيق اسڪول ۽ سرمد آفيس لاءِ تيار ٿيڻ لڳا.

ـ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



فيبروري مهيني جي پنجين تاريخ تي سرمد وارا ڪينجهر ڍنڍ گهمڻ لاءِ تيار ٿيا. اهو عام موڪل جو ڏينهن هو، جيڪو ”ڪشمير جو ڏينهن“ جي نالي سان هر سال پاڪستان ۾ ملهايو ويندو آهي. عنيق، عريب، ڪونج، عنيق جا ماما؛ ڪاشي، مرتضيٰ، ماروٽ اذان ۽ ماسي مهوش، اهي سڀ صبح جو ساڍي اٺين وڳي ڏاران پٺائي ڪالونيءَ مان هاءِ روف گاڏيءَ ۾ ويٺا.

هي لانڍيءَ واري پاسي کان ٿيندا قائد آباد ويجهو نيشنل هاءِ وي تي وڃي چڙهيا. پوءِ اسٽيل ملز پپري ۽ گلشن حديد کان ٿيندا، ٺٽي ڏانهن

وڏڙ لڳا. رستي ۾ گهگهر ڦاٽڪ، ڏابيجي ۽ ٻين ننڍين وڏن شهرن کان ٿيندا مڪليءَ وٽ اچي پهتا. هنن جيءَ هڪ دل چيو ته، ’هو مڪليءَ جو قبرستان گهمن،‘ پر جيئن ته ڪين اصل ۾ ڪينجهر ڍنڍ گهمڻي هئي، تنهن ڪري مڪليءَ تي ترسڻ بدران هِنن ٺٽي جو رخ ڪيو. هي چاهين پيا ته هُو ڪچڙي منجهند جو ڪينجهر ڍنڍ تي پهچي، اُن جي ٿڌي پاڻي ۽ وڻندڙ ماحول کي ڏسن. چاڪاڻ جو فيبروريءَ جو مهينو هئڻ ڪري موسم ڪافي خوشگوار هئي.

هنن ٺٽي شهر ۾ پهچي هڪ هوٽل تي وڃي نيرن ڪئي ۽ چانهه پيتي. پوءِ هُو ڪينجهر ڍنڍ ڏانهن روانا ٿيا.

رستي ۾ عنيق ڪڏهن گاڏيءَ ۾ پوئتي پنهنجي ياءُ، ماءُ، ماسي، مامن ۽ ماروٽ سان گڏ اچي ٿي وينو ته ڪڏهن اڳيان پنهنجي بابا سان اچي ٿي وينو.

ٺٽو شهر، ڪراچيءَ کان لڳ ڀڳ 119 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي ۽ ڪينجهر ٺٽي کان 27 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي. ان طرح ڪراچي شهر کان ڪينجهر ڍنڍ تائين جو ڪُل مفاصلو لڳ ڀڳ 146 ڪلوميٽر آهي، جڏهن ته ٺٽي کان حيدرآباد 100 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.

سرمد وارا ڪينجهر ڍنڍ تي صبح جو ساڍي يارهين وڳي ڌاران پهتا. هُو ڪينجهر تي ٺهيل سرڪاري جاين ڏانهن وڃڻ بدران ٿورو اڳتي عام ماڻهن واري پاسي ڏانهن وڃي، اُتي گاڏي بيهاري، اُن مان لٿا. اُن وقت ڪينجهر جي ڪناري تي، گهمڻ لاءِ ماڻهو اجا نه آيا هئا. رڳو ڪجهه مقامي مهاڻا اُتي موجود هئا. جن مان ڪي ٻيڙيون ۽ ربڙ وارا بوٽ (boat) روزگار لاءِ روڪي بيٺا هئا، ته ڪي شاميانا ڪرايي تي هٽي ڏيڻ لاءِ موجود هئا.

عنيق ڪينجهر جو پاڻي ڏٺو تہ پيءُ وانگر اُن تي مست ٿي پيو. پڙهس ڪي بہ پاڻي پاڻ ڏانهن ڏاڍو ڇڪيندو آهي.

هي هڪ شاميانو ۽ ڪناتون، ڪناري پرسان لڳرائي، ان ۾ گهران ڪٽي آيل ڇَتائي وڇائي، پاسي سان سامان رکي ويٺا. تہ ڪناري تي موجود مهاڻا هنن ڏانهن آسروند اکين سان ڏسڻ لڳا. سرمد وارن جو پاڳ پلو هو جو ڪين ڪينجهر جي ڪناري تي، ڪينجهر جي پاڻيءَ جي بلڪل ويجهو شاميانو لڳي مليو. اها جاءِ اهڙي تہ سني هئي جو هي ڪينجهر جي پاڻيءَ ۾ نہ بہ لهن، تڏهن بہ اتان ويهي ڪينجهر جو خوبصورت نظارو ڏسي پئي سگهيا.

اُن وقت اجا هلڪو هلڪو سيءُ پئجي رهيو هو. سياري جي سج جي وٽندڙ تپت هئي. سندن سامهون موجود ڪينجهر جو نيرو پاڻي، شهر جي دونهين سبب گرم رهندڙ سندن اکين کي ٺڏاڻ بخشي رهيو هو. عنيق ۽ عريب شاميانے اندر ڪيڏي وري وڃي پاڻيءَ ۾ ٽي لٽا – ۽ اُن ۾ پير پُسائي، جڻ ڪا نئين دنيا ڳولي لهي، موٽي ٽي آيا. عنيق، عريب، ڪونج، مرتضيٰ، مهوش، ڪاشي ۽ اذان هڪ ٻي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڪناري جي ويجهو چڪر بہ ڪاڏو، جنهن جو مهاڻي ڇهہ سئو رپيا ڪِرايو ورتو پر پوءِ بہ مهاڻي جي چهري تي خوشي نہ هئي.

انهن ئي مهاڻن مان هڪ سانوري رنگ ۽ نبل جسم وارو لڳ ڀڳ پنجٽيهہ چاليهہ سالن جي عمر جو هڪ شخص هنن جي سامهون پنيءَ ٻوڙ پاڻيءَ ۾ ربڙ بوٽ بيهاري بيٺو هو. هُو سرمد وارن کي "التجاڻين اکين" سان ڏسي رهيو هو. جڏهن سرمد جي مٿس نظر پئي تہ سندس اکين جي عرض کي سمجهندي هِن عنيق، عريب، اذان، ڪاشف، مرتضيٰ، ڪونج ۽ مهوش کي چيو تہ "اوهان اِن ربڙ بوٽ ۾ ويهي چڪر ڏيئي اچو." جڏهن هُو ٻيڙيءَ ۾ ويٺا تہ آسروند اکين واري مهاڻي جون اکيون چمڪي پيون.

پوءِ ڪونج وارا ڪينجهر جي ڪناري سان، ويجهو ويجهو ئي ٻيڙيءَ ۾ چڪر ڏئي موٽي آيا تہ عنيق پيءُ کي ٻانهن کان وٺي مٿس زور



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريندي ٻاتي ٻوليءَ ۾ چيو”بابا تون بہ ٽَنَٽُ (چڪر) ڪاءُ نہ...“ هو وڏو چالاڪ آهي. هُن ڪي اصل ۾ پنهنجي بابا ڪي چڪر ڪاراٽو نہ هو. پر هُن هِن جي ٻهاني پاڻ ٻيهر چڪر ڪائڻ پئي چاهيو.

پوءِ اُتان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي هي نوريءَ جي مزار تي ويا. جيڪا گهڻو اڳ ۾ ڪينجهر جي ڪناري تي هئي. پر ڪِناري جي ڪاڇڻ سان هاڻي اها ڪينجهر جي اندر پاڻيءَ ۾ اچي وئي آهي. عنيق پاڻيءَ جي وچ ۾ موجود ان ننڍڙي ٻيٽَ تي نوريءَ جي قبر ڏسي پيءُ کان پڇيو؟

”بابا. هِتي ڇو آيا آهيون؟“

”بابا. تو چيو هو نہ. تہ چڪر ڪاراءِ. سو توکي چڪر ڪارائڻ لاءِ هتي آيا آهيون.“

ان تي عنيق ماٺِ ٿيو تہ سرمد ڪيس وڏيڪ ٻڌائيندي چيو”عنيق. هِتي هڪ مائي رهندي هئي. جنهن جو نالو نُوري هو.“

”بابا. اسان جي ڳوٺ واري نُوري؟“ عنيق پڇيو.

”نہ. اُها نہ.... هيءَ ٻي نوري آهي. هيءَ ڏاڍي سهڻي هئي.....هن جا مائٽ بہ هِتي رهندا هئا. جن کي مهاڻا چوندا هئا. هُو مڇيون پڪڙيندا هئا.“ سرمد ڪيس وڏيڪ ٻڌايو.

”بابا. مڇيون ڪاٿي هِن؟“ عنيق اُبهرائيءَ مان پڇيو.

”اُهي هِن پاڻيءَ ۾ آهن.“ سرمد ڪيس ٻڌايو.

”پو اُهي پڪڙيون؟“ عنيق جوا تساهہ وڌيو.

”نہ... هِينئر نہ. بعد ۾ پڪڙينداسين.... پر مون توکي ٻڌايو پئي تہ نوري ڏاڍي سهڻي هئي- ۽ هن ۾ وڏي نِوڙت هئي. پوءِ سنڌ جي هڪڙي بادشاهہ هن سان شادي ڪئي.“ سرمد پنهنجي ڳالهہ جاري رکي.

”ڪهڙو بادشاهہ؟“ عنيق پڇيو.

”اُن جو نالو ڄام تماچي هو.“ پٽهس ٻڌايو.

”اُهو ڪاٿي آ؟“ عنيق وري سوال ڪيو.

”اُهو هاڻي ڪونهي. پر اِها گهڻو اڳ جي ڳالهه آهي،“ سرمد جي ان جواب تي عنيق چيو“مون کي اِها ڳالهه پسند ناهي؟ “

”تہ پوءِ توکي ڇا پسند آهي؟“ سرمد کانئس پڇيو.

”مون کي ڀاڻيءَ ۾ وري ٽَٽرُ (چڪر) کاراءِ،“ عنيق پنهنجي مرضي ٻڌائي.

”ڇڱو هلو.... “ ائين چئي هي سيئي وري اچي ٻيڙيءَ ۾ ويٺا.

مهاڻي ٻيڙي هلائيندي جڏهن اُن جي رفتار ڪجهہ وڌائي تہ سرمد کيس روڪيندي چيو“بابا، آهستي هلاءِ تہ جيئن پار ڪينجهر ڍنڍ جو مزي سان نظارو ڪندا هلن.“

ان دوران سرمد، ڪينجهر جي پاڻي ۽ ماحول جو مزو وٺندي مهاڻي سان بہ حال احوال ڪرڻ لڳو.

سرمد جي پڇڻ تي مهاڻي کيس پنهنجو نالو ”ايوب گندرو“ ٻڌايو.

”گندرو؟!!“ سرمد جي حيرت واري دانهن تي مهاڻي چيو ”ها، گندرو اسان جي ذات آهي.“

تُون سَمُو آءُ گَندِري، مُون ۾ عَيبَ اَپارَ،
پَسِي لِيءَ لَغارَ، مَتان مان ڳِرِ مَٽِيين!

”گندرو“ لفظ ٻڌڻ سان سرمد کي ڀٽائي سائينءَ جو مٿيون بيت ياد اچي ويو ۽ هِن وري مهاڻي کان پڇيو ”پوءِ نوري تہ اوهان جي ذات جي هوندي، ڇوتہ ڀٽائي سائينءَ اُن کي پنهنجي سُر ڪاموڏ ۾ ’گندري‘ لکيو آهي.“

سرمد جي اِن ڳالهه تي هِن چيو ”ها ـ ۽ نوري ڪينجهر جي ڌيءُ هئي، جنهن جي نالي تي هيءَ ڪينجهر ڍنڍ آهي.“

اِهي ڳالهيون ٻڌي سرمد جي حيرت وڌي.

ان بعد ايوب گندري پنهنجي ذات جي ماضيءَ واري قصي کي ڇڏي پنهنجي هاڻوڪي زندگيءَ جا ڏک سُور بيان ڪرڻ شروع ڪيا ـ ۽ پوءِ هڪ پنيان ٻيو ڏک سندس زبان تي ايندو ويو.... ۽ جيئن ئي هِن پنهنجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿن جي زور سان ربڙ بوٽ کي اڳتي ڌِڪو ٿي ڏنو تيئن سرمد وارا سندس ڏکن وارين ڳالهين جي اثر هيٺ ايندا ٿي ويا.

”هتي اسان کي ڪابہ سهولت مليل ناهي. ڪينجهر جي ترقي ۽ مهاڻن جي ڀلي لاءِ سرڪار جيڪي پئسا ڏئي ٿي، اُهي ٻيا ڪائي وڃن ٿا. اسين مهاڻا سدائين سُورن ۾.“

ايوب گندري شڪايت ڪئي تہ سرمد ڪانئس پڇيو، ”روزانو ڪيترا پئسا ڪمايو ٿا؟“

”اڄڪلهہ تہ اجا ٿوري سردي آهي، جنهن ڪري ماڻهو هِتي گهٽ اچن ٿا، پر پوءِ بہ بہ ٽي سئو رپيا ٿي وڃن ٿا. نہ تہ ٻين ڏينهن تي ست اٺ سئو رپيا بہ ڪمائي وٺندا آهيون.“

سرمد ڏٺو تہ هِن جي ڪينجهر جهڙين ڏکويل اکين ۾ سندس ڏُکَ بہ ڪينجهر جيترا گهرا هئا. ايوب گندري ڪينجهر تي ايندڙ ماڻهن لاءِ سهولتن جي کوٽ جي ڳالهہ ڪئي، پر هن اهو ضرور چيو تہ هتي امن امان جي صورتحال بهتر آهي.

سهولتون تہ واقعي ڪينجهر تي خاص نہ هيون، خاص طور عام ماڻهو ڪناري جي جن پاسن کان وڃي ويهن ٿا، اُتي نہ فرش هو نہ صفائي سترائي، نہ ئي ڪاڏي پيتي جون صاف ستريون شيون هيون. چانهہ بہ اهڙي جو ڪير مفت ۾ ڏي، تڏهن بہ ماڻهو نہ پيئي. اتي رڳو جهوپڙين وارا اهڙا بہ چار هوٽل نهيل آهن، جن تي ماڻهو ويهڻ ئي شايد پسند نہ ڪن. اهڙي طرح فرش نہ هئڻ سبب ماڻهو پٿريلي جاءِ تي پڻ چڱي طرح ويهي نٿا سگهن. باقي تہ اُتي هر شيءِ نيڪي تي ڏنل آهي، جنهن مان ڪمائي تہ وڏي ڪئي وڃي ٿي، پر ماڻهن لاءِ سواءِ ڪينجهر ڍنڍ جو پاڻي ڏسڻ جي، ٻي ڪابہ سهولت موجود ناهي. ايستائين جو ڪينجهر ڏانهن نيشنل هاءِ وي کان جيڪو لنڪ روڊ وڃي ٿو، اُهو پڻ ٽُٽل هو.

سرمد جي پڇڻ تي ايوب گندري ٻڌايو تہ، ”هاڻي ڪينجهر ۾ نوري آباد جي صنعتي علائقي جا بيڪار مادا نٿا پون.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اُن ئي ڏينهن جي شام جو ڪينجهر جي ڪجھ ٻين مهاڻن ڪينجهر ۾ پونڊڙ زهريلن مادن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ چيو تہ ”ڪينجهر ڍنڍ موت ڏانهن وڌي رهي آهي.“

سرمد سوچيو تہ ”جيڪڏهن ڪينجهر جي هيءَ قيمتي جاءِ ڪنهن خانگي ڪمپنيءَ جي حوالي هجي ها تہ هو نہ صرف هِن کي شاندار طريقي سان ٺاهين ٿا، پر ان مان هُو تمام گهڻو نفعو بہ ڪمائين ها. پر سرڪار جي لاڳاپيل ادارن جي کهڙي ڳالھ ڪجي. سنڌ برابر سموري سون آهي، پر اِن جي سونَ مان ٻيا ماڻهو تہ فائدو حاصل ڪري رهيا آهن، پر ان جو سنڌ ۾ ان جي ماڻهن کي ڪو فائدو حاصل نہ پيو ٿئي.“

سرمد گندري کي چيو ”اسان وٽ بيشمار سياحتي ماڳ آهن، پر انهن تي ڪو بہ ڌيان نہ پيو ڏنو وڃي، جنهن بہ ماڳ جو ذڪر نڪري ٿو تہ، سڀ ماڻهو چون ٿا تہ اُتي ڪا بہ سهولت ناهي. اسان جي هڪڙي دوست گل حسن ڪلمتي ڪراچي شهر جي گڏاپ واري پاسي موجود ’موڪي ۽ متارن جي قبرن‘ تي سهولتن جي کوٽ جي ڳالھ ٻڌائي هئي. نوجوان صحافي مصطفيٰ جتوئي، جيڪو تازو رني ڪوٽ گهمي آيو هو، اهو رني ڪوٽ تي سهولتن جي کوٽ جي ڳالھ ڪري ٿو، رکيل مورائي گورک هِل بابت اهڙيون ڳالهيون ڪري ٿو، محمد سليمان وساڻ مهراڻو جو ذڪر ڪري ٿو- ۽ ڪينجهر ۾ مُهين جي دڙي جي صورتحال تہ اسان پاڻ پنهنجين اکين سان ڏسندا ٿا رهون.“

”ها بابا، اها ڳالھ تہ آهي،“ ايوب گندري اجا ايترو چيو تہ ٻيڙي اچي ڪناري سان لڳي، جنهن مان هي لهي اچي شامياني جي هيٺان ويٺا.

ڪينجهر تي سرمد وارن کي مهاڻن جي رڳو اِيتري ترقي ٿيل نظر آئي تہ هِنن هاڻي ڪاٺ جي ٻيڙين بدران ربڙ واريون ننديون ۽ موٽر انجڻ واريون ٻيڙيون خريديون آهن، باقي ڪينجهر جو گندرو اڄ بہ اُن ساڳي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالت ۾ آهي، جنهن جي ”پاپوڙا پوشاڪ“ بابت پيٿائي سائين ٻڌائي ويو آهي تہ:

گَندُ جَني جي گوڏِ ۾، پاپوڙا پوشاڪَ؛
اُنِي جي اوطاقَ، راجا رِيجھِي آئِيو.

سرمد چيو ”اي پيٿائي سائين! هاڻي هِنن گندرن ڏانهن ڪوبہ راجا ريجهي نٿو اچي.“

ڪينجهر تي چار ڪلاڪ کن رهڻ ڪانپوءِ هي نٿي جي شاهجهان مسجد ڏسڻ لاءِ اچي گاڏيءَ ۾ ويٺا.

جيتوڻيڪ عنيق جي دِل ڪينجهر ڍنڍ کي ڇڏڻ نٿي چاهيو. پر جڏهن ڏٺائين تہ سڀ وڃڻ لاءِ تيار بيٺا آهن تہ پيو ڪو چارو نہ ڏسندي هيءُ بہ اچي پنهنجي بابا سان گڏ گاڏيءَ ۾ ويٺو. پر پوءِ گاڏيءَ هلندي جيستائين سندس نظر پئي ٿي، تيستائين هُو ڪينجهر کي ڏسندو رهيو.

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*



سرمد جن جيئن ئي نئين شهر ۾ پهچڻ وارا هئا تہ سرمد عنيق کي ٻڌائڻ شروع ڪيو: ”عنيق، هِن شهر جو نالو ٺٽو آهي. هيءُ سنڌ جو هڪ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخي شهر رهيو آهي. هيءُ شهر هڪڙي دور ۾ سنڌ جي گاديءَ جو بہ هنڌ رهيو هو. ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ هِن شهر جو بنياد سمي حڪمران ڄام نظام الدين وڌو هو. اهو بہ ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ هِن شهر ۾ چار سئو وڏا تعليمي ادارا هوندا هئا، جتي پڙهڻ لاءِ اُن وقت مختلف ملڪن مان نوجوان ايندا هئا. پوءِ هڪڙا ٻاهران ماڻهو هئا، جن کي پورچوگيز چون ٿا، انهن هِن شهر تي حملو ڪري هِن ۾ موجود لائبريرين سان گڏ سڄي شهر کي باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏيو هو.“

عنيق شايد ڪينجهر تي گهڻو ٿَڙُڪِڻ ڪري ٿڪجي پيو هو، تنهن ڪري هن پيءُ جي ڳالهہ ٻُڌي نٿي بابت ڪانئس ڪو سوال نہ ڪيو. پڙهس ڪيس وڌيڪ ٻڌائڻ لڳو: ”عنيق بابا، گهڻو اڳ ۾ هِن شهر جون جايون ڪاٺ جون نهيل هونديون هيون. شايد سمونڊ جي ويجهو هئڻ ڪري، زلزلن کان بچڻ لاءِ، هتان جي ماڻهن اِها مقامي ٽيڪنالوجي استعمال ڪئي هئي. گهڻو وقت اڳ ۾ جڏهن مان ۽ تنهنجو چاچا محمد علي پنڻ هيءُ شهر گهمڻ آيا هئاسين تہ هِتي اسان کي شهر جي شاهجهان مسجد، جيڏانهن هاڻي اسان هلون پيا، ان جي پرسان اهڙيون ڪجهہ ڪاٺ جون نهيل جايون نظر آيون هيون. هاڻي تہ هيءُ لڳ ڀڳ سڄو شهر پَڪو ٿي ويو آهي.“

عنيق بدستور سندس ڳالهيون ٻڌي تہ رهيو هو پر هِن ڪانئس ايئن ڪو سوال نٿي ڪيو جيئن هُو اڪثر ڪندو آهي. ان ڳالهہ ٻولهہ ۾ عنيق جي دلچسپي نہ ڏسندي بہ سرمد کيس وڌيڪ ٻڌائڻ لڳو”عنيق، ٺٽو شهر مون کي اڪثر پاڻ ڏانهن ڇڪيندو آهي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن منهنجي دل چوندي آهي تہ هِتي ٺٽي شهر ۾ ئي ڪو گهر وٺي رهي پئجي.“ سرمد ايترو مس چيو تہ سندن گاڏي شاهجهان مسجد جي دروازي جي پرسان اچي بيٺي. اُتي ماڻهن جي ٿوري گهڻي پيهہ هجي. مکيہ دروازي جي ٻاهران ڪجهہ ريڙهن وارا ڪاڌي پيتي جون شيون وڪڻي رهيا هئا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي جيئن ئي شاهجهان مسجد ۾ داخل ٿيا ته باغيچي جي وچ مان ٿهيل سيمنٽ وارن پيچرن تي ٽي چار مايون ۽ مرد، ٻارن جا رانديڪا ۽ عورتن جي سينگار جون شيون رکيون ويٺا هئا. مسجد جي اندر پهچي هِنن ڏٺو ته مسجد ته ڪافي اجڙيل هئي ۽ ان جي ڪجهه ڀتين مان شاندار سِرون به نڪتل هيون. اهو ڏسي سرمد اُتي موجود هڪ شخص کان اِن جو سبب پڇيو جنهن تي هُن ٻڌايو ته "اِهي سِرون هِتان جي ڪجهه ماڻهن چوريءَ ڪري وڃي ڪپايون آهن."

اِهو ٻڌي سرمد کي ڏاڍو افسوس ٿيو ڇو ته مغل بادشاهه شاهجهان 1647ع ۾ هيءَ مسجد تعمير ڪرائي هئي ـ ۽ بعد ۾ پاڪستان جي اڳوڻي وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي دور ۾ هِن مسجد کي اهم سمجهندي، اُن جي اڳيان سنڌ جي ماڻهن لاءِ، لاهور جي شاليمار باغ جي طرز تي هڪ باغ ٺهرايو هو.

"هِن تاريخي مسجد جي صفائي سترائي به ناهي ٿيل. هر طرف گند ڪچرو پيو آهي. ڇو هِن جي سارسنڀال تي ڌيان نٿو ڏنو وڃي؟" سرمد جي ان سوال تي ساڻئي همراهه وراڻيو ته "ڇنڇر ۽ آچر وارن ڏينهن تي صفائيءَ وارن ملازمن کي موڪل هوندي آهي، جنهن ڪري هو ناهن ايندا، تڏهن ئي ته اڄ هِتي اها حالت آهي."

"پر ٻين شهرن کان ماڻهو هِتي گهمڻ لاءِ موڪلن وارن ڏينهن تي ئي اچي سگهن ٿا، تنهن ڪري اِنهن ڏينهن تي ته هِتي صفائي سترائيءَ جو لازمي طور بندوبست ٿيل هئڻ گهرجي." سرمد جي اِن ڳالهه تي هِن رڳو ايترو چيو "بس ادا ڇا ٿو ڪري سگهجي؟"

لاچاريءَ واري اِن جواب مان سرمد سمجهي ويو ته لاڳاپيل ادارا ته ناڪاره آهن، پر اسان عام ماڻهن به پنهنجون زبانون پاڻ ڳپي ڇڏيون آهن، تڏهن ئي ته هينئن چوندي پنهنجي بيوسي ظاهر ڪيون ٿا ته "بس ادا ڇا ٿو ڪري سگهجي."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان دوران سرمد عنيق کي ٻڌايو تہ، ”عنيق، هيءَ مسجد ڏسين ٿو نہ، اها هڪڙو بادشاهہ هو، جنهن جو نالو هو شاهجهان، اهو جڏهن هِتي آيو هو، تڏهن هُن هيءَ مسجد ٺهرائي هئي. اُن وقت هيءُ ٺٽو شهر، هڪ وڏو شهر هو.“ عنيق سرمد جي ڳالهہ تي ڪو خاص ڌيان نہ ڏنو، ڇاڪاڻ جو هِن جو سمورو ڌيان عريب ڏانهن هو، جيڪو اتي ڊوڙون پائي رهيو هو- پوءِ عنيق بہ ان ڏانهن ڊوڙ پاتي.

جڏهن هنن مسجد گهمي ڏٺي تہ، ڪونج عنيق ۽ عريب کي اُتان ڪجهہ رانديڪا وٺي ڏنا. ان بعد هي شاهجهان مسجد مان ٻاهر نِڪري، گاڏيءَ ۾ ويهي، ٺٽي شهر جي مکيہ رستن تان ٿيندا، شهر کان ٻاهر اچي، مڪليءَ جي قبرستان کان ٿورو اڳتي، ڪنهن هنڌ تي ٺهيل پيٽرول پمپ تي رُڪيا، جتي موجود ثقافتي شين واري هڪ دڪان تان ڪونج ڪجهہ شيون خريد ڪيون، ۽ عنيق ۽ عريب بہ شيءِ ورتي. ان ڪانپوءِ هي ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿيا.

رستي ۾ ايندڙ شهر ڌاٻيجيءَ ۾ هِنن هڪ سٺي ريسٽورنٽ تي مانيءَ کاڌي، اتي عنيق مانيءَ کان وڌيڪ مَلائي کاڌي.

هي رات جو ائين وڳي ڌاران خير سان واپس ڪراچيءَ شهر ۾ پنهنجي گهر پهتا.

—



سرمد گهر ۾ عنيق ۽ عريب کي بهترين ماحول ڏيڻ سان گڏ ڪين هر ممڪن حد تائين وقت بہ ڏيندو آهي، جنهن کي هيءُ ”ڪوائلٽي ٽائيم“ (quality time) چوندو آهي. هي سندن سڀني سوالن جا جواب بہ وڏي خوشيءَ سان ڏيندو آهي. سوال پڇڻ تي هِن ڪڏهن بہ ڪين دڙڪو ناهي ڏنو. هيءُ تہ عنيق جي ماءُ کي بہ چوندو آهي تہ، ”ٻارن کي ڪڏهن بہ، ڀُلجي، ڪا ڳالهہ پڇڻ تي ڪو دڙڪو نہ ڏجانءِ. ان سان ٻارُ هيسجندو آهي، دٻاءَ جو شڪار ٿيندو آهي، هُو اعتماد وڃائڻ لڳندو آهي- ۽ منجهانئس سوال پڇڻ واري عادت ختم ٿيڻ لڳندي آهي. ان طرح هو گهٽيون شيون سمجهڻ ۽ سکڻ کان رهجي ويندو آهي.“

عنيق تہ پيءُ کان عجيب عجيب سوال ڪندو آهي. هڪ ڏينهن صبح جو هيءُ اسڪول وڃڻ ۽ سرمد آفيس وڃڻ لاءِ تيار ٿي، ٻاهر گهر جي اڱڻ ۾ اچي ويٺا تہ اُتي ويٺل وڻن کي ڏسي عنيق پيءُ کان پڇيو: ”بابا، هِنن وڻن کي وات آهي؟“

”ها بابا، هنن کي وات آهي؟“

”ڪاٿي آ هِنن جو وات؟“

”انهن جو وات هيٺ زمين ۾ آهي. اُتان هي ماني بہ کائيندا آهن تہ پاڻي بہ پيئندا آهن؟“

”هِنن جون اکيون ڪاٿي هِن؟“

”هِنن جون اکيون سندن گُلن ۾ آهن.“

”هِنن جون ٻانهون ۽ ٽنگهون ڪاٿي هِن؟“

”هِنن جون ٻانهون ۽ ٽنگهون هِنن جو ٽُڙُ ۽ ڏارَ آهن.“

”هِنن جا وارَ ڪاٿي هن؟“

”هِنن جا پنَ هِنن جا وار آهن.“

”هِنن جا هٿ ڪاٿي هِن؟“

”هِنن جون ٽاريون هِنن جا هٿ آهن.“

”هِنن جا پير ڪاٿي هِن؟“

”اُهي زمين جي اندر آهن.“

”هي هلن ڇو نٿا؟“

”هِنن جو گهر اِتي ئي آهي نہ، تڏهن هي نٿا هلن.“

عنيق چُپ ٿي ويو.

......

ٻئي ڀيري عنيق آسمان ۾ چنڊ ڏسي پيءُ کان پڇيو”بابا، هي چنڊ ڪاڏي ويندو آهي؟“

”بابا اِهو پنهنجي گهر ويندو آهي.“

”ڪاٿي آ اِن جو گهر؟“

”اِن جو گهر گهڻو پَري آ.....“

”ڪاٿي آ پَري....“ هِن پَري لفظ کي ڇڪي چيو.

”بابا گهڻو پري آ...پر هينئر اسان جي گهر جي اڳيان تنهنجي نانوءَ جو گهر آهي نہ، اُهو ان جي اوٽَ ۾ لِڪي ٿو وڃي، تڏهن مان توکي چنڊ جو

گهر نٿو ڏيکاري سگهان.... پر جڏهن سمنڊ تي هلنداسين نہ پوءِ مان توکي چنڊ جو گهر ڏيکاريندس، ڇوتہ اُتي کُليل آسمان هوندو آهي، جتان چنڊ جو گهر چِٽو ڏسڻ ۾ ايندو آهي.“

عنيق اها ڳالهہ ٻڌي سوچ ۾ پئجي ويو....

........

هڪ رات جو عنيق پنهنجي گهرَ ۾ لڳل وَلين مان گُل پَٽڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پڙهس منع ڪندي چيس،”بابا، اِهي گل رات جو ناهن پَٽبا.“

تنهن تي عنيق فوري طور چيو”ڇو اِهي ننڊ پيا آهن؟“

پڙهس سندس اهو جواب ٻُڌي حيران ٿيندي چيو”ها بابا، اِهي گُلَ هِن وقت ننڊ پيا آهن، سو صبح جو تون اهي پَٽجانءِ.“ ان تي عنيق ها ڪئي.

—

عنيق جي امڙ جا ناناڻا سيوهڻ شهر ۾ رهندا آهن. تنهن ڪري هُو جڏهن به پنهنجي ڳوٺ ويندا آهن، ۽ واپس سيوهڻ واري روڊ کان ڪراچيءَ پنهنجي گهر ڏانهن ايندا آهن ته هُو سيوهڻ ۾ ڪجهه گهڙين لاءِ اُنهن وٽ ضرور ويندا آهن.

عنيق جي امڙ جو نانو محمد صالح رٽائرڊ ماستر آهي. هن وقت سندس عمر 81 سال آهي. هُو پنهنجي دور جو هڪ بهترين ۽ تمام گهڻو ذميوار استاد هو. اُنهن ڏينهن ۾ جيئن ته سنڌ ۾ ماسترن جي کوٽ هوندي هئي، ۽ اڄ جي ڀيٽ ۾ اُن وقت اسڪول به گهٽ هوندا هئا، تنهن ڪري ماسترن جون مختلف ۽ ڏورانهن علائقن ڏانهن بدليون پيون ٿينديون هيون. اهوئي سبب آهي جو ماستر محمد صالح به پنهنجي نوڪريءَ دوران سنڌ جي مختلف شهرن ۾ رهيو. هن ٺٽي ۾ به ڪافي سال گذاريا ۽ هن ڪراچيءَ جي اعظم بستيءَ جي هڪ سرڪاري اسڪول ۾ به پڙهايو هو.
ماستر محمد صالح جو اصل ڳوٺ سيوهڻ کان اولهه طرف لڳ ڀڳ ڏيڍ ڪلوميٽرس جي مفاصلي تي ”نُونرَ“ نالي سان آباد هو. پر پوءِ اهو ڳوٺ ڦِٽي ويو. ان کي ڪا نظر لڳي وئي. اُن وقت ماستر محمد صالح پنهنجي ڳوٺ جو اڪيلو پڙهيل ڳڙهيل شخص هو.

اهو 1984ع جو سال هجي. سنڌ ۾ ڌاڙيلن جون ڪارروايون عروج تي هيون. هڪ ڏينهن ماستر محمد صالح پنهنجي ڳوٺ مان صبح جو سوير سائيڪل تي چڙهي سيوهڻ ۾ اسڪول ۾ پڙهائڻ ٿي ويو ته رستي

تان ڪيس ڏاڙيل اغوا ڪري ويا. هُو ڪيس پنڌ ئي پنڌ سيوهڻ جي اوير طرف ڪان وهندڙ سنڌو درياهہ تي وٺي ويا، جتي ڪيس چيائون تہ، ”درياهہ ۾ لهي تَري بيءَ پَرِ هَلُ.“

هن ڏاڙيلن ڪي چيو تہ، ”مون ڪي ترڻ ناهي ايندو، مان ٻڏي مري وينداس،“ ان دوران ڏاڙيلن پريان پوليس ڪي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو تہ هُو ماستر محمد صالح ڪي اُتي ئي ڇڏي پاڻ درياهہ ۾ گهڙي، اُن جي ٻي ڪنڌيءَ ڏانهن تَري، پهچي ويا. ان طرح ماستر محمد صالح اغوا ٿيڻ ڪان بچي ويو ۽ صحيح سلامت پنهنجي گهر موٽي آيو. پر گهر موٽي اچڻ ڪانپوءِ هن وڏي غور ۽ فڪر بعد فيصلو ڪيو تہ ’هُو هاڻي پنهنجي خاندان سميت ڳوٺ ڇڏي سيوهڻ شهر ۾ گهر وٺي، اتي وڃي رهندو.‘

بعد ۾ جڏهن ماستر محمد صالح پنهنجو اباڻو ڳوٺ ڇڏي سيوهڻ ۾ لال شهباز قلندر جي درگاهہ جي سامهون ماڇي پاڙي ۾ گهر وٺي، اُن ۾ پنهنجي اولاد سان گڏ رهڻ لڳو تہ، آهستي آهستي سندس ڀيا مائٽ بہ ڳوٺ ڇڏي اچي سيوهڻ شهر ۾ ويٺا. اهڙي طرح هِنن جو سڄو ڳوٺ ويران ٿي ويو، پر شهر ۾ لڏي اچڻ سان هنن کي ڪافي فائدا پهتا. هتي هنن پنهنجا دڪانَ کولي ورتا. سڀ اسڪولن ۾ پنهنجا ٻار پڙهائڻ لڳا. نہ صرف اهو پر سندن ڪيترائي جوان ڇوڪرا ڪراچيءَ هليا آيا، جتي انهن مان ڪي سرڪاري نوڪريون حاصل ڪري ويا، تہ ڪي محنت مزدوري ڪرڻ لڳا. ان طرح سندن گهرن ۾ خوشحالي اچي وئي.

ماستر محمد صالح کي ڇهن نياڻين ۽ ٻن پٽن جو اولاد آهي. سندس پٽن مان عبدالرحيم اسٽيل ملز ۾ ملازمت ڪرڻ لڳو تہ، احسان سيوهڻ شهر ۾ پنهنجو ڪاروبار ڪرڻ لڳو. ماستر محمد صالح نہ رڳو پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياري، پر هن پنهنجي ڏوهٽن ۽ ڏوهٽين کي بہ پڙهايو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊگهي قد، پوري رنگ، ننڍڙي اڇي ڏاڙهي ۽ سهڻن وصفن وارو ماستر محمد صالح جڏهن بہ ڪچهريءَ ۾ ويهندو هو تہ ننڍا وڏا سندس ڳالهيون وڏي غور ۽ دلچسپيءَ سان ٻڌڻ لڳندا هئا. سندس ڳالهائڻ ۾ ڄڻ ڪو جادو هو.

سرمد وارا بہ جڏهن سندس گهر ويندا هئا تہ هُو کين ماني کارائڻ کان سواءِ نہ ڇڏيندو هو. گهر ۾ مڇي، ڪڪڙ، چانور، ڪباب، الائي ڪيترا طعام هِنن لاءِ تيار ڪرائي ويندو هو.

ماستر محمد صالحُ تہ عنيق کي ڏسندي ئي کيس پنهنجيءَ هنج تي کڻي ويندو هو. اهڙي طرح جڏهن هُو ڪراچيءَ ايندو هو تہ عنيق وارن جي گهر ضرور ايندو هو. عنيق جو بابا ۽ امڙ چوندا آهن تہ،”وڏڙن جو گهر ۾ اچڻ وڏي ڀاڳ برابر آهي، تنهنڪري اهي ضرور اسان جي گهر اچن.“

جڏهن سرمد وارن جي گهر ۾ ڪچهري شروع ٿيندي هئي تہ ماستر محمد صالح پنهنجي ماستريءَ واري دور جون ڏاڍيون دلچسپ ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون ٻڌائڻ لڳندو هو. سنڌ جون ثقافتي شيون گڏ ڪرڻ بہ سندس مشغلو رهيو هو. هڪ ڀيري هن سرمد وارن کي ٻڌايو تہ ”هُو ڪجهہ ڏينهن اڳ هالا مان جنديءَ تي لَٽل پلو هندورو وٺي آيو آهي، جنهن ۾ هُو پاڻ بہ ڪڏهن ڪڏهن ويهي لُڏندو آهي.“ ائين چئي هُو هڪ اهڙي مرڪ مُرڪيو هو. جهڙي ڪنهن ٻار جي چپن تي اچي ويندي آهي.

ماستر محمد صالح سان سيوهڻ شهر جا رهواسي بہ وڏي عزت ۽ احترام سان پيش ايندا هئا.

مارچ مهيني ۾ جڏهن سرمد وارا پنهنجي وڏي ڀاءُ لالڻ جي پٽ جبار جو وهانءُ ڪائي پنهنجي ڳوٺ مان واپس ڪراچيءَ آيا پئي تہ هِنن ڳوٺ مان نڪرڻ وقت ئي فون ڪري ماستر محمد صالح جن کي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ،”اسان اڄ منجهند جو هڪ وڳي ڌاران اوهان وٽ ايندا سين..


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان سان ملي، پندرهن منٽ ڪن اوهان وٽ ويهي، چانهه پاڻي پي پوءِ هليا ويندا سين.“ سيوهڻ، ڏوڪري شهر کان تقريباً 141 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي.

هي ڏوڪريءَ مان هلي ميهڙ شهر پهتا ته سرمد، ماستر محمد صالح ۽ ڪراچيءَ ۾ عنيق جي ناناڻن کي سوکڙيءَ طور ڏيڻ لاءِ اُتان جو مشهور مائو ورتو. هِن رستي تان بِهَه ۽ پَبُڻَ جون ٽِڪيون به ورتيون، پر پکي نه ورتائين، جيڪي ڳوناٽا ڪپائڻ لاءِ رستي تي ڪنيون بيٺا هئا، چاڪاڻ جو هڪ پيري عنيق پيءُ کي چيو هو ته، ”بابا، ماڻهو پکين کي نه ڳتين.“

جڏهن عنيق وارا پنهنجي پَڙ نانا محمد صالح جي گهر پهتا ته هُو اڳ ۾ ئي سندن انتظار ۾ ويٺا هئا. هنن کي ڏسندي ئي هو خوشيءَ ۾ نه ٿي ماپيا ۽ ساڻن ڀاڪر پائي مليا.
سرمد کي الائي ڇو ماستر محمد صالح پنهنجي ناني محمد ڇٽل جهڙو لڳندو هو. سرمد پنهنجو نانو ته نه ڏٺو هو، ڇو ته هو سرمد جي پيدا ٿيڻ کان به گهڻو اڳ ۾ گذاري ويو هو، پر سرمد جڏهن به ماستر محمد صالح سان ملندو هو ته، هيءُ ڪيس پنهنجو سڳو نانو ئي سمجهندو هو.
پوءِ هي سندن گهر جي ٿي وي لائونج ۾ ويٺا، جتي ڪچهري ڪندي ماستر محمد صالح سرمد کي ٻڌايو ته، ”سندس طبيعت مڙئي ڪجهه نيڪ نه ٿي رهي.“ ان جي باوجود هو ڳالهائڻ ۾ پَڙُ ٿي لڳو.
عنيق ۽ عريب کي سندن امڙ جون ماسيون گهر جي ٻين ڪمرن ڏانهن ڪٺي ويون، جتي ڪونج به پنهنجي ماسين سان ڪچهري ڪرڻ لڳي.
هو اُتي به ڪلاڪ ڪن ترسڻ بعد ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿيا هئا.

.........

لڳ ڀڳ هڪ مهيني ڪانپوءِ ماستر محمد صالح ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ڏيئرن سان ملڻ آيو جتي سندس ٽن ڏيئرن جي شادي ٿيل آهي. انهن مان هڪ آمنہ بہ آهي، جيڪا عنيق جي ناني ٿئي. ٻيءَ رات جو ڪراچيءَ ۾ اوچتو ماستر محمد صالح  کي مٿي ۾ تمام گهڻو سُور پيو. جنهن کي هن معمولي سورُ سمجهيو. جڏهن تہ اهو سُور بلڊ پريشر وڌڻ ڪري ڪيس ٿيو هو. اڌ رات جو ڪيس فالج ٿي پيو. سندس ڏوهٽا ڪيس فوري طور جناح اسپتال کڻائي ويا. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ هُو ڪيس واپس پنهنجي گهر وٺي آيا.

اتي ماستر محمد صالح جي پٽ رحيم بخش سرمد کي ٻڌايو تہ، "بابا صبح چيو پٽ تہ مون کي ڳوٺ وٺي هلو. منهنجيون نياڻيون اتي اڪيليون هونديون، سو اسان اڄ واپس سيوهڻ ويندا سين. سياڻي حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر صالح ميمڻ کي بابا کي ڏيکاريندا سين."

سيوهڻ ۾، پنهنجي گهرِ پهچڻ جي ٻئي ڏينهن هيءُ عظيم انسان گذاري ويو. سرمد ۽ ڪونج وارن جڏهن اها خبر ٻڌي تہ کين تمام گهڻو صدمو پهتو. ٻئي ڏينهن تي هي سيوهڻ، سندس تڏي تي ويا. هِن ڀيري سرمد وارن کي سيوهڻ جون بازارون اداس لڳيون. سيوهڻ اچڻ جو هِنن جو هڪ وڏو بهانو ختم ٿي ويو.

—



هڪ ڏينهن عنيق جڏهن پنهنجي ماروٽ اذان جي گهر رنگ ۽ برش ڏٺا تہ گهر اچي پنهنجي ماءُ کي چيائين، ”مما، بابا کي فون ڪر.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇو پٽ، ڇو فون ڪيانس؟“ ماڻهنس چيو.

”تون فون تہ ڪرينس، مان ڳالهايانس ٿو.“

”ڇا ڳالهائيندينس؟“

عنيق صوفا تي پيل فون کڻندي ماءُ کي ڏيندي چيو ”نمبر ملاءِ.“ ڪونج، سرمد جو نمبر ملايو. سرمد فون کڻي جيئن ئي هيلو ڪيو تہ، پريان عنيق جو آواز آيو ”بابا، رنگ ۽ برش وٺي اچجان.“

”ها بابا، وٺي ايندس،“ سرمد چيو.

”بابا ضرور،“ عنيق پڪ ڪرڻ چاهي.

”ها، بابا ضرور،“ سرمد کيس دلجاءِ ڏني.

پوءِ سرمد رات جو ڊفينس مارڪيٽ مان هڪ دڪان تان رنگ، برش، ڊرائنگ لاءِ بہ ڪاپيون ۽ رنگ رکڻ لاءِ هڪ پليٽ وٺي آيو. هي گهر پهتو تہ، عنيق اڳ ۾ ئي سمهي پيو هو.

صبح جو اُٿندي ئي عنيق پيءُ کان پڇيو ”بابا رنگ؟“

”آندا اٿم بابا.“

”ڪاٿي هِن؟“

”ماڻهين کي ڏنا هئم.“

ڪونج مسڪرائي رنگ کڻي اچي عنيق کي ڏنا.

سرمد آفيس وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻ لڳو.

ڪونج نيرن تيار ڪرڻ لڳي.

عريب اڃا ستو پيو هو.

ڪم واري ماسي گهر جي صفائي ڪري رهي هئي.

عنيق رنگ کڻي ٻاهر صحن ۾ ويو، فرش تي مختلف سِڌيون ڦِڏيون شڪليون ڪيڻ لڳو. ڪجهہ رنگ پٽ تي هڻڻ ڪانپوءِ هيءُ پيءُ ڏانهن آيو ۽ کيس ٻانهن کان ٻاهر وٺي ويندي چوڻ لڳو ”هلي آ.....“

”ڇو ڇا ٿيو آ؟

”هلي تہ آ.....“

ٻاهر ايندي ئي ٽ ڏانهن اشارو ڪندي پيءُ کي چيائين،”بابا هي تنهنجون مُڇون آهن.“

سرمد عنيق جي اها پينٽنگ ڏسي کِلي پيو. ڪونج بہ ٻاهر نڪري آئي.

عنيق وري برش ۾ رنگ کڻي اوڪڙو ويهي پٽ تي هڪ شڪل ٺاهيندي چيو،”هي ڏند آهن.... هي اکيون آهن.... هي ڳن آهن.... هي نَڪُ آهي.... هي ٻانهون آهن.... “ ائين هُو هڪ ماڻهوءَ جي مڪمل تصوير ٺاهي ويو. سرمد کِلي کيس شاباش ڏني.

ان ڪانپوءِ عنيق جي رنگن ۾ برش ۾ ايتري تہ دلچسپي وڌي ويئي آهي جو هاڻي هُو اڪثر گهر جي دروازن، پٽين، ڪاغذن، ڳتن ۽ ٿانوَن تي پيو ڪا نہ ڪا شيءِ ٺاهيندو آهي. هِن تہ پنهنجي امڙ کي سندس سالگرهہ جي موقعي تي، پئڪيج ڪُشيننگ - package cushioning (اچي رنگ جي فوم جهڙي شيءِ، جنهن سان اليڪٽرانڪس جون ٺاڪنئيون شيون دٻن ۾ بند ڪيون وينديون آهن) تي اهڙي طرح رنگ ڪري، اهو سوکڙيءَ طور ڏنو هو، جو اهو پري کان هڪڙو سهڻو گهر ٿي لڳو.

جڏهن هِن جا رنگ ختم ٿي ويندا آهن تہ اُن ئي مهل پيءُ کي ماءُ کان فون ڪرائي، اُهي وٺي اچڻ لاءِ چوندو آهي- ۽ پڻهس بہ وڏي شوق سان اهي وٺي ايندو آهي.

پينٽنگس ۾ عنيق جي اهڙي دلچسپي ڏسي، سرمد هِن جي سائنسدان بڻجڻ واري پنهنجي راءِ بدلائي سوچيندو آهي تہ، هيءُ تہ ڪو مصور ٿيندو.

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عنيق کي جانور بہ تمام گهڻا پسند آهن. هُو جڏهن ڪجهہ سمجهہ پريو ٿيو هو ۽ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ويو هو تہ اُتي جي ڪچن گهرن جي آڳُرن تي مال ٻڌل ڏسي حيران ٿي ويو هو، پر اُتي هن کي جيڪو جانور سڀ کان وڌيڪ وڻيو هو، اُها هئي ڇيلڙي. هيءُ وچي اُن جي ڪنڌ ۽ پٺيءَ تي هٿ ڦيريندو ۽ ان جي مُنهن تي هٿ رکي بيهندو هو.

عنيق سائو گاهہ ڪٽي ڇيلڙيءَ کي ڏيندو هو ۽ جڏهن اُها گاهہ جو هڪ هڪ تيلو ڪري چَرڻ لڳندي هئي تہ هيءُ کِلڻ ۽ خوش ٿيڻ لڳندو هو.

جڏهن هُو واپس ڪراچيءَ آيو تہ، اُتي بہ هيءُ پنهنجي گهر جي پرسان پنهنجي ويڳي ناني بونيءَ جي بابا رجب عليءَ جي گهر جي دروازي پرسان هڪ ٻڪري ٻڌل ڏسي، اُن جي پرسان وڃي بيٺو. اُن کيس ٽَڪر ٿي هنيو، پر هيءُ پوئتي هٽي ويو هو. بعد ۾ هيءُ ان ٻڪريءَ سان پيار تہ ڪندو هو، پر اُن جي ٽَڪر کان ڊڄي اُن کان پري ٿي بيهندو هو. هن اِن ٻڪريءَ جو نالو "سونُو" رکيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ٻڪري ڏسي عنيق وري پنهنجي بابا کي چوڻ شروع ڪيو ته، ”بابا، مون کي به ٻڪري وٺي ڏي“ هيءُ اها فرمائش روز پنهنجي والد سان ڪرڻ لڳو جنهن تي هُو ها ڪندو هو.

........

تازو جڏهن سرمد وارا بهار جي مُند ۾ پنهنجي ڳوٺ، عنيق جي سئوٽ شاهزيب جي طوهر تي ويا ته عنيق اڳ واري ڏٺل ڳوٺاڻي ماحول مان اجا وڌيڪ مزو وٺڻ لڳو.

ان دوران ئي سندس چاچي پريل جڏهن کيس ٻڌايو هو ته، ”مون تولاءِ هڪ ڇيلڙي ورتي آهي،“ ته پوءِ ته عنيق سندس پويان لڳي پيو ۽ چوڻ لڳو هو ”مون کي ڇيلڙي ڏيکار.“ نيٺ چاچنهس جڏهن گهر اچي ۽ کيس وٺي ويجي، وَاڙِ ۾ ٻڌل اُها ڇيلڙي ڏيکاري هئي ته هيءُ اُها ڏسي اصل ٽِڙي پيو هو - ۽ پوءِ واپس اچي پنهنجي بابا کي چوڻ لڳو. ”بابا اسان ڇيلڙي ڪٽي هلنداسين.“

”ها بابا، ڪٽي هلنداسين،“ پٽهسِ کيس دلجاءِ ڏني هئي.

ٻئي ڏينهن تي جڏهن هي واپس ڪراچيءَ اچڻ لاءِ تيار ٿي رهيا هئا ته عنيق پيءُ سان ضد ڪيو ته، ”بابا، ڇيلڙي ڪٽي هلون.“ پٽهس سندس ڳالهه مڃي ورتي.

هِنن لاڙڪاڻي شهر مان ڪِرائي تي هڪ ڪار پنهنجي ڳوٺ گُهرائي هئي، جيڪا اچي سندن اوطاق ۾ بيٺي. ان ۾ عنيق جي چاچن ۽ سئوٽن، عنيق جي بابا ۽ امان جا ٿيلها، عنيق ۽ عريب جي ڪاڏي پيتي جون شيون ۽ کين پڦين، چاچين ۽ ٻين مائٽياڻين پاران مليل سوکڙيون پاکڙيون رکيون.

سرمد به ڪونج، عنيق ۽ عريب سان گڏجي پنهنجي امڙ، پيئرن، ڀاڄاين، ڀائٽين، ڀائٽن ۽ ٻين مائٽياڻين کان موڪلائي اوطاق ۾ اچي ڪار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ بيٺو. پريل بہ چيلڙي ڪٺي آيو ۽ آٽي ڪار جي پرسان بيهاريائين. ڪار جي ڊرائيور چيلڙي کي ڏسندي ئي رُکي انداز ۾ چيو”مان اِها تہ نہ کڻندس. اِن جي ڦولهڙين ۽ پيشاب جي ڌپ گاڏيءَ مان ڪڏهن بہ نہ ويندي.“

ڊرائيور جو انڪار ٻڌي سرمد خاموش ٿي ويو. کيس ڏک تہ ڏاڍو ٿيو تہ عنيق چيلڙي کڻي هلڻ واري ڳالهہ تي ڪيترو نہ خوش آهي. اُتي بيٺل ٻيا ماڻهو بہ چپ ٿي ويا. عنيق جو مُنهن لهي ويو. پريل کي ڪاوڙ اچي وئي، سو ڊرائيور کي چوڻ لڳو”پنهنجي مرضيءَ جا پئسا ٿو وٺين، ڏسان تہ ڪيئن نٿو چيلڙي کڻين؟“

ان تي سرمد کيس سمجهائيندي چيو ”ڪا ڳالهہ ناهي. مان عنيق کي ڪراچيءَ ۾ هِن ڪان بہ سُٺي چيلڙي وٺي ڏيندس.“ هن عنيق کي هنج تي کڻندي چيو ”بابا، هيءَ ڪار ۾ نہ ويهي سگهندي. اسان ٻئي پيري جڏهن ايندا سين تہ پوءِ ريل گاڏيءَ ۾ اها کڻي هلنداسين. باقي مان توکي ڪراچيءَ پهچي ٻي پلي چيلڙي وٺي ڏيندس.“

عنيق کي جيتوڻيڪ اها ڳالهہ نہ وڻي، پر هِن صورتحال کي سمجهندي وڌيڪ ضد نہ ڪيو.

عنيق وارا رات جو ڪراچيءَ، پنهنجي گهر پهتا. سڄي ڏينهن جي سفر جي ڪري هي سڀ ڏاڍا ٿڪجي پيا هئا، انڪري سوير سمهي پيا. صبح جو سرمد آفيس ويو. عنيق ٿورو دير سان ننڊ مان اُٿيو تہ بوني معمول مطابق کيس کڻڻ آئي. عنيق ساڻس گڏجي جيئن ئي سندن گهر جي در اڳيان پهتو تہ اُتي ٻڪري ٻڌل نہ ڏسي هِن بونيءَ کان ٻڪريءَ جو پڇيو، جنهن تي هُن ٻڌايس تہ ”اُها اسان تہ کُهي ڇڏي.“ اهو ٻڌندي ئي عنيق تمام گهڻو ڏکارو ٿي ويو.

رات جو جڏهن پڻهس واپس گهر آيو تہ ان کي ٻڌايائين تہ ”بابا، بونيءَ وارن ٻڪري ڪُٽي ڇڏي“ (معنيٰ کُهي ڇڏي). پڻهس بہ اها ڳالهہ ٻڌي ڏکارو ٿي ويو- ڇاڪاڻ جو هيءُ جانورن جي ڪوس جي خلاف آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ هن عنيق کي چيو، ”عنيق بابا، ڳوٺ ۾ تنهنجي چاچا پريل وٽ جيڪا تنهنجي ڇيلڙي بيٺي آهي نه، اسان اُها نه گهُمائينداسين. اُها وڏي ٻڪري ٿيندي، ڦَر ڏيندي، پوءِ اسان اُن جو کير پيئنداسين.“

”صحيح آ بابا،“ معصوم انداز ۾ عنيق خوش ٿي چيو. پٽهس سندس مٿي تي پيار وچان ٿڦکي ڏني.

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سرمد چاهيو پئي تہ هُو پنهنجي ٻارن کي ڪراچي شهر جي گارڊن واري علائقي ۾ واقع راڻي باغ بہ ضرور گهمائي، تہ جيئن هُو اُتي موجود مختلف قسمن جا جانور ۽ پکي پنهنجي اکين سان، ويجهي کان ڏسي سگهن.

هڪ آچر واري ڏينهن هُو جڏهن ڪچڙيءَ منجهند جو راڻي باغ جي دروازي وٽان ٽڪيٽون وٺي، جيئن ئي اِن جي اندر گهڙيا تہ کين ماڻهن جي هڪ وڏي پيهہ نظر آئي. ڪي مايون، مرد ۽ ٻار اِن مان ٻاهر نڪتا پئي آيا تہ، ڪي اجا گهمڻ پئي ويا. هر ننڍو وڏو خوش نظر اچي رهيو هو. ٻين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهرن جيان ڪراچي شهر ۾ موجود تفريح گاهون خاص طور موڪلن وارن ڏينهن تي وڏيڪ رونقدار بڻجي وينديون آهن. اِنهن ڏينهن تي ههڙين جاين تي جڻ تہ ميلو لڳي ويندو آهي.

سرمد وارا راڻي باغ ۾ ٿورو اڳتي هليا، جيئن ئي ساڄي هٿ تي مُڙيا تہ ڪين وڏن وڏن پڃرن ۾ بند پيل چيتو، شينهن، لومڙي ۽ يولڙا نظر آيا. انهن کي ڏسي عنيق خوش ٿيندي پيءُ کي هر هر چوڻ لڳو "بابا هنج تي ٽڻ (ڪڻ)." پڻهس کيس هنج تي ڪنيو. ڪونج وري عريب کي ڪنيو.

عنيق کي پڃرن ۾ بند جانورن کان ڪو ڊپ نہ پئي ٿيو. هي اڳتي وڌيا تہ ڪين هرڻ، مور، ڊيل، بدڪون، باز، ڪبوتر ۽ ٻيا پکي ۽ جانور نظر آيا. هنن ٻارن انهن کي ڏسي خوب مزو پئي ماڻيو. عنيق وارن کي خوش ٿيندو ڏسي، سرمد ۽ ڪونج بہ خوش ٿي رهيا هئا. اتي سرمد ۽ ڪونج عنيق ۽ عريب جون خوب تصويرون بہ ڪڍيون.

ان بعد هي اڳتي وڌي راڻي باغ ۾ اندر هلندڙ ريل گاڏيءَ جون ٽڪيٽون وٺي ان ۾ اچي ويٺا. هڪ ئي دَٻي واري اِن گاڏيءَ ۾ ٻيا بہ ڪجھ ماڻهو ويٺا هئا. ريل گاڏيءَ آهستي آهستي هلي، هِنن کي راڻي باغ جي مختلف حصن جو سنو سئر ڪرايو. عنيق تہ ريل گاڏيءَ جي هلڻ کان اڳ ۾ ئي ان جي مُنڍ تي وڃي چڙهي ويهي رهيو هو. جتي سرمد سندس تصوير بہ ڪڍي هئي، پر پوءِ ريل گاڏيءَ جي هلڻ کان اڳ ۾ سرمد کيس لاهي، اندر اچي، پاڻ سان گڏ، دريءَ واري پاسي کان ويهاريو هو.

ريل گاڏيءَ تي چڙهي راڻي باغ جو چڪر ڏيڻ کان پوءِ هنن پاڻ کي ڪجھ ٿڪل محسوس ڪيو تہ هڪ ڪشادي باغيچي جي چٻر تي اچي، گهران کڻي آيل چادر وڇائي ويٺا. پر عنيق ۽ عريب کي ويهڻ ڪٿي ٿي آيو. هنن باغيچي ۾ وري ڊوڙڻ شروع ڪيو.

اتي عريب کي هڪ ٻلي نظر آئي، تہ هُو ان جي پويان ڀڄڻ لڳو ۽ ڪافي پري تائين اُن جي پويان نڪري ويو. جتان سرمد کيس ڊوڙ پائي واپس کڻي آيو. عنيق هاڻي اتي ليٽي فيڊر ۾ کير پي رهيو هو. عريب کي بہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهس فيڊر ۾ ڪير ڏنو. جڏهن تہ سرمد ۾ ڪونج گهران ناهي ڪٽي آيل چولا، چاٺ، ڪڪڙ جون ٻوٽيون ۽ مڇيءَ جون ٽِڪيون ڪائڻ لڳا.

هي اوٻاريل پاڻي بہ پنهنجي گهران ڪٽي آيا هئا، چاڪاڻ جو سرمد ڪڏهن بہ، نہ پاڻ شهر جو عام ۽ کُليل پاڻي پيئندو آهي ۽ نہ وري پنهنجن ٻارن کي اهو پيارينڌو آهي، چاڪاڻ جو هيءُ ڊاڪٽرن جي اِن ڳالهہ تي عمل ڪندو آهي تہ، 'هن شهر ۾ سَوَ مان پنجهتر سيڪڙو بيماريون صاف نہ ٿيل پاڻي پيئڻ مان ٿين ٿيون.' ٻاهر جيڪڏهن هي گهران اوٻاريل پاڻي ناهن ڪٽي ويندا تہ پوءِ سنو منرل واٽر وٺندا آهن.

اڌ ڪلاڪ ڪن باغيچي ۾ ويهي هي اتان اُٿي راڻي باغ ۾ ٿهيل رستن تان آهستي آهستي هلڻ لڳا. ان دوران سرمد عنيق کي ٻڌايو تہ،"عنيق، هيءُ گارڊن 1893ع ۾ قائم ڪيو ويو هو جنهن بعد هِن جو نالو 'گانڌي گارڊن' رکيو ويو هو. پوءِ ان جو نالو تبديل ڪري اِن کي "ڪراچي زولاجيڪل گارڊن" جو نالو ڏنو ويو. بعد ۾ هِن جو نالو رکيو "ڪراچي زو" (Karachi Zoo)رهجي ويو. هاڻي ماڻهو هِن کي 'راڻي باغ' بہ چوندا آهن۔ ۽ ڪي هِن کي 'چڙيا گهر' چوندا آهن."

"پر بابا، هِن ۾ رکو چڙيا تہ ناهي. هِن ۾ تہ شينهن، لومڙ ۽ ٻيا جانور ۽ پکي بہ آهن." عنيق جي اِن اهم سوال تي سرمد رکو ايترو چيو"ها عنيق، تون صحيح آهين تہ هِتي ٻيا بہ جانور ۽ پکي آهن، پر خبر ناهي ڇو هِن کي رکو 'چڙيا گهر' چون ٿا."

هي ٿورڙو اڳتي هليا تہ سرمد وري عنيق کي چيو"عنيق، توکي خبر آهي تہ اسان 'چڙيا' کي سنڌيءَ ۾ ڇا چوندا آهيون؟"

"نہ بابا،" عنيق چيو.

"اسان سنڌيءَ ۾ اِن کي 'جهرڪي' چوندا آهيون ۽ انگريزيءَ ۾ 'اسپئرو' (sparrow) چوندا آهيون."

"اڇا...." عنيق پنهنجي والد سرمد جو نقل ڪندي چيو، جيڪو هر ڳالهہ تي 'اڇا' چوندو آهي. عنيق جي ان جواب تي سرمد کِلي وري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس چيو ”بابا، توکي خبر آهي تہ اسان جهرڪيءَ جي گهر کي ڇا چوندا آهيون؟“

”ڇا چوندا آهيون بابا؟“

”اسان جهرڪيءَ جي گهر کي سنڌيءَ ۾ ’آکيرو‘ چوندا آهيون ۽ انگريزيءَ ۾ ان کي ’نيسٽ‘ (nest) چوندا آهيون.“

”اڇا،“ عنيق وري ساڳئي پيءُ واري لهجي ۾ چيو تہ سرمد سان گڏ عنيق پاڻ ۾ ڪونج بہ کِلي پيا.

هاڻي هي ڪافي ٿڪجي پيا هئا. عنيق ۽ عريب کي بہ ننڊ اچڻ لڳي هئي. سو هي راڻي باغ مان ٻاهر نڪري اچي جيئن ئي ڪرائي تي ڪيل گاڏيءَ ۾ ويٺا ۽ ايم اي جناح روڊ تي مَس پهتا تہ عنيق ۽ عريب کي ننڊ اچي وئي.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪجھ عرصي ڪانپوءِ جولاءِ جي مهيني ۾ ڪونج سرمد کي چيو تہ، ”دل ٿي چوي تہ سيوهڻ هلئون. نانيءَ وارن سان ملي اچئون. ناني ماستر محمد صالح جي لاڏاڻي ڪانپوءِ نانيءَ سان ملڻ تي دِل سَٽ ٿي کائي.“

سرمد ها ڪئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳليءَ آچر تي هي سيوهڻ ۾ عنيق جي پڙناني جنت خاتون جي گهر ويا پئي تہ لڪيءَ جي پهاڙن کان سرمد، عنيق کي پري کان سنڌو درياهہ ڏيکاريندي چيو ”عنيق، مون اڳ ۾ جيڪو توکي حيدرآباد جي پُل وٽان سنڌو درياهہ ڏيکاريو هو نہ، هي اُهو ئي سنڌو درياهہ اٿئي، جيڪو هِتان وَهي حيدرآباد واري پاسي ڏانهن وڃي ٿو. ۽ اُتان اڳتي ڪراچيءَ واري پاسي ڏانهن وڃي سمنڊ ۾ پوي ٿو.“

”پر بابا، ان ۾ ڪشتي ڪاٿي آ؟“ عنيق پڇيو.

”او هُوءَ پري جيڪا بيني آهي نہ، اها ڪشتي اٿئي، پر ان جو سنڌيءَ ۾ نالو ٻيڙي آهي، ۽ انگريزيءَ ۾ ان کي بَوٽَ (boat) چوندا آهن.“

”بابا، پاڻي ڏيکار... عنيق انگل ڪيو.

”پٽ، اهو توکي پوءِ ڏيکاريندس، هاڻي سيوهڻ ٿا هلئون،“ پٺهنس چيو.

”نہ بابا، هِنَر ڏيکار،“ عنيق پنهنجي ضد واري رڳ تي اچڻ لڳو.

چڱو هينئن ٿا ڪيون تہ اول سيوهڻ مان ٿي اچئون. اُتي تنهنجي پڙ نانيءَ سان ملي اچئون، تہ پوءِ مان توکي پاڻي ڏيکاريان ٿو.“

جيتوڻيڪ اها ڳالهہ عنيق کي نہ وڻي، تنهن هوندي بہ هُو چپ ٿي ويو.

هي سيوهڻ ۾ ڪونج جي نانيءَ جي گهر ۾ هڪ رات رهيا. رات جو هي قلندر شهباز جي درگاهہ تي بہ ويا. جتي فقيرن ۽ عام ماڻهن کي ڌمال هڻندي ڏسي عنيق حيرت ۾ پئجي ويو. عنيق بہ ٿوري ڌمال هنئي.

صبح جو سرمد وارا تريل مڇي، جيرن، ڏونئري ۽ مکڻ سان مَکيل ڍڳڙين سان نيرن ڪري پنهنجي ڳوٺ لاءِ روانا ٿيا. هي منجهند ڌاران ڏوڪريءَ پهتا. جتي پنهنجي چاچا ٻڍل جي گهر پهچڻ سان ئي عنيق جي عياشي ٿي وئي، ڇو تہ اُتي هن پنهنجن سئوٽن: مير، ڪاشي، شاهزيب، ڪامران، صوف ۽ ٻين سان ملڻ ڪانپوءِ ڪنهن ٻئي کي سڃاتو ئي نہ پئي.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ٻئي ڏينهن تي منجهند جو عنيق، سرمد ۽ سندس دوست، محمد علي پنهارڻ ۽ طالب چنو سنڌو درياهه ڏسڻ لاءِ نِڪتا. هي مهين جي دڙي جي ويجهو پهچي، اُن جي اولهه مان عنيق جي مائٽن جي ڳوٺ ”ڏنڊ“ جي پرسان وارو روڊ ڏيئي، ڳوٺ ٻلهڙيجي جي اوپر کان سنڌو درياهه جي بند تي وڃي چڙهيا. پوءِ هُو اِهو بند ڏيئي، ڏکڻ طرف سِڌو محبڻ شاهه واري پتڻ وٽان سنڌو درياهه جي ڪپرَ تي پهتا.

سنڌو درياهه پاڻيءَ سان تارِ ٿي وهيو. هي اُن جاءِ تي وڃي بيٺا، جتان پاڻي ڪپر کي پائي رهيو هو. اُتي سرمد کي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جون هي سِٽون ياد اچي ويون:

”ڪپرُ ٿو ڪُنَ ڪري، جيئن ماڻيءَ منجهه مَهي.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرمد عنيق کي ڏسي سوچيو ته، اڄ جي هِنن شهري ٻارن کي ته مَهيءَ جي به ڪا خبر نه هوندي ته اها ڇا ٿيندي آهي؟ هِنن ته ڳوٺ ۾ پنهنجي مال جي کيرَ مان ٺهيل ڏونئرو به ناهي کاڌو ۽ نه ئي اُن ڏونئري مان ٺهيل مَهي کاڌي آهي، جيڪا ڏونئري کان ٿوري ڇڊِي ٿيندي آهي. هي ته هاڻي خانگي اسڪولن جي نصاب ۾ اهو نظم به نٿا پڙهن، جنهن ۾ چيل آهي:

”جُهو جُهو ماتي، لسي پنهنجي گهاتي، امڙ سياڻي....“

سرمد کي ياد آيو ته هڪ ڀيري جڏهن سندس امڙ ڀاڳان ڪراچيءَ ۾ وٽس آئي هئي ته، ائين ڳالهيون ڪندي، جڏهن ڳوٺن ۾ ڏونئري ناهڻ جي ڳالهه نڪتي هئي ته هُن کيس ٻڌايو هو ته،”اسان رات جو کيرَ ۾ ٿورو ڏُڌُ (لسي) وجهي رکنديون هيونسين، جيڪو صبح جو ڄمي ڄَڪ ٿي ويندو هو. پوءِ اُهو ڪٽَي ڏونئرو ڪري کائيندا هئاسين....اسانجي ڳوٺ وارن گهرن ۾ اڄا به ائين ڏونئرو ناهبو آهي.“

سرمد سوچن مان واپس آيو.

پوءِ هي سنڌو درياهه جي ڪپ کان ٿورو پوئتي هَٽي بيٺا. سنڌو درياهه جي لُڙاٽئي پاڻيءَ مان ڪاٺيون، ٻُنڊَ، ڪَک، ٽَڏيون ۽ ٻيون اهڙيون شيون ترنديون ٿي آيون.

اُتي سرمد عنيق کي سنڌو درياهه بابت ٻڌائيندي چيو ته،”عنيق، هي جيڪو سنڌو درياهه ۾ پاڻي ڏسين ٿو نه، اهو پري کان، هماليا نالي واري هڪ وڏي جبل تي پيل برف جڏهن پِگهرجندي آهي نه، ته پوءِ اُها پاڻي ٿي سنڌو درياهه ۾ پوندي آهي. ائين سنڌو درياهه پاڻيءَ سان پرجي وهي هلندو آهي.“

”بابا، جيڪا برف اسانجي فرج ۾ هوندي آ، اُها؟“ عنيق پڇيو.

“ها، اهڙي برف،“سرمد جواب ڏئي کيس سنڌوءَ بابت وڌيڪ ٻڌائڻ لڳو:”هيءُ درياهه ڪشمير ۽ لداخ جي علائقن مان گذرندو ايندو آهي. پوءِ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي پاڪستان جي خيبر پختونخواه صوبي مان گذري، پنجاب جي علائقن مان ٿيندو اسان جيءَ سنڌ ۾ ايندو آهي - ۽ پوءِ سنڌ مان ٿيندو سمنڊ ۾ وڃي پوندو آهي.“

”اڳتي بابا،“ عنيق، جيڪو خاموشي ۽ غور سان پنهنجي پيءُ جي ڳالهه ٻڌي رهيو هو، تنهن سنڌودرياهه تي هڪ نظر وجهندي پڇيو.

”اڳتي بس، ڪجهه به نه.“ سرمد وراڻيو.

”پو سنڌو درياهه جو پاڻي ڪاڏي ويو؟“ عنيق معصوماڻو سوال ڪيو.

”سنڌو درياهه جو پاڻي بس سمنڊ جي پاڻيءَ سان ملي ويو.“ سرمد وراڻيو.

”پو بابا هن پاڻيءَ ۾ لهون؟“ عنيق چيو.

”نه بابا، هي جيڪو پاڻي آ نه_ اهو هيٺ وڏو آ. هن ۾ ٻيڙيءَ ڪانسواءِ نٿو لهي سگهجي.“

”پو ٻيڙي ڪاٿي آ؟“ عنيق پڇيو.

”اُها ته ڪونهي، پر چڱو مان توکي سنڌو درياهه بابت ڪجهه وڌيڪ ٻڌايان ٿو.“

”ٻڌاءِ،“ عنيق چيو.

سرمد ڪيس وڌيڪ ٻڌائڻ لڳو”خيبرپختونخواه صوبي ۾سنڌو درياهه جو نالو ’اباسين‘ آهي ۽ اُتي هن کي ’شير درياهه‘ به چوندا آهن.“

”شير ڪٿي آ؟“ عنيق پڇيو.

”شير ڪونهي، پر ڏس هيءُ درياهہ شير وانگر گجگوڙ ڪندو اچي ٿو. هن ۾ ايڏي طاقت آهي جو هن جي اڳيان جيڪا به شيءِ ايندي، اُها لڙهي ويندي. هيءُ درياهه لڳ ڀڳ 3180 ڪلوميٽر سفر ڪري سمنڊ ۾ وڃي پوي ٿو. جيڪو تبت جي علائقي مان هلي، والاريل جمون ۽ ڪشمير مان ٿيندو، گلت بلتستان مان گذري اسان وٽ اچي ٿو.

”پو هي پنهنجي پيٽ ۾ ماني کائيندو آ؟“ عنيق پڇيو.

”ها، پر هي پاڻي هِن جي ماني آهي. اهو پاڻي هن جي پيٽ ۾ هوندو آهي ته هي مستيءَ ۾ هوندو آهي،“ سرمد ائين چئي هڪڙو پٿر کڻي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ اڇلايو ته عنيق به ننڍڙو پٿر کڻي پاڻيءَ ۾ اڇلايو جنهن سان پاڻيءَ ۾ ننهنڍڙ ننڍڙا دائرا ڏسي عنيق خوش ٿيڻ لڳو.

هاڻي شام ٿي رهي هئي. سج لهڻ تي هو. سرمد عنيق کي چيو"هاڻي سنڌو درياهه بابت آخري ڳالهه ٻڌ بابا. پوءِ ٿا گهر هلون."

"ٻُڌاءِ." عنيق چيو.

"هاڻي هن سنڌو درياهه جو پاڻي سمنڊ ۾ يا ته پوندو ئي ناهي، يا وري گهٽ پوندو آهي."

چو؟" عنيق پڇيو.

"هن جو هي پاڻي، هڪڙو بئراج آهي. جنهن کي ڪوٽڙي بئراج چوندا آهن. اُن کان هيٺ گهٽ ويندو آهي."

"پر هِن ۾ ته گهڻو پاڻي آ بابا." عنيق چيو.

"ها. هن پيري درياهه ۾ گهڻو پاڻي آيو آهي. هن پيري ٻوڏ آهي، تنهن ڪري پاڻي اُن سمنڊ ۾ ويندو. جتي پاڻ گهمڻ هلندا آهيون."

"جتي مان هارس (گهوڙي) ۽ ڪيمل (اُٺ) تي چڙهيو هئس؟" عنيق چيو.

"ها اتي. نه ته باقي سالن ۾ سمنڊ ۾ پاڻي نه ويو آهي." ائين چئي سرمد عنيق کان پڇيو.

"عنيق. توکي ياد آهي ته اسان کي هڪ پيري ڪراچيءَ واري گهرَ تي هڪڙو گهوراڙو مڇي ڏئي ويو هو؟"

"ها ڏئي ويو هو بابا." عنيق چيو.

"اُها ڪهڙي مڇي هئي؟"

"اُها ته لاڙڪاڻي جي مڇي هئي." عنيق چيو.

"ها. اُها لاڙڪاڻي جي مڇي ته هئي. پر اُن جو هڪڙو نالو به هو."

"ڪهڙو؟" عنيق تجسس مان پڇيو.

"ان جو نالو هو 'پَلو...'. سرمد کيس ٻڌايو.

"ها پلو" عنيق کي ياد اچي ويو.

”پوءِ اسان رات جو جنهن پَلي جو ٻوڙُ کاڌو هئو نہ، اهو پلو بہ سمنڊ جي پرسان پيدا ٿيندو آهي،“ سرمد کيس ٻڌايو.

”اُتي چو هِتي چو نہ؟“ عنيق سوال ڪيو.

”اُتي انڪري جو سمنڊ جي کاري ۽ سنڌو درياهہ جي مٺي پاڻيءَ جي پاڻ ۾ ملڻ واري جاءِ تي پَلو پيدا ٿيندو آهي. ان ڪانپوءِ اِهو درياهہ ۾ مٺي، هيڏي اسان جي شهر لاڙڪاڻي ۽ سکر تائين ايندو آهي.“

”وڏيڪ ٻڌاءِ بابا،“ عنيق سنڌو درياهہ کي ڏسندي چيو.

”وڏيڪ اهو تہ جتي سنڌو درياهہ کُتندو آهي، ان جاءِ کي انڊس ڊيلٽا چوندا آهن. سنڌو درياهہ کي انگريزيءَ ۾ انڊس (Indus) چوندا آهن، سو ان انڊس ڊيلٽا ۾ جهينگو مڇي بہ ٿيندي آهي. اتي اُٺ هوندا آهن، ۽ تمر جا ٻيلا بہ هوندا آهن. جيڪي اُٺ چَرندا آهن ۽ جن ۾ جهينگن جي پالنا ٿيندي آهي.“

”بابا، اسان ابراهيم حيدريءَ مان جهينگا وٺي آيا هئاسين نہ؟“ عنيق چيو.

”ها اسان اُتان جهينگا وٺي آيا هئاسين - ۽ پوءِ تنهنجي امان جهينگن جو پلاءُ ٺاهيو هو ۽ اسان اهو کاڌو هو.“

”ها.... عريب بہ کاڌو هو“ عنيق چيو.

”ها، عريب بہ کاڌو هو...“ سرمد ائين چوندي سج کي ڏٺو تہ ان جي باقي ڪا گهڙي وڃي ٻاهر رهي هئي. سرمد عنيق کي موٽر سائيڪل تي ويهاريو. هن محمد علي ۽ طالب کي بہ سڏ ڪيو. جيڪي سنڌو درياهہ جي ڪناري سان پَري نڪري ويا هئا. اِهي آيا تہ پوءِ هي واپس پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿيا.

هي جڏهن ٻلهڙيجيءَ وٽان، سنڌو درياهہ جي بند تان گذريا پئي تہ سرمد جي هڪ دل سَٽ کاڌي تہ هي سنڌ جي هڪ وڏي اديب ۽ پنهنجي محسن انور پيرزادي صاحب جي آخري آرامگاهہ تي وڃن، ۽ اُتي وڃي، ساڻس ائين ڪچهري ڪن، جيئن جڏهن هو زنده هو تہ. ساڻس فقير يار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد جي مڪان تي، چُلهہ جي چوڌاري وچايل رلهين تي ويهي، ڪچهريون ڪندا هئا، پر هِن ڀيري هي انڪري اوڌانهن نہ ويا جو سج لهي رهيو هو ۽ رات جي پهر ۾ سرمد عنيق کي اهڙي ڪنهن جاءِ تي نہ ٿي وٺي وڃڻ چاهيو جتان جو خوفائتو ماحول سندس ذهن ۾ ويهڻ لڳي.

هي اڳتي وڌي آيا ۽ جڏهن مُهين جي دڙي وٽ پهتا تہ عنيق مُهين جي دڙي ڏانهن اشارو ڪندي پيءُ کي چيو "بابا هيڏي هلون؟"

"نہ بابا، هِن وقت سج لهي ويو آهي. رات جو اوندهہ ۾ تون مُهين جي دڙي تي ڪجهہ بہ نہ ڏسي سگهندين. ٻئي ڀيري هلنداسين."

"سڀاڻي هلنداسين عنيق،" محمد علي پناڻ ڪيس چيو جيڪو طالب جي موٽر سائيڪل تي ويٺل هو ۽ هِنن سان گڏ گڏ هلي رهيو هو.

"مُهين جو دڙو اسانجو اهڙو پراڻو ۽ تباهہ ٿيل شهر آهي بابا، جيڪو ننڍين ٻارن کي ڏينهن جي روشنيءَ ۾ گهمڻ گهرجي،" محمد عليءَ عنيق کي سمجهائيندي چيو جيڪو پنهنجي پيءُ سان موٽر سائيڪل تي اڳيان ويٺو هو. تنهن ڪنڌ ورائي مُهين جي دڙي ڏانهن ڏٺو جتي ويراني ۾ ڪي چند پيلا بلب ٽمڪي رهيا هئا. پوءِ هي سوهو ڳوٺ وارين مانڊٽين کان مُهين جو دڙو- لاڙڪاڻو روڊ ڏيئي چنا پل وٽ پهتا، جتي محمد علي لاڙڪاڻي وڃڻ لاءِ لٿو. سرمد وارا بہ اُتي ساڻس گڏ بيٺا. جڏهن لاڙڪاڻي واري وين آئي ۽ محمد علي ان ۾ چڙهيو تہ پوءِ سرمد وارا ڏوڪريءَ ۾ پنهنجي گهر آيا.

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هاڻي هِنن کي، عنيق کي مُهين جو دڙو گهمائڻو هو. سو وَرندي صبح جو ساڍي ڏهين وڳي ڏاران محمد علي لاڙڪاڻي مان ۽ طالب چنو ڏوڪري شهر جي پنهنجي ناري واري گهرَ مان سرمد وٽ آيا. جتي هن کين پنهنجي گهر جي ڊرائنگ روم ۾ ويهاري چانهہ پيئاري. هُو اُتي ڪجهہ رسمي حال احوال ڪرڻ کانپوءِ عنيق کي وٺي مُهين جي دڙي تي ويا. کين ڪار تي ڏوڪريءَ مان مُهين جي دڙي تي پهچڻ ۾ ڪي پندرهن منٽ مس لڳا. هُو جيئن ئي مهين جي دڙي جي مکيہ دروازي وٽ پهتا تہ عنيق پيءُ کان پڇيو "بابا، هي ڇاهي؟"

"پٽ، هيءُ مهين جو دڙو آهي؟"

"هِتي ڇا هوندو آهي؟" عنيق معصوم سوال ڪيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پُٽ هتي هاڻي ته ڪجهه به ناهي هوندو. هاڻي ته هيءُ هڪ دڙو آهي، پر گهڻو اڳ ۾ هِتي هڪ وڏو شهر آباد هو. جيڪو بعد ۾ تباهه ٿي ويو؟
”ڪهڙو شهر بابا؟“ عنيق سمجهڻ پئي چاهيو.
”بابا گاڏيءَ مان لهون ته مان توکي ٻڌايان ٿو“ سرمد گاڏي پارڪنگ واري پاسي بيهاريندي، اُن مان لهندي چيو. هي سيئي گاڏيءَ مان لٿا. اڄ سرمد پنهنجي وڏي پاءُ ٻيل جي ڪار ڪاهي آيو هو.
هي جيئن ئي پنڌ هلي، مکيه دروازي مان ٽپي، اندر مُهين جي دڙي جي آثارن ڏانهن وڌڻ لڳا ته، سرمد عنيق کي ٻڌائڻ شروع ڪيو. ”عنيق هيءُ شهر پنجن کان ڏهه هزار سال اڳ ۾ ائين هڪ آباد شهر هو. جيئن اڄ اسان جو ڳوٺ جنگياڻي آهي، يا جيئن ڏوڪري شهر آهي، يا جيئن ڪراچي شهر آهي، پر پوءِ چون ٿا ته ڪنهن قدرتي آفت سبب هيءُ شهر تباهه ٿي ويو.“
”بابا، ڪيئن تباهه ٿيو؟“ عنيق سوال ڪيو.

سرمد وارا هاڻي ميوزيم جي ويجهو پهتا هئا. ميوزيم جي هڪ پِتِ تي مُهين جي دڙي جي ڏاند جي ٺهيل تصوير عنيق جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪايو ـ ۽ هُو اُتي بيهي اُها وڏي غور سان ڏسندي، هلڪي رڙ ڪري چوڻ لڳو ”بابا بُل (Bull) ...“
”ها بابا، بُل، ڏاند....ڍڳو...“ سرمد ائين چئي سندس اڳ واري سوال جي جواب ۾ چيو ته، ”عنيق، تو جيڪا ڳالهه پُڇي نه. ته مُهين جو دڙو ڪيئن تباهه ٿيو ته ان بابت ڪجهه ماڻهو چون ٿا ته اِن کي سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تباهه ڪيو هو.“
”پو ماڻهو ڪاڏي ويا؟“
”اُهي هليا ويا؟“
”ڪاڏي هليا ويا؟“
اُهي درياهه ٽپي ٻئي پاسي هليا ويا،“سرمد ڪيس اهو اصلي جواب ڏيڻ نٿي چاهيو ته،’اهي ماڻهو مري ويا هئا.‘


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ هي اندر ميوزيم ۾ ويا، جتي مُهين جي دڙي مان لڌل شيون جهڙوڪ: ٺِڪرَ جا ٿانوَ زيور، ڏاند گاڏي، ناچڻي ۽ پروهت جون مورتيون ۽ ٻيون شيون ڏسڻ لڳا. ان دوران عنيق ٺِڪرَ جي هڪ مَٽَ ڏانهن اشارو ڪندي پيءُ کي چيو ”بابا، هھڙو تہ ڏاڏي امان وٽ بہ آهي.“

”ها بابا، اهڙو تنهنجي ڏاڏي امان وٽ بہ آهي.“

عنيق وري اُتي هڪ شوڪيس ۾ پيل زيورن ڏانهن اشارو ڪندي چيو”هھڙا تہ مما بہ پائيندي آهي.“

”جي عنيق،اِهي هار تنهنجي مما بہ پائيندي آهي.“

وري هن ڏاند گاڏيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو”هھڙي گاڏي تہ ڳوٺ ۾ چاچا ذوالفقار وٽ بہ آهي نہ بابا؟“

”ها، هھڙي ڏاند گاڏي تنهنجي چاچا ذوالفقار وٽ بہ آهي،“ پٺھس سندس ڳالھ جي تصديق ڪئي.

پوءِ هي ميوزم مان واپس اچي استوپا ڏانهن هلڻ لڳا، جتي سرمد عنيق کي مهين جي دڙي جون ڊڪيل نالين، وهنجڻ وارو تلاءُ (Great Bath)، ڪاليج، کوھ ۽ ٻيون جايون ڏيکاريون. ڪاليج وٽ پهچي سرمد کيس چيو”عنيق، هِتي اڳ ۾ شاگرد بہ پڙهندا هئا، ۽ اُنهن جو هتي ڪاليج هو.“

”پو شاگرد ڪاڏي ويا؟“ عنيق جي معصوميت ڀرين سوالن تي سرمد کي بيزاري نہ پئي ٿي، پر هِن تہ اِهو ئي چاهيو پئي تہ عنيق ڪائنس سوال ڪري، تہ منجهس سوال ڪرڻ جي عادت پيدا ٿئي ۽ هُو اُنهن جي جواب ۾ شين ۽ معاملن کي سمجهي.

”اُهي شاگرد بہ هليا ويا عنيق،“ سرمد چيو.

”اُهي ڪاڏي ويا بابا؟“ عنيق کي اِها ڳالھ سمجھ ۾ نہ پئي آئي تہ اهي شاگرد ڪاڏي ويا. تنهن تي سرمد وري بہ کيس اصل حقيقت ٻڌائڻ بدران چيو”اهي شاگرد پڙهي پنهنجي گهرن ڏانهن هليا ويا؟“

”اُنهن جا گهر ڪاٿي هِن؟“ عنيق وري سوال ڪيو.

”اُنهن جا گهر ڏوڪري ۾ ٻين ڳوٺن ۾ آهن.“ پٽهس ڄاڻي واڻي پنهنجي شهر جو نالو ڪٽي جواب ڏنو ته جيئن هو اها ڳالهه سولائيءَ سان سمجهي سگهي.

محمد علي ۽ طالب عنيق وارن ڪان ٿورا وٿيرڪا ٿي، پنهنجي مُنهن سان مُهين جو دڙو گهمي رهيا هئا. محمد عليءَ کي خبر هئي ته عنيق مُهين جي دڙي بابت سوال پنهنجي بابا کان ئي ڪندو. تنهن ڪري هُو متان هِنن جي موجودگيءَ سبب سوال پڇڻ کان هَٽڙ يا لڄ ڪري، ان ڪري هي ڪانئن پري پري ٿي هليا ٿي.

پوءِ اسٽوپا وٽان ٿي هي وري ڊي ڪي ايريا آيا. جتي جي ويڪري گهٽي ڏيکاريندي محمد عليءَ چيو”عنيق، هِن رستي تان ماڻهو درياهه جي مُهين جي دڙي واري بندرگاهه تان سامان کڻي ايندا هئا.“ عنيق ڪيس رڳو ڏنو ته محمد علي وري هڪ پٿر جي پرسان جهڪي اُتان ڪا شيءِ کڻي سيني کي اُها ڏيکاريندي چيو ”اڙي بابا، هي ته مُهين جي دڙي جي دور جي سڙيل ڪٺڪ جا داڻا آهن.“ سيني اِهي سڙيل ڪٺڪ جا ڪارا داڻا حيرت مان ڏٺا.
”بابا، مون کي ڏي، ڏسان.“ عنيق پيءُ کان ڪٺڪ جا داڻا گُهريا. جيڪي پٽهس ڪيس ڏنا ته هِن حيرت مان اهي ڏٺا.
اِهي داڻا دراصل اِنڪري ظاهر ٿيا هئا جو رات هِتي چڱي خاصي برسات پئي هئي.
پوءِ هي، ان ئي پاسي کان ٻاهر سنڌو درياهه طرف ويا. جتي محمد عليءَ کين ٻڌايو ته”مُهين جي دڙي جي دور ۾ هتي هڪ وڏو بندرگاهه هوندو هو. جتي سنڌ جا واپاري سڄي دنيا مان ٻيڙن ذريعي سامان آڻيندا هئا ۽ هِتان پنهنجو سامان ٻيڙن ذريعي ٻين ملڪن ڏانهن واپار سانگي کڻي ويندا هئا.“
عنيق وڏي غور سان هِنن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي منجهند ٽيڻ واري هئي. سو هِنن مهين جي دڙي تي موجود هوٽل تي ڪجهه کائڻ پيئڻ جو ارادو ڪيو.

هوٽل ڏانهن ويندي رستي ۾ 1922ع ۾ مُهين جي دڙي جي کوٽائي ڪندڙ سر جان مارشل جي بيٺل گاڏي ڏسي عنيق پيءُ کان پڇيو "بابا هيءَ گاڏي هِتي ڇو بيٺي آ؟"

"اِها انگريز بيٺي آهي جو جيڪي ماڻهو مهين جو دڙو گهمڻ اچن ٿا، اُنهن کي هيءَ گاڏي ڏسي اُن ماڻهوءَ جي ياد اچي، جنهن هِن دڙي جي کوٽائي ڪئي هئي."

"اُهو ڪير هو؟" عنيق پڇيو.

"اهو هڪڙو انگريز هو. اهڙو انگريز جهڙا تون ڪارٽونن يا فلمن ۾ ڏسندو آهين. اُن ماڻهوءَ پاڻ هِتي بيهي، هِن دڙي جي کوٽائي ڪرائي، اُن مان اهي نِڪر پٿر جا ٿانوَ ۽ ٻيو سامان ڪڍيو هو جيڪو هينئر تون ميوزيم ۾ ڏسي آيو آهين."

"بابا، ان جو نالو ڇا هو؟" عنيق پڇيو.

"اُن جو نالو سر جان هبرٽ مارشل هو ۽ هُو اُن وقت گڏيل هندستان جي آرڪيالوجيڪل سروي واري کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل هو." پيءُ جي اِن جواب تي عنيق سوچ ۾ پئجي ويو.

پوءِ هُو هوٽل تي پهتا ته سرمد، عنيق کي بسڪوٽ ۽ جوس وٺي ڏنو جڏهن ته ٻين چانهه پيتي. اُتي انور ڏنگڙائي ۽ ميرل ابڙو به ويٺا هئا، جيڪي جڻ ته ڄاوا ئي مُهين جي دڙي مان آهن. عنيق هِنن ٻنهي کي سڃاتو ڇو ته هي ڪلهه پڻهس سان سندن اوطاق ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئا، جتي عنيق پڻ هِنن سان هٿ ملايو هو ۽ هِنن ڪيس پاڻ سان گڏ ويهاري تصويرون ڪڍرايون هيون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتان اُتي هي هٿَ جي هُنرن (handicrafts) واري دڪان تي آيا، جتي سنڌ جون مختلف ثقافتي شيون رکيل آهن. عنيق اُهي ڏسي پيءُ کان پڇيو"بابا، هي شيون بہ مُهين جي دڙي مان مليون آهن؟" سندس اِن سوال تي سڀ کِليا تہ طالب چيو"ها، عنيق، اِهي سڀ شيون مُهين جي دڙي مان مليون آهن. اجرڪ تہ پڪ ئي پڪ سان مُهين جي دڙي مان مليو آهي، جنهن لاءِ چون ٿا تہ، اِهو مهين جي دڙي مان جيڪا پروهت جي مورتي ملي آهي، ۽ جيڪا تو ميوزيم ۾ ڏٺي، اُن جي ڪُلهي تي بہ جيڪي ڇِٽ نڪتل آهن، اُهي اجرڪ جي نشانن جهڙا آهن."

اِها ڳالهہ ٻڌي عنيق ڪنهن وڏي سوچ ۾ پئجي ويو. تہ ان دوران فوڪر جهاز جو ويجهي کان آواز ٻڌائين، جنهن تي هِن ڪنڌ مٿي ڪٽي اُن کي ڏسندي چيو "بابا، جهاز."

"ها بابا، اِهو جهاز آهي، جيڪو هِتي، جيڪا ايئرپورٽ آهي نہ، اُتي لهندو آهي."

"پو بابا، جهاز ۾ چڙهون؟ عنيق چيو.

"چوين ٿو تہ اِن ۾ چڙهون ٿا." سرمد جهٽ پَٽ ۾سندس اها ڳالهہ انڪري مڃي ورتي جو هِتي ايئرپورٽ تي سرمد جا ڪيترائي دوست ملازم آهن، جنهن ڪري هِتي عنيق کي جهاز ڏيکارڻ سرمد لاءِ ڪراچيءَ جي ايئرپورٽ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سولو هو.

هي جلديءَ ۾ پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهي ايئرپورٽ تي آيا. ان کان اڳ ۾ سرمد فون ڪري پنهنجي مائٽ عمرالدين، جيڪو ايئرپورٽ تي ملازم آهي، کي چيو تہ "اسان اچئون ٿا، عنيق کي جهاز ڏيکارڻو آهي." جنهن تي هُن کين چيو "ڀلي اچو."

ايئرپورٽ جي ٻاهران پارڪنگ واري جاءِ تي گاڏي بيهاري هي اجا ٿورو اڳتي مَس هليا تہ عمرالدين اچي ساڻن مليو. هُو کين ايئرپورٽ جي اندر وٺي ويو. ايئرپورٽ جا ڪافي ملازم سرمد جا دوست بہ هئا تہ ڪجهہ هِن سان اسڪول ۾ گڏ بہ پڙهيا هئا، اُهي بہ اچي هِنن سان مليا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرمد، عنيق ۽ عمرالدين جهاز وٽ ويا. جنهن مان آخري ماڻهو لهي رهيو هو. پوءِ هي عنيق کي اندر جهاز ۾ وٺي ويا ته، عنيق اندران جهاز جون سيٽون ڏسي، پيءُ کي چيو”بابا، هي ته بس جهڙو آهي.“

”ها بابا، هي آهي ته بس جهڙو پر هي اڏامي سگهندو آهي، ۽ بس ناهي اڏامي سگهندي.“

”بابا بس ڇو ناهي اڏامندي؟“ عنيق وري سادو سوال ڪيو.

”بس اِنڪري ناهي اڏامندي جو اُن کي پرَ ناهن هوندا، جڏهن ته جهاز کي پرَ آهن، ۽ هِن جهاز جي انجڻ ۽ بس واري انجڻ کان مختلف آهي،“ پڻهس کيس سمجهايو.

”پرَ ته پکين کي به هوندا آهن بابا... اسان جيڪي طوطا وتا هئا، پرَ اُنهن کي به هئا نه.“ عنيق چيو.

”ها، بلڪل، انهن کي به پَر هئا، تڏهن ئي ته هُو اڏامي ويا ـ ۽ هيءُ جهاز به سائنسدانن پکين کي اڏامندو ڏسي، پوءِ انهن جو نقل ڪري ٺاهيو آهي.“

پوءِ سرمد عنيق جو هٿ پڪڙي کيس جهاز جي ڏاکڻ تان هيٺ لاٿو. هي جهاز مان هيٺ لهي، جهاز جي ڦيٿن جي ويجهو اچي بيٺا. عنيق حيرت مان جهاز کي ڏسڻ لڳو. ان دوران مسافر جهاز ۾ سوار ٿيڻ لڳا ته، سرمد عنيق کي چيو ”عنيق، هاڻي بابا پاڻ هلئون ٿا، ڇو ته چاچهن عمرالدين کي به ڊيوٽي ڪرڻي آهي.“

عنيق ڪو جواب نه ڏنو جنهن مان سرمد سندس رضامندي سمجهي. هي ايئرپورٽ جي لائونج وٽ آيا، جتان عمرالدين کان موڪلائي، محمد علي ۽ طالب سان گڏجي اچي گاڏيءَ ۾ ويهي ڏوڪريءَ پهتا، جتان محمد علي ۽ طالب هِنن کان موڪلائي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيا.

ـ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڳوٺ ۾ ڪجهہ ڏينهن ترسڻ ڪانپوءِ جڏهن سرمد وارا واپس ڪراچيءَ لاءِ نڪتا پئي تہ هنن فيصلو ڪيو تہ هِن ڀيري هي ڏوڪريءَ مان بادِهہ۔ نصير آباد ۽ پوءِ انڊس هاءِ وي ذريعي ڪراچيءَ وڃڻ يا اندرئين رستي۔ ڏوڪري، مهين جي دڙي، بگي، ٻِنڊي، سِيهڙ، راڏڻ ۽ ميهڙ کان اڳي انڊس هاءِ وي تي چڙهي، ڪراچيءَ لاءِ رواني ٿيڻ بدران ڏوڪريءَ مان چنا پل تي اچي، مهين جو دڙو۔ لاڙڪاڻو روڊ ڏئي، آريجا ۽ باقراڻي شهر ڏسندا، اوڻا موڙ وٽِ ايندا.

اِتان پوءِ هُو لاڙڪاڻي شهر ڏانهن وڃڻ بدران سجي هٿ تي، اوڀر طرف مُڙي، سنڌو درياهہ تي ٺهيل لاڙڪاڻو۔ خيرپور پُل ٽپي، سڌو ٺنڊو مستيءَ ڪان اچي، نيشنل هاءِ وي تي چڙهي، پوءِ سچل سرمست جي درگاهہ تي ويندا. اُتان ڪانپوءِ ڪراچيءَ ويندا. ڇاڪاڻ جو سچل سرمست جي درگاهہ هنن جي شهر کان ڪا گهڻي پري ڪانہ هئي. اها ڏوڪريءَ کان لڳ ڀڳ 70 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرمد وارا جيئن ئي پنهنجي گاڏيءَ ۾ نيشنل هاءِ وي تي پهتا تہ ڪٻي هٿ تي اشارو ڪري سرمد عنيق کي ٻڌايو تہ، ”بابا، هي رستو خيرپور، سکر ۽ روهڙيءَ ڏانهن وڃي ٿو. سکر مان وري هڪ رستو شڪارپور، ڪنڌڪوٽ، ڪشمور، جيڪب آباد ۽ پوءِ اُتان صوبي بلوچستان ڏانهن وڃي ٿو تہ اِتان وري هڪ رستو لاڙڪاڻي ۽ تنهنجي اباڻي ڳوٺ جنگياڻي ڏانهن وڃي ٿو - ۽ ٻيو رستو سکر مان ئي اوپر طرف پنوعاقل، گهوٽڪي ۽ ڏهرڪيءَ کان ٿيندو صوبي پنجاب جي صادق آباد، ملتان، لاهور، اسلام آباد ۽ صوبي خيبرپختونخوا ڏانهن وڃي ٿو. بعد ۾ جيڪڏهن اِن پاسي هلياسين تہ مان اوهان کي اهي شهر بہ ڏيکاريندس. في الحال اسان سچل سرمست جي درگاهہ تي هلئون ٿا.“

هي نيشنل هاءِ وي جي اولهہ ۾، ٿوري ئي مفاصلي تي واقع درازا شريف پهچي، سچل سرمست جي درگاهہ جي ويجهو گاڏي بيهاري، درگاهہ تي ويا، جتي وڏي تعداد ۾ زائرين موجود هجن. سچل سائينءَ جو هڪ گيڙو ڪپڙا پاتل فقير سندس ڪلام ڳائي رهيو هو. سرمد عنيق کي هنج تي کنيو ۽ ڪونج، عريب کي کنيو. اندر روضي تي اچي هنن دعا گهري، پوءِ ٻاهر اچي راڳائي فقير وٽ پلٽ ماري وينا. جتي سرمد ۽ ڪونج سچل سرمست جو هي ڪلام وڏي غور سان ٻڌڻ لڳا. ”مان جوئي آهيان، سوئي آهيان.......“

عنيق ۽ عريب اُتي صحن ۾ ڊوڙون پائڻ لڳا.

درگاهہ تي ڪيترائي عام ڳوناڻا مرد. مايون ۽ ٻار بہ آيا ٿي ۽ دعا گهرندا هلندا ٿي ويا.

اُتي سرمد هڪ لمحي لاءِ سوچيو تہ، هيءُ عنيق کي سنڌ جي هن هڪ وڏي شاعر جي شاعريءَ بابت ڪجهہ ٻڌائي، پر جيئن تہ عنيق جي اجا ايتري عمر نہ هئي، جو هُواِهي ڳالهيون سمجهي سگهي، تنهن ڪري


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪيس ڪجھ ٻڌائڻ بدران رڳو ايترو چيو ته،”عنيق هيءَ سچل سرمست جي درگاهه آهي، هتي تمام گهڻا ماڻهو ايندا آهن.“

عنيق اها ڳالهه ٻڌي چيو ”جي بابا.“

هِتي به پنهنجي ٻارن کي وٺي اچڻ جو سرمد جو مقصد اهو ئي هئو ته ٻيو نه ته رڳو هنن عظيم شاعرن جا نالا ئي هن ئي ڪچڙي عمر ۾ سندن ذهن ۾ ويهي وڃن ته ڏاڍو سٺو.

هِنن ٿوري دير تائين ويهي، سچل جي فقير جو راڳ ٻڌو. ان بعد گاڏيءَ ۾ چڙهي ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿيا. رستي مان راڻيپور، نوشهروفيروز، مورو، قاضي احمد ۽ هالا کان ٿيندا، جڏهن هي پٽ شاهه واري اسٽاپ وٽ پهتا ته سرمد جي دل سَٽَ کاڌي ته هُو پٽ شاهه تي وڃن، پر جيئن ته هُو اجا ڪي ٿي چار مهينا اڳ ۾ پٽ شاهه تان ٿي ويا هئا، ۽ ٻيو ته سج به لهڻ وارو هو، ٻچاڪاڻ جو هي ڳوٺان ئي دير سان نڪتا هئا. تنهن ڪري هنن فيصلو ڪيو ته هي هن ڀيري پٽ شاهه تي نه ويندا، ته جيئن جلد ڪراچيءَ پنهنجي گهر پهچي سگهن.

هي مٽياريءَ کانپوءِ آيل حيدرآباد شهر پهچي، ان جو باءِ پاس ڏئي، سنڌو درياهه واري پل ٽَپي، ڄامشوري کان مهراڻ يونيورسٽيءَ ويجهو سپر هاءِ وي تي چڙهي ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿيا. هِن ڀيري هي حيدرآباد شهر ۾ عنيق جي رهندڙ سئوٽِ سورٺِ ۽ اُن جي پٽ فهد ۾ ڏيءُ حانيه ڏانهن به نه ويا.

هي رات جو نائين وڳي ڌاران ڪراچيءَ ۾ پنهنجي گهر پهتا.

–




عنيق جڏهن 28 مارچ 2016ع تي پلي گروپ پاس ڪري مونٽسري جونيئر ۾ آيو ته، نئين ڪلاس ۾ سندس دل ئي نه پئي لڳي. گهر اچي ماءُ کي چيائين، ”مما، مان اڳ واري ٽيچر وٽ پڙهندس.“

ماٺهنس کيس سمجهائڻ لڳي ته، ”عنيق، اُها ٽيچر رڳو پلي گروپ وارن ٻارن کي پڙهائيندي آهي... ۽ تون هاڻي مونٽسري جونيئر ۾ اچي ويو آهين، انڪري توکي ٻي ٽيچر مس امبرين پڙهائيندي..“

”نه مما... مان مس ماهه رخ وٽ پڙهندس...“

”نه عنيق، ائين نه ٿيندو... باقي مان مس ماهه رخ کي چونديسِ ته، هوءَ تو وٽ ڪلاس ۾ ايندي رهندي.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڏينهن تي ڪونج سڄي ڳالهه مس ماهه رخ کي ٻڌائي، جيڪا ڳالهه ٻڌي هُوءَ کِلڻ لڳي ۽ عنيق کي پيار ڪندي چوڻ لڳي، ”عنيق، مان توکان پَري ٿوروئي آهيان. تنهنجي ڪلاس روم جي پرسان ئي ته منهنجو ڪلاس روم آهي... ڪا ڳالهه هجي ته مون وٽ هليو ايندو ڪر...“
عنيق سندس ڳالهه تي خوش ٿي پنهنجي ضد تان لهي ويو.

مِس ماهه رخ جيئن ته سندس پهرين ٽيچر هئي ۽ هُن ڪيس پڙهائڻ دوران تمام گهڻو پيار ڏنو هو. تنهن ڪري هِن ٻارَ جو اُن تي اعتماد به ٿي ويو هو ته ان سان هڪ رشتو به جڙي ويو هو. شاگرد ۽ استاد جو اهڙو تعلق ئي ٻار کي پڙهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو.

ڏيڍ مهيني کن ڪانپوءِ عنيق پنهنجي نئين ڪلاس روم ۾ ايڊجسٽ ڪري ويو. ڇو ته سندس اڳ واري ڪلاس وارا ڪجهه دوست به اِن نئين ڪلاس ۾ موجود هئا. نئين ٽيچر مس امبرين به سندس تمام گهڻو خيال رکڻ شروع ڪيو هو.

—


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن سرمد پنهنجي طبيعت ٺيڪ نہ هئڻ سبب آفيس نہ ويو. هُو صبح جو عنيق کي اسڪول ڇڏي گهر آيو ـ ۽ منجهند جو ٻارهين وڳي ڪونج ۽ عريب کي ساڻ ڪري عنيق کي اسڪول مان وٺڻ ويو. ساڍي ٻارهين وڳي موڪل ٿيڻ ڪانپوءِ هِنن عنيق کي وٺي پرسان هڪ هوٽل تان برياني ورتي. اُتي سرمد ۽ ڪونج کي عنيق بار بار چوڻ لڳو "بابا بيگ کول.... مان توکي هڪ شي ڏيکاريان."

"بابا گهر هلي ڏسئون ٿا،" پڻهنس چيو.

"نہ بابا هتي ڏسو" هُو ٿيلهي کي پڪڙي اُن جي زِپ کولڻ لڳو تہ پڻهس سمجهي ويو تہ هيءُ بيگ کولي، ڪين ڪا شيءِ ڏيکارڻ ڪانسواءِ نہ ڇڏيندو. سو پڻهس بيگ کولي تہ عنيق ان مان لنچ باڪس ڪڍندي چيو."مون اڄ لنچ فنش (finish) ڪئي آ..."

"اڙي واه... زبردست،" سرمد ۽ ڪونج گڏيل آواز ۾ چيو.

عنيق ائين انڪري ڪيو جو اڳ ۾ هيءُ اسڪول ۾ اڪثر لنچ نہ ڪندو هو ۽ اُها ٻين ڇوڪرن کي ڏيئي ڇڏيندو هو. گهر ۾ اچي رڳو کير پيئندو هو. عنيق جيئن تہ ماني نہ جي برابر کائيندو آهي، تنهن ڪري سرمد وارا اڪثر هن جي ئي ڪري ٻاهر هوٽل تي ماني کائڻ ويندا آهن. ڇاڪاڻ جو هُو هوٽل تي ٻہ چار گرهہ مانيءَ جا ۽ ڪجهہ فرينچ فرائز کائي وٺندو آهي..... تنهن ڪري اڄ جڏهن هن گهران آندل ماني اسڪول ۾ کاڌي تہ هُو ان کي پنهنجو ڪارنامو پيو سمجهي، ۽ جيڪو هُو پنهنجي پيءُ ماءُ کي وڏي فخر سان ٻڌائڻ پيو چاهي.

ماڻهس خوش ٿي کيس وڏيڪ چيو تہ "مان تنهنجي ٽيچر مس امبرين کي شاباش ڏينديس، جنهن توکي اڄ منجهند جي ماني کارائي آهي."

پوءِ هي برياني ۽ مِنو وٺي گهر آيا.

ـ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عنيق جي اسڪول جي پرنسپال مِس مهتاب جي اِها خوبي آهي تہ هوءَ پنهنجي ملڪ جا اهم قومي ڏينهن ۽ گڏيل قومن جي اداري جا مقرر ڪيل عالمي ڏينهن لازمي طور پنهنجي اسڪول ۾ ملهائڻ جو بندوبست ڪندي آهي. قومي ڏينهَنِ ۾ 23 مارچ جو ڏينهن، پاڪستان جي آزاديءَ جو ڏينهن، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڏينهن، قائدِاعظم محمد علي جناح جي جنم ۽ وفات جو ڏينهن، علامہ اقبال جو ڏينهن ۽ ڪشمير جو ڏينهن سرفهرست هوندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عالمي ڏينهن ۾ هوءَ ٻارن جو ڏينهن، امن جو ڏينهن، عورتن جو ڏينهن، ماءُ جو ڏينهن، والد جو ڏينهن، تعليم جو ڏينهن، ماحوليات جو ڏينهن، آزاديءَ جو ڏينهن، سهپ جو ڏينهن، سماجي انصاف جو ڏينهن، مادري ٻوليءَ جو ڏينهن، جهنگلي جيوت جو ڏينهن، خوشيءَ جو ڏينهن، نسلي متڀيد جي خاتمي جو ڏينهن، ٻارن جي ڪتابن جو ڏينهن، صحت جو ڏينهن ۽ انساني حقن جو ڏينهن لازمي طور ملهائڻ جو انتظام ڪندي آهي. ان سان گڏ عيد پارٽيون، راندين جو هفتو ۽ ٻيون به ننڍيون وڏيون تقريبون منعقد ڪندي رهندي آهي. اسڪول جو پنهنجو به سال ۾ هڪ اهم فنڪشن، اسڪول جا امتحان ٿي وڃڻ ڪانپوءِ مارچ مهيني ۾ منعقد ٿيندو آهي.

عنيق جڏهن پلي گروپ ۾ هو، تڏهن ئي هِن شهر جي هڪ وڏي آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿيل اسڪول جي اهڙي ساليانی فنڪشن ۾ اسٽيج تي اچي هڪ گيت تي پرفارم ڪيو هو. اُن وقت عنيق ڳاڙهي رنگ جي ٽي شرٽ ۽ سفيد پينٽ پاتي هئي. اِهو لباس اسڪول وارن تجويز ڪيو هو. ڪونج ۽ سرمد به ان فنڪشن ۾ شرڪت ڪئي هئي. عنيق اسٽيج تي پرفارم ڪندڙ پنهنجي ڪلاس جي گروپ جي ٻارن  جي اڳواڻي ڪري رهيو هو. اها سندس زندگيءَ جي، ڪنهن وڏي اسٽيج تي پهرين پرفارمنس ۽ پنهنجي گروپ جي پهرين اڳواڻي هئي، جتي هن وڏي اعتماد سان  پرفارم ڪيو هو. ان بعد هِن اسڪول پاران ملهايل راندين جي ڏينهن جي موقعي تي پڻ ڊوڙ جي مقابلي  ۾ حصو ورتو هو ۽ ٻي پوزيشن ماڻي هئي.

اِهي خاص ڏينهن ملهائڻ سان ٻارَ پنهنجي ملڪ توڙي دنيا جي اهم معاملن کان واقف ٿيندا آهن. اهڙو ئي هڪ پروگرام عنيق جي اسڪول پاران 22 اپريل تي”ڌرتي ماءُ جو عالمي ڏينهن“ جي حوالي سان منعقد ڪيو ويو هو. اِن ڏينهن تي عنيق سائي رنگ جا ڪپڙا ۽ ڪيپ پائي، پاڻ سان گڏ ڪجهه ٻوٽا کڻي اسڪول ويو هو. ان ڏينهن تي سندس

اسڪول جي عمارت ڪي اندران ۽ ٻاهران ڌرتيءَ جي گولي جي تصويرن، ماحولياتي تباهي، پاڻي، سمنڊ، ساوڪ ۽ گلن ٻوٽن جي، ٻارن جي ناهيل پينٽنگس سان سينگاريو ويو هو. اسڪول جا سڀ ٻارڙا هڪڙي ئي سائي رنگ جا ڪپڙا پائي آيا هئا، جنهن جو مقصد هئو تہ هُو اهڙيءَ طرح پنهنجي ڌرتيءَ کي سائو سرسبز ۽ خوشحال ڏسڻ چاهين ٿا. اُن ڏينهن واقعي عنيق جو اسڪول ڌرتيءَ جي گولي جو هڪ خوبصورت ٻيٽُ لڳي رهيو هو.

ان موقعي تي اسڪول جي پرنسپال مِس مهتاب تقرير ڪندي ٻارن کي ”ڌرتي ماءُ جي ڏينهن“ بابت ٻڌائيندي چيو هو تہ، ”سڀ کان اول 22 اپريل 1970ع تي آمريڪا جي ماڻهن پنهنجي ملڪ ۾ ماحوليات جي تحريڪ شروع ڪئي هئي. ان ڏينهن تي لکين آمريڪي ماڻهن روڊن رستن، سامونڊي ڪنارن ۽ ٻين جاين تي گڏ ٿي ماحوليات جو ڏينهن ملهايو هو. اهو ڏينهن ملهائڻ ۾ اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا اُهي شاگرد بہ شامل ٿي ويا هئا، جيڪي ويٽنام سان هلندڙ آمريڪا جي جنگ جي خلاف هئا. “

”ان موقعي تي هِنن ماڻهن دنيا ۾ صحتمند ماحول، جنگين کان پاڪ دنيا، صنعتن مان خارج ٿيندڙ زهريلين گئسن تي ڪنٽرول ڪرڻ، ٻيلن جي تحفظ، صاف هوا، صاف پاڻي، گوڙ شور کان پاڪ ماحول ۽ اهڙن ٻين معاملن تي ڳالهايو هو. ’ڌرتيءَ جو ڏينهن‘ ملهائڻ جو باني گيلارڊ نيلسن آهي، جيڪو ان وقت آمريڪا جو سينيٽر هو.“

مس مهتاب ٻارن کي ٻڌايو تہ، ”ان کانپوءِ 1990ع ۾ سڄي دنيا جي 141 ملڪن ۾ اهو ڏينهن ملهايو ويو. ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ، اهو ڏينهن لڳ ڀڳ 20 ڪروڙ ماڻهن ملهايو هو. دنيا ۾ هَليل ماحوليات واري اِن تحريڪ جي نتيجي ۾ گڏيل قومن جي اداري جي جنرل اسيمبليءَ 2009ع ۾ ”انٽرنيشنل مدر ارٿ ڊي“ (International Mother Earth Day) يعني ”ڌرتي ماءُ جو عالمي ڏينهن“ ملهائڻ جو فيصلو ڪيو. اهو ڏينهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملهائڻ لاءِ بوليويا ملڪ جي نمائندي اسيمبليءَ ۾ ٺهراءُ پيش ڪيو هو، جنهن جي حمايت اسيمبليءَ جي 50 ميمبر ملڪن ڪئي هئي. ان ڪانپوءِ هرسال اهو ڏينهن ملهايو ويندو آهي.“

هِن وڌيڪ چيو هو تہ،”ڌرتي اسان جي ماءُ آهي، جنهن مان اسان کي کائڻ لاءِ اناج، ميوا، صاف هوا ۽ مِٺو جَر ملي ٿو، جيڪو پاڻي اسان پيئڻ لاءِ استعمال ڪريون ٿا. جيڪڏهن اسان جي ڌرتي تباهہ ٿي وئي تہ اسان مان ڪير بہ نہ بچندو، تنهن ڪري ڌرتيءَ کي بچائڻ لاءِ اسان سڀني کي پنهنجون ڪوششون وٺڻ گهرجن. هِن وقت اسان جي هيءَ ڌرتي ماحولياتي تبديلي سبب وڏي خطري ۾ آهي.“

آخر ۾ ٻارن گڏجي ”ڌرتيءَ جو گيت“ ڳاتو، جنهن ۾ عنيق بہ حصو ورتو.

—



موڪل واري هڪ ڏينهن سرمد، ڪونج، عنيق، عريب ۽ عنيق جو ماروٽ اڏان گهر ۾ ويٺا هجن. عنيق ۽ عريب دڪان ٺاهڻ واري راند ڪري رهيا هئا. عنيق هڪ دڪان ٺاهي اُن ۾ مختلف شيون رکيون هيون. اُن دوران هُو عريب کي هر هر چئي رهيو هو. ”عريب، گاديلي ڪٽي ڏي..... وهاڻو ڪٽي ڏي..... ٽيبل تان چاڪليٽ ڪٽي ڏي..... ڪپ ڪٽي ڏي..... بسڪوٽ ڪٽي ڏي..... ٽافيون ڪٽي ڏي.....“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ عريب پنهنجي وڏي ڀاءُ جي هر حڪم تي عمل ڪندي ڪيس اهي سڀ شيون ڪٺي ڏيئي رهيو هو. ان دوران اذان سرمد کي عنيق جي ڏانهن ڏيندي چيو"انڪل، عنيق منهنجا شوز (جوتا) لڪائيندو آهي."

عنيق پنهنجي اِن شڪايت تي ڪو ڌيان نه ڏنو اُلٽو هُو ڪنَ لاتار ڪندي عريب کي چوڻ لڳو "ها عريب، توکي ڪهڙي شيءِ کپي؟......"

پوءِ هُو وري عريب کي بسڪوٽ ڏيندي چوڻ لڳو "ان جا پئسا ڏي..."

وري پنهنجي خالي مُٺ ائين بند ڪري ڪيسي ۾ وجهڻ لڳو ڄڻ عريب کيس واقعي به بسڪوٽن جا پئسا ڏنا هجن."

سرمد اذان کي چيو "ڪٿي عنيق تنهنجا جوتا لڪائيندو آهي؟"

"انڪل، هن ڪلهه هتي گهر جي اسٽور روم ۾ لڪايا هئا ۽ اڄ هن بونيءَ وارن جي گهر ۾ لڪايا هئا."

"عنيق تون ائين ڇو ٿو ڪرين؟"سرمد جي اِن پڇا تي عنيق ڪو به جواب نه ڏنو ۽ هُو اهو تاثر ڏيندي ته هِن ڪجهه به ناهي ٻُڌو، بدستور عريب سان گڏجي هَٽُ هلائڻ لڳو ته ڪونج وضاحت ڪندي چيو"مڙئي اذان کي چيڙائڻ لاءِ ائين ڪندو آهي."

ان تي ڪنڌ هيٺ هوندي به عنيق کِليو ته، سرمد ڪونج کان پڇيو"اذان چيڙاڪ آهي ڇا؟"

"ها، ڏاڍو چيڙاڪ آهي. هن جي اوهان ڇڙ ناهي ڏٺي. جڏهن چِڙندو آهي ته گهر جا ٿانوَ ۽ ٻيو سامان هيٺ پٽَ تي اڇلائيندو ويندو آهي."

"اهو ته غلط آهي،"سرمد جي ائين چوڻ تي اذان ڪنڌ هيٺ ڪيو. سرمد اذان ڏانهن ڏسندي ڪيس چيو"ڏس اذان، عنيق توکان ننڍو آهي، پر جڏهن هُو ڏسي ٿو ته تون جُوتا لڪائڻ تي چڙين ٿو ته هُو توکي وڌيڪ چيڙائڻ لاءِ ۽ تنهنجي چِڙڻ مان مزو وٺڻ لاءِ تنهنجا هر هر جوتا لڪائي ٿو - ۽ جيڪڏهن تون نه چِڙين ته هو هڪ به دفعو ائين ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي اها حرڪت بند ڪري سگهي ٿو. تنهن ڪري تون چِڙندو نه ڪر - ۽

عنيق جي حرڪتن جي دانهن پنهنجي پڦيءَ کي به ائين چئي نه ڏيندو ڪر ته، ’پُڦو امان، عنيق منهنجا شوز لڪايا آهن.‘‘

اذان چيو، ”آئنده مان نه چِڙندس،“ ان تي عنيق ءِ ٻيا سڀ کِلي پيا.

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عنيق پنهنجي بابا ۽ امان سان ڏاڍو پيار ڪندو آهي. گهر ۾ عريب جي روپ ۾ مليل هڪ بهترين دوست سان گڏجي هيءُ گهر ۾ خوب مستيون بہ پيو ڪندو آهي تہ هُن سان گڏجي ويهي رانديون بہ ڪندو آهي. ان دوران هي پاڻ ۾ رانديڪن تان وڙهي بہ پوندا آهن، پر سندن والدين کين پاڻ ۾ وڙهڻ کان روڪي وٺندا آهن. سرمد تہ عنيق کي اڪثر چوندو آهي تہ، ”عنيق ڏِسُ، عريب تنهنجو ننڍو ڀاءُ آهي، بابا ان سان نہ وڙهندو ڪر. پاڻ ۾ پيار ڪندا ڪريو. وڙهندا نہ ڪريو.“

ان تي عنيق مُنهن هيٺ فرش ڏي ڪري، ڪنهن رانديڪي سان کيڏندي ورندي ڏيندو آهي، ”بابا، عريب منهنجا کلونا (رانديڪا) ڇوٿو ڪٽي.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”عنيق، عريب ننڍڙو آهي نہ ۽ ٻيو تہ مون هُن کي ايترا گهڻا رانديڪا بہ ناهن ونئي ڏنا. جيترا توکي ونئي ڏنا آهن، تنهنڪري توهان ٻنئي گڏجي کيڏندا ڪيو.“

”نہ... مان پنهنجا کِلونا نہ ڏيندومانسِ، تون ٻيا ونئي ڏينسِ.“ عنيق جي اِن ڳالھ تي عريب چُپڙي ڪري، پيءُ جي جنگھ ۾ ٻاڪر پائي نماڻائيءَ سان ٻيهي رهندو آهي تہ پڻهس کيس هنج تي کڻي ونندو آهي.

........

هڪ رات جو جڏهن سرمد گهر اچڻ ۾ دير ڪئي تہ عنيق پريشان ٿي ماءُ کان پڇڻ لڳو”بابا ڪيڏي مهل ايندو؟“

جنهن تي ماڻهس چوندي رهيس،”بس اچڻ وارو آهي.“

ان دوران هِن کي جيئن ئي آسمان ۾ چنڊ نظر آيو تہ جلديءَ ۾ پنهنجي امڙ کي چيائين،”مما، اچ تہ دعا گهرون تہ بابا خير سان اچي.“

عنيق جي اِها ڳالھ ٻڌي سندس امڙ حيرت ۾ پئجي وئي. پوءِ هنن مٿي آسمان ڏانهن مُنهن ڪري ۽ هٿ مٿي کڻي دعا گهري.

عنيق جون اهڙيون ڳالهيون ڪڏهن ڪڏهن سندس امڙ کي پريشان ڪري وجهنديون آهن.

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رمضان شريف جي مهيني جي هڪ شام هجي. سرمد اڄ جلدي آفيس مان گهر آيو هو. ڇاڪاڻ جو ڪونج روزو رکيو هو ۽ جنهن چيو هئس تہ "اڄ جلدي گهر اچي پنهنجي ٻارن سان گڏ افطار ڪجو."

افطار ۾ طرح طرح جون شيون: پڪوڙا، ميوو، فروٽ چاٽ، ڇولا، دهي ٻڙا، جليبيون ۽ ٻيون شيون ڪائڻ ۽ شربت پيئڻ ڪانپوءِ سرمد، ڪونج، عنيق ۽ عريب ٻاهر پنهنجي گهر جي صحن ۾ اچي ويٺا.

ڪونج اڄ صبح جو عنيق ۽ عريب جا عيد لاءِ نوان بوٽ وٺي آئي هئي. سو هيءَ اُٿي، اندر ڪمري ۾ ويچي، اهي ڪٽي اچي سرمد کي ڏيکارڻ لڳي تہ عنيق ۽ عريبَ اُهي جلدي پائي ورتا. جنهن تي سرمد عريب کي چيو "بابا واھ، تنهنجو بوٽ تہ زبردست آهي."

اهو ٻڌي عنيق ناراض ٿيندي چيو "منهنجو بوٽ ڪِنو آهي نہ."

"نہ بابا، تنهنجو بوٽ تہ عريب جي بوٽ کان بہ سٺو آهي،" سرمد چيو.

"نہ بابا، منهنجو بوٽ ڪِنو آ."

"نہ عنيق، تنهنجو بوٽ تہ لاجواب آهي. ڏس توکي ڪيڏو نہ ٺهي ٿو" سرمد ائين چئي جيئن ئي ڏٺو تہ عريب فرش تي گهمندڙ هڪ ماڪوڙي کي، پنهنجو پاتل نئين بوٽ وارو سڄو پير هڻي، ماري رهيو هو. ويچارو ماڪوڙو پنهنجي جان بچائڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن پئي ڊوڙيو تہ، سرمد اِهو ڏسندي رڙ ڪري عريب کي چيو "عريب نہ نہ....... بابا ماڪوڙي کي نہ مار...اِن کي نہ ماربو آ....ساهدار آ..." سرمد ايترو مس چيو تہ عنيق سندس جملو پورو ڪندي چيو "گناھ ٿيندو."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ عنيق ڊوڙي وڃي عريب کي ماڪوڙي کان پري ڪيو – ۽ جڏهن ماڪوڙو اڳتي وڌڻ لڳو تہ عنيق، سرمد ۽ ڪونج مرڪڻ لڳا، پر عريب اُن ويندڙ ماڪوڙيءَ کي حيرت مان ڏسڻ لڳو.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سرمد هڪ شام جو آءِ آءِ چندريگر روڊ تي واقع پنهنجي آفيس مان گهر پئي آيو تہ پٽائي ڪالونيءَ پهچي، ان جي چوڏگي جي ڪاڀي پاسي ڪان حسبِ معمول ريڙهين جي هڪ ڊگهي قطار بيٺل ڏٺائين، جن تي ميوا رکيل هئا. اِها قطار ڪيس اڳ وارن ڏينهن ڪان ڪجهہ وڏي نظر آئي. ريڙهين تي روزي ڪولڻ ڪان اڳ ۾ خريدارن جي وڏي پيهہ لڳي پئي هئي.

اهو رمضان شريف جي ڏهين روزي وارو ڏينهن هو. هِن سال اسلامي (قمري) مهينو رمضان شريف، انگريزي (شمسي) مهيني- جُون ۾ آيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريڙهين تي پئي ميوي سان گڏ گرميءَ جي مُند وارا ميوا: انب، هنداڻا، گدرا ۽ گرما رکيل هئا. سرمد هڪ ريڙهيءَ واري وٽ موٽر سائيڪل بيهاري، اُن کان خاص طور عنيق ۽ عريب لاءِ انب، هنداڻو، گدرا، آلو بخارا، صوف، چِيڪو ۽ ڪجهه ٻيا ميوا ورتا، ڇوته اِهي هِنن کي ڏاڍا پسند آهن.

پوءِ هيءُ موٽر سائيڪل تي چڙهي جيئن ئي اڳتي وڌيو ته، ريڙهين جي ساڳئي قطار جي بلڪل آخر ۾ بينل هڪ گڏهه گاڏي وٽ، گڏهه جو رَسو پڪڙي بينل ميرڻن ۽ ڦاٽل ڪپڙن وارو ٻارڙو ڪيس نظر آيو. جنهن جي گاڏَي تي رکو ننڍا ننڍا گدرا پيل هئا. اِن ٻارڙي کي ڏسندي ئي سرمد کي مٿس جُهڄو اچي ويو ۽ اُن ئي لمحي سندس ذهن ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ موجود پائر، جيڪي هاٽي وڏا تي ويا آهن، پيئرن ۽ ٻين ڳوٺاڻن جا ٻارڙا ياد اچي ويا، جيڪي به هِن ٻارڙي وانگر ڳوٺ ۾ ميرا ڪپڙا پائي اگهاڙين پيرين گهٽين ۾ ڊوڙندا وتندا آهن.

سرمد جون اکيون آليون ٿي ويون.

هِنَ جيءَ هڪ دل چيو ته، ’هي وچي اِن ٻارڙي کي زور سان ڀاڪر پائي ملي.‘

سرمد جيتوڻيڪ اڳ ۾ گدرا وٺي چڪو هو پر هن کي اِن ٻارڙي جو وڌيڪ احساس انڪري به ٿيو جو سندس گاڏَي وٽ ڪو هڪ به گراهڪ بينل نه هو. تنهن ڪري سرمد سوچيو ته، ’جيڪڏهن هيءُ ٻارڙو رات جو خالي هٿين گهرِ ويندو ته سندس غريب ماءُ پيءُ جي مايوسي اجا به وڌي ويندي.“ ائين سوچيندي اچي هيءُ ان ٻارڙي جي گاڏَي جي پرسان بيٺو.

ٻارڙي کي ڏسي، پنهنجائپ واري مسڪراهٽ سان ڪيس چيائين، ”بابا، پنج سئا گدرا ڏي.“ سرمد ٻارڙي کان گدرن جي قيمت به نه پُڇي، جيڪا هونئن هيءُ ڪابه شيءِ خريد ڪرڻ کان اڳ ۾ ضرور پڇندو آهي، ڇو ته هِن کي خبر آهي ته هاڻي اڪثر دڪاندار، ريڙهي وارا يا ننڍا وڏا واپاري پنهنجي شين جو ٻيڻ ٽيڻ تي اگهه ٻڌائيندا آهن. پوءِ گراهڪن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاران ڪين گهٽ پئسا چوڻ تي هُو ٿوري رعايت ڪري ڪين گهربل شيءِ ڏيندا آهن. ان کي اڄ جي دور ۾ ”بارگيننگ“ (bargaining) چوندا آهن.

ٻارڙي کان گدرا وٺي سرمد جيئن ئي ڪيس پئسا ڏنا ته ٻارڙي جا نيڻ روشن ٿي پيا.

پوءِ سرمد سُڪون ۽ خوشيءَ سان پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو.

گهر پهتو ته عنيق ۽ عريب سندن انتظار ۾ ويٺا هئا. هِن ڪين ٻيا ميوا ڏنا، پر گدرا ڪين نه ڏيندي چيائين ته. ”اهي سڀاڻي صبح جو ڪائجو، ڇوته رات جو گدرا کائڻ سان اوهان کي وائي ٿيندي.“ عنيق ۽ عريب ضد نه ڪيو.

–


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عنيق جي ٻولي ئي پنهنجي آهي. سندس ٻوليءَ تي اردو ٻوليءَ جو اثر آهي، ڇاڪاڻ جو هيءُ جنهن اسڪول ۾ پڙهندو آهي، اهو آهي تہ انگريزي ميڊيم، پر اُتي جون ليڊي ٽيچرس انگريزيءَ سان گڏ اردو بہ ڳالهائينديون آهن، تنهن ڪري ئي هِن جي ٻولي رنگين ٿي پئي آهي. اهو ڏسندي سرمد ڪيس جنهن مِس وٽ ٽيوشن پڙهڻ لاءِ موڪليندو آهي، اها ڪيس ٻين سبجيڪٽس سان گڏ سنڌي بہ پڙهائيندي آهي. سرمد چاهي ٿو تہ سندس پٽ ڪي انگريزي ۽ اردوءَ سان گڏ سنڌي ٻولي بہ چڱيءَ طرح ڳالهائڻ ۽ لکڻ پڙهڻ اچي، ڇاڪاڻ جو اها سندس مادري ٻولي آهي.

هڪ ڏينهن پيچري ۾ بند پيل پنهنجي پالتو ٻن ڪُڪڙين ۾ هڪ ڪُڪڙَ بابت پيءُ کي هن چيو ”بابا، هاڻي هِنن کي ٻاهر ’نڪالان‘؟ معنيٰ ٻاهر ڪيدان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڀيري هيءُ پيءُ کي ڪا ڳالهه ٻڌائڻ چاهي پيو. جيڪا پڻهس نٿي ٻڌي. تنهن تي هِن وڏي آواز ۾ کيس چيو”تون ’سُنين‘ نٿو؟“ معنيٰ ٻڌين نٿو؟

ان طرح هڪ ڏينهن جڏهن عنيق پوٽڙو ٻَڌي. جيڪو سندس ڏاڏيءَ ڳوٺان موڪليو هو. گهر جي صحن ۾ وهنجڻ لڳو ته. سندس هٿ مان صابڻ ترِڪي وڃي بالٽيءَ ۾ ڪِريو. ۽ هيءُ اهو ڪڍي نه پيو ته ماڻهس چيس،”عنيق،اِهو ڇا ڪيئي؟“
”امان ڦسلي ويو نه.“ معنيٰ هٿ مان ترِڪي ويو. عنيق جي اِن جواب تي ماڻهنس بالٽيءَ مان صابڻ ڪڍي کيس ڏنو ته هيءُ وري اُن سان جنگهون ۽ ٻانهون زور زور سان مَهٽي، ۽ پوءِ بالٽيءَ مان پاڻيءَ جو ڪونجو ڀري پنهنجي مٿان وجهڻ لڳو.

17 ڊسمبر تي عنيق جي سڀ کان ننڍي مامي مرتضيٰ، جنهن کي هيءُ ۽ عريب ’پُوئا‘ چوندا آهن، جي مڱڻي هجي. اُن ڏينهن ڪونج پنهنجي پاءُ ممتاز هٿان بازار مان هارَ گهرايا هئا. سو جيئن ئي ممتاز هِنن جي گهر جي دروازي مان داخل ٿي، اچي ڪونج کي پيڪ ٿيل هارَ ڏنا ته، عنيق، جيڪو پيءُ جي پرسان ويٺو هو اُن کان هن پڇيو ته،”بابا، مما ڇا ’منگوايو‘ آ؟

هڪ ڀيري سندس ناني ڪافي بيمار ٿي پئي. عنيق اُن جي پرسان ويٺو هجي، سو سندس هٿن ۾ پيل گهنج ڏسي کيس چيائين، ”نَانُو تون ته بُوڙهي ٿي وئي آن.“

سو هِن جي اهڙي رنگين ٻوليءَ جا بيشمار مثال آهن، جيڪي ڏاڍا دلچسپ آهي، پر سرمد سوچي ٿو ته هاڻي سندس درست سنڌي ٻولي

ڳالهائڻ تي بہ وڏيڪ ڌيان ڏجي ۽ سندس ٽيوٽر کي عرض ۽ تاڪيد ڪجي تہ هوءَ ڪيس صحيح سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۽ لکڻ پڙهڻ سيکاري.

تنهن هوندي بہ عنيق کي ٻولين بابت ايتري خبر ضرور آهي تہ هيءَ انگريزي ٻولي آهي، هيءَ اردو ٻولي آهي ۽ هيءَ سنڌي ٻولي آهي. تڏهن ئي تہ جڏهن سنڌ ۾ ايڪتا ۽ ثقافت جو ڏينهن ملهايو پئي ويو تہ، صبح جو پٽهس سنڌي چينل ڪي ٽي اين لڳايو تہ جيئن اُن تان هي سنڌي گيت ۽ ايڪتا ڏينهن جي تقريبن جون رپورٽون ٻُڌن. ان وقت چينل تان ڳالهہ ٻولهہ جو هڪ پروگرام هلي رهيو هو، جنهن ۾ مهمان ايڪتا جي اهميت تي ڳالهائي رهيا هئا. عنيق سندن ڳالهيون ٻڌندي ئي چيو،”بابا، هي تہ اسان واري ٻولي ٿا ڳالهائين.“

”ها بابا، اهي اسان واري سنڌي ٻولي ٿا ڳالهائين.....۽ هاڻي تون بہ سنڌي ٻولي لکڻ ۽ پڙهڻ سک.“ پيءُ جي ان ڳالهہ تي عنيق يڪدم چيو، ”ها بابا سِڪندس.“

ان بعد سرمد اهو سوچي خوش ٿيڻ لڳو تہ، ’عنيق کي گهٽ ۾ گهٽ اها تہ خبر آهي تہ، اسان جي پنهنجي ڪهڙي ٻولي آهي.‘

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هڪ ڀيري سرمد، ڪونج، عنيق ۽ عريب گهر ۾ ويٺا هئا. سرمد عريب سان مستيون ڪري رهيو هو ته، عنيق کيس چيو ”بابا مون کي موٽر سائيڪل وٺي ڏي.“

”ڇو؟“ پڙهنس پڇيو.

”مان اُن تي ٽيچر کي ڪٽي گهمائيندس.“

اِها ڳالهہ ٻڌي سرمد وڏو ٽهڪ ڏنو. ڇاڪاڻ جو هِن کي ياد آيو تہ هِن بہ ڪنهن دور ۾ ڪنهن ٽيچر کي موٽر سائيڪل تي ڪٽي گهمايو هو.

”ڪِلين چو ٿو؟.... موٽر سائيڪل وٺي ڏي نہ...“ عنيق پنهنجي روايتي انداز ۾ ٿوري ڪاوڙ مان پيءُ کي چيو.

”ها، وٺي ڏيندس بابا،“ پٽهس کيس آسرو ڏنو.

”هِنرَ وٺي ڏي..“ هيءُ پنهنجي ضد تي قائم هو.

”هِنر نہ، باقي سياڻي توکي ضرور وٺي ڏيندس،“ پٽهنس ڏاڍي نرم لهجي ۾ چيو.

”وَٺي ڏجان....“ عنيق ٺڏو ٿيو.

”ها بابا، ضرور وٺي ڏيندس،“ پيءُ جو تسلي بخش جواب ٻڌي عنيق گهر ۾ مختلف شيون ناهڻ ۾ لڳي ويو. هِن کي بيڪار ويهڻ ۾ بلڪل بہ مزو ناهي ايندو. گهر جو سامان ڪٽي، ان مان ڪجهہ نہ ڪجهہ پيو ناهيندو آهي. ڪڏهن صوفا ۽ گاديلا ڪٽي، انهن کي موٽر سائيڪل سان ٻڌي، انهن جي پرسان وائيپر ۽ ٻيون شيون، ٽيڪ لڳائي رکندو، تہ ڪڏهن پنهنجي سائيڪل تي مختلف سامان ٻڌي پيو هلندو. ڪڏهن رانديڪن جا نَٽ بولٽ کولي پيو انهن کي ناهيندو، تہ ڪڏهن ڪُڪڙن کي ٻاجهر ۽ پاڻي پيو ڏيندو. ڪڏهن ٻليءَ کي ٻوٽيون ۽ چانهہ ۾ ٻَوڙي بسڪوٽ پيو ڏيندو، تہ ڪڏهن رنگ ۽ برش ڪٽي درن ۽ ديوارن تي پيو پينٽنگس ناهيندو. ۽ مجال آهي جو ڪير هِن جي ناهيل اِنهن شين کي ڊاهي. جي ائين ڪنهن شرارت يا عنيق کي چيڙائڻ خاطر ڪيو بہ سهي، تہ پوءِ هِن جون انڊيون سَوٽيون اُن ماڻهوءَ جي جنگهن تي پيون تيستائين وَسنديون، جيستائين هُو کيس ٻيهر اها شيءِ ناهي نہ ڏيندو.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عنيق هاڻي پنهنجو اهو روز جو معمول ٺاهي ڇڏيو آهي ته هيءُ اسڪول مان اچڻ ڪانپوءِ منجهند جو ٻه ڪلاڪ ڪن ننڊ ڪندو آهي. شام جو پنجين وڳي ٽيوٽر وٽ ٻه ڪلاڪ ٽيوشن پڙهڻ ويندو آهي، اتان موٽي اچڻ ڪان پوءِ هُو راند روند ڪندو آهي۔ ۽ رات جو نائين وڳي ڌاران ٿوري ماني کائي، ڪير پيي سمهي پوندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن دير تائين جاڳندو رهندو آهي۔ ۽ وينو ٽي وي تان پنهنجي پسند جا ڪارٽون "موٽو پٽلو" "برقعا اوينجر،" "مسٽر بين" ۽ پيا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسندو آهي. هيءُ ”جينا لال“ وارو ڊرامو ۽ ترڪيءَ جي اردو ٽيليويزن چينل ”سي ٽي وي“ (See TV) تان ”جان“ وارو ڪارٽون ڊرامو بہ وڏي شوق سان ڏسندو آهي.

عنيق اِنهن ڊرامن ۽ ڪارٽونن جي پروگرامن جو ايترو تہ شوقين آهي جو گهر ۾ جيڪڏهن ڪنهن ٻي راند روند ۾مصروف هوندو، ۽ ماڻهس ٽي وي تي سندس پسند جو ڊراموياڪارٽون لڳائيندي تہ، اُن ئي مهل راند کي اُتي ئي ڇڏي اچي بيڊ تي ليٽي، رِموٽ ڪنٽرول هٿ ۾ ڪٽي، ڊراموياڪارٽون ڏسڻ لڳندو.

شل نہ بجلي وڃي. جي بجلي وئي تہ پوءِ عنيق جو روئڻ ۽ بار بار اِهو پڇڻ هوندو تہ، ”بجلي ڪيڏي مهل ايندي“ ۽ جڏهن بجلي ايندي آهي تہ پوءِ ڪٽي بہ بيٺو هجي، ڊوڙي، ”هوجمالو“ چوندي، ٽي وي لائونج ۾ اچي، رموٽ ڪنٽرول ڪٽي، صوفي تي پلٽ ماري ويهي ڪارٽون ڏسڻ شروع ڪندو. مجال آهي جو ڪير ڪانئس رموٽ ڪنٽرول کسي ۽ ڪارٽونن وارو چينل تبديل ڪري. جيڪڏهن ڪنهن ائين ڪيو تہ پوءِ عنيق جون رڙيون ۽ چينل تبديل ڪندڙ کي ڌَڪ ۽ مُڪون هونديون - ۽ جڏهن کيس رموٽ ڪنٽرول ملندو تہ پوءِ ڳوڙها اگهي، صوفا سيٽ تي، ساڳئي پوزيشن ۾ وڃي ويهندو.

.............

هڪ رات جو سرمد گهر ۾ بيڊ تي ويٺو هو. عنيق ٽي وي تي ”موٽو پٽلو“ وارا ڪارٽون ڏسي رهيو هو. اُن وقت رات جا ڏهہ ٿيا هئا. سرمد عنيق کي چيو: ”عنيق، تو سڄو ڏينهن ڪارٽون ڏٺا آهن. هاڻي مون کي خبرون ٻڌڻ ڏي.“

تنهن تي عنيق وڏي آواز ۾ چيو”تون پنهنجو ڪم ڪرِ.“

”مون تہ پنهنجو ڪم ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي رڳو ٿورڙيون خبرون ٻڌڻ ڏي،“ پڻهنس چيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون ائين ڪندو آهين نہ.“ ائين چئي عنيق وري ڪارٽون ڏسڻ ۾ گم ٿي ويو ۽ سرمد سندس انداز ۽ لهجي تي مسڪرائي، اُٿي، اسٽڊي روم ۾ ڪمپيوٽر تي ويهي ڪجھہ لکڻ لڳو.

...........

هڪ ڀيري سرمد جيئن ئي شام جو آفيس مان گھر پهتو تہ. سامان رکي، هَٿُ مُنهن ڌوئي، اچي عنيق جي ڀرسان صوفي تي ويٺو. عنيق اڳ وانگر ڪارٽون ڏسڻ ۾ مشغول هجي. هن سرمد کي ليکيو ئي نہ. پنهنجي ڌُن ۾ مگن هيو تہ. سرمد سُري سندس ڀرسان ٿي ڪيس چيو”بابا، هاڻي ٽوريون خبرون لڳاءِ.“

عنيق ٺهہ پهہ وراڻيو ”مان خبرون نہ لڳائيندس. ڊليٽ (delete) ڪري ڇڏيندوسان ۽ خبرون.“

تنهن تي سرمد بہ ٻَڪائي ڪندي، کِل روڪيندي، ڪيس ساڳئي قسم جي ڌمڪيءَ واري وراڻي ڏني،”مان بہ تنهنجا ڪارٽون ڊليٽِ ڪري ڇڏيندس،“ ان تي نہ صرف سرمد ۽ عنيق ٽهڪ ڏيئي کِليا، پر ٻاهر صحن ۾ پنهنجي ساهيڙين سان وينٺل ڪونج ۽ ڀيون مايون بہ ٽهڪ ڏيئي کِلي پيون.

سرمد کي عنيق جي واتان پهريون دفعو ”ڊليٽِ“ (delete) لفظ ٻڌي تمام گهڻي خوشي بہ ٿي، تہ حيرت بہ ٿي- تہ هن اِهو لفظ ڪٿان ٻڌو ۽ ڪيئن استعمال ڪيائين تہ. ”خبرون ڊليٽِ ڪري ڇڏيندوسان ۽.“

عنيق جي اها بہ هڪ وڏي خوبي آهي تہ هُو ڏاڍا عجيب ۽ دلچسپ جملا استعمال ڪندو آهي، جنهن تي سرمد ۽ ڪونج هڪٻئي کان حيرت مان پڇندا آهن تہ.”هيءُ اِهي ڳالهيون ڪٿان ٿو سِکي اچي.“

—



اها چنچر ۽ آچر جي رات هجي. هِنن سيني گهر ڀاتين کي ننڊ نٿي آئي، ڇاڪاڻ جو ٻيو موڪل جو ڏينهن هئڻ ڪري ڪين صبح جو سوير اٿڻ جو ڪو ڪُتڪو نہ هو. هي ٽي ويءَ جي سامهون ويٺا هئا. سرمد ٽي وي چينل بدلائيندو رهيو. اوچتو هُو هڪ چينل تي اچي رُڪجي بيهي رهيو. ان تان فلم ”بليڪ واٽر“ هلي رهي هئي. هي جنهن منظر کان فلم ڏسڻ لڳا، اُتان کان ڏيکاريو پئي ويو تہ، آس پاس گهاٽي جهنگ ۾ گهيريل نديءَ ۾ هڪ وڻ تي ٽي ڄڻا: هڪ مرد ۽ ٻہ عورتون چڙهيون ويٺيون آهن. هِنن کان ٿوري مفاصلي تي هڪ ٻيڙي بيٺي آهي.

ان منظر مان سرمد سمجهي ويو تہ هيٺ پاڻيءَ ۾ ضرور واڳون هوندا، جن جي خوف کان هي ماڻهو وڻ تي چڙهي ويٺا آهن. اڳ ۾ واڳون هِنن جا ڪيترا ماڻهو کائي ويا هئا يا نہ، اِها هِن کي خبر نہ هئي، ڇو تہ فلم وارو اڳ وارو حصو هِن جي ڏسڻ کان اڳ ۾ هلي چڪو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها بابا، اِها.... اِها....“ ائين چئي عنيق سرمد کان رموٽ ڪنٽرول کسي ورتو ته جيئن هُو اها فلم ڏسي، ڇاڪاڻ جو هِن کي خبر هئي ته، پٺهس اِهو چينل بدلائي ڇڏيندو. عنيق کي جانورن واريون فلمون يا نيشنل جيوگرافڪ چينل يا اينيمل چينل جون ڊاڪيومينٽريز ڏاڍيون وڻنديون آهن. سو هيءَ ”بليڪ واٽر“ جي اِن منظر وٽ بيهي رهيو. هاٿي وڻ تي وينل مرد، آهستي آهستي ڪري، وڻ تان هيٺ لهي، ٻيڙيءَ وٽ اچي بيهي، اُن جو مٿيون بندِ پيل حصو کولڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ته، اوچتو واڳون اچي، تيزيءَ سان ڪيس پنهنجي وڏي وات ۾ وجهي ڪٽي ويو.

”بابا ڪروڪوڊائل؟.....“ عنيق رڙ ڪري چيو.

”ها، بابا ڪروڪوڊائل هو“ پٺهنس ڪيس چيو ته عنيق وري ڪانئس پڇيو”بابا ماڻهو ڪاڏي ويو؟“

”عنيق، اُهو ٻئي پاسي هليو ويو؟“ پٺهنس جواب ڏنو.

سرمد چاهيو پئي ته هِن عمر ۾ عنيق جي ذهن ۾ اِها ڳالهه نه وجهجي ته ماڻهوءَ کي واڳون کائي ويندو آهي.

وڻ تي وينل مايون روئڻ لڳيون. سرمد عنيق کان زوريءَ رموٽ ڪنٽرول ڦُري چينل بدلايو ته، عنيق ڪاوڙجي پيو ۽ چوڻ لڳو”بابا، تون سدائين ائين ڪندو آهين.....“

”بابا، هيءَ فلم خراب آهي، مان توکي ڪارٽون ٿو ڏيکاريان،“ پٺهنس چيو.

”نه بابا، سٺي آ،“ عنيق چيو.

”چڱو ٿورا ڪارٽون ڏسون، پوءِ وري فلم ڏسون ٿا.“

ائين چئي سرمد ڪارٽون لڳايا، جيڪي عنيق ڏسڻ لڳو ۽ فلم تان سندس ڌيان هٽي ويو.

.........

هِنن جي رهائشي علائقي ۾ لوڊشيڊنگ جو وڏو عذاب آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ بجلي ٻہ ٻہ ڏينهن ناهي ايندي، پر هِنن ڪي فائدو اهو آهي جو سندن گهر ڪشادو ۽ هوادار آهي ۽ اُن جي ڇت بہ وڏي آهي، تنهن ڪري هي اڪثر ڪري ڇت تي بہ وڃي ويهندا آهن. هڪ ڏينهن صبح کان وٺي شام تائين بجلي نہ آئي. عنيق سخت پريشان هجي. اهو موڪل جو بہ ڏينهن هو. هيءُ گهر ۾ ڪيڏي ڪيڏي بہ نيٺ تنگ ٿيو. شام جو جڏهن ڇهين وڳي بجلي آئي تہ، عنيق جُهمر هڻندي چوڻ لڳو "هو جمالو بجلي آئي آ....هو جمالو....."

وري اُتي موجود پنهنجي ڇهن سالن جي عمر جي ماساتِ زينب کي چوڻ لڳو "عيد مبارڪ، عيد مبارڪ....." ڪونج، جيڪا ڪانئس پرڀرو رڌڻي ۾ ويٺي هئي، تنهن عنيق جي خوشي ڏسي وڃي ٽيليويزن جو بٽڻ آن (on) ڪيو. ڇاڪاڻ جو هِنن عنيق کي سختيءَ سان منع ڪيو آهي تہ هُو پاڻ بجليءَ جو بٽڻ نہ آن ڪري ۽ نہ آف (off) ڪري. پوءِ ٽي وي هلندي ڏسي عنيق ٽپو ڏئي بيڊ تي چڙهي وهاڻن کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو تہ ماڻهس رموٽ ڪنٽرول سندس هٿ ۾ ڏنو. هيءُ ڪارٽونن جو چينل لڳائي مزي سان ويهي اُهي ڏسڻ لڳو.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عنيق وارن جي گهر ۾ ايئر ڪنڊيشنر لڳل نہ هو. اونهاري جا ڏينهن هجن. هڪ رات جو هي سڀ گهر ڀاتي گهر کان ٻاهر ماني کائڻ لاءِ نڪتا تہ، عنيق پيءُ کي چيو، ”بابا، اسان ٽڏي هوٽل تي ماني کائڻ هلنداسين.“

”ها بابا،“ پڻهس جواب ڏنو.

سرمد هِن جي ان سوال مان سمجهي ويو تہ عنيق کي گرمي پسند ناهي ۽ کيس ٽڏي جاءِ وڻي ٿي. سرمد سوچيو تہ، ’جيڪڏهن سندس گهرَ ۾ اي سي هجي ها تہ شايد سندس ٻار ائين نہ سوچين ها.‘



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح هڪ ڏينهن عنيق کي بخار ٿي پيو. سندس امڙ کيس اسپتال وٺي وڃڻ لڳي ته هِن پنهنجي امڙ کي چيو. ”مما، اسپتال ٿڌي هوندي نه؟“

”جي پُٽ، ٿڌي هوندي،“ ماڻهس چيو.

ڪڏهن ڪڏهن عنيق ۽ عريب پنهنجي مامي جانيءَ جي گهر وڃي، اُن جي ڪمري ۾ اِنڪري ويهندا هئا، جو اُن ۾ اَي سي لڳل هئي. ڪڏهن ته هي اُتي منجهند جو ننڊ به ڪندا هئا. پنهنجي ٻارن جي اِها احساسِ محرومي سرمد کي ڪافي پريشان ڪندي هئي، پر سرمد اِن سوچ جو هو ته، هر مهيني ملندڙ پگهار مان اول ٻارن جي ڪاڏي پيتي ۽ سندن تعليم جون بنيادي گُهرجون پوريون ڪجن، پوءِ جيڪڏهن ڪجهه پئسن جي بچت ٿئي ته اُن مان گهرَ يا ٻارن لاءِ ڪا شيءِ وٺجي.

..........

جيئن ئي ڪجهه وڌيڪ گرميءَ جا ڏينهن اچڻ لڳا ته، ڪونج، عنيق کي هُشي ڏيڻ لڳي ته، ”عنيق، پنهنجي بابا کي چئو ته هُو اي سي وٺي.“

پوءِ ته عنيق روز پيءُ کي چوندو هيو. ”بابا اي سي وٺون؟“

”ها بابا، وٺنداسين، پر ايندڙ سال، هن سال ايترا پئسا ناهن، جو اي. سِي وٺون.“

عنيق ننڍڙو هوندي به پيءُ جي ڳالهه سمجهي ويو ۽ چيائين، ”پهرين تاريخ تي وٺنداسين؟“

”ها بابا، پهرين تاريخ تي وٺنداسين.“

عنيق کي پهرين تاريخ جي خبر ان ڪري هئي جو پٽهنس کيس ڪا شيءِ وٺي ڏيڻ بابت اڪثر چوندو هو ته، ”پهرين تاريخ تي پگهار ملندي ته پوءِ توکي وٺي ڏيندس.“ تڏهن ئي عنيق سال کي به پهرين تاريخ سمجهيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بعد ۾ سرمد کي افسوس بہ ٿيڻ لڳو تہ هُو پنهنجي ٻارڙن جون خواهشون پوريون نٿو ڪري سگهي.

سرمد پاڻ هڪ اهڙي ڳوٺ ۾ ڄائو هو جنهن ۾ بجلي ئي نہ هئي ۽ جڏهن گرمين جا ڏينهن ايندا هئا، تڏهن هنن کي گهر ۾ بيٺل گهاٽي نم ئي ڇانورو ڏيندي هئي، جتي وِنجڻا هٽي هي منجهند جو گرم پهر گذاريندا هئا، ۽ رات جو گهر جي ڇت تي يا گهر جي ٿَلهي تي سمهندا هئا - يا وري هيءُ پنهنجي اوطاق ۾ پنهنجي بابا جي پرسان کٽ تي سمهندو هو، جتي سندس وڏو ياءُ لالڻ جَهلي هلائي کين ننڊ ڪرائيندو هو.

پر ڪونج پنهنجي پُٽ جي ڳالهہ ٽاري نہ سگهي. هِن ڪجهہ پئسا ٽَاري رکيا هئا. ڪونج جي اِها خوبي آهي تہ، سرمد هر مهيني کيس گهر جي سيڏي سامان ۽ ٻارن جي کاڌي پيتي جي شين سان گڏ سندس ذاتي خرچ پکي لاءِ جيڪي پئسا ڏيندو آهي، هيءَ اُنهن مان ڪجهہ پئسا بچائي رکندي آهي. ائين ٻئي ٽئين مهيني وٽس چڱا خاصا پئسا جمع ٿي ويندا آهن.

سو ٻئي ڏينهن منجهند جو هيءَ پنهنجي ياءُ ممتاز ۽ عنيق ۽ عريب سان گڏ بازار وئي ۽ اَي سي وٺي اچي گهر ۾ لڳرايائين.

سرمد شام جو جيئن ئي آفيس مان گهر آيو ۽ هيءُ اجا دروازي مان اندر گهر ۾ مس داخل ٿيو تہ عنيق وٽس پهچي، کيس ٻانهن کان وٺندي چيو"بابا اچو هڪڙو سرپرائيز آ."

سرمد مسڪرائي ساڻس گڏ هلڻ لڳو. عنيق کيس هٿ کان پڪڙي سڌو اُن ڪمري ۾ وٺي آيو، جيڪو اَي سي هلڻ ڪري ٿڌو لڳو پيو هو. ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي، اي سيءَ ڏانهن پنهنجو ننڍڙو هٿ کڻندي چيائينسِ،"بابا، اهو آ سرپرائيز....مما اي سي وٺي آئي آ." سرمد کِلي کيس ياڪر ۾ ڀريندي چيو"عنيق، تنهنجو سرپرائيز تہ ڏاڍو سٺو آ." عنيق خوش ٿيڻ لڳو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونج، جيڪا سندن پويان پويان آئي پئي، سا اِهو سڀڪجهه ڏسي مسڪرائي رهي هئي، جڏهن ته عريب اِن ٽٽڏي ڪمري ۾ ڦُوڪون ڏيئي ننڊ ڪري رهيو هو، جڻ سالن جو ٿڪ هجيس.

سرمد ڪونج ڏانهن نهاري، خوش ٿيندي کيس چيو”ٿئنڪ يو بيگم.“ ڪونج فخر واري انداز ۾ مسڪرائڻ لڳي.

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ عيدالفطر هجي. سرمد هر عيد پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪندو آهي، ڇاڪاڻ جو اُتي عنيق جي ڏاڏي رهندي آهي، ۽ هِن جا ڀائر، ڀينر ۽ ٻيا ويجها مائٽ بہ اُتي رهندا آهن. هِن ڀيري ڪونج جو اصرار هو تہ،"اسان ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي ڳوٺ هلون. ريل گاڏيءَ جو سفر ٻارن جي زندگيءَ جو پهريون سفر هوندو، انڪري اِهو ڪين ڏاڍو سُٺو لڳندو."

پوءِ عيد کان ٽي ڏينهن اڳ ۾سرمد عنيق کي وٺي سٽي ريلوي اسٽيشن تي ويو. اُتي هِن پنهنجي دوست فهيم کي بہ اچڻ لاءِ چيو هو. ڇاڪاڻ جو اُن وقت ٽڪيٽون ملڻ مشڪل هيون، پر جيئن تہ فهيم جو والد ريلوي کاتي ۾ آفيسر آهي، تنهن ڪري سرمد جي چوڻ تي فهيم پنهنجي والد کي ٽڪيٽون وٺرائي ڏيڻ لاءِ چيو هو.

ريلوي اسٽيشن تي هڪ ريل گاڏي بيٺل ڏسي عنيق حيرت ۾ پئجي ويو. هي پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ريل گاڏي ڏسي رهيو هو. سرمد ۽ فهيم کيس اُن ريل گاڏيءَ ڏانهن وٺي ويا، جنهن ۾ چڙهي هيءُ ڏاڍو خوش ٿيو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرمد کي پڻ پليٽ فارم اُتي بيٺل ريل گاڏين، مسافرن جي اچ وڃ ۽ ڪُولين جو سامان کڻي اچي ريل گاڏين ۾ چاڙهڻ يا ريل گاڏين مان لهندڙ مسافرن جو سامان کڻي وڃڻ وارو هلچل وارو ماحول تمام گهڻو وڻندو آهي.

پليٽ فارم تي هِنن سڻي ڪير–پَتي چانهه نهرائي پيتي. عنيق ڪيڪ کاڌا. پوءِ هِنن اڪنامي ڪلاس جون ٽڪيٽون ورتيون، ڇاڪاڻ جو هِن ۾ نه اَي سي سليپر هو نه اَي سي بزنيس هو نه اي سي اسٽينڊرڊ هو ۽ نه ئي فرسٽ ڪلاس سيليپر هو.

ان بعد فهيم موڪلائي پنهنجي گهر ويو. جڏهن ته عنيق ۽ سرمد ڪلفٽن جي شاپنگ سينٽر فورم تي ويا، جتان سرمد عنيق ۽ عريب جا ڪپڙا ۽ عنيق جو هڪ سنو بوٽُ ورتو. اُتي موجود ريسٽورنٽ تي هِنن برگر به کاڌو ۽ انب جي رَس به پيتي. بعد ۾ هي جڏهن دير سان گهر پهتا ته ڪونج مٺن ڏاڍي ڪاوڙي، پر جڏهن عنيق کِلي پنهنجا ۽ عريب جا نوان ورتل ڪپڙا ۽ بوٽ ڪيس ڏيکاريا ته اُهي ڏسي سندس ڪاوڙ خوشيءَ ۾ بدلجي وئي.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيد واري ڏينهن سرمد، ڪونج، عنيق، عريب ۽ عنيق جي ڏهن ٻارهن سالن جي عمر جي ماساتِ حفظ پنهنجي گهران ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي، شام جو ساڍي ستين وڳي سِٽي ريلوي اسٽيشن تي پهتا. هنن کي چڊڻ لاءِ ٻي ٽيڪسيءَ ۾ عنيق جي ناني آمنه، مامو ممتاز، مرتضيٰ ۽ ماسي مهوش به آيا.

هِنن خوشحال خان خٽڪ ايڪسپريس جي هڪ ڪمپارٽمينٽ ۾ چڙهي رزرويشن (reservation) وارين پنهنجين سيٽن جي هيٺان ۽ مٿي برٿ تي سامان رکيو. سرمد اِن حصي جون سموريون ڇهه ئي سيٽون ۽ ٻه برٿ بُڪ ڪرايا هئا ته جيئن هي ان کي پردو ڏيئي، الڳ، پنهنجي مُنهن سان، سُڪون سان، ڪراچيءَ کان موهن جو دڙو ريلوي اسٽيشن تائين گهٽ ۾ گهٽ يارهن ٻارهن ڪلاڪن جو ڊگهو سفر ڪري سگهن. چاڪاڻ جو انگريزن جي دور ۾ وڇايل هِن پٽڙيءَ تي ريل گاڏي وڌ ۾ وڌ پنجاهه سٺ ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي سگهندي آهي.

سيٽن تي ويهڻ کانپوءِ سرمد عنيق جي ناني، مامن ۽ ماسيءَ کي بوتلون پياريون. اڌ ڪلاڪ کانپوءِ ريل گاڏيءَ جي هلڻ جي جيئن ئي سيٽي وڳي ته عنيق جي نانيءَ وارا هِنن کان موڪلائي گاڏيءَ مان لٿا. عنيق دريءَ مان کين ويندو ڏسي ڏکارو ٿي ويو. پٺهس ڪيس ڪٽي پاڻ سان گڏ سيٽ تي ويهاريو.

ساڳئي ڪمپارٽمينٽ ۾ لياريءَ جون ڏهه ٻارهن مايون ۽ ٽي چار ڇوڪرا به اچي ويٺا، جيڪي ويهڻ سان ئي وڏي آواز ۾ ڳالهائڻ ۽ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳا. ڪجهه نوجوان سنگل سيٽ تي به گڏجي ويٺا ۽ موبائيل

فونن تي گانا لڳائي ٻڌڻ لڳا. انهن جي ڳالهين مان محسوس ٿيو تہ هُو سيوهڻ ۾ لال شهباز قلندر جي درگاهہ تي ٿا وڃن. هنن جي ويهڻ سان سرمد وارن کي ڪجهہ اطمينان ٿيو، ڇو تہ اڳ ۾ هِنن سوچيو هو تہ، عيد وارو ڏينهن هئڻ ڪري ريل گاڏي خالي هوندي، جنهن ڪري کين ٿورو گهڻو کُتڪو بہ ٿيو پئي، پر لياريءَ وارن جي اچڻ ۾ سندن هُل هنگامي جي ڪري هي مطمئن ٿي ويا.

عنيق دريءَ واري پاسي کان ٿي ويٺو جتان هلندڙ گاڏيءَ مان هُو شهر جو نظارو ڪرڻ لڳو. هلندڙ ريل گاڏيءَ مان شهر جون ٻريل بتيون ۽ جايون پوئتي ويندي ڏسي هيءُ حيران ٿيڻ لڳو. ڇاڪاڻ جو هُو اِهو سڀڪجهہ پهريون ڀيرو ڏسي رهيو هو.

گاڏي جڏهن ڪينٽ اسٽيشن تي اچي بيٺي تہ اُتي ماڻهن جي وڏيڪ پيهہ ڏسي عنيق وڏيڪ حيران ٿيڻ لڳو. ان بعد ريل گاڏي هلي لانڍي اسٽيشن تي اچي بيٺي. ٿوري دير ۾ اُتان هلي تہ سرمد عنيق کي هيءُ نظم پڙهي ٻڌائڻ لڳو جيڪو هِن پرائمري اسڪول ۾ پڙهيو هو ۽ جنهن جون هي بہ سِٽون ڪيس اجا تائين ياد آهن:

ڇڪ ڇڪ پيسا ٻہ ٻہ پايون

اچو تہ گڏجي ريل هلايون

ريل گاڏي جيئن ئي ڪراچي شهر کي ڇڏي هلي تہ ويران علائقا اچڻ بعد عنيق ۽ عريب کي ننڊ اچڻ لڳي. ڪونج عريب کي پنهنجي پرسان سمهاريو ۽ عنيق سامهون واري سيٽ تي پنهنجي پيءُ جي پرسان سُمهيو. حفظ بہ برٿ تي سمهي پئي. باقي سرمد ۽ ڪونج جاڳن پيا.
ريل گاڏي جڏهن جنگشاهي ريلوي اسٽيشن تي پهتي تہ گاڏيءَ جي بجلي بند ٿي وئي، جنهن ڪري پکا بہ بند ٿي ويا. گرميءَ واري مُند ۾ پکن جي بند ٿيڻ سان سرمد جن کي ڪافي پريشاني ٿي. هِنن تہ پاڻ سان گڏ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا تارچ يا ڪو ونجڻو بہ نہ ڪنيو هو. جڏهن ڪونج ۽ سرمد ڏٺو تہ عنيق ۽ عريب کي پگهر اچڻ شروع ٿيو آهي تہ هِنن ٿوال سان پکي وانگر کين هوا ڏيڻ شروع ڪئي. ٻاهر جي هوا تہ لڳي پئي، پر اُن سان گڏ مِٽي بہ اندر ڪمپارٽمينٽ ۾ آئي ٿي.

هاڻي هِنن کي رڳو گرميءَ پريشان نہ پئي ڪيو پر ٿورو پرڀرو ٻين سيٽن تي ويٺل لياريءَ جي ماڻهن جي وڏي آواز ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۽ ٺهڪن بہ کين پريشان ڪرڻ شروع ڪيو.

ريل گاڏي جڏهن ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن تي پهتي تہ سرمد عنيق کي ننڊ مان اٿاريو تہ جيئن هُو سنڌ جي هڪ ٻي وڏي ريلوي اسٽيشن ڏسي. عنيق اکيون مَهٽي اُٿي، دريءَ واري پاسي کان ويهي ماڻهن ۽ گاڏي پيتي جون شيون وڪندڙن کي ڏسي ۽ سندن هَوڪا ٻڌي تعجب ۾ پيو. اُتي سرمد وارن گهران آندل ماني بہ کاڌي. پوءِ جڏهن گاڏي هلي تہ عنيق سنڌ يونيورسٽي ريلوي اسٽيشن تائين ننڊ نہ ڪئي.

ريل گاڏي جڏهن ڄامشوري کي ڇڏي هلي تہ عنيق وري سمهي پيو. سرمد ڪونج کي چيو تہ، ”اوهان بہ ٿوري ننڊ ڪري وٺو. مان جاڳان ٿو.“ ان بعد ڪونج بہ آهلجي پئي.

گاڏي جڏهن رات جو ٽين وڳي ڌاران سيوهڻ پهتي تہ سرمد وري عنيق کي اُٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هِن پيري هُو ننڊ مان نہ اُٿيو. گاڏي جڏهن سيوهڻ ۾ ٿورو وقت بيٺي، تہ ان مان ٻين مسافرن سان گڏ لياريءَ وارا ماڻهو بہ لٿا. انهن کانپوءِ هِنن وارو گاڏو جڻ تہ خالي ٿي ويو. ڪجهہ منٽن بعد گاڏي هلي تہ اها جلد ئي اچي دادو ريلوي اسٽيشن تي بيٺي، جتي سرمد عنيق کي اُٿاريو تہ جيئن هو دادوءَ جي بہ اسٽيشن ڏسي. اُٿڻ کانپوءِ سرمد جي پڇڻ تي عنيق بسڪوٽ کائڻ لاءِ چيو. جيڪي ڪونج


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس ٿيلهي مان ڪڍي ڏنا، جو تہ هُو رستي ۾ ٻارن جي کائڻ لاءِ بسڪوٽ ۽ ٻيو کاڌي پيتي جو سامان بہ کڻي هليا هئا.

دادوءَ جي اسٽيشن تي هڪ چانهہ وارو سرمد جو تڏهن کان سڃاڻو واقفڪار هو، جڏهن هي مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾پڙهندو هو ۽ ڳوٺان ريل گاڏيءَ ۾يونيورسٽيءَ ويندي، دادوءَ پهچي، پنهنجن دوستن سان گڏ اِن کان سٺي ڪيرَ-پتي چانهہ ٺهرائي پيئندو هو. سرمد ۽ عنيق ريل مان لهي جيئن ئي ان چانهہ واري وٽ آيا تہ هُو ڪافي سال گذري وڃڻ کانپوءِ بہ سرمد کي سڃاڻي، ساڻس ٻاڪر پائي مليو. پوءِ هن کين سٺي ڪير-پَتي چانهہ ٺاهي ڏني، جيڪا سرمد، ڪونج ۽ حفظہ ريل گاڏيءَ ۾ ويهي پيتي.

ڪجهہ دير بعد جڏهن ريل گاڏي سيٽي وڄائي هلي ۽ دادو شهر ڇڏي ڇُڪ ڇُڪ ڪري ڪجهہ تيز هلڻ لڳي تہ عنيق کي رات جي خاموشيءَ ۾اِهو آواز وڻڻ لڳو. هاڻي عنيق جي ننڊ ڦِٽي وئي. ٿوري دير بعد پنيراڪي جي وڻندڙ پهَر جي شروعات ٿي چڪي هئي. زمينن ۾ رونبي لاءِ پاڻي ڇڏيل هو. ڪي هاري ٻنين ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ پهچڻ شروع ٿي ويا هئا. عنيق اهي سڀ منظر وڏي غور سان ڏسڻ لڳو.

ريل گاڏي، مخدوم بلاول، پيارو ڳوٺ، ڦلجي، رحماني نگر (اڳوڻي سيتا ريلوي اسٽيشن)، ۽ راڌڻ کان هلي جڏهن باڊهہ پهتي تہ سرمد ۽ ڪونج سامان، سيٽن هيٺان ڪڍي، برٿ تان لاهي، سيٽن تي رکڻ شروع ڪيو. هِنن عريب کي بہ اُٿاريو. عنيق ۽ حفظہ تہ اڳ ۾ ئي جاڳيل هئا. پوءِ ريل گاڏي جيئن ئي باڊهہ ريلوي اسٽيشن کي ڇڏي هلڻ لڳي تہ سرمد وزني سامان سَيري دروازي جي ڀرسان رکيو، جتي هيءُ پاڻ ۽ عنيق اچي بيٺا.

گاڏي جڏهن عنيق جي ڏاڏا گلڻ جي ويجهي دوست علي نواز جوڻيجي ۽ اڪثر سندن ڳوٺ ۾ رهندڙ مشڪري سومر جو ڳوٺ دڙا ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ڏاڏا جي هڪ ٻئي دوست شمن جوڻيجي ۽ سندس بابا سرمد سان اسڪول ۾ گڏ پڙهندڙ ۽ سندس ويجهي دوست گل حسن جوڻيجي جو ڳوٺ منڊرا ٽَپي هلي ته. ڪونج عنيق کي ڪٽي ۽ حفظ به ساڻس گڏ اچي سرمد وارن جي پرسان بيٺيون. اُتي سرمد رائس ڪئنال جي اولهه ۾ واقع پنهنجي ناناڻن جي ڳوٺ ڪبيرڙي تي پري کان هڪ نگاهه وڌي ته کيس پنهنجي نانيءَ ۽ مامن، غلام علي، محمد بخش ۽ مولا بخش جي ياد اُداس ڪري ويئي.

گاڏي جيئن ئي موهن جو دڙو ريلوي اسٽيشن تي پهتي ته سرمد جو ننڍو ڀاءُ صدر اڳ ۾ ئي اچي اُتي بيٺو هو. چاڪاڻ جو دادوءَ پهچڻ وقت سرمد کيس موبائل فون تان فون ڪري ٻڌايو هو ته، هُو صبح جو پنجين وڳي ڌاران موهن جو دڙو ريلوي اسٽيشن تي پهچندا.

صدر سرمد کي ڏسندي ئي اچي ساڻن مليو. پوءِ هُن ڪجهه سامان کنيو. باقي سامان سرمد، ڪونج ۽ حفظ کنيو. اُتي سرمد کي پنهنجا ڪافي پراڻا واقفڪار به مليا، جن ۾ ڪجهه ته اُهي ٽانگن وارا به شامل هئا، جيڪي جڏهن سرمد ڏوڪري هاءِ اسڪول ۽ پوءِ ڪاليج ۾ پڙهندو هو ته هُو اُنهن جي ٽانگن تي چڙهي ايندو ويندو هو.

بعد ۾ هي صدر جي ڪار ۾ ويهي، رائس ريسرچ انسٽيٽيوٽ کان ٿيندا اچي ڏوڪري شهر ۾ پنهنجي گهر پهتا. سرمد جي امڙ، ڀاءُ ٻڍل ۽ ٻيا گهر ڀاتي سندن انتظار ۾ وينا هئا. جيڪي ساڻن ملي ڏاڍا خوش ٿيا. عنيق جي ڏاڏيءَ ته عنيق کي ڪٽي ورتو. جڏهن ته ٻڍل عريب سان پيار ڪرڻ لڳو.

—




سرمد وارن ڳوٺ ۾ عيد ڪرڻ ڪانپوءِ وري ريل گاڏيءَ ذريعي ڪراچيءَ واپس ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. اها جمعي جي رات ۽ جولاءِ مهيني جي 24 تاريخ هجي. لاڙڪاڻو ريلوي اسٽيشن تي محمد علي پٺاڻ پنهنجي دوست فدا سومري جي مدد سان سرمد وارن کي بولان ميل ۾ ڪراچيءَ لاءِ چار سيٽون وٺي ڏنيون.

سرمد، ڪونج، عنيق، عريب ۽ حفظ رات جو لڳ ڀڳ سوا ڏهين وڳي لاڙڪاڻي اسٽيشن تان بولان ميل ۾ سوار ٿيا. اِن کان اڳ ۾ ريلوي اسٽيشن تي جڏهن هي گاڏيءَ جي انتظار ۾ ويٺا هئا ته، ڇڳي خاصي آنڌاري آئي ۽ ڪَڻ ڪَڻ ٻه پئي. سرمد وارن کي خبر نه هئي ته، اهو خوشگوار ٿي ويل ماحول ايندڙ ڪلاڪ ڏيڍ اندر سندن لاءِ هڪ اڻٽندڙ ۽ تڪليف ڏيندڙ واقعو ڪٺي ايندو.

هي ريل گاڏيءَ ۾ پنهنجين سيٽن تي سامان رکي ويٺا. هِنن جي ڪئبن ۾ سامهون وارين ٻن سيٽن تي ٻه جوان عورتون، هڪ ٻار ۽ ٻه نوجوان ڇوڪرا اچي ويٺا. بعد ۾ تعارف ڪرائڻ تي سرمد کي معلوم ٿيو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اهي ساڻس ميٽرڪ تائين گڏ پڙهندڙ بدر ميتلي جا مائٽ هئا. هينئر بدر ميتلو ڪراچيءَ ۾ روينيو کاتي ۾ هڪ اهم عهدي تي فائز آهي، جڏهن تہ اهي عورتون پاڻ ۾ پينر هيون. هي سڀ ڏاڍي خوشگوار ماحول ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئا. ريل گاڏيءَ جي اها ئي خصوصيت آهي تہ، اُن ۾ اوطاق وانگر، ڪچهريون ٿينديون هلنديون آهن.

عنيق ۽ عريب بہ ريل گاڏيءَ جي سفر تي تمام گهڻا خوش ٿي رهيا هئا. ريل گاڏي جيئن ئي موهن جو دڙو اسٽيشن تي پهتي تہ برسات ڪجهہ تيز ٿي، جيڪا بوگيءَ جي ڇت ۾ لڳل پکن واري جاءِ تان ۽ درين مان سرمد وارن ڏانهن اچڻ لڳي. هِنن هيٺ رکيل پنهنجو ڪجهہ سامان ڪٺي سليپر تي رکيو.

گاڏيءَ جي ٻاهرئين در وٽ هڪ نوجوان ڇوڪرو ۽ ڇوڪري بيٺا هئا. سرمد اندازو لڳايو تہ اهي نوان پرڻيل هوندا. هڪ دوست انهن تي پريمي جوڙي هئڻ جو شڪ ظاهر ڪيو. اُنهن سان هڪ همراهہ پوڳ ڪندو پئي آيو جيڪو سرمد کي هُنن جو واقفڪار محسوس ٿيو.

گاڏيءَ ۾ ڪا گهڻي پيهہ نہ هئي. سرمد وارن جي ڪئبن جي ٻئي طرف درين وارين سنگل سيٽن تي بہ پڪي عمر جا همراهہ ويٺا هئا، جڏهن تہ هڪ اڇي ڇاپُهين ڏاڙهي ۽ وڏين مُڇن وارو ۽ پراڻي ٽوپي پاتل ڪراڙو شخص هيٺ فرش تي ڪانپ ڪڍي ويٺو هو.

گاڏي راڌڻ اسٽيشن تي اچي بيٺي. امڪاني پريمي جوڙو ۽ ٻيا بہ چار ماڻهو گاڏيءَ مان لهي ويا. سرمد وارا ماڻهن جي اچ وڃ کان بي خبر ٿيا پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا.

گاڏي وري آهستي آهستي هلڻ شروع ٿي. دريءَ جي پرسان واري سيٽ تي عريب ستو پيو هو. اُن جي پرسان ڪونج ويٺي هئي. اُن ڪانپوءِ عنيق ستل هو ــ ۽ آخري ڇيڙي تي سرمد ويٺو هو. جيڪو سامهون ويٺل همراهہ سان ڪچهريءَ ۾ مصروف هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريل گاڏيءَ جيئن ئي راڌڻ اسٽيشن تان هلڻ شروع ڪيو ۽ اها اڃا ڪي ويھہ پنجويھہ فوٽ مس اڳتي هلي هوندي تہ پليٽ فارم جي ڀئي پاسي کان، اوپر طرف کان هڪ شخص جو هٿ اُن دريءَ جي شيخ ۾ پيو، جنهن دريءَ کان عريب سُتل هو.

ڪونج اُن ئي لمحي اهو هٿ ڏسي دانهن ڪري، اُن هٿ تي زور سان مُڪ هنئي تہ ان شخص جو ٻيو هٿ دريءَ جي ڀرسان رکيل ڪونج جي پرس ۾ پئجي ويو. هن سَٽ ڏئي پرس کڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪونج بہ پنهنجي پرس ۾ هٿ وجهي اُن همراھہ کان اها ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي.

سرمد ڪونج جي آواز تي جيئن ئي ڪونج ڏانهن لونئٽو ورائي ڏسي، جلديءَ ۾ اُٿي اوڏانهن وڌيو تہ هِن کان اڳ ۾ ئي سامهون ويٺل هڪ نوجوان دريءَ وٽ پهچي ڦوروءَ کي هڪل ڏئي، سندس هٿ کي پڪڙي ورتو. هِن ٻئي هٿ سان ڪانئس پرس کسي اهو سرمد کي ڏنو. ان دوران گاڏيءَ سان لڙڪندو هلندڙ ڦورو پنهنجو هٿ ڇڏائي وڏي زور سان وڃي هيٺ ڪِريو.

سرمد ۽ ڪونج پرس کي ڏٺو تہ ان مان ڪونج جي موبائيل فون غائب هئي، باقي ان ۾ پيل پئسا ۽ ڪجھہ ٻيون قيمتي شيون جيئن جو تيئن موجود هيون. ريل گاڏي هاڻي ڪجھہ تيز ٿي چڪي هئي.

سرمد وارا جيئن ئي پنهنجي سيٽن تي ويٺا تہ ڪونج ظاهري طور پنهنجي همٿ ڪرڻ ۽ پرس ڇڏائڻ تي مطمئن هئي، پر سندس زبان مان هاڻي خوشيءَ واري انداز ۾ اُهي ڳالهيون نہ پئي نڪتيون، جيڪي ٿوري دير اڳ ۾ هُوءَ سامهون ويٺل ماڻهن سان خوشي خوشيءَ ۾ ڪري رهي هئي. اِن واقعي دوران عنيق ۽ عريب بہ اُٿي روئڻ لڳا، جن کي سرمد پرچائي ورتو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان واردات وقت هِنن جي ڪئبن ۾ ماڻهن جو هجوم گڏ ٿي ويو پر هي سيئي ڪجهه نہ پئي ڪري سگهيا. ڇاڪاڻ جو هاڻي ريل گاڏي تيز ٿي چڪي هئي.

سرمد سوچيو تہ ڦورو‌ءَ جي اها حڪمت عملي هئي تہ جيئن گاڏي هلي تہ هُو سَٽ ڏيئي پرس ڪٽي، تہ جيئن ڪير بہ هلندڙ گاڏيءَ مان هيٺ لهي نہ سگهي. سرمد کي محسوس ٿيو تہ اِهو ڦورو اڳ ۾ بہ اهڙيون وارداتون ڪري چڪو هوندو.

اِن واقعي سرمد کي تمام گهڻي ذهني تڪليف پهچائي. هن فوري طور موبائيل فون ۾ ٽيڪسٽ ميسيج لکي اُهو روزاني ڪاوش جي راڌڻ شهر جي رپورٽر ۽ پنهنجي دوست مظفر ڳوڙ لاڙڪاڻي ۾ رهندڙ پنهنجي دوست محمد علي پناڻ، حيدرآباد ۾ روزاني ڪاوش جي نيوز ايڊيٽر نياز پنهور، ڪي ٽي اين جي، ڪراچيءَ جي هيڊ آفيس جي شفٽ انچارج يوسف جوکيو ۽ هڪ ٻن ٻين دوستن کي موڪليا. ان وقت رات جا لڳ ڀڳ پوڻا ٻارهن ٿيا هئا. محمد علي پناڻ فوري طور سرمد کي فون ڪئي. ان بعد نياز پنهور صاحب فون ڪري ڪانئس تفصيلي احوال وٺندي ڪيس چيو تہ، ”مون راڌڻ واري پنهنجي نمائندي کي چيو آهي تہ هو جلدي ريلوي اسٽيشن تي پهچي پوليس وارن سان رابطو ڪري.“

هن سرمد کي وڏي دلجاءِ ڏيندي چيو تہ. ”ڪو بہ ڪم هجي تہ مون کي ٻڌايو.“ سرمد سندس ٿورو مڃيو.

ٿوري ئي دير ۾ مظفر ڳوڙ فون ڪري سرمد کي چيو تہ. ”مان ريلوي اسٽيشن تي بيٺو آهيان. هتي ريلوي اسٽيشن تي هينئر خوشحال خان خٽڪ ٽرين پڻ پهتي آهي. مون هِتان جي ريلوي ۽ مقامي پوليس وارن سان ڳالهايو آهي. هُنن ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ چيو آهي.“

سرمد سندس ٿورو مڃيندي ڪيس چيو تہ.”اوهان اوپرندي پاسي واري ريل گاڏيءَ جي پٽڙيءَ تي وڃي ڏسو تہ متان اسان جي موبائيل فون اُتي هيٺ ڪِريل هجي- ۽ ٻيو تہ ڦورو، مقامي هوندو. جنهن جي پوليس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي خبر هوندي. مون کي موبائيل فون جي کسجڻ جي تڪليف ناهي، پر مون کي ڦوروءَ جي بيهودي حرڪت تي افسوس ۽ ڪاوڙ آهي. اوهان پوليس وارن کي چئو ته هو ڪجهه ڪن.“ مظفر ائين ئي ڪرڻ جو چيو.

سرمد وارا جيئن ئي دادو ريلوي اسٽيشن تي پهتا ته ڪي ٽي اين جي هيڊ آفيس مان يوسف جوکئي فون ڪري سرمد کان واقعي جا تفصيل ورتا ۽ ٻڌايائينسِ ته ”اسان ڪي ٽي اين تان ان واقعي جو ٽِڪر هلايو آ ۽ جڏهن اوهان سيوهڻ اسٽيشن تي پهچندا ته مون ڪي ٽي اين سيوهڻ جي رپورٽر ذوالفقار سولنگيءَ کي چيو آهي ته هُو اوهان جي راءِ رڪارڊ ڪندو.“

گاڏي سيوهڻ اسٽيشن تي پهتي ته سرمد ڏٺو ته ڪي ٽي اين جا دوست ڪئميرا سميت اڳ ۾ ئي اُتي بيٺا هئا. هِنن ريل گاڏيءَ جي دريءَ وٽان ئي سرمد جا ڪمينٽس رڪارڊ ڪيا. ان وقت رات جا لڳ ڀڳ ٻه ٿيا هئا.

اڳ ۾ سرمد کي سندس دوستن ٻڌايو هو ته ”بولان ميل بهتر گاڏي آهي. اوهان ان ۾ سفر ڪندي انجواءِ ڪندا.“ هي گهران ٽارچ ۽ ونجڻو به کڻي آيا هئا، ڇاڪاڻ جو جڏهن هي عيدالفطر جي رات جو خوشحال خان خٽڪ ايڪسپريس ۾ ڏوڪريءَ ويا هئا ته ان گاڏي جي لائيٽ جنگشاهي ريلوي اسٽيشن کانپوءِ بند ڪئي وئي هئي، جنهن ڪري هنن باقي سفر سخت گرميءَ ۾ ڪيو هو.

بولان ميل ۾ به جيئن ئي هي لاڙڪاڻي مان سوار ٿيا هئا ته اُن ۾ به اونده هئي. ان جي اندر روشنيءَ جو هڪ به ترورو نه هو. تنهن ڪري ئي سرمد پنهنجي ڪئبن ۾ ٽارچ ٻاري رکي هئي. ۽ ونجڻو في الحال ان ڪري استعمال نه ڪيو، جو برسات جي ڪري موسم خوشگوار ٿي وئي هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرمد وارن ريل گاڏيءَ جي سفر مان مزو وٺڻ جو جيڪو سوچيو هو، اُهو خراب ٿي ويو. هي صبح جو نائين وڳي ڌاران ڪراچيءَ پهتا. جتي لانڍي ريلوي اسٽيشن تي لهي، اُتان ٽيڪسي ڪري، پنهنجي گهر پهتا.

ريل گاڏيءَ وارو اِهو واقعو وڏي وقت تائين عنيق کي ياد رهيو.

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عنيق جنهن بہ ڳالھ تي ڪاوڙيو آهي، يا رُسندو آهي تہ، وڃي صوفا سيٽ تي ڪنڊ ۾ هيٺ ڪري ويهي، يا بستري ۾ مُنهن هٽي چوندو آهي... ”مان ڪِنو هان... مان ڪِنو هان،“ جنهن تي پڙهس وڃي، پيار مان ڪٽي ڪيس چوندو آهي،”عنيق، تون پلو آهين... تون واه واه آهين... تو جهڙو ڪو ٻار ئي ناهي بابا....“

۽ جيڪڏهن سرمد گهر ۾ ناهي هوندو ۽ هيءُ ماءُ سان ڪاوڙجي ڪيس ساڳيا جملا چوندو آهي تہ، ماڻهس وڃي ڪيس ڪٽندي ۽ چوندي آهي، ”عنيق، تون منهنجو شهزادو آهين بابا... تون ڪِنو ناهين...“ پوءِ هُو اٿندو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهس جيڪڏهن ائين ناهي چوندي ته، ”تون منهنجو شهزادو آهين،“ ته وري ساڻس ناراض ٿي ڪيس چوندو آهي،”تون وري مون کي شهزادو نٿي چئين.“ ۽ پوءِ ماڻهس جڏهن ڪيس شهزادو چوندي آهي ته هُو خوش ٿي پوندو آهي.

عنيق ايترو حساس آهي، جو جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه تان ڪيس روڪيو ويندو ۽ ٿورڙي وڏي آواز ۾ ڪيس چيو ويندو ته، ”عنيق، ائين نه ڪر بابا... عنيق موٽر سائيڪل تي نه چڙهه..... عنيق بجليءَ ڪان پري ٿيءُ...... عنيق ٻاهر گهٽيءَ ۾ نه وڃ.... عنيق ڪٽ جي واڏڻِ نه وڍ..... ته هيءُ روئندي چوڻ لڳندو، ”مان ڪِنو هان... تون ڏڙڪا ٿو ڏين....“

پڻهس وري وچي ڪيس ڪٽي پرچائيندو ته، هو فرمائش ڪندو ”بابا شي....“ پوءِ پڻهنس ڪيس ٻاهر دڪان تي ڪٽي وچي ڪيس شيءِ وٺي ڏيندو آهي...“

–



هڪ ڏينهن سرمد ۽ ٻيا گھر ڀاتي گھر ۾ ويٺا هئا. الائي ڪھڙي ڳالھہ نڪتي تہ عنيق پيءُ کان پڇيو”بابا، منهنجو دادا ڪٿي آهي؟“

سرمد اول تہ ڪيس سندس ان سوال جو جواب ڏيڻ کان لنوائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن عنيق وري ڪيس چيو تہ، ”بابا، مون تہ تنهنجو بابا ناهي ڏٺو. هُو ڇو اسان وٽ ناهي ايندو؟“

سرمد ڳوڙهن کي اکين جي اندر روڪيندي عنيق کي پنهنجي ڇاتيءَ سان اهڙي طرح لڳايو جيئن هُو سندس اکيون ڏسي نہ سگھي، جيڪي اندران ڳوڙهن جي، ٻاهر نڪري اچڻ واري دٻاءَ هيٺ اچڻ سبب آليون ٿي چڪيون هيون. سرمد آهستي آهستي ڪري ڪيس ساڳيو روايتي جواب ڏيندي چيو تہ، ”عنيق، تنهنجو دادا هڪڙي ٻئي مُلڪِ ويو آهي.....انڪري تون اُن سان نہ ملي سگھيو آهين؟“

”پو ڪڏهن ايندو؟“ عنيق جي سوال ۾ انتظار هو.

”اهو تڏهن ايندو جڏهن تون جوان ٿيندين؟“ پٽهس آهستي چيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پو مان جوان ڪڏهن ٿيندس؟“ عنيق پڇيو.

”بابا، تون ماشاءَ الله جلد جوان ٿيندين،“ ائين چئي پڙهس سندس ڏيان ڪنهن ٻئي پاسي ڪرڻ لاءِ ڪانئس پڇيو،”چڱو عنيق، اهو ٻڌاءِ ته اڄ اسڪول ۾ مِس توکي ڇا پڙهايو؟“

”بابا اسڪول جي ڳالهه نه ڪر...“ ائين بيزاريءَ مان چئي، عنيق وري ڪيس ڇيو”پر بابا، مون ته نانا بابا کي به ناهي ڏٺو؟“

”ها، تنهنجو نانا بابا به تنهنجي دادا سان گڏ ٻاهر ويو آهي. هُو ٻئي گڏ موٽي ايندا،“ ائين چئي سرمد مُنهن ٿورو پاسي ڪري اکيون اُگهيون ۽ پوءِ اُٿندي عنيق کي چيائين،”عنيق اچ ته هلي ٽي وي ڏسون.“

پوءِ هي ٻاهر آيا ۽ ٽي وي تي هلندڙ ”ٽوم اينڊ جيري“ ڪارٽون ڏسڻ لڳا.

—



سرمد آچر واري ڏينهن گهٽوڪري گهر ۾ئي هوندو آهي ۽ شام جو هي شهر ۾ ڪيڏانهن نہ ڪيڏانهن گهمڻ ۽ رات جي ماني ڪائڻ ويندا آهن. اهڙي ئي موڪل واري هڪ ڏينهن جي شام جو عنيق پنهنجي پيءُ کي بار بار چوڻ لڳو "بابا پڪنڪ تي هلون..."

ماڻهس ڪيس تيار بہ ڪري ڇڏيو هو پر سرمد جي طبيعت ٺيڪ نہ هئي. هُن پاڻ کي ڪافي ڪمزور پئي محسوس ڪيو. جنهن ڪري سندس دل گهر ۾ ئي رهڻ تي چاهيو. شام جو هي پنهنجي ڪشادي گهر جي اڱڻ ۾ اچي ويٺا. وڻندڙ هوا گُهلي رهي هئي. سرمد ڪونج کي چيو تہ "اج ٻاهر نٿا هلون... گهر ۾ئي رهون ٿا."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ هي اُتي ويهي حال احوال ڪرڻ لڳا. عنيق ۽ عريب جي ناني امان بہ آئي، پوءِ تہ هِنن مِتن مائٽن جون ڪٽي ڳالهيون ڪوليون، جيڪي عنيق ۽ عريب بہ وڏي غور سان ٻڌڻ لڳا.

رات جو جڏهن سرمد بستري تي آهليو تہ عنيق سندس پرسان ليٽي ڪيس چوڻ لڳو"بابا ڪهاني ٻڌاءِ..."_

پوءِ سرمد ننڊ ايندي بہ ڪيس پنهنجون اُن ئي مهل تاهيل ڪروڪوڊائل- crocodile (واڳون)، فِش- Fish (مڇي) ۽ مانڪي-Monkey (پولڙي) جون ڪهاڻيون ٻڌايون، پر عنيق هڪ ڪهاڻيءَ جي پوري ٿيڻ ڪانپوءِ وري ڪيس چوي،"بابا اجا هڪڙي ٻڌاءِ..."

ائين پڻهنس پنهنجون ڪهاڻيون تاهيندو ڪيس ٻڌائيندو ويو، جنهن تي جڏهن عنيق کي ننڊ آئي تہ پوءِ سرمد بہ سُتو.

بعد وارن ڏينهن ۾ عنيق بہ ڪهاڻيون تاهي پيءُ کي ٻڌائڻ لڳو جنهن تي پڻهس ڪيس چيو هو تہ،"يار توں تہ هاڻي ئي وڏو ڪهاڻيڪار ٿي ويو آهين." پنهنجي تعريف ٻڌي هيءُ ننڍڙو ٻارُ خوش ٿي پيو هو.

_



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سياري جي موڪلن جيان اونهاري جي موڪلن ۾ بہ عنيق اڪثر گهر ۾ ئي رهڻ لڳو. شام جو هُو ٽيوشن پڙهڻ لاءِ ويو ٿي، تہ ڪڏهن سندس امڙ ڪيس گهر ۾ پڙهايو ٿي. هاڻي گهر ۾ هڪ حافظياڻي پڻ شام جو عنيق ۽ عريب کي قرآن شريف پڙهائڻ ايندي آهي.

اسڪول جون موڪلون هئڻ سبب هِن جي تہ عياشي ٿي پئي آهي، پر جڏهن هُو ماني ناهي کائيندو تہ، ماڻهنس دڙڪو ڏيئي چوندي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿس، ”عنيق، تون ماني نٿو کائين نہ؟ ٺيڪ آ، ڀلي نہ کاءُ....هاڻي مان توکي سياڻي اسڪول موڪليندس.“

اِن تي هُو روئندي پيءُ کي چوڻ لڳندو آهي، ”بابا، مان اسڪول نہ ويندس.“

تنهن تي پڻهنس ڪيس دلجاءِ ڏيندي چوندو آهي، ”ها بابا، تون اسڪول نہ وڃجانءِ. ٻہ مهينا توکي موڪل آ. پر بابلا، ماني تہ کاءُ نہ..... ڏس، ماني نہ کائڻ جي ڪري تون ڪيترو ڪمزور ٿي ويو آهين؟“

پوءِ هُو ماني کائڻ شروع ڪندو آهي تہ سندس ابو امان خوش ٿي پوندا آهن.

.......

عنيق کي سپر هيرو ٿيڻ جو بہ وڏو شوق آهي. سو گهر ۾ رڳو پيو ٽپا ڏيندو آهي. اهڙيون حرڪتون ڪرڻ سبب هُو اڪثر ڪِري، پنهنجون ٻانهون ۽ ڄنگهون بہ ڦَٽائي وجهندو آهي. هڪ ڏينهن هِن پنهنجي سڄي ٻانهن جو ڏَورو پنهنجي پيءُ کي ڏيکاريندي چيو، ”بابا ڏس، مان ڪيترو طاقتور ٿي ويو آهيان.“ تنهن تي پڻهس خوش ٿي چيس، ”ها بلڪل...تون تہ واقعي طاقتور ٿي ويو آهين. پر يار، جيڪڏهن اجا تون صحيح طرح ماني کائين نہ، تہ تون اجا بہ وڏيڪ طاقتور بڻجي سگهين ٿو.“ پيءُ جي اِن ڳالهہ تي عنيق وعدو ڪيو تہ، هاڻي هُو هر ويلي تي ماني کائيندو، رڳو کير نہ پيئندو.

–



عنيق پنهنجي پيءُ کي اڪثر چوندو هيو تہ، ”بابا سمونڊ تي هلون...اُتي شارڪ فش هوندي آهي نہ، اُها هلي ڏسون.“

”ها بابا، هِن آچر تي هلنداسين، پر شارڪ فش نہ ڏسنداسين، اُها وڏي خطرناڪ هوندي آهي. اُن کي تي هزار ڏند هوندا آهن، ۽ اِها وڏيون وڏيون شيون کائي ويندي آهي.“ اِن جواب تي عنيق چُپ ٿي ويو.

جڏهن آچر آيو تہ، هيءُ پيءُ کي وري چوڻ لڳو، ”بابا هلون سمونڊ تي؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها بابا، شام جو هلنداسين.“

هُو وري شام جو انتظار ڪرڻ لڳو.

جڏهن شام ٿي تہ پيءُ کي چوڻ لڳو”بابا هاڻي هلون سمونڊ تي؟“

”ها، هاڻي هلون ٿا...ماٺهين کي چئہ تہ توکي ۽ عريب کي تيار ڪري،“ پڙهنس چيو.

”ها بابا،“ ائين چوندي عنيق اندر ڪمري ۾ ماءُ کي چوڻ ويو.

سرمد، ڪونج، عنيق ۽ عريب تيار ٿي سِي وِيو (seaview) ڏانهن روانا ٿيا. هي جيئن ئي عنيق ۽ عريب جي ماسڙ حميد جي ڪار ۾ ملير ندي ٽپي قيوم آباد وٽان، ٻاهريون روڊ ڏيئي سِي وِيو ڏانهن وڃڻ لڳا تہ، رستي ۾ ڪين ڪيترائي ماڻهو سمنڊ ڏانهن ويندي نظر آيا.

سِي وِيو تي ”وليج“ هوٽل وٽ پهچڻ تي ڪين سموري سامونڊي ڪناري تي رڳو ماڻهو ۽ گاڏيون نظر آيون. هي اڳتي وڌي، گاڏي بيهاري، اُها لاڪ ڪري، ٽڪيٽ وٺي ٻارن جي تفريح لاءِ نئين ناهيل ”چنڪي منڪي“ ۾ ويا. اُتي رڳو ٻارن جي وندر ۽ ورونهہ لاءِ گاڏيون ۽ ٻيون شيون موجود هجن، جن تي ٻارَ چڙهي مزو وٺي رهيا هئا. عنيق ۽ عريب بہ ڪجهہ گاڏين تي چڙهيا، پوءِ هِنن اُتي اندر ئي موجود ريسٽورنٽ ۾ ويهي ڪجهہ کاڌو پيتو.

پر اِن دوران بہ عنيق ۽ عريب کي ويهڻ ڪِٿي ٿي آيو. هي سموري ريسٽورنٽ ۾ گهميا ٿي. اِن جي باوجود عنيق پيءُ کي هر هر چوندو رهيو”بابا، پاڻيءَ تي هلون.“

”هلون ٿا بابا،“ پڙهس چيو.

پوءِ هي اُتان اُٿي اڳتي وڌي، سمنڊ جي اُن جاءِ تي آيا، جتي ڪناري جو اندران ئي اندران سير ڪرائيندڙ رڪشہ قسم جي موٽر گاڏي، اُٺ ۽ گهوڙا بيٺا هئا. هِنن اول تہ موٽر گاڏيءَ ۾ ويهي سموري ڪناري جو سئر ڪيو، جنهن دوران عنيق ۽ عريب تہ مستيءَ ۾ اچي ويا. ڊرائيور ڪنهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن وقت گاڏي ننڍي پاڻيءَ مان بہ هلائي رهيو هو. هِنن هڪڙو چڪر پورو ڪرڻ ڪانپوءِ ڊرائيور کي ٻيو چڪر ڏيارڻ لاءِ چيو.

ان دوران عنيق ۽ عريب جو مامو جاني بہ پنهنجي نياڻي عنايہ ۽ گهر واري ساجده سان گڏ سمنڊ ڪناري آيو. جن کي ڏسي عنيق ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ هِن پنهنجي مامي سان گڏ اُٺ تي ويهي ڪناري جو چڪر ڪاڍو.

ان ڪانپوءِ هي ان مان لهي، پاڻيءَ جي ويجهو آيا تہ، عنيق پاڻيءَ ڏانهن ڊوڙ پاتي ۽ پاڻيءَ ۾ پير پُسائي اصل جوش ۾ اچي ويو. عريب، جيڪو سرمد جي ڪلهي تي ڪنيل هو. سرمد اُن کي بہ لاهي پِنيءَ ٻَوڙَ پاڻيءَ ۾ بيهاريو تہ هُو بہ پنهنجن پتڪڙن هٿڙن سان پاڻيءَ ۾ ٿاڦوڙا هڻڻ لڳو.

جڏهن عنيق اڃا اڳتي وڌڻ لڳو تہ، ماڻهس روڪي ورتس. پوءِ سرمد عنيق کي هٿن مان پڪڙي بيٺو. جڏهن تہ عريب کي ڪونج ڪڇ تي ڪنيو. هاڻي جيئن ئي هڪ وڏي ڇولي آئي تہ سرمد عنيق کي ٿورو مٿي ڪنيو تہ ڇولي سرمد جي پيرن هيٺان واري موجود وارِي ڇڱي خاصي کِسڪائيندي وئي، اُن سان گڏ عنيق بہ پاڻيءَ ۾ سڄو پُسي ويو — عنيق اِهو ئي تہ چاهيو پئي.... پوءِ جيئن ئي سرمد عنيق کي هيٺ ڪيو تہ، هُو پاڻيءَ کي هٿن سان ڇاڇولڻ لڳو.

هاڻي هي پوئتي موٽيا تہ عنيق واريءَ مان سهٽيون سهٽيون سِپون ڳولي، ميڙي ڪنيون. پڻهس پرسان بيٺل مڪئيءَ جي سنگن واري ريڙهيءَ واري کان پلاسٽڪ جي هڪ ٿيلهي وٺي عنيق کي ڏني، جنهن ۾ هِن اُهي سپون وڌيون. عنيق گهر کڻي هلڻ لاءِ سِپن سان گڏ ڪجهہ واري بہ اُن ٿيلهيءَ ۾ وڌي. هِن کي پنهنجي بابا وانگر مِٽي ۽ واري ڏاڍي وڻندي آهي.

ان بعد هُو واپس روڊ تي آيا. هٿ پيرَ ڌوئي، گاڏيءَ تي چڙهي، پر واري ميڪڊونلڊس تي وڃي ڪجهہ کاڌائون پيتائون. عنيق کي اهڙا هوٽل ڏاڍا وڻندا آهن. تڏهن ئي تہ هيءُ پيءُ کي اڪثر چوندو آهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ”بابا سني هوٽل تي هلون.“ جيڪڏهن هُو ڪين ڪڏهن ڪنهن سادي هوٽل تي وٺي ويندو آهي تہ اُتي هُو نہ ويهندي چوندو آهي،”بابا، هي مون کي سٺو نٿو لڳي....هلو سني هوٽل تي هلون.“ پوءِ هي جڏهن ڪي ايف سي، ميڪڊونلڊ، وليج، مووِن پِڪ، آواري ٽاورس يا اهڙي ڪنهن ٻئي سني هوٽل تي ويندا آهن، تہ ان ۾ داخل ٿيندي ئي عنيق چوڻ لڳندو آهي،”واه، ڪيڏو نہ سُٺو آهي.“

_



هڪ ڏينهن سرمد هِنن کي ڀنڀور وٺي ويو. اهو جولاءِ مهيني جو هڪ ڏينهن هجي. چئوماسي جون برساتون وقفي وقفي سان پئجي رهيون هيون. آسمان ڪڪرن سان ڍڪيل هو. هي نيشنل هاءِ وي کان مُڙي اولهہ طرف ڀنڀور واري رستي سان هلي ڀنڀور پهتا. هِن سفر ۾ بہ هي ربگو پاڻ ۾ هئا يعني سرمد، ڪونج، عنيق ۽ عريب. هي ڀاڙي تي ڪارِ ڪري ڀنڀور پهتا هئا. ڀنڀور ڪراچي شهر کان لڳ ڀڳ 65 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي، ان جي اوڀر ڏکڻ ۾ واقع آهي. هِن جي ويجهي وارا شهر ڏابيجي ۽ گهارو آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن وقت جيتوڻيڪ عنيق جي عمر چار سال اٺ مهينا ٿي چڪي آهي، ۽ ڪيس ڪافي سمجهه بہ اچي وئي آهي. اِن جي باوجود هُو اڃا بہ ٻارُ آهي، تنهن ڪري ڀنڀور جو ويران ماحول هن لاءِ ايتري گهڻي ڪشش رکندڙ نہ هو. تڏهن ئي تہ هُو رڳو مينهوڳيءَ واري موسم ۽ کُليل ماحول جو وڌيڪ مزو وٺي رهيو هو.

اُتي اول هِنن ڀنڀور جي ميوزيم ڏٺي، جتي ڀنڀور جي قديم آثارن مان مليل مختلف شيون رکيل هيون. عنيق اهي حيرت مان ڏٺيون، پر هُو اُتي وڌيڪ وقت تائين بيهي نٿي سگهيو. سندس زور ڀرڻ تي سرمد وارا ميوزيم مان ٻاهر نڪري آيا، ۽ ڀنڀور جي آثارن ڏانهن وڌڻ لڳا.

سرمد وارا جيئن ئي مٽي دڙي تي پهچي، ڪلوميٽر ڏيڍ جي پنڌ تي ٺهندڙ لوڻ جي اڃاڻ کي ڏسڻ لڳا تہ، عنيق پيءُ کي چيو”بابا، اسان کي ڪهڙين جاين تي گهمڻ وٺي آيا آهيو؟ اهي جايون تہ ڪجهہ بہ ناهن؟“

”عنيق، مان اوهان کي ڪهڙين جاين تي اِنڪري وٺي ايندو آهيان تہ جيئن اوهان کي خبر پوي تہ اوهان جي سنڌ ۾ ڇا ڇا موجود آهي؟“ سرمد وضاحت ڪئي.

”سنڌ ڇاهي بابا؟“ عنيق بنيادي سوال ڪيو.

”سنڌ اُن علائقي جو نالو آهي، جنهن ۾ اسين رهون ٿا.“ سرمد سنڌ جي سادي وصف ٻڌائي.

”پر اسان تہ ڪراچيءَ ۾ رهندا آهيون؟“ عنيق چيو.

”ها، ڪراچي هڪ شهر آهي، جيڪو بہ سنڌ جو هڪ حصو آهي. پر سنڌ اسان جي ديس جو نالو آهي، جنهن ۾ اسان جا ڳوٺ، شهر، ڪڇو جبل، درياهہ، سمنڊ، ميدان، صحرا، سڀ اچي وڃن ٿا. جيئن ٻيا صوبا آهن.“ سرمد کيس ڪجهہ وڌيڪ تفصيل سان ٻڌايو.

”ڪهڙا صوبا؟“عنيق پڇيو.

”پنجاب، خيبر پختونخوا، بلوچستان ۽ گلگت بلتستان.“ سرمد ورائيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها, اِهو تہ مِس اسان کي پڙهائيندي آهي،“ عنيق پنهنجي اسڪول جي ڳالهہ ٻڌائي.

”ها, هوءَ اوهان کي پاڪستان جي صوبن بابت پڙهائيندي هوندي. سنڌ بہ اُن جو هڪ صوبو آهي،“ سرمد سندس ڳالهہ جي تائيد ڪئي.

”ها پڙهائيندي آهي.... پوءِ هِن جو نالو ڇاهي؟“ هِن ٻنپور بابت پڇيو.

”هِن کي ٻنڀور چوندا آهن. جيڪو ڪنهن دور ۾ سنڌ جو هڪ وڏو بندرگاهہ هوءِ هڪ وڏو واپاري شهر هو،“ سرمد چيو.

”پر هاڻي تہ هِتي ڪو شهر ناهي. اهو شهر ڪاڏي ويو؟“ عنيق وري سوال ڪيو.

”اهو شهر تباهہ ٿي ويو؟“ سرمد جي اِن ڳالهہ تي عنيق حيرت مان پڇيو ”تباهہ ٿي ويو؟“

”ها تباهہ ٿي ويو،“ سرمد پري سمنڊ تي نظر وجهندي کيس چيو.

”پر هي تہ مهين جي دڙي جهڙو آهي، جيڪو اسان ڏٺو هو“ عنيق چيو.

”ها, هيءُ بہ مهين جي دڙي جهڙو دڙو آهي.....ءِ هِتي سسئي بہ رهندي هئي؟“ سرمد جي ان ڳالهہ تي عنيق فوري طور چيو ”سسئي تہ اسان جي ڳوٺ ۾ رهندي آهي.“

”اُها ٻي سسئي آهي،“سرمد وضاحت ڪئي.

”پو هيءَ ڪهڙي سسئي آهي؟“عنيق جا سوال کُٽڻ جا نہ هئا.

”هيءَ اُها سسئي آهي، جيڪا ٻنڀور کي ڇڏي پنهنجي پنهونءَ جي پويان وئي هئي،“ سرمد چيو.

”پنهون تہ مَما مون کي چوندي آهي،“ عنيق پاڻ جهڙي معصوم ڳالهہ ڪئي.

اِهو ٻڌي ڪونج کِلي تہ سرمد بہ کِلندي کيس چيو ”ها, تون بہ اسانجو پنهون آهين. پر هڪ ٻيو پنهون بہ هو جنهن سسئيءَ سان شادي ڪئي هئي. پوءِ پنهونءَ جا ٽي ڀائر: چنري، هوتي ءِ نوتي هُن کي پاڻ سان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زوريءَ اُٺ تي ڪٽي ويا هئا. ان ڪانپوءِ سسئي پنهونءَ سان ملڻ لاءِ نڪتي هئي.“

”پوءِ ڪاڏي وئي؟“ عنيق جو تجسس وڌيو.

”پوءِ هُوءَ پنهونءَ ڏي ويندي، رستي ۾، جبلن ۾ گم ٿي وئي،“ سرمد ڪيس اِهو نه ٻڌايو ته هُوءَ مري وئي هئي.

”پوءِ وري هِتي پنهنجي گهر موٽي آئي هئي؟“ عنيق وري پڇيو.

”نه، موٽي نه آئي هئي. بس پوءِ جبلن ۾ هميشه جي لاءِ رهي پئي هئي،“ سرمد چيو.

”هتي ان جو گهر ڪاٿي هو؟“ عنيق پڇيو.

”اُهو مان توکي پوءِ ڏيکاريان ٿو. پر اول مان توکي سسئيءَ جي ڪهاڻي ٻڌايان ٿو“ ائين چئي سرمد ٿورو اڳتي وڌيو ته هي سڀ به ساڻس گڏ هلڻ لڳا. هلڪي ڦُڙ ڦُڙ به پوڻ شروع ٿي، پر هنن اُن ڪان نه گهٻرايو... اجا به ڪين اِهو ماحول سٺو پئي لڳو- ۽ هي ته ڪپڙا به برسات کان بچاءَ وارا پائي آيا هئا، جن جي آلي ٿيڻ جو هِنن کي خوف نه هو.

پوءِ سرمد ڪيس ٻڌائڻ لڳو ته، اسانجو هڪ وڏو استاد هو ۽ جنهن جو نالو هوتچند مولچند گربخشاڻي هو. ان ڀٽائي سائينءَ جي رسالي ۾ سسئي ۽ پنهونءَ جي ڪهاڻي لکي آهي، جنهن ۾ هُن لکيو آهي ته ”راجا دلوراءِ جي زماني ۾ ڀانبر واهه جي ڀَر تي، نانيا (نائون) نالي هڪ ٻانڀڻ رهندو هو. پاڻ ۽ سندس گهرواري، جنهن جو نالو مُنڌر هو، سي ٻئي اولاد لاءِ سِڪايل هئا. نيٺ پيريءَ ۾ ڪين هڪ نياڻي ڄائي، جا سونهن ۾ چوڏهين جي چنڊ کي به شهه ڏئي وئي. پر سندس ستاري مان معلوم ٿيو ته سندس انگ ڪنهن مسلمان سان اڙيل آهي. اهڙيءَ شهرت ۽ بدناميءَ کان پاڻ بچائڻ لاءِ نائونءَ ۽ سندس ناريءَ، انهيءَ ٻي ٻها موتيءُ کي، وڏي افسوس سان صندوق جي سپ ۾ درج ڪري، درياهه ۾ داخل ڪيو.“

ايتري ڳالهه ٻڌائي سرمد بس ڪري عنيق ڏانهن ڏٺو ته هُن وڏي تجسس مان پڇيس، ”بابا پوءِ صندوق ڪاڏي وئي؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرمد ڪيس ساڳيو گربخشاڻي صاحب وارو قصو اڳتي ٻڌائڻ لڳو. ”پوءِ صندوق لهرن ۾ لڙهندي، قضا سان اچي ڀنڀور جي ڀرسان ڪناري تي نڪتي. انهيءَ (يعني هِن) شهر ۾ محمد نالي هڪ ڌوٻي رهندو هو جنهن کي ’لالا‘ بہ ڪري سڏيندا هئا. سندس هٿ هيٺ پنج سئو ڪاريگر ڪمائيندا هئا ۽ چڱيءَ پونجيءَ وارو هو پر ويچاري کي اولاد پٽيءَ ڪونہ هو. جڏهن ڪاريگرن جي نظر ان پيٽيءَ تي پيئي، تڏهن ان کي پاڻيءَ مان ڪڍي، پنهنجي استاد وٽ کڻي ويا. ڌوٻي صندوق کولي جان کڻي ڏسي تہ هڪ سدا سهڻو ٻار منجهس ستو پيو آهي. ٻار کي ڪڍي پنهنجي گود لاتائين ۽ مٿس سسئي نالو رکيائين، جنهن جي معنيٰ آهي: چنڊ.“

سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ عنيق جي دلچسپي وڌي تہ سرمد اُتي هڪ دڙي تي ويهي رهيو. جتي ٻيا بہ سندس ڀرسان اچي ويٺا تہ سرمد وري کيس سسئيءَ جي رهيل ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي:”پوءِ اُن ڌوٻيءَ ان کي تاتي نپائي وڏو ڪيو...... سسئي ڏاڍي سهڻي هئي....“

هڪ ڏينهن ڪيچ مڪران جي آري ڄام جو پٽ پنهون هِن ڀنڀور شهر ۾ آيو. هِتي هِن جڏهن سسئيءَ کي جو ڏٺو تہ اها کيس ڏاڍي پسند اچي وئي. پوءِ هِنن جي شادي ٿي، پر پنهونءَ جي پيءُ آري ڄام کي پنهنجي پٽ جي اها شادي پسند نہ هئي. پوءِ هڪ ڏينهن پنهونءَ جا ڀائر هِتي آيا ۽ اچي ڪجھہ وقت رهيا. پوءِ هڪ رات جو وجھہ وٺي هُو ننڊ پيل پنهون کي هڪ اُٺ تي کڻي پنهنجي ڳوٺ ڪيچ هليا ويا.“

”اُن ڪانپوءِ وري ڪا ٻي صندوق ناهي آئي بابا؟“ عنيق جي سوچ سسئيءَ واري صندوق تي ئي اَٽڪيل رهي.

”نہ بابا...“

”هاڻي وري ڪڏهن نہ ايندي؟“ عنيق مايوس ٿيندي سوال ڪيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هاڻي بہ ايندي عنيق، ۽ اُن مان جيڪا نئين سسئي نڪرندي، اُن کي اسان پنهنجي هِن پنهونءَ سان پرڻائيندا سين.“ ائين چئي سرمد کيس پاڪر ۾ پري زور ڏنو تہ عنيق کِلي پيو۔ ۽ عريب ۽ ڪونج بہ کِلي پيا.

ان بعد هي اُتان اُٿي، پنيور جا رهيل حصا گهمي هيٺ لهي آيا، جتي هِنن سسئيءَ جو تلاءُ ڏٺو. اُتي پارڪ ۾ ويهي هِنن ڪجهہ کاڌو پيتو. پوءِ گاڏيءَ ۾ چڙهي واپس پنهنجي گهر آيا.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اونهاري جي موڪلن جي ختم ٿيڻ ۾ باقي هڪ هفتو وڃي بچيو هو. هڪ رات جو سرمد عنيق کي چيو ”بابا، هاڻي ڪارٽونن تي ايترو گهڻو وقت نہ ويھہ ۽ رات جو جلدي سمھہ تہ جيئن صبح جو سوير اُٿي سگهين، ڇو جو تنهنجو اسڪول جلدي کُلڻ وارو آهي.“

ان ڳالھہ تي پيءُ کي فور طور، وڏي آواز ۾ چيائين، ”بابا اِها ڳالھہ تہ نہ ڪرَ....“

عنيق جي اهڙي بروقت جواب تي سرمد کان ٺهڪ نِڪري ويو. عنيق جي ان ردعمل جو سبب اهو هو تہ هيءُ اسڪول جو نالو ئي ٻڌڻ نہ پيو چاهي.

سرمد کيس چيو ”ٺيڪ آهي عنيق، مان في الحال اِها ڳالھہ نٿو ڪريان، پر هاڻي تون پنهنجون ٻيون مشغوليون آهستي آهستي گهٽاءِ ۽ ڪجھہ وقت پڙهڻ کي بہ ڏي، تہ جيئن اسڪول کُلڻ کانپوءِ توکي اسڪول ۾ پڙهڻ دوران ڪا ڏُکيائي نہ ٿئي.“

”ٺيڪ آ بابا،“ ائين چئي عنيق وري ٽي وي تي ”اوگي“ ڪردار وارا ڪارٽون ڏسڻ ۾ گم ٿي ويو. هُو جڏهن بہ ڪارٽون ڏسڻ ويهندو آهي تہ پوءِ ڪنهن جي بہ ڳالھہ ناهي ٻڌندو....جيڪڏهن ماڻهنس يا پڦهنس کيس ڪجھہ چوڻ بہ چاهيندا آهن، تڏهن بہ هُو سندن ڳالھہ تي ڪو ڌيان ناهي ڏيندو. ڪارٽونن ۾ اصل گم هوندو آهي- ۽ جيڪڏهن اهي سندس ڳالهين مان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ ڪانئس رموٽ ڪنٽرول کسڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ هيءُ رموٽ ڪنٽرول پنهنجي هٿ ۾ سوگهو پڪڙي هڪ صوفي تان ٻئي صوفي تي ۽ اُتان کٽ يا بيڊ تي ٽپا پيو ڏيندو آهي ۽ پيءُ ماءُ کان ڀڄندو رهندو آهي، پر ان دوران هيءُ ڪوشش ڪندو آهي تہ ٽي وي تي بہ سندس نظر هجي. هِن جي اهڙي صورتحال ڏسي، سرمد ۽ ڪونج کِلندا ئي رهندا آهن.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اسڪول ۾ پڙهڻ ۽ ڪارٽون ڏسڻ ڪانپوءِ عنيق هاڻي ٿورا ٿورا انگريزي لفظ ۽ جملا بہ ڳالهائڻ لڳو آهي تہ، مختلف معاملن ڪي سمجهڻ بہ لڳو آهي. هڪ ڏينهن عنيق پنهنجي نانيءَ جي گهران نڪري پنهنجي گهر آيو پئي تہ، سنڌس ماساتِ زينب، جيڪا هِن کان ٿورڙي وڏي آهي، سنڌس پٺيان اچڻ لڳي تہ اُن کي دڙڪو ڏيندي چيائين، “Don't come. Go back”

بئي پيري سرمد عنيق کان پڇيو ”عنيق، هِتي ٽيبل تي موبائيل جو چارجر پيو هو... بابا، توکي خبر آهي تہ ڪٿي آ اُهو؟...تہ عنيق وراڻيو، Baba, I don't know



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنيق جي واتان اِهي انگريزي جملا ٻڌي سرمد خوش ٿيڻ لڳو ته هاڻي هيءُ اُها انگريزي ٻولي به سکڻ لڳو آهي، جيڪا سڄي دنيا جي ماڻهن جي رابطي ۽ جديد علم جي ٻولي آهي. جيڪڏهن هلندڙ ۽ ايندڙ دور ۾ پنهنجي ٻارن کي انگريزي ٻولي نه سيکاري وئي ته، هُو ڪا به ترقي ڪري نه سگهندا. تڏهن ئي ته سرمد به عنيق سان گهر ۾ سنڌيءَ سان گڏ انگريزي ۾ به ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي، ڇاڪاڻ جو سرمد چاهي ٿو ته عنيق وڌيڪ رواني‍ءَ سان انگريزي ڳالهائڻ سکي. سرمد سمجهي ٿو ته اسڪول ۾ انگريزي پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن عنيق کي گهر ۾ اهڙو ماحول نه ملندو ته هُو اِها ٻولي جلدي سِکي نه سگهندو.

سرمد جي خواهش آهي ته سندس ٻارَ هڪ کان وڌيڪ ٻوليون سِکن، ڇاڪاڻ جو هن ڪٿي پڙهيو هو ته ٻارُ ستن سالن جي عمر تائين پنج ۽ ان کان به وڌيڪ ٻوليون سِکي سگهي ٿو.

28 آڪٽوبر 2016ع تي سرمد روس جي هڪ آن لائين اخبار ۾ پڙهيو هو ته، ’روس جي هڪ ڇئن سالن جي نينگري ٻيلا ديواتڪينا ست ٻوليون رواني‍ءَ سان ڳالهائي ٿي، جن ۾ ڇهه ٻاهر جون ٻوليون ۽ هڪ سندس پنهنجي مادري روسي ٻولي آهي.‘

تنهن ڪري سرمد ان ڳالهه ۾ يقين رکي ٿو ته اڄ جيئن دنيا هڪٻئي سان تيزي‍ءَ سان رابطي ۾ اچي رهي آهي، ۽ اُها ننڍڙي ٿي هڪ شهر يا ڳوٺ بڻجي رهي آهي، تنهن ڪري اهڙي دور ۾گهڻين ٻولين جو اچڻ نئين نسل لاءِ بين الاقوامي سطح تي ترقي‍ءَ جا وڌيڪ رستا کوليندو.

سرمد ان ڳالهه تي خوش آهي ته عنيق کي في الحال ٽي ٻوليون: پنهنجي مادري ٻولي سنڌي ۽ اردو ڳالهائڻ اچن ٿيون ۽ هاڻي هُو انگريزي به ٿوري ٿوري ڳالهائڻ لڳو آهي.

هاڻي ته هيءُ ”پنهنجي انگريزي ٻولي“ به ٺاهڻ لڳو آهي. هڪ ڏينهن هي صبح جو چانهه ۽ بسڪوٽ کائي رهيا هئا ته عنيق پنهنجي بابا ۽ ماءُ جي چانهه جي ڪپس کي ڏسندي چيو”ڊِس از مما جي چاهِنگ....



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊِس از بابا جي چِاهنگ...“ وري پنهنجي چانهه جي پيالي ڪٽندي چوڻ لڳو.”مان چانهه ڪَٽنگ...“

سندس اِنهن جملن تي سرمد وارا ڏاڍو کِليا هئا، ۽ سرمد ڪي اِهو سوچي خوشيءَ سان گڏ حيرت به ٿي هئي ته، هِن ۾ ايتري تخليقي صلاحيت آهي جو هيءَ ”آءِ ايم ڪمنگ“ جيان ”مان چانهه ڪٽنگ“ استعمال ٿو ڪري.

–

هاڻي عنيق کي پئسن جي اهميت به معلوم ٿي وئي آهي، تڏهن ئي ته هِن هڪ پنڊارو به ورتو آهي، جنهن ۾ هيءُ ملندڙ خرچي رکندو ويندو آهي.

هڪ آچر واري ڏينهن، صبح جو سرمد گهر ۾ ويٺي اخبار پڙهي رهيو هو ته عنيق پنهنجو پنڊارو کڻي وٽس آيو ۽ اچي چيائينسِ، ”بابا، پيسا ڏي ته پنڊاري ۾ وجهان.“

پڻهس کيس پنهنجي واليٽ مان سئو رپيا ڪڍي ڏنا، جيڪي هِن پنڊاري ۾ وجهڻ وقت، اُن جي وات جهڙي جاءِ کي ڏسندي پيءُ کي چيو، ”بابا، هي ته هِن پنڊاري جو وات آهي.... مان هِن جي وات ۾ پئسا وجهان ٿو. هِن کي بک لڳي هوندي.....واهه جي ڳالهه ڪيم نه؟ عنيق پاڻ ئي پنهنجي ڳالهه کي ”واهه“ جو چئي پيءُ کان پڇيو. جنهن تي پڻهس کيس چيو،”ها بابا، تو ته واقعي واهه جي ڳالهه ڪئي.“

هِن ۾ هڪ وڏي خوبي اها به پيدا ٿي آهي ته هيءُ پَٽ تي ڪِريل ڪا شيءِ کڻي پيءُ کي ڏيندي چوندو، ”بابا، هيءَ رکُ ڪمِ اچي سگهي ٿي.“

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جولاءِ مهيني جي آخري ڏينهن ۾ ٿر ۾ وڏيون برساتون پيون. ٿر سونهن ۾ سنڌ جي ٻين علائقن کان سرس ٿي پيو هو. اها سونهن ڏسڻ لاءِ سنڌ جي هر علائقي جا ماڻهو ٿر ڏانهن پنڌِ پيا. ٿر جي روڊن ۽ رستن تي رڳو سياحن جون گاڏيون هجن. هنن جي گهمڻ جو مرڪز ڪارونجهر جبل هو. ان سان گڏ مِٺي ۽ مارئيءَ جي کوهہ ڀالوا تي بہ هُو ويا ٿي.

سرمد جا ٿر ۾ ڪافي دوست آهن. جيڪي هر سال وسڪاري جي مُند ۾ ڪيس چوندا رهندا آهن تہ ٿر گهمڻ اچو. اُنهن مان حاجي محمد ڪنڀر مٺس سيني کان وڏيڪ زور ڀريندو رهندو هو. هِن ڀيري بہ حاجي محمد ڪنڀر ڪيس چيو تہ ’سرمد. هِن ڀيري پنهنجي ٻارڙن کي وٺي اچي کين ٿر گهمائي وڃ. جيڪڏهن هِن ڀيري اوهان ٿر نہ گهميو تہ پوءِ اوهان ههڙو سهڻو ٿر وري شايد ئي ڪڏهن ڏسي سگهو.‘

ان بعد سرمد وارا آگسٽ مهيني جي پنجين تاريخ تي ٿر لاءِ روانا ٿيا. جيتوڻيڪ عنيق جا اسڪول اونهاري جي موڪلن ڪانپوءِ پهرين آگسٽ تي کُلي چڪا هئا، پر اهو جيئن تہ ڇنڇر جو ڏينهن هو ءِ ڇنڇر ۽


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آچر جي ڏينهن سرڪاري موڪل هوندي آهي، تنهن ڪري سرمد لاءِ انهن ڏينهن تي ٽُر وڃڻ ڪو مسئلو نہ هو.

هي صبح جو اٺين وڳي پاڙي تي ڪيل ڪار ۾ ٽُر لاءِ روانا ٿيا ۽ ٺٽي ۽ بدين کان ٿيندا منجهند جو مٺيءَ ۾ حاجي محمد ڪنير جي گهر پهتا، جتي ڪونج ۽ ٻارَ، حاجيءَ جي گهر وارن ۽ اوڙي پاڙي جي ماڻهن سان رَلي ملي ويا.

سرمد ۽ ڊرائيور امجد، حاجيءَ جي اوطاق ۾ ويٺا. هِن سرمد وارن لاءِ اڳ ۾ ئي منجهند جي ماني تيار ڪرائي ڇڏي هئي، جنهن ۾ هِن خاص طور ڪُنيين جي ڀاڄي تيار ڪرائي هئي، جيڪا ڪائيندي سرمد وارن کي ڏاڍي لذيذ لڳي. عنيق ۽ عريب بہ اها ڀاڄي شوق سان کاڌي.

حاجيءَ سرمد وارن کي ٻڌايو تہ هِن پيري مٺيءَ ۾ ٻاهران آيل ماڻهن جو ڪو حساب ئي ناهي. ان تي سرمد کيس چيو تہ "اسان هِتي مٺيءَ ۾ رات رهڻ بدران ڪنهن اهڙي ڳوٺ ۾ رهڻ چاهيون ٿا، جيڪو کُليل ميدان تي هجي ۽ جنهن ۾ رڳو چونئرا هجن."

حاجيءَ جي دل تہ چاهيو پئي تہ هي رات وٽس ئي رهن، پر هِن سرمد جي ڳالهہ سمجهي ورتي، جيڪو اصلي ٿر ڏسڻ چاهي پيو.

ٻہ ڪلاڪ کن اُتي ترسڻ کانپوءِ هي مٺيءَ جي ڏکڻ ۾ 25 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي واقع ڳوٺ سوڀارو شاهہ ۾، حاجي محمد ڪنير ۽ سرمد جي گڏيل دوست ـ ستار وسنداڻيءَ جي گهر پهتا. اُتي جون مائرون ۽ ڀينرون ۽ مرد هِنن سان وڏي اُڪير سان مليا. عنيق جيئن ئي اُن گهر جي اڱڻ تي مورَ ۽ ڏيل ڏٺي تہ رڙ ڪري پيءُ کي چيائين، "بابا، پيڪاڪ (peacock)...... مور..... اُتي ئي هِن اسڪول ۾ پڙهيل نظم پڙهڻ شروع ڪيو:

'ناني تيري مورني ڪو مور لي گئي،
باقي جو بچا تها ڪالي چور لي گئي.'



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪونج ۽ ٻارن کي هڪ الڳ چونئري ۾ ويهاريو ويو. ڇاڪاڻ جو مِينهن اچا وَسي رهيو هو. جڏهن ته سرمد، حاجي محمد ڪنڀر، ستار وسنداڻي ۽ امجد هڪ ٻئي چونئري ۾ وينا. پر هھڙي موسم ۾، ۽ جتي وري مورَ به هجن، اُتي عنيق ۽ عريب ڪٿي ٿا اندر جاءِ ۾ ويهي سگهن. سو هُو ٻاهر نڪري آيا. هُو مِينهَن ۾ پاڻ کي پُسائي، نظر کُنڊ تائين، ڦُڻل ساوڪ ئي ساوڪ ڏانهن نهاري، ايترو ته خوش ٿي رهيا هئا. جنهن جو ڪو اندازو نٿو لڳائي سگهجي. سرمد وارا به چونئري مان ٻاهر نڪري آيا. هاڻي تيز مينهن گهٽ ٿي ويو هو. پر بوندا باندي پوءِ به ٿي رهي هئي.

اُتان اُٿي هي پرسان واري هڪ وڏي پِٽ ڏانهن ويا. واريءَ ۾ سندن پير ڦاٿا ٿي، تنهن هوندي به هي آهستي آهستي پٽ تي چڙهيا. عنيق وارا به هِنن سان گڏ هجن. عريب کي سرمد هنج تي کنيو ۽ عنيق کي ٻانهن کان پڪڙي، سندس پيرَ واريءَ مان آهستي آهستي ڇڏائيندو هليو. عنيق ۽ عريب انهن سمورن منظرن کي وڏي حيرت مان ڏسي رهيا هئا، ۽ حيرت مان ته سرمد به اِنهن کي ڏسي رهيو هو ڇاڪاڻ جو سرمد پاڻ پهريون ڀيرو ٿرِ آيو هو. پٽ تي چڙهي هِنن ڏٺو ته چوڌاري ڀِٽن جڻ سرسبز لباس اوڍيو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي. اُتي عنيق ۽ عريب پٽن تي هلڻ لڳا، جنهن دوران هي ڪِري وري اُٿيا ٿي. سندن ڪپڙا آلي مِٽيءَ ۾ خراب ٿي ويا.

هاٽي سانجهي ٿي چڪي هئي. مينهن بند ٿي چڪو هو پر ڪڪر اجا آسمان جي سونهن بڻيا بيٺا هئا. حاجيءَ چاهيو ته هاٽي واپس گهر هلجي، پر سرمد چيو ته،”هِنن حسين پِٽن تان سج لهڻ جو منظر ڏسي، پوءِ گهر هلون ٿا.“ جيتوڻيڪ اُن وقت سج ڪڪرن ۾ لِڪل هو پر اُهو ڪنهن ڪنهن وقت ڪڪرن مان ٻاهر نڪتو ٿي. سرمد جي خواهش هئي ته هُو ٿر جي تارن ڀري رات به ڏسن، پر سندس اِها خواهش هِن ڀيري پوري ٿيڻ واري نه هئي، ڇاڪاڻ جو آسمان ڪڪرن جي سليٽي پردي سان ڍڪيل هو.

اتفاق سان سج لهڻ مهل، سج ڪڪرن مان ٻاهر نڪتو ۽ جڏهن اُن جي آخري ڪِني غائب ٿي ته ٿر مٿان ڪاري چادر چڙهڻ شروع ٿي.

هاٽي هي آهستي آهستي واپس ڳوٺ ڏانهن اچڻ لڳا. سرمد عريب کي هنج تي کنيو ۽ عنيق کي هٿ کان ورتو. عنيق کي ٿَڪ نه ٿيو هو سو هي پِٽ تان آرام سان هيٺ لهڻ لڳو. گهر پهچي سرمد ڪونج سان مليو، جيڪا ماين سان ڪچهري ڪري ڏاڍي خوش ٿي رهي هئي. پوءِ عنيق ۽ عريب کي ڪونج چونئري ۾ اندر وني وئي. سندن ڪپڙا تبديل ڪيائين.

سرمد، حاجي محمد ڪنير، ستار، امجد ۽ ڪجهه ٻيا ڳوٺاڻا ٻِر واري هڪ ٻئي چونئري جي اڱڻ تي کٽون وجهي ويٺا. ڪونج، عنيق ۽ عريب وارن گهر جي ماين سان گڏجي ماني ڪاڌي، جڏهن ته سرمد وارن الڳ ماني ڪاڌي. ٿوري دير ۾ عنيق وري پنهنجي پيءُ وٽ آيو، جيڪو کٽ تي وهاٽي کي ٽيڪ ڏئي ويٺو.

اُتي سرمد، حاجي محمد ڪنير، ستار ۽ ٻين ڳوٺاڻن دير تائين ڪچهري ڪئي. ڪچهريءَ دوران سرمد چيو ته، ”جيڪڏهن سرڪار هِتي گهمڻ لاءِ اينڊز سنڌ سميت ملڪ جي ٻين صوبن ۽ ٻين ملڪن جي شهرن جي ماڻهن کي رهائش ۽ کاڌي پيتي جون سهولتون ڏي ته ٿر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياحت جو هڪ وڏو مرڪز بڻجي سگهي ٿو جنهن سان ٿر جا ماڻهو پڻ خوشحال ٿي سگهن ٿا.“ حاجي محمد ڪنڀر ۽ ٻين ڳوٺاڻن جي پڻ اهڙي ئي راءِ هئي.

هڪ ڳوٺاڻي ته اهو به چيو ته،”اسان ته قدرت جي رحم ڪرم تي هوندا آهيون. ڪڏهن ڏُڪار جو شڪار هوندا آهيون، ته ڪڏهن سُڪار اسان لاءِ سُک کڻي ايندو آهي.... باقي سرڪار ته اسان لاءِ ڪجهه به ناهي ڪندي.“

هڪ ٻئي ڳوٺاڻي چيو ته، ”هِتان جي ماڻهن لاءِ روزگار ناهي، اسپتالون ناهن، دوا ناهي.... ٻارڙا غذائي کوٽ سبب مريو ٿا وڃن.... هِنن ماڻهن جي زندگي ڏاڍي ڏکي گذري ٿي.... بس هِن طرح جڏهن قدرت مٿن مهربان ٿيندي آهي ۽ وسڪارو ٿيندو آهي ته پوءِ اهي ڪي فصل پوکي سگهندا آهن ۽ ڪنهن قدر پيٽ پري ماني کائي سگهندا آهن، ته ڪِلي ڳالهائي به سگهندا آهن.“

سرمد چوڻ لڳو،”ٻين ملڪن جي ماڻهن ته پنهنجين صحرائن کان سونَ جو ڪم ورتو آهي، پر اسان وٽ اڃا تائين اهڙي ڪوشش ناهي ڪئي وئي. هي ٿر ته هر مُند ۾ ڏسڻ جهڙو آهي، گهمڻ جهڙو آهي... ۽ هاڻي جڏهن کان سوشل ميڊيا جو دور آيو آهي، تڏهن کان ته سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جا ماڻهو ٿر جي سونهن جون تصويرون ڏسي، هِتي اچن ٿا، ۽ جيڪڏهن انهن کي سستي پاڙي تي هتي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جي سهولت ڏني وڃي ته. هو ڪيترن ئي ڏينهن تائين هِتي رهي، هِتان جي سونهن مان لطف اندوز ٿي سگهن ٿا.“

عنيق هِنن جون ڳالهيون غور سان ٻڌي رهيو هو ته. آسمان توڙي آس پاس ڏانهن به نهاري رهيو هو.

رات جي خاموشي ڏاڍي وڻندڙ هئي. سرمد جي دل چاهيو پئي ته هُو بس هِتي ئي رهي پوي. هِن جي اندر ۾ هڪ خانه بدوش رهندو آهي، پر ٻيا ايترا ته ڪم پنهنجي هٿن ۾ کڻي ورتا اٿائين جو هي پنهنجي اندر واري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان خانہ بدوش کي ڪيڏانهن وڃڻ جي اجازت نٿو ڏي. جڻ اُن کي پنهنجي اندر ۾ قيد ڪري رکيو هجئين.

هي دير سان سُتا. عنيق بہ پنهنجي بابا سان گڏ سُتو.

سرمد وارا صبح جو سوير اُٿيا. چاڪاڻ جو سج اڀرڻ سان ئي سندن اک کُلي وئي هئي. تڏهن ئي تہ سرمد چوندو آهي تہ شهرن جي پيٽ ۾ ٻهراڙين ۾ سج جلدي اڀرندو آهي.

هنن تيار ٿي نيرن ڪئي. ڪونج اصل ماين جي گهيري ۾ هجي. هاڻي هي ڪارونجهر ڏانهن وڃڻ چاهين پيا. ڪونج جڏهن ان گهر جي ماين کان موڪلايو تہ هُو ڪيس ڇڏين ئي نہ پيون. هُنن ڪيس اجا هڪ ٻہ ڏينهن وڌيڪ ترسڻ لاءِ چيو. جنهن تي ڪونج چَيِن تہ،"اسان ٻئي پيري ايندا سين تہ پوءِ ڪجهہ وڌيڪ ڏينهن تائين ترسنداسين. پر هاڻي اوهان ڪراچيءَ اسان وٽ ايندي ڀون." جنهن تي ماين کِلي ها ڪئي. موڪلائڻ وقت هُنن ڪيس ٿر جي رلي ۽ ٻيون سوکڙيون ڏنيون.

سرمد ۽ حاجي محمد ڪنڀر، ستار وسنداڻيءَ جو ٿورو مڃي، کانئس موڪلائي، گاڏيءَ ۾ چڙهي ڪارونجهر ڏسڻ لاءِ روانا ٿيا.

رستي ۾ هِنن ڏٺو تہ ٿر جا ماڻهو ٽولين جي صورت ۾ پنهنجي زمينن ۾ هر ڪاهي رهيا هئا تہ ٿري لوڪ گيت "همرچو" بہ ڳائي رهيا هئا.

–



ننگرپاڪر پهچي، هِنن هڪ هوٽل تي چانهه پيتي. ان ڪانپوءِ هي ڪارونجهر جبل ڏانهن ويا، پر هي اُن ۾ اندر نه ويا، ڇاڪاڻ جو عنيق ۽ عريب ايترو پنڌ نه پئي ڪري سگهيا. هِنن ڪارونجهر جبل جي ويجهو ڪجهه وقت ويهي ماحول ۽ موسم جو مزو ماڻيو. ماڻهو وڏي تعداد ۾ ڪارونجهر جبل ڏانهن وڃي رهيا هئا.

اُتي حاجي محمد ڪنير عنيق کي ٻڌايو ته، ”عنيق بابا، هن جبل جو نالو ڪارونجهر آهي. هي تمام گهڻو پراڻو جبل آهي. هن بابت چون ٿا ته هي 19 ڪلوميٽر ڊگهو ۽ 305 ميٽر اوچو آهي. هِن جون ٻيون ننڍيون ننڍيون ٽڪريون به آهن..... هِن جو جيڪو رنگين پٿر ڏسين ٿو نه، اُهو ڏاڍو قيمتي آهي.“

”پر انڪل، پٿر ته پٿر هوندو آهي،“ عنيق چيو.

”ها بابا، پٿر ته پٿر هوندو آهي، پر هِن جبل جو جيڪو مختلف رنگن وارو گرينائيٽ پٿر آهي نه، اهو ڏاڍو مهانگو آهي. هتي چيني مِٽي به آهي، جنهن کي چائنا ڪِلي (China Clay) چوندا آهن، تنهن ڪري هِن جبل کي ڏاڍو قيمتي سمجهيو وڃي ٿو. هِتان جا ماڻهو اسان کي ٻڌائيندا


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن تہ ڪي چورَ آهن. جيڪي هِن جبل مان گرينائيٽ ۽ چيني مِٽي چورائي ڪٽي وڃي ڪپائين ٿا.“

”پو اُنهن چورن کي ڪير نٿو پڪڙي؟“ عنيق پيءُ کان پڇيو.

”نہ عنيق، انهن کي ڪير بہ نہ ٿو پڪڙي،“ سرمد چيو.

حاجيءَ وري عنيق کي ٻڌائڻ شروع ڪيو ”عنيق بابا، هِنن جبلن جو جيڪو گرينائيٽ پٿر آهي نہ، ان مان ٽائلس ٺهنديون آهن، جيڪي ماڻهو گهرن ۾ لڳائيندا آهن.“

”اهڙيون جهڙيون اسان جي گهر ۾ لڳل آهن؟“ عنيق پيءُ ڏانهن مُنهن ڪري ڪانئس پڇيو.

”ها، اهڙيون عنيق،“ پٺهس ائين چيو تہ حاجي ڪيس وڌيڪ ٻڌائڻ لڳو. ”اهو پٿر جايون ۽ پُلون ٺاهڻ جي بہ ڪم ايندو آهي. هي گهرن جي پٽين تي اندران توڙي ٻاهران لڳايو ويندو آهي، جنهن سان گهر ڏاڍا سهڻا لڳندا آهن. هِن سان ڏاڪڻيون بہ ٺاهيون وينديون آهن. ۽ چيني مِٽيءَ مان ٿانوَ بہ ٺاهبا آهن، جيڪي بہ ڏاڍا سهڻا هوندا آهن.“ عنيق کي اهي ڳالهيون ٿوريون ٿوريون سمجهہ ۾ اچي رهيون هيون. ۽ اهي تہ ڪونج لاءِ بہ نيون هيون، جنهن پڻ اهي دلچسپيءَ سان ٻڌيون پئي.

اُن ڪانپوءِ هي اُتان اُٺي وري ٿورو اڳتي هليا تہ سرمد عنيق کي چيو ”عنيق ڪنهن زماني ۾ هِن جبل ۾پَريون بہ رهنديون هيون ۽ ماڻهو بہ رهندا هئا. انهن مان هڪ پَريءَ جو ’هوٺل پَري‘ نالو هو. اُها بہ چون ٿا تہ سڀ کان پهريان هِتي اچي لٿي هئي. مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو آهي تہ هِن جبل جي پرسان وارن ملڪن جا بادشاهہ جن ماڻهن کي سزائون ڏيندا هئا، اُنهن کي بہ هِتي بند ڪندا هئا..... هِتي وڏيون جنگيون بہ لڳيون هيون ۽ هتان جا ماڻهو انگريزن سان هِتي بہ وڙهيا هئا، جن مان هڪ جو نالو روپلو ڪولهي آهي.“

”بابا، اهڙيون جنگيون جيڪي ڪارٽونن ۾ ڏيکاريندا آهن،“ عنيق جي سوال تي سرمد چيو ”ها اهڙيون، پر هِتي سچ پچ ۾ ماڻهو وڙهيا هئا.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن ڪانپوءِ هي روپلي ڪولهيءَ جي قبر تي ويا، جتي سرمد عنيق کي ٻڌايو تہ، ”عنيق، هيءَ روپلي ڪولهي جي مڙهي آهي، جيڪو انگريزن سان وڙهيو هو- ۽ پوءِ انگريزن ڪيس پڪڙي هِتي هڪ ٻٻر جي وڻ ۾ ٽنگي ڦاهي ڏئي ماريو هو....هيءَ جاءِ سڀ کان اول مهرو ڪولهيءَ انور پيرزادي صاحب ۽ بدر ابڙي صاحب کي ڏيکاري هئي، جن هِتي ڪجھ پٿر رکيا هئا تہ جيئن هيءَ جاءِ وري ڪائنن گم نہ ٿي وڃي. بعد ۾ ڪنهن دوست هن جاءِ تي هي نشان ٺاهيو.“

”ڪهڙو انور پيرزادو ۽ ڪهڙو بدر ابڙو؟“ عنيق سوال ڪيو.

”اهو انور پيرزادو، جنهن جي گهر اسان گلشن حديد هليا هئاسين، هُو پاڻ تہ اُتي موجود نہ هو، پر تون اُن جي پوٽي، ساز ۽ پوٽيءَ سمبارا سان مليو هئين. اُتي توسان انور صاحب جا پٽ، زرار، زيد ۽ امر بہ مليا هئا.“

ان ٻڌائڻ تي عنيق چيو، ”ها...ها...ياد آيو....“

”بدر صاحب جن سان تون سندن گهر هلي مليو هئين ۽ هُن توکي پٿائيءَ جو پنهنجو ٺاهيل مجسمو گفٽ ڪيو هو“ سرمد جي ان ڳالھ تي عنيق چيو،”اهو تہ اجا مون وٽ گهر ۾ پيو آهي.“

”ها اُهو - ۽ تون بدر صاحب جي پُٽن لطيف ۽ سچل سان بہ مليو هئين.“

”ها بابا، اهي ڏاڍا سنا هئا.“ ائين چئي عنيق چيو”بابا، بک لڳي تي زور سان....“

”ٺيڪ آ...هلي ڪجھ کائون ٿا....“

پوءِ هي وري ننگرپارڪر آيا، جتي هِنن پنهنجي دوست محمد سومار جي گهر ماني کاڌي،

هاڻي سج لڙي چڪو هو. منجهند جا بہ ٽيا هئا. سرمد حاجي محمد ڪنير کي چيو تہ، ”اسان واپس ڪراچيءَ ويندا سين.“

جنهن تي حاجيءَ کين چيو تہ ”اوهان اجا پوڙيسر مسجد بہ ناهي ڏٺي. پوڙيسر مندر بہ ناهي ڏٺو. اوهان مارئيءَ جي کوهہ تي بہ ناهيو هليا. اوهان اجا مِٺي شهر بہ چڱي طرح ناهي گهميو. اوهان نئون ڪوٽ جو قلعو بہ ناهي ڏٺو... اهي سڀ جايون گهُمو ۽ هڪ بہ رات اسان وٽ بہ ترسو. پوءِ ويجهو.. پاڃائي ڪونج بہ اسان جي ماين سان اجا چڱي طرح ڪي حال احوال ڪري... عنيق ۽ عريب بہ هِتان جي موسم ۽ ماحول جو ڪجهہ وڌيڪ مزو وٺن..... ۽ ها، سرمد اوهان تہ پنهنجن دوستن، ڪاتائو جاني، خالد ڪنڀار، دولت رام ڪتري ۽ ٻين سان بہ تہ ناهيو مليا. انهن سان بہ مِلو نہ....قسمت سان تہ آيا آهيو...“

”نہ، اج واپس وڃون ٿا. انهن دوستن سان ڪنهن ٻئي ڀيري ملنداسين. باقي هاڻي ٿر ۽ مٺيءَ جو رستو ڏسي ورتو آهي..... سو هاڻي تہ پيا ايندا سين...“

”جيئن اوهان جي مرضي،“ حاجي محمد ڪنڀر چيو.

پوءِ هي مِٺيءَ آيا، جيڪو ننگرپارڪر کان لڳ ڀڳ ڏيڍ سئو ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي. اُتي حاجي محمد ڪنڀر کي ڇڏي هي واپس ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿيا.

—


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سرمد ۽ ڪونج عريب جي بہ داخلا اُن ئي اسڪول جي پلي گروپ ۾ ڪرائي آهي، جنهن ۾ عنيق پڙهندو آهي. هاڻي سرمد پهرين آگسٽ کان عنيق سان گڏ عريب کي بہ صبح جو اسڪول ڪٽي ويندو آهي. جڏهن سرمد کين اسڪول جي دروازي وٽ ڇڏي، کين اسڪول بيگس پارائي اسڪول جي اندر موڪليندو آهي تہ، عنيق کي چوندو آهي،”عنيق، عريب کي سندس ڪلاس روم ۾ ڇڏي پوءِ تون پنهنجي ڪلاس روم ۾ ويجانءِ،“ تہ عنيق ڪنڌ لوڏي، ها ڪري، پوءِ عريب جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڌ جي چوڏاري ٻانهن ورائي، وٺي وڃي ڪيس سندس ڪلاس روم ۾ ڇڏي پوءِ پنهنجي ڪلاس روم ۾ ويندو آهي.

عنيق ۽ عريب ۾ هڪ وڏو فرق اهو بہ آهي تہ، عنيق سنجيده ۽ اڪيلو رهڻ وارو آهي، ۽ عريب وري پوڳائي، مستيون ڪندڙ ۽ دوستن سان راند روند ڪرڻ وارو آهي. سندس ڏاڍو گلڻ بہ اهڙو ئي هو۔ ۽ اُن جو ئي تہ مٺس نالو رکيل آهي.
هڪ ڏينهن سرمد پنهنجي اسٽڊي روم ۾ ويٺو هو ۽ عنيق، عريب ۽ ڪونج ٽي وي لائونج ۾ ويٺا هئا تہ، سرمد عريب کي سڏ ڪندي چيو"عريب بابا، هيڏانهن تہ اچ." تہ اُن تي عريب ٺهہ پهہ وراڻيو، "مان عريب ناهيان، مان ڏلڻ (گلڻ) آهيان." عريب جي واتان پنهنجي بابا جو نالو ٻڌي سرمد اداس بہ ٿي ويو تہ، وري خوش بہ ٿيو تہ، سندس پٽ کي اِهو نالو پسند آهي. سرمد اُٿي وڃي ڪيس ڀاڪر ۾ ڪنيو ۽ ڪيس چمي ڏيندي چيائين، "عريب بابا، تو تہ ڏاڍي وڏي ڳالهہ ڪري ڇڏي."

عريب ڪنهن ٻئي جي ڳالهہ جو ايترو تہ دلچسپ نقل ڪندو آهي جو اهو ڏسي ماڻهو کِل ۾ ٻُٽجي ويندو آهي. هي ڪنهن جي هلت چلت جي بہ ڏاڍي دلچسپ آهل ڪندو آهي. تڏهن ئي تہ ڪڏهن ڪڏهن سرمد سندس ڪنهن ڳالهہ تي ٺهڪ ڏيئي کِلي ڪيس چوندو آهي، "هل مشڪرا." ۽ هُو کِلي اچي سندس هنج ۾ ويهندو آهي.

عنيق جيئن تہ گهر ۾ مختلف شيون ويٺو ناهيندو آهي، سو هاڻي تہ هُو انهن بابت چوندو آهي، "مان ايڪسريمينٽ (ايڪسپيريمينٽ) ٿو ڪيان." هڪ ڏينهن عريب بہ پائوڊر ۽ پاڻي کڻي اهو گرائينڊر ۾ وجهي ملائي رهيو هو تہ پڇهنس پڇيس، "عريب، هي ڇاٿو ڪرين؟" تہ وراڻيائين، "ايٽريمنٽ ٿو تيان." ان تي پڇهنس کِلي کڻي ڀاڪر ۾ ڪيو هو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڀيري ٽوال ڪٽي پيءُ وانگر ڪلهي تي رکي هلڻ لڳو ته، سرمد ڪيس ڏسي کِليو ۽ سمجهي ويو ته هي سندس نقل ٽو ڪري، تنهن هوندي به ڪانئس پڇيائين، ”عريب، اهو ٽوال ائين ڪير ڪٽندو آهي؟“ ته چيائين، ”تون.“ پٽهس کِلي ويٺو هو.

پاڪستان جي آزاديءَ واري ڏينهن- 14 آگسٽ اچڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ ڪونج ۽ سرمد، عنيق ۽ عريب لاءِ پاڪستاني جهنڊي وارين ٽي شرٽس، ٽوپيون، نرڙ تي ٻڌڻ ۽ ڪارائيءَ ۾ پائڻ وارين پٽين ۽ جهنڊو وٺي آيا. هِنن وڏو جهنڊو مٿي پنهنجي گهر جي ڇت تي لڳايو.
صبح جو ڪونج عنيق ۽ عريب کي اهي ڪپڙا ۽ ٻيون شيون پارايون، جيڪي پائي هي اسڪول ويا، ڇوته اڄ سندن اسڪول ۾ آزاديءَ جو ڏينهن ملهايو پئي ويو. سرمد کين اسڪول ڇڏي پاڻ آفيس ويو. ڇاڪاڻ جو سندن اداري ۾ به ان سلسلي ۾ هڪ تقريب منعقد ٿي رهي هئي.
منجهند جو جيئن ئي سرمد واپس گهر آيو ته عريب پيءُ کي ڏسندي ئي وڏي آواز ۾، پنهنجي ٻاتي ٻوليءَ ۾ نعرو هنيو.”پاتستان جنده باد“ (پاڪستان زنده باد). پٽهس کِلي کٽي کيس ڀاڪر پاتو. هيءُ اهو نعرو اسڪول مان ٻڌي ۽ سِکي آيو هو.

شام جو سرمد کين شهر گهمائڻ لاءِ وٺي ويو. ڇاڪاڻ جو سڄي شهر ۾ ميلي جهڙو ماحول هجي. رستي ۾ به عريب جڏهن نوجوانن کي موٽر سائيڪلون تيز هلائيندي ڏسي ته، وري زور سان نعرو هڻي ”پاتستان جنده باد.“ اهڙي طرح جڏهن پاڪستان جي جهنڊي تي نظر پويس ِ ته پيءُ کي چوي، ”بابا، پاتستان جو جهندو.“

عريب ڪاوِڙيلُ به ڏاڍو آهي. هڪ ڀيري عنيق سان وڙهي پيو. اُن کي ڪٽي اسٽيل جو گلاس هنيائين، جيڪو وڃي عنيق جي نرڙ تي لڳو ۽


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس زخم تي پيو. بئي پيري عنيق ڪي مٿي ۾ بال پين هنيائين، جنهن تي ماٿهنس ٽڪاءُ چپاٽ ڪيڊرايس، پر ٿورو روئي، وري اهڙي جو اهڙو.

سچ اهو آهي تہ عريب عنيق کان وڏيڪ تيز آهي. هيءُ عنيق کان اڪثر رانديڪا، موبائيل فون ۾ بيون شيون زوريءَ ڦُري ويندو آهي، جيڪي عنيق هِن کان واپس ناهي وٺي سگهندو ۾ رڳو پيو دانهون ڪندو آهي. پر عنيق جي اها خوبي آهي تہ هيءُ اِن تي عريب کي مار ناهي ڪيندو. تنهن هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن تنگ ٿي رڙ ڪري عريب کي چوندو آهي، ”يو شٽ اپ“ — (you shut up) _ پر عريب اول سندس اهڙي دڙڪي يا ڳالهہ تي کِلڻ لڳندو آهي، پر پوءِ جيڪڏهن عنيق مٿس هٿُ اولاريو تہ عريب ڪيس ڏک هٽي ڪيندو آهي، جنهن تي عنيق وري روئڻ لڳندو آهي....

جيڪڏهن ڪڏهن عريب کي ڪا ٿڦڙ هٽي بہ ڪيډيائين تہ، موٽ ۾ عريب جي ٿڦڙ کائنس رڙ ڪيرائي ڇڏيندي آهي، ڇوتہ عريب جو هٿ ڏاڍو ڳوڙو آهي، تنهن ڪري سرمد کين هر وقت سمجهائيندو رهندو آهي تہ،”بابا، پاڻ ۾ نہ وڙهندا ڪيو. وڙهڻ چڱي ڳالهہ ناهي. سُٺا ٻارَ ناهن وڙهندا.“

پر هي ٻارَ ڪٿي ٿا مُڙن ويڙهہ کان... هي تہ هڪبئي کان گوءِ کٽڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سرمد عنيق کي چوندو تہ،”موبائيل فون کڻي اچ...“ تہ عريب ڊوڙ پائي، عنيق کان اڳ ۾ موبائيل فون کڻي ايندو....پوءِ اِن تي پيا وڙهندا پاڻ ۾..... ائين وري جيڪڏهن سرمد عريب کي چوندو تہ ”عريب، ٽيبل تي پيل ڪتاب تہ کڻي آڻي ڏي..“ تہ اهو عريب کان اڳ ۾ عنيق ڊوڙ پائي کڻي ايندو.... وري ان تي پيا وڙهندا..... سو سندن اهو معصوم جهيڙو في الحال تہ ختم ٿيڻ جو ناهي.

ان طرح هنن ٻنهي ضديرن ٻارن جا مزاج ۾ پسند ناپسند هڪ ٻئي کان بلڪل مختلف آهن، ايستائين جو جيڪڏهن عنيق ڪا ڳالهہ ڪندو تہ عريب اُن جي ابتڙ ڪندو. هڪ ڏينهن عنيق پيءُ کي اچي تنگ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو تہ ”بابا مون کي چيلي وٺي ڏي“ هيءُ اسڪول مان واپسيءَ تي رستي ۾ نيڊڙيون، سفيد چيلڙيون ڏسي آيو هو. پٺهنس سمجهائيندي ڪيس چيو تہ ”عنيق، اهي چيلڙيون تہ هاڻي اُتي نہ هونديون. اِنهن جو مالڪ يا تہ اهي ڪپائي ويو هوندو يا وري گهر ڪاهي ويو هوندو. چو جو هاڻي رات اچي ٿي آهي.“ پر عنيق جو ضد ۽ رڙيون هجن تہ ”مون کي چيلي کپي... مون کي چيلي کپي...“

پٺهنس ڪيس لڳاتار سمجهائيندو رهيو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو تہ عنيق رڳو ايترو ڪيو تہ هِن روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ بند ڪيون، پر هُو پيءُ جي ڪمري جو در بند ڪري، پاڻ ٻاهر ويهندي پيءُ کي چوڻ لڳو: ”توسان ڪِٽي آ.“

ان تي عريب، جيڪو پيءُ جي پرسان ئي ويٺو هو تنهن فوري طور پنهنجي هٿ جون ٻہ آڱريون ناهي، پيءُ ڏانهن وڌائيندي چيو: ”بابا، دوستي.“

ٻئي پيري هي هڪ هوٽل تي رات جي ماني کائي رهيا هئا تہ عنيق پيءُ کي چيو، ”بابا، هيءَ هوٽل مون کي سٺي نٿي لڳي.... ۽ هيءَ ماني بہ مون کي سٺي نٿي لڳي....“

تنهن تي عريب نهہ پهہ وراڻيو ”بابا، مون کي سٺي لڳي ٿي.“

اِنهن سيني ڳالهين جي باوجود هِنن ڀائرن جو پاڻ ۾ پيار بہ مثالي آهي، خاص طور اسڪول ۾ هي فري وقت ۾ هڪٻئي سان گڏ هوندا آهن. هڪٻئي کي ڏسندا آهن تہ هِنن مان ڪنهن لنچ ڪئي آهي يا نہ؟ ۽ موڪل وقت بہ اسڪول مان گڏجي ٽَهلندا نڪري ايندا آهن. ۽ گهر ۾ بہ جيڪڏهن عريب ننڊ ۾ هوندو آهي تہ عنيق ڪيس چُمي ڏيندو آهي، ۽ جيڪڏهن عنيق سُتو پيو هوندو آهي تہ عريب ڪيس چُمي ڏيندو آهي. هِنن ٻنهي ڀائرن جو پاڻ ۾ بلڪل اهڙي طرح پيار آهي، جهڙي طرح سندن بابا سرمد ۽ سندن چاچا ٻيڌل جو ننڍپڻ کان وٺي رهيو آهي.

—

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيپٽمبر مهيني جي پهرين تاريخ، جمعي جي ڏينهن عنيق کي اوچتو چِڪن گونيا ٿي پيو. سرمد ۽ ڪونج جي اها عادت آهي تہ هُو رات جو ڪنهن بہ وقت سجاڳ ٿيڻ تي عنيق ۽ عريب جي نرڙ تي هٿ رکي سندن طبيعت پيا ڏسندا آهن ۽ هِنن ٻارن مٿان وِڙل چادر، ڪنبل يا رلهي لهي ويندي آهي تہ اُها پيا ٺاهيندا آهن. ان طرح هڪ رات جو ڪونج جيئن ئي اسر ويل جو سجاڳ ٿي تہ هِن عنيق جي نرڙ تي هٿ رکيو تہ اِهو باهہ ٿي ٻرَيو. هِن سرمد کي اُٿاريو. سرمد بہ ڏٺو تہ عنيق کي تمام گھڻو بخار هو. هي پريشان ٿي ويا. هِنن سندس بخار چڪاسيو تہ اُهو بہ سئو ڊگري فارنهائيٽ هجي.

ڪونج ڪيس فوري طور بخار جي دوا پياري. ڇوتہ هي گهر ۾ فرسٽ ايڊ ضرور رکندا آهن. ٿوري دير ۾ عنيق جو بخار ٿورو گهٽيو ۽ سندس وري اکِ لڳي وئي.

صبح جو ستين وڳي عنيق ننڊ مان اُٿيو تہ پڇهس سندس بخار ڏٺو. جيڪو ڪجهہ گهٽ تہ هئو پر عنيق اُٿي بيهي نہ پيو سگهي. سڄي جنگهہ ۾ سُور جي دانهن ڪيائين. هُو اِها جنگهہ وينڙِ بہ سِڌي نہ پيو ڪري سگهي. سرمد سمجهي ويو تہ هِن کي چِڪن گونيا ٿي پيو آهي، ڇاڪاڻ جو بہ ٽي مهينا اڳ ۾ ڪونج کي بہ اِنهن ئي علامتن وارو چِڪن گونيا ٿيو هو. سرمد جي آفيس جي ٻن دوستن؛ ناصر ۽ ارشد کي بہ جڏهن چِڪن گونيا ٿيو هو تہ، اُنهن بہ ان جون اهڙيون ئي علامتون ٻڌايون هيون.

پوءِ سرمد وارا فوري طور عنيق کي نيشنل ميڊيڪل سينٽر کڻي ويا، جتي هِنن ڊاڪٽر عرفان ساجد کان هن جي دوا ورتي. هيءُ اُهو ئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر آهي، جنهن کي سرمد وارا عنيق توڙي عريب کي، سندن ڄمڻ واري ڏينهن کان وٺي ڏيکاريندا آيا آهن.

عريب تہ اڄا ستن ڏينهن جو هو جو هيءُ اچو اچو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. اهڙي صورتحال ڏسي سرمد وارن ڊاڪٽر عرفان ساجد جي صلاح سان کيس نيشنل ميڊيڪل سينٽر ۾ داخل ڪرايو هو، جتي هِن کي پنجن ڏينهن تائين انڪيوبيٽر (incubator) ۾ رکيو ويو هو. اِهي پنج ئي ڏينهن ۽ راتيون سرمد ۽ ڪونج بہ اسپتال جي ويٽنگ روم ۾ رهي ڏاڍيون ڏکيون گذاريون هيون.

عريب سان اهو انڪري ٿيو هو جو هِن کي ڄمڻ کانپوءِ اُس ۾ نہ ويهاريو ويو هو. ڳوٺن ۾ اڪثر مايون خاص طور سياري ۾ ڇاول ٻارڙي کي ڪافي وقت تائين اُس ۾ ويهارينديون آهن، جنهن سان سندس جسم کي گهربل گرمائش ۽ وٽامن ڊي ملندي آهي، پر عريب کي اُس ۾ نہ ويهارڻ سبب سندس اها حالت ٿي هئي.

عنيق پورو هڪ هفتو گهر ۾ رهيو. ان وچ ۾ عريب اڪيلو پيءُ سان گڏجي اسڪول ويندو هو. جيتوڻيڪ کيس اسڪول ۾ داخل ٿئي اڃا هڪ مهينو مس ٿيو هو، تڏهن بہ عريب جي اِها ڏاڍي پلي ڳالھ آهي تہ هيءُ عنيق وانگر اسڪول نہ وڃڻ تي ضد ناهي ڪندو. صبح جو پاڻ ئي اُٿي، پيءُ سان گڏ برش ڪندو، وهنجدو ۽ پوءِ ماڻهس جڏهن تيار ڪندس تہ عنيق ۽ پيءُ کي رڙ ڪري چوندو"مان جيتي ويس." يعني مان اوهان کان اڳ ۾ تيار ٿي ويس.

عنيق، عريب، سرمد ۽ ڪونج وچ ۾ اهڙا مقابلا اڪثر ٿيندا رهندا آهن - ۽ جن دوران سرمد توڙي ڪونج اڪثر پنهنجي ٻارن هٿان، اهو سوچي هارائي ويندا آهن، تہ جيئن سندن ٻارن ۾ جيتڻ جو جذبو وڌيڪ پختو ٿئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنيق هڪ هفتي اندر چاڪ ٿي ويو. سو نئين هفتي يعني سومر کان سرمد کيس اسڪول وٺي ويو. ٻئي ڏينهن تي ڪونج کيس صبح جو ننڊ مان زوريءَ اٿاريو ته سهي، پر هُو اسڪول وڃڻ لاءِ تيار نه هجي. ماڻهس سمجهائيس. پٽهس به سمجهائيندي چيس ته، ”پٽ ڏس، تون پورو هڪ هفتو بيمار رهڻ جي ڪري اسڪول نه ويو هئين. ان ڪانپوءِ رڳو هڪڙو ڏينهن اسڪول ويو آهين ته، وري اج ٻئي ڏينهن تي ضد ڪري بيٺو آهين ته، تون اسڪول نه ويندين. اڳ ۾ ئي تنهنجو هڪ هفتي جو ڪم رهيل آهي، مٿان وري وڏيڪ موڪل ڪرڻ تي ضد ٿو ڪرين ته، ان سان ته تون پڙهائيءَ ۾ پنهنجي ڪلاس جي ٻين شاگردن کان پوئتي رهجي ويندين- ۽ هاڻي ته آڪٽوبر مهينو به شروع ٿي ويو آهي. ڊسمبر ۾ تنهنجا ششماهي امتحان ٿيڻا آهن. اُنهن ۾ته تون فيل ٿي پوندين،“ پٽهس کيس مسلسل سمجهائيندو رهيو ۽ عنيق ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي کيس ٻڌندو رهيو. ڪونج ته بورچيخاني ۾ هلي وئي ته جيئن هُوءَ عنيق ۽ عريب لاءِ آنو اوباري ۽ ڊٻڙي پچائي وٺي.

عنيق هاڻي ٿورو ڳالهايو: ”بابا مون کي اسڪول پسند ناهي.“

”بابا، ڇو توکي اسڪول پسند ناهي؟“

”مون کي مِس ماري ٿي.“

”جي توکي مِس ماري ٿي ته پوءِ مان هلي ڳالهايانسِ ٿو. هوءَ توکي اڳتي نه ماريندي،“ پٽهنس چيو.

”بابا، مون کي اسڪول پسند ناهي،“ هِن وري ساڳي ڳالهه ڪئي.

”ڏسُ پٽ، ضد نه ڪر...اُٿ تيار ٿيءُ ته مان توکي اسڪول ڇڏي اچان،“ پٽهنس چيو.

ان دوران ڪونج به آنو اوباري کڻي آئي. هِن اسڪول لاءِ اڳ ۾ ئي تيار ٿيل عريب کي آنو ۽ اوڦراتو ڏنو. اُن بعد هُن عنيق کي زبردستي تيار ڪيو. کيس ٿورڙو آنو کارايائين ۽ بيگ ۽ لنچ سرمد جي موٽر سائيڪل ۾ لڙڪايائين. عنيق روئي رهيو هو. چڙهيون هڻي رهيو هو. پر پٽهنس پهريون پيرو سندس هڪ به نه ٻڌي. هُو کيس عريب سان گڏ اسڪول کڻي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو جتي پهچي هِنن کي اندر اسڪول ۾ موڪلي، پاڻ اسڪول جي چوڪيدار کي چيائين تہ ”عنيق جي ڪلاس ٽيچرِ سان ڳالهائڻو آهي. پليز اُن کي سڏي اچو.“

ان وقت مارننگ اسيمبلي ختم ٿي چڪي هئي. ٽيچر آئي. سرمد کيس سلام ڪيو ۽ پوءِ کيس عنيق جي پيرائتي ڳالھ ٻڌائيندي چيائين تہ ”پڙهڻ ۾ عنيق جي دل نٿي لڳي. هُو اسڪول نٿو اچڻ چاهي. چئي ٿو تہ’مون کي اسڪول پسند ناهي.‘ هو ڏاڍو ذهين آهي، پر اسڪول کان سندس بيزاريءَ سبب اسان ڏاڍا پريشان آهيون. هُو تہ اهو بہ چوي ٿو تہ”مِس مون کي ماري ٿي.“

ان تي مِس مرڪي تہ سرمد کيس وڏيڪ چيو”هُو تہ اِهو بہ چوي ٿو تہ’مان ڊائري خراب ٿو لکان. ٻيا ڇوڪرا مون کان سٺي ڊائري ٿا لکن. مِس هُنن کي اسٽار ڏئي ٿي، مون کي نٿي ڏئي. اجا مون کي ماري ٿي....‘ سو پليز هِن کي ماريو نہ... هِن کي پيار ڏيئي ڏسو تہ ڪيئن نہ هيءُ اوهان کي پنهنجي بهترين ڪارڪردگي ڏيکاري ٿو....مان هِن کي سڃاڻان ٿو.. هيءُ ڏاڍو انٽيليجنٽ آهي... بس هِن کي ڪوڙا سُوڙا اسٽار ڏيو... سندس مٿي تي پيار جو هٿ رکو....“

ٽيچر چيو ”عنيق ڏاڍو حساس آهي. مان کيس ماريندي ناهيان، بس ڪڏهن ڪڏهن ٿورو دڙڪو ڏيندي آهيانس، پر هاڻي اُهو بہ نہ ڏيندي سانس.... هُو اوهان سان اڳتي اسڪول جي ڪا بہ شڪايت نہ ڪندو.“

منجهند جو جڏهن عنيق گهر آيو تہ ڏاڍو خوش هجي. سندس ڳِٽن تي بہ اسٽار ٺهيل هجن. سندس ڪاپيءَ ۾ بہ ٽي اسٽار ٺهيل هجن. هِن اها ڪاپي خوش ٿيندي پيءُ ماءُ کي ڏيکاري. هِن پيءُ کي ٻڌايو تہ ”بابا اڄ مِس مون کي سيني کان اڳيان چيئر تي ويهاريو هو.. مون کي اسٽار بہ ڏنا اٿس... ٻين ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي بہ چيائين تہ عنيق ڏاڍو سٺو


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪرو آهي..... مون کان هڪ پوئم (poem) بہ ٻڌائين. اُن تي بہ ڪلئپنگ (clapping) ڪرايائين.“

سرمد پنهنجي پٽ کي خوش ڏسي ڪونج کي چوڻ لڳو ”ڏسو، پيار ۾ ڪيڏي نہ طاقت آهي- ۽ ٻارَ کي تہ ڪپندو ئي پيارُ آهي. هِن کي پيارُ ڏيو پوءِ ڏسو تہ هُو ڪيئن نہ ٿو پڙهي ۽ ڪاميابيون ماڻي.“

ٻئي ڏينهن تي سرمد، عنيق ۽ عريب کي اسڪول ۾ ڇڏي، سندس ڪلاس ٽيچر سان مليو، اُن جو ٿورو مڃيو جنهن تي مِس چيس تہ ”منهنجي لاءِ بہ اهو نئون تجربو هو جنهن مان مون اهو سکيو تہ اسان ٽيچرس کي هر ٻارَ جي مسئلن، گهرو ماحول ۽ نفسيات کي سمجهي، پوءِ اُن مطابق اُن سان ورتاءُ ڪرڻ گهرجي. اُن کي هرويرو مارڻ يا پريشر ۾ نہ رکڻ گهرجي. اِن جا ٻار تي منفي اثر پون ٿا. هر ٻار جو الڳ الڳ مزاج ۽ طبيعت ٿئي ٿي، تنهن ڪري انهن کي مار تہ نهيو پر ڪوشش ڪري ڪين دڙڪو بہ نہ ڏيڻ گهرجي.“

سرمد سندس ٿورو مڃي آفيس ويو.

—




4 آڪٽوبر 2017ع تي عريب جي ٽين سالگرهہ هجي. ان ڪان ٻہ ڏينهن اڳ ۾ جڏهن عريب جي سالگرهہ ملهائڻ بابت سرمد ۽ ڪونج پاڻ ۾ صلاح پئي ڪئي تہ اُتي عنيق ۽ عريب بہ موجود هئا. عريب پنهنجي سالگرهہ جي ڳالهہ ٻُڌي خوش پئي ٿيو پر عنيق کي مزو نٿي آيو. ٻارَ وارو ساڙُ... نيٺ هِن پيءُ کي چئي ڏنو تہ،”بابا، منهنجي بہ سالگرهہ ملهايو.“ جنهن تي پڻهنس کيس سمجهائيندي چيو تہ، ”عنيق، توکان اول هِن آڪٽوبر مهيني ۾ عريب جي سالگرهہ آهي. ان کانپوءِ نومبر مهيني ۾ تنهنجي سالگرهہ آهي. اُها تہ ضرور ملهائينداسين. اُها تہ عريب جي سالگرهہ کان بہ وڏيڪ ڀلي ڪري ملهائينداسين.... تنهنجي سالگرهہ کانپوءِ جنوري مهيني ۾ منهنجي سالگرهہ آهي ۽ پوءِ جولاءِ مهيني ۾ تنهنجي مَما جي سالگرهہ آهي.“ ان جواب تي عنيق چپ ٿي ويو. پڻهنس محسوس ڪيو تہ اها ڳالهہ کيس نہ وڻي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڏينهن تي عريب سميت هي چارئي ڄڻا عريب جي سالگرهہ جو سامان وٺڻ لاءِ بازار ويا. جتان هِنن عريب ۽ عنيق جا نوان ڪپڙا، عريب لاءِ تحفا، گهرَ جي سجاوٽ وارو سامان، مهمان ٻارڙن لاءِ تحفا ۽ کاڌي پيتي جو سامان ورتو. اُتي سرمد عنيق کان پڇيو تہ، ”عنيق، تون عريب کي سندس سالگرهہ تي ڪهڙو تحفو ڏيندين؟ ٻڌاءِ تہ توکي اُهو وٺي ڏيون.“ جنهن تي هِن نهہ پهہ وراڻيو ”مان عريب کي ڪو تحفو نہ ڏيندس.... هي ڪِنو آ.“ عريب اِهو ٻڌي ڪِلڻ لڳو تہ ڪونج چيو ”پوءِ عريب بہ توکي تنهنجي سالگرهہ تي ڪو تحفو نہ ڏيندو.“ تنهن تي عنيق چيو ”پلي مون کي بہ نہ ڏي.“

ڪڏهن ڪڏهن عنيق ڏاڍو رُخو ٿي پوندو آهي.

سالگرهہ واري ڏينهن عنيق ۽ عريب جي ماساتين ۽ پڦين سندن گهر کي تمام گهڻو سجايو. سالگرهہ جي تقريب شام جو ڇهين وڳي شروع ٿي. سندن مامي مرتضيٰ وڏي سائونڊ سسٽم تي گانا ٿي وڄايا. مهمان ٻارڙا ۽ سندن مائرون ۽ پيئرون بہ پهچي چڪيون هيون.

سرمد اُن ڏينهن بہ آفيس ويو هو. سو هيءُ پنجين وڳي آفيس مان نڪري پوڻي ڇهين وڳي ڌاران جيئن ئي گهر پهتو تہ، گهر ۾ وڏي رونق لڳي پئي هجي. ننڍڙن مهمانن جي ڪري گهر ۾ خوشي ۽ هُل هنگامي وارو ماحول هو.

سرمد جيئن ئي گهر ۾ ٿورو اندر گهڙيو هليو تہ عريب کيس ڏسندي ئي، ڊوڙي اچي کيس ڀاڪر وڌو. پڻهس کيس هنج تي کڻي ورتو. عنيق بہ اچي ساڻس مليو. سرمد اڄوڪي ڏينهن جي هِنن ٻنهي خاص مهمانن کي پاڻ سان گڏ وٺي پنهنجي گهر جي اُن هال ۾ آيو، جتي ٻيا مهمان ويٺا هئا. سرمد سڀني ٻارڙن ۽ عورتن کي سلام ڪيو. عريب جي ناني بہ اُتي ويٺي هئي. هيءُ اُن سان بہ مليو.

ان بعد عريب، عنيق، سندن ناني، سرمد ۽ ڪونج گڏجي عريب جي سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽيو. ڪيڪ ڪاٽڻ وارو منظر ڏسڻ وٽان هو. اُن وقت سيني وڏي آواز ۾"هئپي برٿ ڊي ٽو يو عريب" چوڻ شروع ڪيو. مرتضيٰ ميوزڪ جو آواز وڌائي ڇڏيو جنهن تي ٻارن وڏي جوش مان جهمر هنئي.

اُن ڪانپوءِ مهمانن کي ريفريشمينٽ ڪرائي وئي. ان دوران عريب کي مهمانن ڪيترائي تحفا ۽ خرچي ڏني.

مهمانن جي وڃڻ ڪانپوءِ عريب جا اڌ راند يڪا تہ عنيق ڪٽي ويو ۽ چوي، "مان هي نہ ڏيندس...." عريب روئي پيءُ کي دانهن ڏيڻ لڳو "بابا، هي رانديڪا مونجا آهن...عنيق نہ ٽٽي (ڪٽي)."

هاڻي جيڪڏهن سرمد عنيق کان اِهي رانديڪا واپس وٺي ٿو تہ هُو وڏو تماشو ٿو ڪري، تنهن ڪري سرمد عريب کي سمجهائيندي چيو تہ "عريب، اهي رانديڪا تون عنيق کي ڏي...مان توکي سڀاڻي انهن کان بہ وڌيڪ سٺا رانديڪا وٺي ڏيندس."

عريب چپ ٿي ويو ۽ عنيق مستراٽپ ۾ لڳي ويو. سڀني رانديڪن کي ڪٽي کولي ڍير ڪيائين.... پوءِ اُهي ٽاهڻ لڳو....اهو ئي تہ هِن جو مکيہ مشغلو آهي.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



آڪٽوبر مهيني جي ستين تاريخ کان ڏهين تاريخ تائين سنڌ جي تاريخي اداري سنڌ مدرسي ۾ شاگردن جو چئن ڏينهن وارو فيسٽيول منعقد ٿيل هو، جنهن ۾ شاگردن جا راندين کان وٺي، ڊرامن، راڳ رنگ، ذهني چٽاڀيٽي، تقريري مقابلن، ٽيبلوز، مشاعرن، ڪهاڻيون پڙهڻ ۽ سنڌ جي لوڪ داستانن تي پرفارمنس وارا پروگرام ٿي رهيا هئا.

سرمد عنيق ۽ عريب کي اهو فيسٽيول ڏيکارڻ لاءِ اُن جي آخري ڏينهن تي وٺي ويو. هي جيئن ئي سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيا ته اُن ۾ ڇوڪرن، ڇوڪرين ۽ انهن جي لڳايل اسٽالس کي ڏسي هي ٻارڙا حيران ٿيڻ لڳا. سرمد کين اُتي پنهنجن دوستن ڊاڪٽر سياش بابو، ڊاڪٽر مجيب ابڙي، مصطفيٰ جتوئي، امين خواجه ۽ ٻين سان ملايو. هُو ته عنيق ۽ عريب کي اڳ ۾ ئي سڃاڻندا هئا، ڇاڪاڻ جو سندن ڪچهرين ۾ اڪثر عنيق ۽ عريب جو به ذڪر نڪرندو هو. تنهن ڪري سرمد جي اِنهن دوستن هِنن ٻارڙن کي وڏو پيار ڏنو.

اُتي هِنن سان هڪ ڇوڪري مارئي بہ اچي ملي، جيڪا ميڊيا جي شعبي ۾ آخري سال ۾ پڙهندي آهي، ۽ جيڪا سنڌن پَري جي مائٽياڻي بہ ٿئي. مارئيءَ جو بابا غلام اڪبر تہ سرمد جو ويجهو دوست بہ آهي. مارئي جي پڇڻ تي جڏهن سرمد ڪيس عنيق ۽ عريب جا نالا ٻڌايا تہ هُن سرمد کي چيو "چاچا، مان عنيق ۽ عريب کي چڪر ڏياري ٿي اچان...مان ڪين پنهنجي ساهيڙين سان بہ ملايان ٿي... اوهان پنهنجي دوستن سان ڪچهري ڪيو."

پر عنيق ۽ عريب هُن سان وڃڻ لاءِ تيار نہ هئا، جنهن تي سرمد کيس چيو "بابا، هي تہ اوهان سان هلن ٿي نٿا..... پلا اچ ڇڏيونِ... ٻئي پيري جڏهن مان هِنن کي هِتي وٺي ايندس تہ پوءِ اوهان ڪين سموري سنڌ مدرسو گهمائجو."

"ٺيڪ آ چاچا،" ائين چئي مارئي هِنن کان موڪلائي وئي.

ان بعد سرمد ڪين اول سنڌ مدرسي جي هڪ قديم عمارت ٽالپر هائوس وٺي ويو. جيڪا 1901ع ۾ هڪ هاسٽل طور ٺهي هئي. ان ڪانپوءِ هي ڪين سنڌ مدرسي جي مکيہ عمارت ڏانهن وٺي آيو. جيڪا پهرين سيپٽمبر 1885ع ۾ سنڌ مدرسي جي قيام جي ٽن سالن ڪانپوءِ 1890ع ۾ ٺهي تيار ٿي هئي، ۽ جنهن جو پيڙهہ جو پٿر نومبر 1887ع ۾ گڏيل هندستان جي وائسراءِ لارڊ ڊفرن رکيو هو. ان بعد سرمد ڪين سنڌ مدرسي جي باني خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي نالي تي قائم لائبرري ڏيکاري، جيڪا 1898ع ۾ پرنسپال جي بنگلي طور ٺاهي وئي هئي، پر 1985ع ۾، سنڌ مدرسي کي سئو سال پورا ٿيڻ تي، ان عمارت کي لائبرري ۾ تبديل ڪيو ويو هو.

عنيق ۽ عريب سنڌ مدرسي جون تاريخي عمارتون، ان جا پرجوش شاگرد ۽ شاگردياڻيون، انهن جا دلچسپ پروگرام ۽ پنهنجي بابا جا مهربان دوست ڏسي ڏاڍا خوش ٿي رهيا هئا. هِنن تہ مکيہ عمارت جي ڪاريڊورس ۾ ڊوڙون پڻ پاتيون. ان دوران سرمد کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ هي ٻارڙا بہ هِن اداري جي سونهن جو حصو بڻجي ويا هجن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتي سرمد عنيق کي چيو تہ "عنيق، بابا هِتي هڪڙو اسڪول بہ آهي، جنهن ۾ ٻارڙن کي ٻِلي تعليم ڏني ويندي آهي. جيڪڏهن اوهان چاهيو تہ اوهان کي بہ اِن اسڪول ۾ داخل ڪرايون؟"

جنهن تي عنيق ٿهہ ٻهہ چيو "بابا، هتي تہ اسڪول جون ڳالهيون نہ ڪيو...اسان کي فيسٽيول گهمڻ ڏيو." سرمد کان ٽهڪ نڪري ويو ۽ چيائينس، "واقعي بابا، هن ميلي ۾ اوهان سان پڙهائيءَ جون ڳالهيون نہ ڪرڻ گهرجن.....هلو بعد ۾ ان موضوع تي ڳالهائينداسين."

پوءِ هِنن سنڌ مدرسي جي سر شاهنواز ڀٽو آڊيٽوريم ۾ اچي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي عورت ڪردارن؛ سسئي، سهڻي، مارئي، نوري، مومل، سورٺ ۽ ليلان تي شاگرديائڻين جي پرفارمنس ڏٺي، جيڪا ايتري تہ سٺي هئي جو پوري اڌ ڪلاڪ دوران عنيق ۽ عريب هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو.

پروگرام ختم ٿيڻ ڪانپوءِ هي هيٺ لهي آيا. جتي سنڌ مدرسي جي مکيہ عمارت جي ڇت ۽ ان جي ڪنارين سان ويٺل ڪبوترن کي ڏسندي ئي عنيق پيءُ کي وڏي آواز ۾ چيو "بابا، ڪبوتر..."

"ها، بابا اهي ڪبوتر آهن."

"پو بابا پڪڙي ڏي تہ گهر کڻي هلون."

"نہ بابا، انهن کي نہ پڪڙينداسين. اهي هِتي سٺا لڳن ٿا....مان اوهان کي ٻيا وٺي ڏيندس."

"ٺيڪ آ بابا،" عنيق بي دليءَ سان چيو.

هاڻي شام ٿي چڪي هئي. سرمد پنهنجي دوستن کان موڪلايو. پوءِ هي واپس گهر آيا.

–



عنيق پنهنجي طبيعت ۾ مانيٽو آهي. پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ وارو آهي. هرويرو ڪنهن جي گهر نہ ويندو. پنهنجي ئي گهر ۾ ويٺو هوندو. جتي وندر جو ڪونہ ڪو رستو ڪڍي وٺندو آهي. جيڪڏهن بجلي هوندي تہ ٽي وي تي ڪارٽون ويهي ڏسندو. جي بجلي هلي وئي تہ ٽيبليٽ يا موبائل فون تي ويهي ڪارٽون ڏسندو. اهي ڏسڻ دوران پنهنجي مُنهن سان ٿهڪ ڏيئي کِلندو بہ رهندو.

جيڪڏهن ٽيبليٽ يا موبائيل فون جي چارج ختم ٿي وئي تہ پوءِ پين ۽ پنا کڻي ويهي ڪجهہ نہ ڪجهہ لکڻ لڳندو. جيڪڏهن اُن مان اُڪتائجي پيو تہ. رنگ ۽ برش کڻي درَ دريون ۽ ڀتيون پينٽ ڪرڻ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳندو. جڏهن اِن ڪم مان بہ دل پريس ٿي گهر ۾ جيڪڏهن پٽهنس موجود هوندو تہ ان سان پيو مستيون ڪندو، اُن کي ڪِتڪتائون ڪنڊو، ٽپا ڏيندو، ڪارٽونن ۾ جيئن ماڻهو وڙهندا آهن، اُنهن وانگر لتون ۽ مُڪون هڻندو.

جيڪڏهن اهي سڀ ڪم ڪري ٿَڪو ۽ پيءُ کي ليپ ٽاپ تي ڪم ڪندي ڏسندو تہ پوءِ اچي اُن جو پاسو وٺندو ۽ آهستي آهستي اُن تي زور پرڻ لڳندو تہ هُو ڪيس ڪارٽون لڳائي ڏي. جڏهن پٽهنس ڏسندو تہ هاڻي هيءُ ڪيس صفا نہ ڇڏيندو، تہ پوءِ هُو ڪيس ٻارن لاءِ آيل ڪا نئين فلم لڳائي ڏيندو تہ جيئن هيءُ ڪارٽونن کان الڳ بہ ڪا نئين دنيا ڏسي.

پوءِ عنيق پلٽ ماري، ليپ ٽاپ تي قبضو ڪري، اُن کي پنهنجي گوڏن جي پرسان سَوري رکي، ويهي فلم ڏسندو. هاڻي تہ هن کي ليپ ٽاپ بہ ايترو هلائڻ اچي ويو آهي جو هيءُ فلم تبديل ڪري سگهي ٿو، ان جو آواز گهٽائي يا وڌائي سگهي ٿو ۽ ليپ ٽاپ کي کولي ۽ بند بہ ڪري سگهي ٿو.

اِنهن سمورين سرگرمين مان عنيق اسڪول ۾ پڙهڻ کان وڌيڪ سِکيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سرمد ڪيس ڪا گهڻي منع ناهي ڪندو، پر اهو ضرور ڪندو آهي تہ، رات جو جڏهن ڏسندو تہ هاڻي ڏهن جو وقت اچي ٿيو آهي، ۽ عنيق اجا ناهي سُتو تہ پوءِ ڪيس ننڊ ڪرڻ لاءِ چوندو.

اُتي وري جڏهن عنيق ڏسندو تہ هاڻي پٽهنس ڪيس تي وي، موبائيل فون، ٽيبليٽ يا ليپ ٽاپ تي ڪجهہ بہ ڏسڻ نہ ڏيندو تہ پوءِ چوندو "بابا زور جي بُک لڳي آ." جيتوڻيڪ هيءُ ماني گهٽ کائيندو آهي، پر اُن وقت، وقت وٺڻ لاءِ اهو بهانو ڪندو- ۽ پٽهنس اهو سوچي ڪونج کي ماني آڻڻ لاءِ چوندو آهي تہ، مَن ان ئي بهاني هيءُ مانيءَ جا هڪُ بہ گرهہ کائي وجهي.

پر سرمد جڏهن کان اهي رپورٽون پڙهيون آهن تہ سمارٽ فون ۽ ٽيبليٽ وغيره جو استعمال وڏن سان گڏ ٻارن لاءِ بہ تمام گهڻو نقصانڪار آهي، تڏهن کان هيءُ ڪوشش ڪندو آهي تہ عنيق ۽ عريب اهي شيون گهٽ استعمال ڪن. ۽ هُو اهو وقت بہ لکڻ پڙهڻ يا هڪ خاص فاصلي تي ويهي ٽيليويزن ڏسڻ کي ڏين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين شروع ۾ جڏهن سرمد ڪيس اسڪول وٺي ويندو هو ته، عنيق دڪان تان شيءِ وٺي ڏيڻ لاءِ مٿس زور ڀريندو هو. اُتي موٽر سائيڪل تان لاهڻ بدران سرمد ڪيس چوندو هو ته ”مان ٿو تنهنجي لاءِ شيءِ وٺي اچان... ٻڌاءِ، ڇا وٺي اچان؟“ ته هيءُ ڪيس چوندو هو ”مان هلندس...مان ڇا به وٺان...“ پوءِ دڪان تي هلي ڍير ساريون شيون وٺندو هو ۽ ٻئي ڏينهن تي سندس ڪلاس ٽيچر سرمد کي چوندي هئي ته، ”ادا، ڪيس ايتريون شيون نه وٺي ڏيندا ڪريو.“

هيءُ پنهنجي ماءُ سان اهڙا انگل ناهي ڪندو. هوءَ ڪيس هڪ حد اندر رکندي آهي، تڏهن ئي ته جڏهن سرمد ڪيس اسڪول جي دروازي وٽ ڇڏيندو آهي ته، پيءُ کي چوندو آهي، ”بابا، موڪل ۾ تون وٺڻ اچجانءِ.“ هيءُ اِهو اِنڪري به چوندو آهي جو موڪل کانپوءِ سرمد ڀرسان واري بيڪريءَ تان ڪيس ڪوڙ ساري شيءِ وٺي ڏيندو آهي. هاڻي ته عريب به ڪيس پنهنجي ٻاتڙي ٻوليءَ ۾ چوندو آهي، ”بابا، تون وٺڻ اچجان.“

عنيق رحمدل به ڏاڍو آهي. هِن کي ٻاجهه ۽ رحمدلي پنهنجي خاندان مان ورثي ۾ ملي آهي. هيءُ وڏو آبزرور (observer) به آهي. هيءُ ڏسندو آيو آهي ته جڏهن هي سڀئي گهر ۾ گڏجي ويهي ماني کائيندا آهن، ۽ ٻلي سندن ڀرسان اچي ويهندي آهي ته. پڻهس پنهنجي پليٽ مان گوشت يا مڇي ڪڍي اُن کي پاسي تي اُڇلائي ڏيندو آهي. سو هاڻي عنيق به ائين ڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ اڪثر ائين ٿيندو آهي ته هيءُ آهستي آهستي ڪري پنهنجي پيءُ جي پليٽ مان سڀ ٻوٽيون ڪڍي ٻليءَ کي ڏيئي ڇڏيندو آهي. ان تي ڪڏهن ڪونج دڙڪو ڏيندي اٿس ته، سرمد ڪونج کي چوندو آهي ته ”نه ڇڙبسِ. ٻلي ٻليءَ کي ڪارائي. هُوءَ به اسان جي گهر جي جڻ ته هڪ ڀاتياڻي آهي.“ سرمد ته اهو به چوندو آهي ته، ٻليءَ کي هُش به نه چوندا ڪريو. ٻلي گهر ۾ ويٺي هجي. ساهدار آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪثر سياري جي مند ۾ پهلي رات جو هِنن جي ڪمري ۾ صوفي تي اچي سمهندي آهي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪونج اُن کي ٻاهر ڪڍڻ چاهيندي آهي ته سرمد کيس چوندو آهي ته،"ٻاهر نه ڪڍيسِ...ويچاري سيءَ ۾ ڪيڏانهن ويندي؟" - ۽ پوءِ ڪونج کيس ڇڏي ڏيندي آهي.

عريب وري ڪُتن ۽ سپاهين کي پنهنجو دوست چوندو آهي. رستي ۾ هي جڏهن ڪيڏانهن ويندا آهن ۽ کين ڪو ڪُتو نظر ايندو آهي ته، عريب ان کي ڏسي چوندو آهي، "بابا، اهو مونجو دوست آ." ان طرح ڪنهن سپاهيءَ کي به ڏسندو ته چوندو "بابا، اهو به مونجو دوست آ."

هاڻي ته هيءُ ڪوئن کي به پنهنجو دوست چوندو آهي. هڪ رات جو سرمد کيس چيو ته،"عريب بيڊ تان هيٺ نه لهجانءِ، نه ته ڪوئو چڪ پائيندئُي،" ته وراڻيائين، "بابا، چُوهو منهنجو دوست آ. مون کي تَڪُ نه پائيندو."

عريب ته دروازي تي فقير جي صدا ٻڌي پاڻهي پيءُ جي پيپل واليٽ مان پئسا ڪڍي وڃي ان کي ڏئي ايندو آهي. شايد کيس نالي جي ڄڪ آهي. سندس ڏاڏو گلڻ به اهڙو ئي سخي هو. غريب ماڻهو هُن جا گهرا دوست هوندا هئا.

عريب ته هر آچر تي گهٽيءَ ۾ خيرات جي صدا هڻندڙ جوڳي فقير کي به وڃي پئسا ڏيندو آهي. ان ڪانپوءِ موٽي اچي وري پيءُ کان ٻيا پئسا وٺندو آهي ۽ اُهي به اُن جوڳي فقير کي ڏيندو آهي، جيڪو کيس پنهنجي ٽُبڪيءَ ۾ بند پيپل نانگ ڪڍي ڏيکاريندو آهي ۽ مُرلي وڄائي اُن کان لهرَ هڻائيندو آهي.

عنيق جي وري اها عادت آهي ته هِن جي ڪنهن به شيءِ ۾ دلچسپي رڳو هڪ ٻيرو ڏسڻ تائين ئي هوندي آهي. ان طرح هن رڳو هڪڙو دفعو جوڳي فقير جي مُرلي ٻڌي ۽ اُن جو آندل نانگ ڏٺو ته پوءِ ٻيهر اهي ڏسڻ جي ڳالهه نه ڪندو. اهڙي طرح هيءُ جيڪي رانديڪا ۽ ٻيون شيون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونندو آهي، تہ اُهي بہ بس گهر پهچڻ تائين هِن لاءِ نيون هونديون آهن. پوءِ اُنهن مان سندس چاهہ ختم.

عنيق جي ابتڙ اهي سڀ شيون عريب لاءِ هر ڀيري نيون هونديون آهن. تڏهن ئي تہ عريب، عنيق جا لُنڊا ٿي ويل ڪپڙا، سئيٽر، جئڪيٽون ۽ بوٽ بہ وڏي شوق سان پائيندو آهي. پڙهس بہ پرائمريءَ کان يونيورسٽيءَ تائين پڙهڻ دوران پنهنجي وڏي ڀاءُ ٻڍل جا ڪپڙا، سئيٽر ۽ جئڪيٽس وڏي شوق سان استعمال ڪيون هيون.

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڏهين نومبر تي عنيق جي پنجين سالگرهہ هجي. سالگرهہ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ ڪونج سرمد جي سامهون ڪيس پڙڪايو تہ، ”عنيق، پنهنجي بابا کان پُڇ تہ هُو توکي سالگرهہ تي ڪهڙي گفٽ ڏيندو؟“

ان کان اڳ ۾ جو سرمد ڪو جواب ڏئي، ڪونج پاڻ ئي ڪيس چيو تہ، ”تون نئون ليپ ٽاپ ونجانسِ. ان تي بہ ڪارٽون ۽ فلمون ويهي ڏسجانءِ.“

”ها، بابا مون کي ليپ ٽاپ وٺي ڏجان.“

”جي بابا، ضرور،“ سرمد کيس آسرو ڏنو هو.

عنيق جي سالگرهہ جي ڪري سرمد آفيس نہ ويو. هِن عنيق جي سالگرهہ جا ڪارڊ پاڻ ڪمپيوٽر تي ڊزائين ڪري اُنهن جا پرنٽ آئوٽ ڪڍيا. پوءِ اُهي عنيق ۽ عريب، پنهنجي ماساتين، سعديہ ۽ زينب سان گڏجي وڃي، پنهنجي پاڙي ۾، پنهنجي مائٽن ۽ ننڍڙن دوستن ۾ ورهايا.

عنيق جي سالگرهہ اول صبح جو سندس اسڪول ۾ سندس ڪلاس ٽيچر ۽ ساٽس گڏ پڙهندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين ملهائي. سرمد ۽ ڪونج ڪيڪ، ٽوپيون ۽ ڪاڏي پيتي جون ٻيون شيون عنيق جي ڪلاس ٽيچر کي وٺي ڏنيون هيون. عنيق جي اسڪول جي اها روايت آهي تہ هر ڪلاس ٽيچر پنهنجي شاگردن جون سالگرهون بہ ملهائيندي آهي. ڪلاس ٽيچر شام جو ڪونج کي عنيق جون تصويرون بہ واٽس ايپ تي موڪليون هيون. ائين عريب جي ڪلاس ٽيچر پڻ هن جي سالگرهہ ملهائي هئي.

سالگرهہ جي تقريب شام جو ستين وڳي عنيق جي گهر ۾ شروع ٿيڻ کان بہ ڪلاڪ اڳ ۾ سرمد ڊفينس جي هڪ سٺي بيڪريءَ تان ڪيڪ، ڪاڏي پيتي جون ٻيون شيون ۽ ٻارن لاءِ خاص ٽوپيون وٺي آيو. عنيق جي ننڍي ماسي مهوش ۽ ماسات سحرش رنگبرنگي پٽين، ڦوڪڻن ۽ ڊيڪوريشن جي ٻين شين سان گهر کي خوب سينگاريو. بيڊ تي ٽُڪ جي ڊبل رلهي وڇائي وئي، جيڪا عنيق جي ڏاڏي ڀاڳان ڳوٺان موڪلي هئي.

شام جو مهمان ٻارڙا پنهنجي مائرن ۽ پيئرن سان گڏ اچڻ شروع ٿي ويا. ان دوران گهر ۾ هلڪي آواز ۾ جيجي زرينا بلوچ جي آواز ۾ ڳايل لوڪ گيت وڄي رهيا هئا.

عنيق جي ماءُ تمام گهڻي خوش هئي. هِن عنيق ۽ عريب کي ڪاٽن جا نوان سبرايل ڪپڙا، اجرڪ جي ڪپڙي مان ٺهيل ويسٽ ڪوٽ ۽ ٽوپيون پارايون هيون. عنيق ننڍڙو گهوٽ لڳي رهيو هو. هُو پنهنجي ماساتن، ماساتين ۽ ماروئڙن سان گڏ مستيون بہ ڪري رهيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن سڀ مهمان اچي ويا ته ڪونج سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽڻ لاءِ عنيق کي سندس بابا سرمد ۽ ياءُ عريب سان گڏ صوفي جي وچ تي ويهاري، پاڻ سندس ٻئي پاسي ڪان ٿي ويٺي. جڏهن عنيق ڪيڪ ڪٽڻ کان اڳ ۾ ميڻ بتين کي ڦوڪ ڏيئي وسائي، پوءِ ڪيڪ تي ڇُري هلائي، ته سرمد ۽ ڪونج سميت اُتي موجود سڀني ماڻهن ”هئپي برٿ ڊي ٽو يو عنيق.....“ ڪورس جي انداز ۾ چوڻ شروع ڪيو ته عنيق خوش ٿيڻ لڳو. ان دوران مٺس گلن جي ورڪا به ڪئي وئي.

سرمد ڳتيل ڪيڪ اول عنيق، پوءِ عريب ۽ ڪونج کي کارايو. جڏهن ته عنيق وري پنهنجي بابا ۽ ماءُ کي ڪيڪ کارايو... هاڻي عنيق جي ناني آمنه، مامن، ماسين، ڀين مائٽياڻين، ڇوڪرين، ڇوڪرن ۽ مهمان ٻارڙن کي ڪيڪ کارايو ويو. بعد ۾ آيل مهمانن عنيق کي تحفا ڏيڻ شروع ڪيا. عنيق جي ماما جانيءَ کيس گٽار تحفي ۾ ڏني. سندس ناني آمنه کيس فل سوٽ ڏنو. ننڍي ماسي مهوش کيس رانديڪا ڏنا ۽ سندس ماسات سحرش کيس سٺا ٻاراڻا ڪتاب ڏنا. ان طرح ڀين به کيس ڪافي تحفا ۽ خرچي ڏني.

عنيق جي ڏاڏيءَ ياڳان ڳوٺان سندس لاءِ بوسڪيءَ جو هڪ بهترين وڳو سبرائي موڪليو هو. اهو به ان موقعي تي کيس ڏنو ويو. پڻهنس کيس سنين ٻاراڻين فلمن جون سي ڊيز، ڪجهه ٻاراڻا ڪتاب ۽ ليپ ٽاپ ڏنو. جڏهن ته سندس ماڻهنس کيس گيم واري موبائل ڏني.

عنيق جي سالگرهه واري پروگرام جي وڊيو رڪارڊنگ توڙي فوٽوگرافي عنيق جي نوجوان مامي مرتضيٰ ڪئي. آخر ۾ مهمانن کي برياني کارائي وئي.

سموري تقريب دوران مختلف سنڌي لوڪ گيت هلي رهيا هئا. آخر ۾ جڏهن هي لوڪ گيت: ”مورُ ٿو ٽِلي راڻا، مامن جي ته ڪُلهي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاچن جي تہ ڪلھي....“ هليو تہ، ڪونج اُتي ان جو آواز وڏائي ڇڏيو، جنهن تي عنيق ۽ عريب سميت اُتي موجود سڀ ٻارڙا جهمر هڻڻ لڳا.

ان طرح عنيق پنهنجي زندگيءَ جي ڇهين سال ۾ پيرُ پاتو. سندس ابو ۽ امڙ ڪيس ايندڙ زندگيءَ ۾ صالح، بااخلاق، باڪردار، سلڇڻو غريبن جو همدرد، هڏ ڏوکي، ۽ پنهنجي شعبي ۾ ڪامياب انسان بڻجڻ لاءِ دعائون ڏيڻ لڳا.

–



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




چهين سال ۾ پيرُ رکڻ سان عنيق کجھ وڏيک ذميوار ۽ سيبتو ٿي پيو آهي. گھر توڙي بازار ۾ پيءُ ماءُ کي ڪا شيءِ وٺي ڏيڻ تي هروڀرو تنگ نٿو ڪري. ان سان گڏ هيءُ پنهنجي پڙهائيءَ تي بہ وڌيک ڌيان ڏيڻ لڳو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هڪ ڏينهن صبح جو جڏهن سرمد تيار ٿيڻ ۾ دير ڪئي ته عنيق چيس، ”بابا، جلدي تيارُ ٿيءُ ته اسڪول هلون.... اسان کي دير ٿي ويندي.“ سرمد سندس اها ڳالهه ٻڌي بيحد خوش ٿيو.

ٻئي ڀيري عنيق کي ٿورو بخار ۽ زڪام ٿي پيو هو، سو پڇهس چيس، ”عنيق بابا، اڄ تون اسڪول نه هل.... تنهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي. مان عريب کي اسڪول وٺي ٿو وڃان.“

جنهن تي عنيق چيس، ”ٺيڪ آ بابا...“ پوءِ ٿورو رُڪجي پيءُ کي وري چيائين، ”پر مان گهر ۾ ويهي ڇا ڪندس بابا؟“

عنيق جي ان ڳالهه تي سرمد جون اکيون خوشيءَ ۾ چمڪي پيون. ان سان گڏ کيس اهو سوچي به حيرت ٿي ته، ’هاڻي عنيق کي اسڪول بدران گهر ۾ ويهڻ بيڪار لڳي ٿو....‘ ۽ ها سرمد به ته اهوئي چاهيو هو ته پڙهائيءَ ۾ سندس دل لڳي....جيڪا هاڻي لڳي چُڪي اٿس.

ان وقت سرمد ڪونج کي چيو، ”ڏس، مون توهان کي چيو هو نه ته، ٻار تي ڪابه ڳالهه زبردستي نه مڙهجي. وقت گذرڻ سان هُو پاڻ پڙهائيءَ ۾ دلچسپي وٺندو ۽ اجايون حرڪتون ۽ دلچسپيون ڇڏي ڏيندو.“

ڪونج جي چهري تي خوشيءَ جو تاثر اُڀري آيو ته، عنيق اُٿي اچي پيءُ کي چيو ”بابا، مان به اسڪول هلان ٿو....مون کي گهڻو بخار ۽ زڪام ناهي.... گهر ۾ ويهي ڇا ڪندس.“ پڇهس کيس چُمي ڏني. ڪونج جلديءَ ۾ کيس تيار ڪري ورتو. کيس عريب سان گڏ نيرن ڪرايائين. پوءِ هي خوشي خوشيءَ پيءُ سان گڏجي اسڪول ڏانهن روانا ٿيا.

—



عنيق جي ماسي بونيءَ جي نومبر مهيني جي 15 تاريخ تي شادي هجي. عنيق وارن جي گهر جي پرسان پيل هڪ خالي پلاٽ تي شاديءَ جي تقريب جو اهتمام ڪيو ويو هو. پنڊال ۾ گهوٽيتا ۽ ڪنواريتا وينا هئا. نڪاح پڙهيو ويو. مهمانن ماني کاڌي.

خوشيءَ واري اِن ماحول دوران وڏي آواز ۾ گانا وڄي رهيا هئا، جن تي خاص طور ٻارڙا جهمريون هڻي رهيا هئا. عنيق ۽ عريب اسٽيج تي بونيءَ سان گڏ وينا هئا. ڪونج بہ ڪنوار سان گڏ ويٺي هئي. ڪنهن ڪنهن وقت عنيق ۽ عريب بہ جهمر هڻي ٿي ورتي. سرمد مرد مهمانن سان گڏ ويٺو هو.

جڏهن تقريب ختم ٿي ۽ بوني پنهنجي بابا جو گهر ڇڏي پنهنجي نئين گهر وڃڻ لڳي تہ هوءَ پنهنجي بابا، امان، ڀائرن ۽ ڀينرن کان موڪلائڻ وقت ڏاڍي رُني، پر جڏهن هيءَ عنيق ۽ عريب کان موڪلائڻ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي ته، اُن وقت هيءَ ڇڻ ته اوهارجي ويئي. سندس قدم اڳتي وڌڻ کان رُڪجي ويا.

عنيق ۽ عريب به روئڻ ۾ سڏڪا ڀرڻ لڳا. ٻوني هئي به ته ڇڻ هِنن جي سڳي پيءُ نه، جنهن هينئر تائين سندن ائين خيال رکيو هو جيئن ڪا وڏي پيءُ پنهنجن ننڍڙن ٻارن جو خيال رکندي آهي. ان موقعي تي موجود مرد ۽ مايون به روئي پيا. اهڙي صورتحال ڏسي، ڪونج ۽ سندس امڙ آمنه پنهنجا ڳوڙها اگهندي، عنيق ۽ عريب کي ڪٽي ورتو. جنهن بعد ٻوني پنهنجي زندگيءَ جي نئين سفر تي اُن گهٽيءَ مان آهستي آهستي قدم کڻي وڃڻ لڳي، جنهن گهٽيءَ ۾ هُن ننڍي هوندي ٻوڙون پاتيون هيون.

بعد ۾ ڪيترن ڏينهن تائين عنيق ۽ عريب اُباڻڪا رهيا هئا.

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عنيق جي بابا سرمد ۽ ماءُ ڪونج جي اها ڪوشش آهي تہ هُو عنيق کي پنهنجي شاندار روايتن ۽ اخلاقي قدرن کان واقف ڪندي نئين دور جو ٻار بڻائين تہ جيئن هُو اڳتي هلي زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ ڪاميابيون ماڻي، ايترو تہ اڳتي نڪري وڃي جو ماڻهو مٿس رشڪ ڪن، ڇاڪاڻ جو هُو سمجهن ٿا تہ ايندڙ دور، اڄ جي دور کان وڌيڪ ڏکيو هوندو، جنهن جو مقابلو ڪرڻ ۽ ڪاميابيون ماڻڻ لاءِ ٻارڙن کي انتهائي معياري تعليم ۽ تربيت ڏيارڻي پوندي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرمد بہ تہ پنهنجي زندگيءَ ۾ تمام گهڻا ڏک ڏٺا آهن. جن کيس ڪنهن وقت تہ بلڪل بہ اڪيلو ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪانئس خوشيون کسي ورتيون هيون. خاص طور سندس بابا گلڻ ۽ ادا ٻڍل. جيڪي سندس گهرا دوست بہ هوندا هئا. انهن مان هڪ جي هميشہ لاءِ موڪلائي وڃڻ ۽ ٻئي جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ کان لاچار ٿيڻ سبب سندس زندگي ڄڻ تہ مڪمل طور تبديل ٿي وئي هئي.

انهن حادثن سبب سرمد اڪثر عجيب و غريب خيالن ۾ گم رهندو هو. هي ڪڏهن ڪڏهن چاهيندو هو تہ هيءُ پنهنجن پراڻن دوستن سان ملي، اُنهن سان ساڳيا ٽهڪ ڏيئي کِلي، ٻوڳ چرچا ڪري ۽ ساڻن گڏجي گهمي ڦري، پر هيءُ ائين چاهيندي بہ نہ ڪري سگهندو هو. دوستن سان تہ ملڻ بہ ڇڏي ڏنو هئائين. صبح جو هڪ آفيس، شام جو ٻي آفيس..... رات جو گهر...... اهي وجي سندس مصروفيتون رهيون هيون. هِن ڄاڻي واڻي پاڻ کي گهڻو مصروف رکڻ ٿي چاهيو. تہ جيئن هُو اهي غمَ وساري سگهي ۽ کيس پنهنجي والد جو وڇوڙو ۽ ڀاءُ جي تڪليف ياد نہ اچن. هِن اِنهن ڏکن کان پري ڀڄڻ ٿي چاهيو ۽ ڪمن ۾ پناهہ وٺڻ ٿي چاهي، پر اهي اهڙا ڏک هئا، جيڪي هر وقت تازا ٿي رهيا ۽ ڪٿي ٿي ڪانئس وِسري سگهيا.

سرمد جيئن تہ هاڻي پنهنجي گهر وارن سان گڏ پنهنجي ڀائرن جو بہ وڏو هو تنهن ڪري سندس والد گلڻ ۽ ڀاءُ ٻڍل جا رهيل ڪم ۽ بارَ بہ مٿس اچي پيا. اهڙين حالتن ۾ هُو لڳ ڀڳ ٻن سالن تائين تہ هڪ وڏي صدمي ۾ ورتل رهيو. سندس صحت ڪافي بگڙي وئي... پر پوءِ پاڻ سنڀاليندي، پنهنجي امڙ، ڀائرن، ڀينرن، ڀائٽن، ڀائٽين ۽ پنهنجي ٻارڙن، خاص طور پنهنجي ادا ٻڍل جي خوشين بابت سوچيندي، پاڻ کي ان تڪليف مان ٻاهر ڪڍڻ لڳو. ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن هُو پريشان ٿَي رهيو تہ سندس ڪٽنب جا سڀ ڀاتي بہ پريشان ٿَي رهيا. تنهن ڪري هِن پنهنجي غم کي پنهنجيءَ دل ۾ لِڪائي، چهري تي مُرڪ سجائڻ شروع ڪري ڏني. سندن خاندان ۾ حالتون معمول تي اچڻ لڳيون.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي تہ عنيق، عريب ۽ ڪونج جي صورت ۾ ڪيس بهترين دوست بہ ملي ويا آهن. جن سان هيءُ گڏ ويهي ٽي ويءَ تي ڪارٽون بہ ڏسندو آهي، تہ فلمون بہ ڏسندو آهي، انهن کي ڪهاڻيون بہ ٻڌائيندو آهي تہ، انهن سان بئسڪيٽ بال، فٽبال، ڪرڪيٽ ۽ ٻيون رانديون بہ کيڏندو آهي، انهن سان گڏ واڪ بہ ڪندو آهي تہ مختلف تفريحي ۽ تاريخي ماڳ بہ گهمڻ ويندو آهي. انهن سان گڏ بازار بہ ويندو آهي تہ، مائٽن ۽ دوستن جي شادين ۾ بہ ويندو آهي.

هُو پنهنجن هنن ٻنهي دوستن سان ڪچهريون بہ ڪندو آهي، مستيون بہ ڪندو آهي، تہ پوڳ بہ ڪندو آهي - ۽ هُو بہ وري ساڻس مستيون ڪندا آهن. تڏهن ئي تہ سرمد وڏي عرصي ڪانپوءِ عنيق ۽ عريب جون ڳالهيون ٻڌي، اُنهن جيترو ئي ننڍڙو ٻار ٻڻجي ساڻن رانديون ڪندي ۽ سندن حرڪتون ڏسي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳندو آهي. عنيق تہ ڪڏهن ڪيس ٻاهر صحن ۾ ويهاري، پاڻيءَ جا لوٽا ڀري مٿانئس وجهي، پيو وهنجاريندو آهي تہ، ڪڏهن سندس مٿي جي وارن کي ڦڻيءَ سان پيو سنواريندو آهي. ڪڏهن سندس سيلفيون پيو ڪڍندو آهي تہ، ڪڏهن ڪيس ڪِتڪتائون پيو ڪڍندو آهي.

عريب وري موبائيل فون کڻي، اُن تي گانا لڳائي پيو پنهنجي بابا کي ٻڌائيندو آهي. هِن جو سڀ کان وڌيڪ پسنديده گانو آهي، ”جگ گهميا، ٿاري جيسا مليا نہ ڪوئي.“ مشهور ڳائڻي راحت فتح علي خان جي آواز ۾ ڳايل اهو گانو سرمد کي بہ ڏاڍو وڻندو آهي، تنهن ڪري عريب کي بار بار چوندو آهي تہ،”عريب ’ٿاري جيسا‘ گانو لڳاءِ.“ ۽ پوءِ عريب موبائيل جي ٽَچ اسڪرين تي پنهنجيون پتڪڙيون آڱريون ڦيري، اِهو گانو لڳائي وٺندو آهي- ۽ جڏهن سرمد بہ اِهو گانو جهونگارڻ لڳندو آهي تہ، عريب بہ ان گاني تي جهمر جي انداز ۾ ڦيريون پائي پيو خوش ٿيندو آهي.

هاڻي سرمد کي شام جو جيئن آفيس ۾ دير ٿيڻ لڳندي آهي، تيئن اهو سوچي سندس پريشاني وڌڻ لڳندي آهي ته، 'متان عنيق ۽ عريب سمهي نه پون،' تنهن ڪري جلدي گهرِ پهچڻ جي ڪندو آهي...... ـ ۽ جڏهن هي پنهنجي گهرَ جي دروازي تي پهچي، موٽر سائيڪل بيهاري، درڪڙڪائيندي، سڏ ڪندو آهي، " عنيق...عريب ... دروازو کوليو بابا..."

ته عنيق آهستي آهستي اچي دروازو کولي ان جي اوٽَ ۾ لِڪي بيهندو آهي۔ ۽ پريان عريب پتڪڙا پيرڙا کڻي ڊوڙندو ايندو آهي. پوءِ جيئن ئي عريب سندس ويجهو ايندو آهي ته هيءُ کيس ٻاڪر ۾ کڻي وٺندو آهي، ته عنيق دروازي مان ٻاهر نڪرندي ئي ٺهڪ ڏيندو آهي. ان تي سرمد به کِلي پوندو آهي. پوءِ هيءُ عريب، ڪونج کي ڏيندي، عنيق کي کڻي موٽر سائيڪل تي ويهاريندو آهي.

اُن ئي مهل عنيق کيس چوندو آهي آهي "بابا شيءِ وٺي ڏي...."

ان بعد سرمد موٽر سائيڪل اندر گهر ۾ بيهارڻ لاءِ ڪاهيندو آهي ته عنيق اُن جو سئچ آف ڪري ڇڏيندو آهي. پوءِ هي عنيق کي ڇيچ کان پڪڙي ۽ عريب کي هنج تي کڻي ٻي گهٽيءَ ۾ موجود وقار جي دڪان تي وڃي، کين آئس ڪريم ۽ ٻيون شيون وٺي ڏيندو آهي. ائين سرمد جا ٿَڪ لهي پوندا آهن. کيس سچا دوست جو ملي پيا آهن. هِن کي هاڻي هڪ حقيقي ۽ معصوم خوشي ملي آهي. تڏهن ئي ته سرمد چوندو آهي، "هاڻي مان عنيق ۽ عريب ۾ جيئندس."

سرمد اهو انڪري به چوندو آهي جو هڪ ڏينهن جڏهن سرمد پنهنجي ليپ ٽاپ تي ڪم ڪري رهيو هو ته، عنيق اچي چيس،"بابا، مون کي هي ليپ ٽاپ ڏي ته مان ڪارٽون ڏسان."

"نه بابا، هي منهنجو آهي. ڏس تو پنهنجو ليپ ٽاپ هڪ ڏينهن ۾ ئي خراب ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ وري مون توکي ٽيبليٽ وٺي ڏنو آهي، هاڻي تون اُن تي ويهي پنهنجا ڪارٽون ڏس نه."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون مون کي پنهنجي ڪا شيءِ نٿو ڏين نہ؟“ عنيق ڪاوڙمان پيءُ کي چيو.

جنهن تي پٽهنس کيس چيڙائڻ لاءِ چيو”ها، نٿو ڏيان....“

اهو جواب ٻڌي عنيق هليو ويو. ڪجهہ منٽن ڪانپوءِ واپس آيو. کيس سرمد واري عينڪ پاتل هجي. پٽهس ليپ ٽاپ تي بدستور ڪجهہ ڪمپوز ڪري رهيو هو. عنيق اچي، سندس پرسان بيهي کيس چوڻ لڳو:

I am Sarmad and you are Aneeq(مان سرمد آهيان ۽ تون عنيق آهين.)

(ها، مان عنيق آهيان ۽ Yes, I am Aneeq and you are Sarmad.” تون سرمد آهين)، سرمد کِلندي چيس.

”جي مان سرمد آهيان، تہ پوءِ اُٿ ڪرسيءَ تان تہ مان ويهان....“ عنيق جي اِن جواب ۽ انداز سرمد کي لاجواب ڪري ڇڏيو. گڏوگڏ هُو عنيق جي اِها ڊرامي جهڙي پر عقلمنديءَ واري ڳالهہ ٻڌي تمام گهڻيو کِليو۔ ۽ پوءِ ڪرسيءَ تان اُٿي، کيس ڀاڪر ۾ پري، ان تي ويهاريندي چيائين، ”مون ڪانپوءِ هِن ڪرسيءَ تي تون ئي تہ ويهندين بابا.“ عنيق کِلي ڪرسيءَ تي ويٺو ۔ ۽ پوءِ ليپ ٽاپ تان ”مسٽر بين“ ڪارٽون ڏسڻ لڳو.

***

## انور ابڙي جو علمي ۽ ادبي ڪم

**شايع ٿيل ڪتاب:**

1. **خودڪشيءَ جو رومانس** (ڪهاڻيون۔2001۔ ڇپائيندڙ: رائٽرس ورلڊ ڪراچي)، 2. **پڳل رانديڪو** (ناول — ٻارن ۽ وڏن لاءِ — 2008ع ۔ ڇپائيندڙ: ڪاڇو پبليڪيشن) 3. **منهنجو چنڊ مارجي ويو** (ڪهاڻيون۔ مضمون ۽ شاعري۔ 2009ع ۔ ڇپائيندڙ: جنگياڻي پبليڪيشن، ڪراچي)، 4. **اڌ صديءَ جو اوجاڳو** (ليک۔ 2013۔ سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ پاران ”سال 2013ع جو سماجي علم تي بهترين ڪتاب“ قرار ڏنل۔ ڇپائيندڙ: ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي)، 5. **پهرين جنوري** (ڪهاڻيون۔ 2015ع۔ ڇپائيندڙ: ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد)، 6. **هڪ مهمان ڇوڪري** (ناول— 2016ع ۔ ڇپائيندڙ: ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد)، 7. **عني ۽ مائو** (ٻاراڻيون ڪهاڻيون۔ 2016ع ۔ ڇپائيندڙ: پوپٽ پبليڪيشن، خيرپورميرس۔ هِن ڪتاب کي سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ سال 2016ع جو ٻاراڻي ادب جو بهترين ڪتاب قرار ڏنو) ۽ 8. **قلم جا وارث** (خاڪا ۽ علمي ادبي ۽ فڪري جائزو۔ 2017ع۔ ڇپائيندڙ: پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس، ڪراچي)

**ترجمو:**

1. **رهنما - پاڻ ڀرائپ حاصل ڪرڻ جي لاءِ** (2004)، 2. **ڳورهاري عورت جا مسئلا ۽ حق: حقيقت ڇا آهي؟** (2008)، 3. **هڪ عظيم زرعي ڏوڪو** (2009)، 4. **عورتون سياست ۾** (هي سيئي ڪتاب شرڪت گاهه پاران ڇپايل)، 5. **اوڪسفورڊ فوٽو ڊڪشنري۔ انگريزي — سنڌي** (ڇپيل سال 2011ع)، 6. **حسن علي آفندي: سنڌ مدرسة الاسلام جو باني** (ليکڪ: ڊاڪٽر محمد علي شيخ ۔ 2016) ۽ 7. **قائد اعظم محمد علي جناح: تعليم، جدوجهد ۽ حاصلات** (ليکڪ: ڊاڪٽر محمد علي شيخ)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**معاون ليکڪ:**

1. ٻُڌو پڙهو ۽ رنگ ڀريو – ٻارن لاءِ ابتدائي سنڌي قاعدو (ڇپائيندڙ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس- سال 2009ع)

**ٽي وي ڊراما:**

1. **ڪشالا** (سيريئل- ڪي ٽي اين- 2002-2001 ، ڊائريڪٽر لطيف قاضي)،- 2. **سيج** (سيريئل- پي ٽي وي- 2006 ، پروڊيوسر مقبول احمد شجراع)، - 3. **ٻاڪ جي آس** (سولو پلي- پي ٽي وي- پروڊيوسر بادل جمالي)،- 4. **ڳوڙهن سندا گل** (سولو پلي- پي ٽي وي- پروڊيوسر فيض ٻگهيو)،- 5. **عروج** (سولو پلي- پي ٽي وي- پروڊيوسر نواب مهدي لغاري) ۽ - 6. **پهرين عيد** (سولو پلي- ڪي ٽي اين- 2006، ڊائريڪٽر ايوب گاد)

**ڊاڪيومينٽريز:**

1. سنڌ مدرسته الاسلام تي سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ ٻه ڊاڪيومينٽريز لکيون، جيڪي پي ٽي وي تان نشر ٿيون، 2. سنڌ ٽي وي لاءِ (الف) ڊيپ سي فشنگ، (ب) سچل سرمست، (ت)، جمال ابڙو (ث) فقير محمد لاشاريءَ ۽ (ج) شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي زندگي ۽ ڪم بابت ڊاڪيومينٽريز لکيون، 3. سنڌ ٽي وي لاءِ 50 کان مٿي علمي، ادبي ۽ سماجي شخصيتن جا انٽرويوز ڪيا، جيڪي 2002ع ۾ روزانو ”سنڌ ٽي وي منهنجي نظر ۾“ جي عنوان سان ٽيليڪاسٽ ٿيا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪويتا پبليڪيشن پاران ڇپايل ڪتابن جي فهرست

9-ربي چيمبر، حيدرچوڪ، حيدرآباد. فون: 022-2728541

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | ميرا درد (اردو شاعري) | لال چند لال | (ختم ٿيل) |
| (2) | ٻپهريءَ جا ٻه پل (آتم ڪٿا) | ريتا شهاڻي | (ختم ٿيل) |
| (3) | بارش سوچي ٿي (نثري ٽُڪرا) | ايوب ڪوسو | (ختم ٿيل) |
| (4) | جمال ابڙو ۽ جديد.... (مونوگراف) | ادريس جتوئي | 100/- روپيا |
| (5) | آنسو (اردو شاعري) | لال چند لال | 120/- روپيا |
| (6) | رشتن جو رقص (ڪهاڻيون) | ريتا شهاڻي | (ختم ٿيل) |
| (7) | زندگي هڪ وار وري (شاعري) | شريڪانت صدف | 150/- روپيا |
| (8) | ميگهه ونس اتهاس (تاريخ) | تيرٿداس اُميداڻي | 350/- روپيا |
| (9) | ڪلجُگ جو ڪاپڙي (شخصيت) | ليکراج ڪي. راماڻي | (ختم ٿيل) |
| (10) | ويد اُپديش (اردو) (مذهب) | تيرٿداس اُميداڻي | 50/- روپيا |
| (11) | ڪوتا - ڦُلواڙي (شاعري) | ولي رام ولڀ | 200/- روپيا |
| (12) | ٿانڊُن مٿي ٿهڪ (شاعري) | منصور ملڪ | 120/- روپيا |
| (13) | آلا نيڻ بهارن جا (شاعري) | فياض ڏاهري | (ختم ٿيل) |
| (14) | در کُليو ئي رهيو (ريڊيائي افسانا) | امين ارباب | 150/- روپيا |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| (15) | صاحبو! (اردو شاعري) | دانش مهدي | (ختم ٿيل) |
| (16) | سڄاڻ جون سمر تيون (يادگيريون) | ريتا شهاڻي | 120/_ روپيا |
| (17) | سنڌو لکت جي ياچ (تاريخ) | عطا محمد ڀنڀرو | (ختم ٿيل) |
| (18) | ووڙيم سپ وڻاڻ (مهم جوئي) | اشتياق انصاري | (ختم ٿيل) |
| (19) | پاڻ هُر تڙيون مايون (ناول) | گوبند خوشحالاڻي | 120/_ روپيا |
| (20) | ٻارن جون بيماريون (ميڊيڪل سائنس) | ڊاڪٽر بشير احمد | 50/_ روپيا |
| (21) | ڊسمبر جي اڪيلائي (شاعري) | بخشل باغي | 130/_ روپيا |
| (22) | جيجي (فن ۽ شخصيت) | مرتب: نصير مرزا | (ختم ٿيل) |
| (23) | فاتح ڪربلا (تاريخ) | ترجمو: حسين بخش لغاري | (ختم ٿيل) |
| (24) | اور گُنگناؤن اُسي (اردو شاعري) | شاهد قريشي | 160/_ روپيا |
| (25) | سمي صحرا، سمي دريا (نثري مضمون) | مرتب: آزاد انور ڪانڊڙو | 200 /_ روپيا |
| (26) | منڙا پاءُ (ڪهاڻيون) | ولي رام ولڀ | 180/_ روپيا |
| (27) | چلي گئي وه آکر بهي (اردو شاعري) | شاهد قريشي | 160/_ روپيا |
| (28) | Globalization viz a viz Pakistan | Prof. Fakhrunisa Talpur | 80/_ روپيا |
| (29) | (Reviews) The Glorious Past | Dr. Kazi Khadim | 400/_ روپيا |
| (30) | چا لاڙ سڄي ۾ آهي امن!؟ (شاعري) | ابراهيم کوسو | 100/_ روپيا |
| (31) | آئرويدڪ آسان علاج (صحت) | ترجمو: کيمپال شرما | (ختم ٿيل) |
| (32) | گيتا ٻوڌ (ڌرمي پُستڪ) | مهاتما گانڌي | 60/_ روپيا |
| (33) | بوتيڪ ڪان بيڊ روم تائين (ڪهاڻيون) | اڪبر سومرو | 150/_ روپيا |
| (34) | ٿي نہ سگهيس شاعر (شاعري) | نصير مرزا | 150/_ روپيا |
| (35) | پٿڪي ويل سپنا (ناول) | عزيز ڀنڀرو | 175/_ روپيا |
| (36) | ميري شاعري ميري صليب (اردو ۾) | شيخ اياز | 75/_ روپيا |
| (37) | شهيدن جي علمدار (بينظير ڀٽو تي شاعري) | قاضي اياز مهيسر | (ختم ٿيل) |
| (38) | انيس انصاري: فن ۽ شخصيت (شخصيت) | اشتياق انصاري | 200/_ روپيا |
| (39) | گهاريل گهڙيون (آتم ڪٿا) | عبدالحميد ميمڻ | 250/_ روپيا |
| (40) | شاهہ جو گنج شاهہ لطيف جا بيت | سهيڙيندڙ: سگهڙ الهداد جنجهي | 1000/_ روپيا |
| (41) | ڪويءَ جي ڪٿا (آتم ڪٿا) | سوز هالائي | 250/_ روپيا |
| (42) | مٽيءَ ۾ ملاوٽ (ڪهاڻيون) | قاضي خادم | 200/_ روپيا |
| (43) | وِڪريل ماڻهو (ناول) | فاروق سولنگي | 250/_ روپيا |
| (44) | اکڙيون ڏيل ڏيئا (شاعري) | عامر سيال | 150/_ روپيا |
| (45) | اڪٿ ڪهاڻي-ڪبير (ناول) | ريتا شهاڻي | 140/_ روپيا |
| (46) | سفر در سفر (سفرنامو) | ريتا شهاڻي | 250/_ روپيا |
| (47) | اڌڪا پنڌ پيار جا (ناول) | ڪلا پرڪاش | 150/_ روپيا |
| (48) | سامي سِڄ وڙاءُ (ناول) | مراد علي مرزا | 300/_ روپيا |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| (49) | اُجهاميو ٻرن (ڪهاڻيون) | ماڪن شاھ رضوي | 250/- روپيا |
| (50) | سنڌو تهذيب ۽ سنڌو ڌرم جا..(تاريخ) | عطا محمد ڀنڀرو | 250/- روپيا |
| (51) | منهنجي ڪهاڻي، ڪجهه نئين (آتم ڪٿا) | گڻيش ٻالاڻي | 130/- روپيا |
| (52) | شهر جي ڳالهه (ناول) | اڪبر سومرو | 250/- روپيا |
| (53) | گورک: فطري حُسن جو تفريحي ماڳ (سياحت ۽ تاريخ) | اشتياق انصاري | 240/- روپيا |
| (54) | دل جي دفتر مان (ساروڻيون) | قاضي خادم | 450/- روپيا |
| (55) | سائل ڪوش (سنڌي ـ سنڌي لغت) | پروفيسر سترامداس سائل | 650/- روپيا |
| (56) | چنڊ، سمنڊ ۽ پٿر اکيون (شاعري) | سليمان سولنگي | (ختم ٿيل) |
| (57) | وڇڙي ويل زندگي (شاعري) | گلشن لغاري | 150/- روپيا |
| (58) | ائين ڀلا ڪيئن هوندو؟ (مضمون) | عبدالقادر جوڻيجو | 140/- روپيا |
| (59) | ساروڻيون (يادگيريون) | قاضي خادم | 350/- روپيا |
| (60) | چنڊ چهرا (خاڪا) | ماهتاب محبوب | 250/- روپيا |
| (61) | سچ جي ڳولا (تصوف ۽ انسانيت) | ٽيڪم متائي | 150/- روپيا |
| (62) | هلي ڏسجي هندوستان (سفرنامو) | الطاف شيخ | 450/- روپيا |
| (63) | ويجها ٿيا وصال ڪي (شاعري) | غلام محمد جنجهي | 275/- روپيا |
| (64) | ڪوڪيئن چوي ڪوڪيئن چوي: امر جليل | ترتيب: مختيار احمد ملاح | 300/- روپيا |
| (65) | پيار جي هڪ ٻي صدي (ناويلا، ڪهاڻيون ۽ تاثر) | رفيق سومرو | 250/- روپيا |
| (66) | Ishtiaq Ansari (Trourism) Gorakh: Beautiful Resort of Sind | | 300/- روپيا |
| (67) | اندر روحَ رهيام (يادگيريون) | قاضي خادم | 350/- روپيا |
| (68) | سنڌ جون ڍنڍون (تاريخ، سياحت ۽ ماحوليات) | عزيز رانجهاڻي | (ختم ٿيل) |
| (69) | اندر اُڃ اُڪير (شاعري) | اسير ڏاهري | 150/- روپيا |
| (70) | فاني جڳ لافاني ماڻهو (سوانحي خاڪا) | حميد سبزوئي | 250/- روپيا |
| (71) | جوئي آهيان سوئي آهيان ـ امر جليل | ترتيب: مختيار احمد ملاح | 300/- روپيا |
| (72) | رُوبرو (جيون سنبنڌي مضمون) | ريتا شهاڻي | 150/- روپيا |
| (73) | سنت تريڪم صاحب (ڌرمي چاڻ) | سهيڙيندڙ: راڻا رام چوهاڻ | 100/- روپيا |
| (74) | پتڻ جون پُڪارون (شاعري) | ع.غ. تبسم | 200/- روپيا |
| (75) | رابيل مُکڙي (نثري ٽڪرا) | محمد انور بلوچ | 180/- روپيا |
| (76) | رڻ تي چانڊوڪي (شاعري) | ايوب کوسو | 200/- روپيا |
| (77) | خوبصورت ادبی چہرے (ادبی شخصیات) | محمد تقی راجپوت | 200/- روپيا |
| (78) | پير اڃا مون پنڌ ۾ (يادگيريون) | قاضي خادم | 500/- روپيا |
| (79) | لڙيو پيئي لاڙ تان سورج (اسٽوريز) | امين ارباب | 150/- روپيا |
| (80) | اُوچا پنڌ پهاڙ جا (آتم ڪٿا) | عبدالستار ڪورائي | 200/- روپيا |
| (81) | عُمر اوني اباڻن جا (خاڪا) | عزيز گوپانگ | 300/- روپيا |
| (82) | جهڙو ساٿ سُڳنڌ جو (شخصيت) | مرتب: موهن مدهوش | 750/- روپيا |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (83) | خواب اکين ۾ پلجن (شاعري) | اسير ملاح | 200/- روپيا |
| (84) | ڳالهڙيون ڪُتيون ناهن (يادگيريون) | قاضي خام | 500/- روپيا |
| (85) | ديس نماڻو ارڏا ماڻهو (ڪالم) | محمد انور بلوچ | 180/- روپيا |
| (86) | زيرِ عِشق پيشِ حُسن (خاڪا ۽ تاثر) | عزيز گوپانگ | 250/- روپيا |
| (87) | ريتا شهاڻي - سنڌ هند جي ڪهاڻي (شخصيت) | مرتب: موهن مدهوش | 300/- روپيا |
| (88) | هٺ يوگي (ناول) | تارا ميرچنداڻي | 300/- روپيا |
| (89) | ادب جا معيار ۽ سنڌي ادب (تنقيدي مضمون) | هيرو شيوڪاڻي | 250/- روپيا |
| (90) | علمِ عروض (شاعري فن جو گيان) | سترامداس ’سائل | 80/- روپيا |
| (91) | سنڌ هيرن کاڻ (خاڪا) | رسول بخش درس | 250/- روپيا |
| (92) | سنڌ جون سون ورنيون دليون (هندو ليکڪ) | پروفيسر عبدالستار بلوچ | 350/- روپيا |
| (93) | سنڌ ۽ پاڪستان جو رياستي نظام (تحقيق) | قاضي فضل سليمان | 350/- روپيا |
| (94) | حياتِ ڪوثر (آتم ڪٿا) | مرزا علي بخش ڪوثر | 100/- روپيا |
| (95) | آجپي جي اُجري باک: محمد ابراهيم جويو | تاج جويو | 150/- روپيا |
| (96) | رقص منهنجي روح جو (شاعري) | سجاد مهر | 200/- روپيا |
| (97) | شاهہ جو رسالو (بمبئي وارو ڇاپو) | ڪلياڻ آڏواڻي | 600/- روپيا |
| (98) | سعودي سعادت (حج جو سفرنامو) | محمد خان جروار | 200/- روپيا |
| (99) | ايلشبا (ناول) | محمد انور بلوچ | 200/- روپيا |
| (100) | پونا ايڪسپريس (سفرنامو) | موهن مدهوش | 350/- روپيا |
| (101) | پکا ۽ پنهوار ڏٺي مون ڏينهن ٿيا (سنڌ جو سفرنامو) | وينا شرنگي | 250/- روپيا |
| (102) | اُسات (ناول) | هري همٿاڻي | 150/- روپيا |
| (103) | پوءِ بہ چنڊ اڪيلو (شاعري) | زبير سومرو | 300/- روپيا |
| (104) | ٽي ننڍا ناول (ناول) | موتيلال جوتواڻي | 200/- روپيا |
| (105) | ياد ياد هڪ زندگي (يادگيريون) | قاضي خادم | 300/- روپيا |
| (106) | ڪڏهن بهار تہ ڪڏهن خزان (ڪهاڻيون) | تارا ميرچنداڻي | 400/- روپيا |
| (107) | ادبي سفر (مضمون، مقالا، افسانا ۽ شاعري) | قاضي خادم | 400/- روپيا |
| (108) | وڃايل وارث (ناول) | ايوب ڪوسو | 250/- روپيا |
| (109) | پهرين جنوري (ڪهاڻيون) | انور ابڙو | 250/- روپيا |
| (110) | اُجهاميو ٻران (ناول) | ظفر جوڻيجو | 300/- روپيا |
| (111) | هاءِ وي (شاعري) | موهن همٿاڻي | 300/- روپيا |
| (112) | حشو ڪيولراماڻي: ..شخصيت (ساروڻيون) | مدد علي سنڌي | 100/- روپيا |
| (113) | ادبي سفر - پاڳوپيو (پيش لفظ، مهاڳ، تنقيد) | قاضي خادم | 400/- روپيا |
| (114) | ڳنان شناسي (تحقيق: اساسي سنڌي ادب) | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 500/- روپيا |
| (115) | درد جو سفر (ڪهاڻيون) | عزيز ڪينجهرائي | 250/- روپيا |
| (116) | برف سي لڙڪي (اردو شاعري) | جاويد سوز هالائي | 150/- روپيا |

(117) سنڌي لکت جا اصول (تعليم) پروفيسر رستم خاصخيلي 130/- روپيا
(118) لڇمڻ ڪومل جا خط (خط) مرتب: رکيل مورائي 150/- روپيا
(119) هٺنگ اوور (شاعري) فياض ڏاهري 200/- روپيا
(120) نجم عباسي: جديد انقلابي فڪر جو ترجمان (تحقيق) ڊاڪٽر ريحانہ نظير 700/- روپيا
(121) هڪ مهمان ڇوڪري (ناول) انور ابڙو 300/- روپيا
(122) ڄِتي سنڌي اُتي سنڌ (پروفائيل) ذوالفقار هاليپوٽو 300/- روپيا
(123) ڪتابِ زندگيءَ جا ورق (آتم ڪٿا) پروانو ڀٽي 450/- روپيا
(124) پاڇو (چونڊ ڪهاڻيون) 150/- روپيا
(125) ڏرتي ڏڪاٽا (ڪهاڻيون) علي بابا 300/- روپيا
(126) آدرشي ناريون (عورت شخصيتون) ارجنداس بي. ناروآڻي 200/- روپيا
(127) شاهہ جو رسالو (سِٽ وار سمجهاڻيءَ سان) استاد لغاري 1400/- روپيا
(128) ننڊ سپنا جاڳ سپنا (شاعري) عرفان قادري 200/- روپيا
(129) اوڙاهہ (ناول) غلام نبي مغل 750/- روپيا
(130) ڪلياتِ ٻاجهي (شاعري) مرتب: اُستاد لغاري 650/- روپيا
(131) تاريخ اسلام (تاريخ) مترجم: حسين بخش لغاري 400/- روپيا
(132) سنڌ ۽ سنڌي (تحقيق) فضل سليمان قاضي 800/- روپيا
(133) صوبائي خودمختياري ۽ مرڪزي سياست (تحقيق) فضل سليمان قاضي 400/- روپيا
(134) لمحي جو سواد (ڪهاڻيون) رزاق سهتو 400/- روپيا
(135) ماڊل گرل، محبت ۽ چترڪار (ڪهاڻيون) غلام نبي سومرو 300/- روپيا
(136) وفا جي سفر ۾ (شاعري) سُياش بابو 300/- روپيا
(137) وطن جا وڻ ۽ زندگيءَ جو سفر (ساروڻيون) پيرجي ٽڪر 200/- روپيا
(138) ڪُليل اکين جا سپنا (يادگيريون) قاضي خادم 350/- روپيا
(139) ڪُماچ (ناول) اڪبر سومرو 350/- روپيا
(140) ماهتاب محبوب (فن ۽ شخصيت) مرتب: ارم محبوب 800/- روپيا
(141) هنج نہ آيا هيل (شاعري) سرواڻ سنڌي 400/- روپيا
(142) ساري ڌرتي پنهنجو ديس (ادب ۾ نوبل انعام ماڻيندڙ) ذوالفقار هاليپوٽو 260/- روپيا
(143) ننڍڙو چنڊ (ناول) انور ابڙو 360/- روپيا
(144) لبيڪ اللّهُمّ لبيڪ (مڪي جو سفرنامو) محمد انور بلوچ 800/- روپيا
(145) سون ورنيون سِٽون (سِٽ وار سمجهاڻي) شارح: استاد لغاري 700/- روپيا

